

ساٽيھ جو سپوت
مرتب
شاھجھان سمون
اولڊ بوائز ايسوسيئيشن ٽنڊو باگو ضلعو بدين
(باڊي 19-2017ع)

# ساڻيهه جو سپوت

مرتب

شاهجهان سمون

اولڊ بوائز ايسوسيئيشن، ٽنڊو باگو ضلعو بدين
(باڊي 19-2017ع)

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**سڀ حق ۽ واسطا اولڊ بوائز ايسوسيئيشن ٽنڊوباگو وٽ محفوظ آهن.**


كتاب جو نالو : **ساڻيهہ جو سپوت**

مرتب : شاهجهان سمون

ڇاپو پهريون : فيبروري 2018ع

ٽائٽل ڊزائين/لي آئوٽ : مور ساگر / جهانزيب علي جوڻيجو

ڪمپوزرس : وشوامتر، اوم پرڪاش ۽ راجڪمار لوهاڻہ

فوٽوگرافي : پاون داس لوهاڻو ٽنڊو باگو

تعداد : 500

ڇپائيندڙ : اولڊ بوائز ايسوسيئيشن، ٽنڊو باگو ضلعو بدين
رابطي لاءِ: 03323897808, 03332534099
03332560955, 03003096532

ڇپيندڙ : ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز رابعہ اسڪوائر حيدرآباد. 03332634650

**قيمت : =/400**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **"ساڻيھ جو سپوت"** اوھان اڳيان پيش آھي. ھي ڪتاب مير غلام محمد خان ٽالپر جي سوانح، ان تي لکيل مضمونن ۽ خاڪن جو مجموعو آھي جنھن جو مرتب شاھجھان سمون آھي.

سنڌ جي ٽالپرن جي تاريخ ۾ مير غلام محمد خان ٽالپر جو پنھنجو ھڪ الڳ منفرد سچائي وارو ڪردار آھي. ھن ڪتاب وسيلي اسان جي ايندڙ نسلن کي تمام سچو ۽ بنيادي مواد ملندو. ھڪ تعليمي ادارو ۽ ان جي انتظام ھلائڻ ۽ لاڙ پٽ جي خاص ذڪن ڏوجھرن پيچيدگين کي سمجھڻ وارو ھي عظيم انسان خوبين ۽ خاصيتن جو ايشيائي ماڻھن ۾ يورپ جي سڌريل ماڻھن وانگر ائڊوانس سوچيندڙ، طبيعت ۾ استقلال ۽ برداشت جي مادي جو مالڪ، مزاج ۾ نھٺائي وارو نھايت ئي پنھنجي جوھر ۾ ھڪ تحريڪ. اھو مير جنھن ان وقت جي ضرورت مطابق پنھنجو ھڪ قومي فرض وارو اھم ڪم سرانجام ڏنو.

ھي ڪتاب اولڊ بوائز ايسوسيئيشن ٽنڊوباگو پاران **ساحل پرنٽرز ۽ پبلشرز** حيدرآباد و 2018ع ۾ ڇاپيو ويو. ٿورائتا آھيون پياري مور ساگر جوڻيجي جا جنھن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت لاءِ موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


| سيريل | عنوان | ليکڪ | صفحو |
|---|---|---|---|
| .1 | مرتب طرفان | شاهجهان سمون | 07 |
| .2 | مهاڳ | حفيظ ڪنڀر | 11 |
| .3 | اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جي موجوده عهديدارن جا تاثرات | | |
| .4 | ڪتا هن ڪتاب جي | دانش ڪمار لوهاڻو | 17 |
| .5 | ساٿ هلندو رهي | علي اورنگزيب سمون | 20 |
| .6 | سوين سورج مکي ڪڙن | محمد عمر سمون | 22 |
| .7 | انسانيت جو چاڙو شخص | رشيد احمد ميمڻ | 23 |
| .8 | مرد تنهنجي ڪا وچي | درپن ڪمار لوهاڻو | 24 |
| .9 | مانجهي مير مٽير | پروفيسر امتياز قمبراڻي | 25 |
| .10 | شجرو | | |
| .11 | **حصو پهريون**<br>**خانبهادر جو خط ۽ ڪيل نيڪ ڪم** | | 27 |
| .12 | **حصو ٻيو (مضمون)** | | |
| .13 | جنب گذاريم جن سين | جي.ايم.سيد | 35 |
| .14 | اسڪول جي ڪهاڻي | محمد صديق مسافر | 38 |
| .15 | لاڙ جو املهہ ماڻڪ | قاضي عبدالمجيد عابد | 46 |
| .16 | باني لارينس مدرسہ | محمد طالب لوهار | 48 |
| .17 | تعليمي سرواڻ | ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل | 55 |
| .18 | ڀلائي جا پاڙا | ڊاڪٽر اسد جمال پلي | 59 |
| .19 | لاڙ جو ڏاتار | ڊاڪٽر مشڪور ڦلڪارو | 65 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| .20 | جڪرو جسڪرو | تاج جويو | 72 |
| .21 | ورسي ڇو ۽ ڇا لاءِ؟ | بشير سيتائي | 74 |
| .22 | اڄ جي گلوبل وليج ۾ مير | پون سنڌي | 78 |
| .23 | ڏيئا ڏيئا روشني جهڙو ڪردار | نواز خان زئور | 80 |
| .24 | اسان جو مٺڙو محسن | نٿو مل موروااڻي | 83 |
| .25 | لاڙ جي سڄاڻپ | ڊالو مل موتي | 87 |
| .26 | اسڪول تاريخي پسمنظر ۾ | ڊاڪٽر محمد اسماعيل ميمڻ | 89 |
| .27 | اسان جي آئندي جا انوکا ڪردار | خادم حُسين ٽالپر | 95 |
| .28 | محسنِ سنڌ | پروفيسر عبدالله ملاح | 102 |
| .29 | ایک فرشتہ جیسے انسان کی کتھا | ابو بکر شیخ | 105 |
| .30 | تاريخ جو اڏيندڙ ڪردار | ڊاڪٽر دودو مهيري | 112 |
| .31 | لاڙ جو سخي لال | راجا پون | 114 |
| .32 | تعليم لاءِ جاکوڙيندڙ مير | غفار ڪوسو | 117 |
| .33 | قديم اکين جو جديد خواب | عبدالعزيز خواجہ | 123 |
| .34 | هڪ عظيم علم دوست انسان | محب ڀيل | 125 |
| .35 | لاڙ جو ابو | محمد خان سمون | 127 |
| .36 | پرين پٽائين گج جيئن | منظور سمون | 131 |
| .37 | لاڙ جو سرواڻ مير | سليمان "امر" سمون | 134 |
| .38 | تاريخي لارينس مدرسو | عثمان راهوڪڙو | 139 |
| .39 | علم جا ڏيئا روشن ڪندڙ ڪردار | نصرالله جروار | 144 |
| .40 | مايا جي موهہ کان پري بيٺل مير | جڙيل شاه بخاري | 149 |
| .41 | لاڙ جو ابو خانبهادر | ڊاڪٽر دوست محمد چانديو | 153 |
| .42 | روشنين جي قافلي جو سرواڻ | غلام شبير لغاري | 157 |
| .43 | علم جو ڏيئو ٻاريندڙ خان بهادر | فقير سليمان لغاري | 161 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| .44 | مانجهي مرد | عبدالعظيم (نين) سمون | 163 |
| .45 | مير غلام محمد ٽالپر، محمد صديق مسافرؔ ۽ اڄ جي سنڌ جو وڏيرو | يوسف سنڌي | 164 |
| .46 | مير غلام محمد خان ٽالپر (يادگار فٽ بال ڪلب) | شفيع محمد شيدي | 168 |
| .47 | **حصو ٽيو (تاثرات)** | | |
| .48 | مير جي مهانتا | نامعلوم | 173 |
| .49 | هو جي هليا ويا | پون سنڌي | 178 |
| .50 | ڏور بہ اوڏا سپرين | خواجہ پيار علي | 180 |
| .51 | اي لاڙ جا سخي | ڏالو مل موتي | 184 |
| .52 | منهنجا محسن | محمد عثمان شيخ | 185 |
| .53 | عقيدت جا آنسو | قادر بخش خاصخيلي ”ناشاد“ | 187 |
| .54 | ڳالهيون نہ وسرڻ جهڙيون | نامعلوم | 189 |
| .55 | ورسين مان اقتباسات | | 192 |
| .56 | اسڪول جي عمارت جو سنگ بنياد رکندڙ | | 196 |
| .57 | گبسن جو خطاب | | 197 |
| .58 | اخبار الوحيد سنڌ آزاد نمبر 1936ع جو ايڊيٽوريل | | 199 |
| .59 | عبدالعزيز عقيلي صاحب جو اسڪول جو دؤرو | دانش ڪمار لوهاٽو | 201 |
| .60 | قادر بخش خاصخيلي جي ياد | عثمان راهوڪڙو | 203 |
| .61 | مير غلام محمد خان ٽالپر جي باغيچي جو هڪ گل | عبدالعزيز خواجہ | 206 |
| .62 | سپاسنامون 1976ع | | 209 |
| .63 | سپاس نامون 2017ع | | 217 |
| .64 | **حصو چوٿون** | | |

## (اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جو سفر)


| | | | |
|---|---|---|---|
| .65 | اولڊ بوائز جو تعارف | ڪريم بخش پنهور | 221 |
| .66 | اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جو ابتدائي احوال | اي.ايم.عباسي | 227 |
| .67 | اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جو پوءِ وارو احوال | موروٽي نٿومل | 232 |
| .68 | نوجوان اتحاد جو سفر اولڊ بوائز ايسوسيئيشن تائين | علي اورنگزيب سمون | 240 |
| .69 | سدائين جيئن سي جيڪي جيئن ٻين لاءِ | ٻون سنڌي | 249 |
| .70 | ٿورا نہ ٿورا | قاضي سڪندر اعظم | 252 |
| .71 | **حصو پنجون (شاعري)** | | |
| .72 | **حصو ڇهون (انگريزي مضمون)** | | |
| .73 | Zarar Rustamani | *A Crusader against Ignorance* | 285 |
| .74 | Abu Bakar Sheikh | The feudal lord who educated 21,000 children | 293 |
| .75 | Introduction Old Boys Association Mir Ghulam Mohammad Khan Talpur | | 299 |
| .76 | Permanent Donors of Library & Free Reading Room, Tando Bago. | | 303 |
| .77 | Late Adam 'Khatri' | MIR-AZAM | 304 |

**مرتب طرفان**

# ڪتاب ۾ شامل ٿيل مواد بابت ٻہ چار ڳالهيون

سنڌ جي ٽالپرن جي تاريخ ۾ مير غلام محمد خان جو پنهنجو هڪ الڳ منفرد سچائي وارو ڪردار آهي. هن ڪتاب ۾ شامل سگهاريون لکتون قبوليت ۽ تصديق جي معنيٰ رکن ٿيون. بي پناھہ صلاحيتن جا مالڪ رائيٽر پنهنجي سُرت ذات ۽ نيڪ جذبن سان هڪ ارڏي ڪردار جي ڪارڪردگيءَ کي ساراهيندي جيڪي ڳڻ ڳائين ٿا، سا هڪ علم جي فتح جي صحيح تاريخ آهي. هن ڪتاب وسيلي اسان جي ايندڙ نسلن کي تمام سچو ۽ بنيادي مواد ملندو. هڪ تعليمي ادارو ۽ ان جي انتظام هلائڻ ۽ لاڙ پٽ جي خاص ڏکن ڏوجهرن پيچيدگين کي سمجهڻ وارو هي عظيم انسان خوبين ۽ خاصيتن جو ايشيائي ماڻهن ۾ يورپ جي سڌريل ماڻهن وانگر ائڊوانس سوچيندڙ طبيعت ۾ استقلال ۽ برداشت جي مادي جو مالڪ، مزاج ۾ نهنائي وارو نهايت ئي پنهنجي جوهر ۾ هڪ تحريڪ. اهو مير جنهن ان وقت جي ضرورت مطابق پنهنجو هڪ قومي فرض وارو اهم ڪم سرانجام ڏنو.

هن ڪتاب جي ترتيب وارو ڪم انهن ٻنهي ڳالهين کي ذهن ۾ رکندي ڪيو ويو آهي تہ هن سهيڙ کي امتيازي حيثيت حاصل هجي.

هي درسگاھہ هڪ ڪلياڻ آشرم سُک فرحت جو نالو آهي.

مير صاحب عام ميراڻي دستور جي ابتڙ علم جي حاصلات کي محبوب ڄاتو. هيءَ هڪ بي مثل انسان ۽ ان جي تاريخ آهي. پنجن لکن سالن کان يا ان کان بہ اڳ جي قدامت کي جدت جو جادو ساڍا پنج منٽن ۾ بيان ڪري ٿو تہ اهو ڪمال علم جو بنياد آهي.

هڪ اهڙي علم جي متلاشي جي تاريخ جو هي ڪتاب اسانجي ڪچاين ڦڪاين کي نظر انداز ڪري پوءِ پڙهندا.

سنڌ ڌرتي جي سپوٽ پُٽ لاڙجي وينجهار هن ڌرتي جي حلالي فرزند ارجمند، مير غلام محمد خان ٽالپر جي زندگي جي عظمت جو اتهاس هن ڪتابي صورت ۾ سهيڙڻ جي لاءِ اسان کي مير صاحب جن جي نالي سان نڪتل مئگزين ۽ اولڊ بوائز جي پراڻي سٿ جي سهڪار حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ جيڪو مواد مليو آهي ان ۾ مير صاحب جي ورسي جي موقعي تي آيل پراڻن شاگردن جو وڏيون محنتون ڪاوشون ۽ تخيلاتي پورهيو ٻہ هن ڪتاب ۾ جيئن جو تيئن ايمانداراڻہ انداز ۾ گڏ ڪيو آهي ان کان علاوه نئين مواد ۾ ادب جي وڏن نالن ۾ گهڻ گهرن جا خيال ٻہ موجود آهن، مير صاحب جو هي تاريخي دستاويز هڪ اولڊ ۽ گولڊ تاريخ آهي.

مير صاحب جي زندگي بابت هڪ ڪتاب (هھڙا مانجهي مرٽا ناهن) 1976ع ۾ مير صاحب جي 44 هين ورسي جي موقعي تي محترم سائين پون سنڌي سهيڙيو، جنهن ۾ شايع ٿيل خوبصورت مضمون، پلوڙ ٽاٽر، بهترين خط ۽ شاعري شامل آهي. هن حصي ۾ سن جي سائين محترم سائين جي ايم سيد جو شاهوڪار ۽ تاريخي مضمون ملڪ ۾ مير گهٽا پر:۔ محترم سائين يعقوب مغل جو مضمون مير غلام محمد خان ٽالپر، ان کان علاوه محمد طالب لوهار، سائين موروڻي نٿو مل، قاضي عبدالمجيد عابد، سائين بشير سيتائي، اسڪول جي ڪهاڻي محمد صديق مسافر، خوبصورت ٽاٽرن ۾ هو جي ويا هليا ۔پون سنڌي، ڌور ٻہ اوڏاسپرين ۔ خواجہ پيار علي، اي لاڙ جا سخي ۔ ڍالو مل موتي، منهنجا محسن ۔ محمد عثمان شيخ، شاعري واري حصي ۾ سائين محمد صديق مسافر، منشي ابراهيم، ڪنول لوهاڻو، ميوو خان لاشاري، مجذوب لاشاري، اشوڪ ڪمار "آزاد"، بشير سيتائي، مير اعظم جهڙو پيارو نظم، آدم کتري جي انگلش ۾ پيتا، هن مئگزين ۾ ورسين مان اقتباسات، ڊائري جا ورق، اولڊ بوائز بابت مواد "اغراض و مقاصد"، سپاسنامو ملهايل ورسين جون تصويرون، عهديدارن جو تعارف وغيره، اولڊ بوائز جو ابتدائي احوال، اي. ايم. عباسي ۽ پوءِ وارو

احوال، نٿو مل موروائي جون خوبصورت تحريرون جيئن جو تيئن شامل آهن.

مير صاحب جي 64 هين ورسي جي حوالي سان 12 فيبروري 1996ع ۾ قاضي سڪندر اعظم صاحب "لاڙ جو ابو" نالي هڪ رسالو ترتيب ۾ آندو جنهن جون به خوبصورت لکڻيون هن ڪتاب ۾ موجود آهن. "لاڙ جو سرواڻ" سليمان امر سمون جي خوبصورت تحرير، مجذوب لاشاري جي شاعري، اولڊ بوائز ائسوسيئيشن جا انگريزي ۽ سنڌي ۾ لکيل تعارف، سائين ڪريم بخش پنهور صاحب، يادگار تصويرون وغيره، پروفيسر ضرار احمد رستمائي جو هڪ تاريخي مضمون جيڪو انگريزيءَ ۾ لکيل آهي، مطلب ته ڪتابي حوالي سان مير صاحب جيڪي نيڪ ڪم ڪيا، جيڪي روح جون سچايون آڇيون، اهي تحريري طور تي هن ڪتاب ۾شامل آهن. 12 فيبروري 2010ع تي ڊاڪٽر پروفيسر محمد اسماعيل ميمڻ جي ترتيب ڏنل رسالي "جڳ جڳ سي جيئن" جي نالي سان شايع ڪيو ويو هو. "اسڪول تاريخي پس منظر ۾" شاعري "نه ويترو سارينڊس" عبدالمبين پنائي، "مير غلام محمد" گگن، مجذوب لاشاري، پير بخش صابر شيدي ۽ ڪجھ مضمون جيڪي ساڳين ئي ليکڪن جا مختلف موضوعن تي آهن اهي جيئن جو تيئن شامل ڪيا ويا آهن ۽ مير صاحب تي نڪور تحريرن ۾ سنڌ جي پلوڙ ليکڪن جا مضمون به هن ڪتاب ۾ شامل آهن. جيڪو نئون مواد آهي انهي ۾ ڊاڪٽر اسد جمال پلي، عبدالغفار ڪوسو، خادم ٽالپر، محب ڀيل، محمد خان سمون، سليمان لغاري، غلام شبير لغاري، ڊاڪٽر دوست محمد چانڊيو جڙيل شاه بخاري، عثمان راهوڪڙو، نصرالله جروار، شفيع محمد قمبراڻي، منظور احمد سمون، ابو بڪر شيخ، راجا ڀون، تاج جويو نواز خان زئور، ڊاڪٽر دودو مهيري، دودو چانڊيو ۽ ڊاڪٽر اسد جمال پلي جي ٿورن سان مليل اخبار "الوحيد سنڌ آزاد نمبر" جيڪا 1936ع ۾ شايع ٿيندي هئي ان جو ايڊيٽوريل وارو مواد شامل آهي.

هن مواد بابت وضاحت ان ڪري ڪئي وئي آهي، تہ سيني دوستن جون وڏيون، محنتون، ڪاوشون ۽ سچايون آهن ۽ انهن جو ذهني پورهيو آهي. ڪوڙ سارو مواد جيڪو مختلف ڪتابن ۾ اڇي چڪو آهي مطلب تہ اشاعت هيٺ آيل هوندي بہ هڪ هنڌ سهيڙي هڪڙو تاريخ جو جهومر بنائجي اهو ئي اسانجو خواب هئو. جنهن تي وقت ڪي انشاءَ الله سدائين فخر رهندو.

ڏنو ڪنو نہ ٿئي، ويتر ٿئي گهٽو
سامائجي سنگ ٿئي، پوکين هڪ ڪٽو
سخي، مٽر، چٽو جيئن پيپل تيئن پلو ٿئي.
(شاهہ)

**شاهجهان سمون**

ٽنڊوباگو

0332-3897808

**مھاڳ**

# روشني جو مينار

برِصغير جي جديد تعليم جي تاريخ انتھائي دلچسپ آھي ۽ ڪالونيل دور کان اڳ وارو تعليمي نظام، نصاب، طريقي ڪار ان کان بہ وڌيڪ دلچسپ آھي. جنھن جو ھڪ مثال اھو آھي جو لارڊ ميڪالي جنھن برصغير ۾ جديد تعليمي سڌارا پئي آندا. ان پنھنجي سفارشي نوٽس ۾ لکيو تہ "اسان ھتي اھو نصاب پڙھائي نٿا سگھون جنھن موجب ھڪ ھڪ راجا ڇھہ ھزار سالن تائين حڪومت ڪري رھيو ھو." برصغير ۾ جديد تعليم طرف ايسٽ انڊيا ڪمپني جي حڪومت کي ڏيان نہ ڏنو پر جيئن ئي برطانوي حڪومت سڌو سنئون اقتدار سنڀاليو تہ ان کي ھيڏي وڏي آبادي واري ملڪ ھلائڻ آبادي جي ڪجھہ پڙھيل لکيل طبقي جي ضرورت پئي. جيڪو حڪومتي ڪاروبار، ڪارونھوار ۾ حڪومت جو ھٿ ونڊائي سگھي. يورپين کي علم جي طاقت جو اندازو ھو دنيا تي حڪمراني ڪرڻ لاءِ علم جي اھميت کان خوب واقف ھئا ۽ ھن ڪالونائيزيشن جي عمل ۾ علم تي ڪتاب آندو ھو. جديد تعليم ذريعي ھنن کي ھڪ اھڙو ڪلاس گھربل ھو جيڪو باقي ريت ۽ حڪمرانن جي وچ ۾ پُل بڻجي سگھي. ھندستان ۾ غير مسلم ڪميونيٽي طرفان ارڙھن سئو ستونجاھہ جي جنگ کان پوءِ انگريز سرڪار مسلم ڪميونٽي کان وڌيڪ شڪ جي نگاھہ سان ڏسڻ لڳي ھئي جنھن ڪري برطانوي سرڪار کي مسلم ڪميونٽي مان پڙھيل لکيل وفادار ڪلاس جي ضرورت پيش پئي. نتيجي ۾ برطانوي سرڪار مسلم اشرافيہ کي جديد تعليم طرف قائل ڪرڻ شروع ڪيو. ھڪ طرف انھن لاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن جو قيام عمل ۾ اچڻ لڳو تہ ٻئي طرف مسلم ڪميونيٽي ۾ جديد تعليم جي حاصلات لاءِ تحريڪون جنم وٺڻ لڳيون. سر سيد احمد خان وقت جي رجعت پرستن جون فتوائون ڪٽي

علي ڳڙھ جي اداري جو بنياد وڌو. تمام ٿورن ماڻهن کي خبر هوندي تہ سرسيد احمد خان تي قتل جي فتوي لاءِ هندستان مان صاحب نڪتا ۽ سعودي عرب (حجاز) مان اها فتويٰ وٺي آيا هئا. ٻئي ڳالهہ نوٽ ڪرڻ جهڙي هئي تہ سر سيد احمد خان عام مسلمانن جي تعليم بجاءِ مسلمان جي فقط اشرافيہ طبقي يا هندستان جي، اقتدار کان محروم ٿي ويل ثابت حاڪم نوازي طبقي جي تعليم لاءِ ڪوششون وٺي رهيو هو. گڏوگڏ سر سيد احمد خان طبقاتي اوچ نيچ ۽ حسب نسب خاندان ۽ شجري جو قائل هجڻ سان گڏ عورتن جي تعليم جي بہ حق ۾ نہ بهرحال سرسيد احمد خان جي تحريڪ پنهنجي دور جي اهم ۽ اثرائتي تحريڪ هئي جنهنکي جلد يا دير سان هندستان جي هن ڪميونٽي تي اثر ڇڏڻا هئا. جنهن ڪميونيٽي ۾ جديد تعليم نہ جي برابر هئي ۽ تعليم جو بنياد وجهندڙ تعليمي طبقي کي هن وقت جي رجعت پرست طبقن جي مزاحمت کي بہ منهن ڏيڻو پيو. انهي تسلسل ۾ سنڌ جي مسلمانن ۾ حسن آفندي طرفان ڪراچي ۾ سنڌ مدرسة السلام قائم ٿيو ۽ تعليمي سجاڳي جي ان لهر جي تسلسل ۾ مير غلام محمد ٽالپر صاحب هڪ هاءِ اسڪول جو بنياد وڌو. هن اسڪول جي قيام وقت جيڪڏهن سنڌ جي سماجي سياسي صورتحال جو جائزو وٺجي تہ عجيب صورتحال اڳيان ايندي مثال طور سنڌ ۾ ڪانگريس، جميعت العلماءِ هند، خلافت تحريڪ، خاڪسار تحريڪ ۽ مسلم ليگ وغيره سياسي منظر تي نظر ايندیون پر انهن جو ڪنهن بہ طرح سان جديد ادارا جوڙڻ ۾ ڪو حصو پتي نہ رهيو. هندو ديوانن، گواجي عيسائين، پارسين شڪارپور کان حيدرآباد ڪراچي تائين تعليمي ۽ صحت جي ادارن جوڙڻ ۾ ڪردار ادا پئي ڪيو. باقي سنڌي مسلم برادري جو حال اهو هو جو جديد تعليم حاصل ڪيل، گهڻ رخي شخصيت جي مالڪ ۽ اسيمبلي ميمبر رئيس غلام محمد ڀرڳڙي جڏهن سنڌ ۾ تعليمي سڌارن، ادارا قائم ڪرڻ لاءِ زميندارن تي في ايڪڙ هڪ رپيو تعيلم لاءِ ٽيڪس مقرر ڪرڻ جي تجويز اسيمبلي ۾ پيش ڪئي تہ اسان جي ڀوتار بزرگن اها تجويز اڪثريت سان رد ڪري ڇڏي هئي. صحت جي شعبن ۾

سنڌ ۾ جيڪي اسپتالون ۽ ٽي بي سينيٽوريم پئي ٺهيا تن سان انهن وڏيرن پوٽارن جو نہ واسطو نہ لاڳاپو بس پوتارڪو ڪلاس پاڻ عطائي حڪيم رکيو سونن ڪکن تي زور ڏيو ويٺو هوندو هو. باقي خلق جي زندگي موت سان ڪهڙو واسطو؟ پر ٻئي طرف سنڌ جي ان ساڳي دور ۾ هڪ انسان آهي جيڪو هڪ دنياوي دولت ۽ ٻيو درد جي دولت سان مالامال آهي ۽ جڏهن دولتمند وٽ انسانذات لاءِ ڪا دردمند دل هجي ٿي تہ هو ان دولت تي ٻين جو حق سمجهي ٿو ۽ اهو هو مير غلام محمد خان ٽالپر. هن پنهنجي دور ۾ تعليم ۽ صحت جهڙن شعبن تي غور ڪيو ادارا ٺاهي عمل ڪري ڏيکاريو. مير صاحب جا اهي جيڪي انساني ڀلائي جا ڪم هئا انهن ۾ هي ڳالهيون هُن کي منفرد بنائن ٿيون هڪ تہ هن پنهنجي انهن فلاحي ادارن ۾ پنهنجو پئسو ڏنو ٻيو تہ هن ڪا رواجي تعليم حاصل بہ نہ ڪئي هئي. نہ وڪيل، نہ بئريسٽر، نہ عالم نہ صاحبِ ڪتاب پر ان جو تعليمي شعور بلندين تي پهتل هو. هن دور رس نظر، مستقبل بيني پنهنجي تر کي منفرد ۽ مختلف ڏسڻ ٿي چاهيو. انهن ساڳين وزيرن کي ڪجهہ ڏهاڪن کان پوءِ جنهن انسان ساڳئي تر ۾ اڳتي وڌايو جوت مان جوت جلائي سو هو قاضي محمد ابراهيم ٽيٻو سعيدپور ٽيٻا جو.

ٽي ڳالهہ اها منفرد هئي تہ مير صاحب وٽ اهو تصور ئي نہ هو تہ هن جي قائم ڪيل تعليمي ادارن ۾ فقط حاڪم طبقن، وڏيرن، پوٽارن جا ٻار پڙهندا ۽ انگريزن جون نوڪريون ڪري انهن اڳيان سرخرو ٿي ڪين پنهنجي وفاداري جو يقين ڏياريندا.

چوٿين ڳالهہ تہ هن جنهن شهر جي چونڊ ڪئي اهو ڪو وڏو شهر نہ هو پوئتي پيل علائقي جو پوئتي پيل اهڙو شهر هو جنهن ۾ هندو، مسلم، غريب، مسڪينن ڪميونيٽيز ئي رهنديون هيون. هن جي سوچ پڙهيل طبقن کي تعليمي طريقي سان آزاد ڪرائڻ جي هئي ۽ تعليم جيڪڏهن درست رخ ۾ ٿئي تہ اها انسان کي واقعي آزاد بہ ڪرائي ٿي. ان ڪري اوهان ڇهہ ست ڏهاڪا پوئتي وڃي جهنگلن ۾ قيد ٿيل عام ماڻهن جي حالت ڏسو ۽ اتي ڪنهن اسڪول جي قيام جو تصور ڪيو تہ اوهان کي

اونداهہ ۾ روشني جهالت جي انڌيري ۾ گهيريل خلق ۾ روشني جي بنياد جو پتو پئجي ويندو ۽ هن تر پوري ملڪ جي ماڻهن لاءِ روشني جو بنياد جوڙڻ جو ڪم مير غلام محمد صاحب جي حصي ۾ آيو ۽ ان روشن راهہ تان هلندي ڪيترا انسان پنهنجي منزل ماڻي چڪا آهن ۽ مير صاحب ڪي تاريخ پنهنجي صفحن ۾ اعليٰ صفتن جي مالڪ طور جڳهہ ڏئي چڪي آهي. هن جي روشن ڪيل ان علمي لاٽ وارين روشن راهن تان اڃا ڪيترن ئي نسلن کي گذرڻو آهي. ضرورت هن ڳالهہ جي آهي جو انهن نسلن مان ڪي ماڻهو مير صاحب ڪي رول ماڊل بڻائي اهڙا ادارا جوڙين ۽ انهن ادارن جي وارثي ۾ سنڀال ڪن جيڪي مير غلام محمد ٽالپر جهڙين شخصيتن جوڙايا آهن.

**حفيظ ڪنير**

09_06_2017

ابوظهبي

# اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جي موجوده عهديدارن جا تاثرات

# ڪتاهن ڪتاب جي

ٿيو ڪجهه ايئن جو جڏهن اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جي صدارت جهڙي ذميواري 18.09.2016 تي مونکي سونپي وئي ۽ نوجوان اتحاد وارن دوستن جون محنتون، اڻ ٿڪ جدوجهدون، شهر جي ٻرندڙ مسئلن جي حل لاءِ تدبيرون، اتڪلون ڪٽي، علي اورنگزيب سمون، درپن ڪمار لوهاڻو، شاهجهان سمون، محمد عمر سمون، ڪپيل ديو سوني، رشيد احمد ميمڻ، پروفيسر امتياز علي قمبراڻي، مرتضيٰ ميمڻ ۽ ٻين دوستن سنڌ جي تعليمي درسگاهه هن شهر جي محبوب تنظيم اولڊ بوائز ايسوسيئيشن ۾ مون سان ٻانهن ٻيلي ٿي ساٿ ڏنو تڏهن مونکي هڪڙي خيال بي چين ڪيو ته هي شهر پنهنجي جوهر ۾ پنهنجي روح، پنهنجي جسماني قد ڪاٺ ۽ هاڻوڪي اڏاوت ۽ ٻيهڪ ۾ اڳي بخردار ۽ نظر محمد شاهه جي مٽي جي قبرن جو ڪتبو ناهي، پر هڪڙي تاريخ آهي. هڪڙي اهڙي تاريخ جيڪا سميٽڻ جي ضرورت آهي.

بک وگهي مرندڙ سونن سُنهرن سنگن جي ڌرتي جي ڌياڻين جون آهون دانهون، ديبل ڪان رامڪي تائين هڪڙي "رڙ". صورتحال ٻه اهڙي جو فقير احمد جت جي سٽن ۾

**نڪا ڪُوڪ ڪنڌڙيءَ تي، نڪا ڏِنگ ڏَڙِي،**

**رامڪي رَڙِي، موڪلايو مياڻ مان.**

حقيقت اها آهي ته هن ڪتاب ڪي سهيڙي ترتيب ڏيارڻ جو خيال ان وقت ڪر موڙي اٿيو جڏهن اسان مير صاحب جي ورسي جي حوالي سان ماڻهن ۾ ڪارڊ ورهائي رهيا هئاسين ته اتي مختلف ماڻهن پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو جنهن ۾ ٽنڊي باگي شهر جي معزز شهري ڊاڪٽر نظير پرڳڙي ڪي جڏهن ورسي جو ڪارڊ ڏنوسين ته ڊاڪٽر نظير پرڳڙي صاحب اهو چيو ته ماڻهو پيرن سان ايندا آهن، اسين نيڻن سان ايندا سين ڇو جو هن عظيم انسان جون ڪيل

خدمتون ٽنڊي باگي شهر لاءِ تمام گهڻيون آهن ۽ ڊاڪٽر صاحب هڪ واقعو ٻڌايو تہ منهنجي اسپتال تي ديهہ موٽڻان جو هڪ مريض اعلاج ڪرائڻ لاءِ آيو ۽ منهنجي اسپتال جي پيپل ميز تي هڪ اردو اخبار پيل هئي ان کي پڙهڻ ۾ مصروف هو. آئون مريضن مان فارغ ٿي ڪرسي تي ويٺس. مون ڏٺو تہ ان شخص جا ميرا ڪپڙا پير اگهاڙا اهڙي حالت ۾ ڏسي مون ڪانئس سوال ڪيو تہ توکي اردو اخبار پڙهڻ ايندي آهي؟ وراڻيائين، تہ سائين مير غلام محمد خان ٽالپر صاحب جون اسان جي ڳوٺ تي وڏيون مهربانيون آهن جو مير صاحب اسان جي ڳوٺ موٽڻان ۾ بہ هڪ اسڪول کوليو هو ۽ مير صاحب اهو سخي انسان هو جيڪو هر هفتي پاڻ اسڪول تي ايندو هو ۽ سڀني شاگردن کي آنو آنو خرچي ڏيندو هو. مهيني ۾ ٽوٽل ٿي آنا ملندا هئا، جڏهن تہ ان وقت ۾ هڪ استاد جو پگهار 5 کان 6 آنا هوندو هو. جنهن مان پاڻ سڀ اهو اندازو لڳائي سگهون ٿا تہ مير صاحب کي هتي جي ماڻهن مان جهالت ختم ڪرڻ جو ڪيڏو وڏو ڏانءُ هو ۽ هن وقت اسين اهو ڏسي رهيا آهيون تہ اڄ اسان جي حڪومت تعليم جي معيار کي وڌائڻ لاءِ نياڻين جي اسڪولن ۾ مختلف وظيفا بہ رکيا آهن، ڪتاب بہ مفت ڏنا وڃن ٿا تہ جيئن اسان جي سنڌ جو تعليمي معيار بهتر کان بهتر ٿي سگهي.

اسان اهو محسوس ڪيو تہ مير صاحب ان وقت ۾ موٽڻان جي اسڪول وانگر ڪيترن ئي ادارن جو بنياد رکيو هو پر انهن جي ڪنهن واهر نہ ڪئي جنهن ڪري اهي ادار اڳتي هلي نہ سگهيا ۽ اسان اها ڳالهہ سوچي هي تاريخي ڪتاب آڻڻ جو سوچيوسين. اهو بہ ان حوالي سان تہ جيئن هي درسگاهہ جيڪا مير صاحب جي نالي تي قائم آهي پوءِ ڇو نہ هن عظيم شخص جا ڪيل نيڪ ڪم ۽ سندس جيون ڪهاڻي محفوظ ڪجي.

ٻي ڳالهہ تہ هي ڪتاب جنهن شخص جي نالي ٿيل آهي اهو صدين جي سينڌ جو گل آهي. اهڙو گل جنهن جي مرجهائڻ جو تصور بہ گناهہ آهي. ”گهٽ ۾ گهٽ منهنجي نظر ۾“.

گهڻيون ڳالهيون ئي نہ آهن مختصراً مير غلام محمد خان ٽالپر هي اسڪول 1920-22ع ۾ نهرائي مڪمل ڪيو ۽ هن اسڪول جي شاگردن اسڪول جي رهيل ڪمن کي اڳتي هلائڻ ۽ مير صاحب جي ڇڏيل مشن

ڪي اڳتي هلائڻ لاءِ 1970ع ۾ اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جو بنياد وڌو جنهن جو تفصيلي ذڪر هن ڪتاب ۾ موجود آهي.

47 سالن جي وچ واري تاريخ ۽ ان ڪانپوءِ واري اتهاس جو احساس هن ڪتاب ۾ توهان کي ضرور نظر ايندو. مسافر خانہ گشتي دواخانہ شاگردن لاءِ هال، سرڪار طرفان لقب القاب اهي سڀ ننڍڙيون ڳالهيون آهن. مير غلام محمد خان ٽالپر انسانن جي بي لوث خدمت هر حوالي سان غير مشروط محبت سان ڪئي. نہ رڳي هتي جي ماڻهن سان عشق ڪيو پر ان جي آبياري بہ ڪئي. 1976ع ۾ "هھڙا مانجهي مرڻا ناهن" جهڙو ڪتاب مير صاحب جي زندگي تي ڏنو ويو ۽ پوءِ مختلف وقتن تي ڪتابچا ۽ رسالا ترتيب ڏنا ويا جن مان ڪوڙ سارو مواد هتي محفوظ هئن ۾ آڻڻ لاءِ ضروري سمجهان ٿو ۽ آئون هن ڪتاب جي تڪميل ۾ منهنجو ساٿ ڏيندڙ سمورن دوستن جو پڻ ٿورائتو آهيان جن هر وقت منهنجي رهنمائي ڪئي. هي هڪ اهڙو دستاويز آهي جنهن تي ايندڙ زمانا، ايندڙ نسل فخر ضرور ڪندا. اسان پنهنجي آئيندي جي لاءِ اها سوچ، جنهن سوچ جي پيداوار هن تعليمي درسگاهہ کي جنم ڏنو. جنهنجي تاريخ ڪا بہ روايتي، جڙتو تاريخ ناهي. هڪڙو سچ جهڙو سچ آهي. منهنجي تربيت هڪ ادبي ماحول ۾ ٿي آهي، جتي مونکي اهو ڏسڻ ۾ آيو تہ تاريخ سچ جو قلندر آهي. تاريخ اروڙ جي آسمان هيٺان لاڏي جي رات آهي. تاريخ وڳهہ ڪوٽ جي ويران چاندوڪين ۾ مير محمد جو نڙ بہ آهي. تاريخ مير غلام محمد خان ٽالپر جي اها پياري مرڪ آهي، جيڪا سنڌ جي ڇپن جي صفحن تي صدين تائين سجايل رهندي ۽ هن ڪتاب مان ڪيئي ڪتاب ڦٽندا ڇو تہ مير غلام محمد خان ٽالپر (عشقِ انسانيت) جو عظيم ڪتاب هو.

**دانش ڪمار لوهاڻو**

صدر اولڊ بوائز ايسوسيئيشن

# سات هلندو رهي لات ٻرندي رهي

سنڌ جي ساحلي ڪنڌين جي ذهين ترين انسانن پنهنجي وقت يا ايندڙ زمانن کي سنهري ڪرڻ لاءِ پنهنجي ذهن جو درست استعمال ڪرڻ سان گڏ پنهنجي هڙان وڙان ڏئي نسل در نسل اها روشني ڏني آهي جنهن تي زمين وارا فخر محسوس ڪندا آهن ۽ مذهبي عقيدي مطابق اهي ”الله جا دوست“ يعني سخي ڪڏهن اشرف ٿيهو ٻڻجي لطيف جي رپ واري نالي جي زمين تان لکين انسانن جون معنيٰ خيز مجبوريون سخاوت جي هٿ سان حل ڪندي تاريخ ٿي ويندا آهن ته ڪڏهن وري مير غلام محمد خان ٽالپر جهڙي عظيم شخصيت ٻڻجي ويراني جهڙي سماج مان هڪ وسندي علم جا سوين سوين سورج مکي اياري مهر، علم و سخا جي اٽوٽ تاريخ جو شاداب پرچم ٿي اسان لاءِ سوين سنديس چڏي آبياري جي آس ڪٽي ويندا آهن پر سندن خدمتن جي خدائي جو پنهنجو هڪڙو حُسن هوندو آهي.

مير غلام محمد خان ٽالپر هي اسڪول ٺهرائي شاندار انسانيت جي تاريخ جو هڪ عظيم خواب ڪٽي ان وقت آيو جڏهن اهو زمانو هو ته:

**ملاح تنهنجي مڪڙي ۾، اچي چور چڙهيا.**

فرنگين جي انهيءَ وڏين قطارن وچان، مير غلام محمد خان ٽالپر سنڌي لباس جيان پنهنجي سچاٽپ پاڻ ٻڻجي علم جو اهو کيت کيڙيو اهو ٻج پوکيو جيڪو وڏي وڻ ٿيو جنهن جي ڇانءُ ۾ اج اسان يا اسان جا ايندڙ نسل سڪون جون ساعتون ماڻيندا.

اسان اولڊ بوائز ايسوسيئيشن طرفان هي ننڍڙو ڪتاب دوستن جي سهڪار سان جيئن جو تيئن آندو آهي. اولڊ بوائز جي دوستن گڏريل دوستن جي تاريخ، مير صاحب جو مڪمل تعارف ۽ اسڪول جي حوالي

سان تعليمي خدمتن جي حوالي سان ھي ڪتاب توھان جي ھٿن تائين پھچايو آھي. محمد عمر (عمير سمون)، شاھجھان سمون، رشيد احمد ميمڻ، امتياز قمبراڻي، دانش لوھاڻي، درپن لوھاڻي ۽ ٻئي ساري سٿ جو مشڪور آھيان ۽ ھيءَ اسان پنھنجو قومي فرض ٻہ سمجھون ٿا.

**علي اورنگزيب سمون**

نائب صدر

اولڊ بوائز ايسوسيئيشن ٽنڊوباگو

⌘

# سوين سورج مکي ڪڙن

انسان جو دنيا ۾ اچڻ ۽ وڃڻ عام روايتپڻي ڪي چڱي تاريخ فرد ٺاهيندا آهن. ڪنهن ڏاهي چيو تہ تاريخ هيرا ٺاهيندي آهي يا هيرا تاريخ ٺاهيندا آهن. جديد سنڌي شاعريءَ جي ديوتا شيخ اياز جي انهي قول کي ڪٿي اڳتي تاريخ تي ڳوڙهي نظر وجهبي تہ اياز جي ئي لفظن ۾ جواب ملندو تہ شخصيتون تاريخ جا پير هونديون آهن. انهن ڪانسواءِ تاريخ لولي لنگڙي هوندي آهي. هي دنيا جيڪا هلچل جي بستي آهي. ميجون ٿا تہ ماڻهو ايندا ۽ ويندا آهن پر قوم جيارڻ وارا ماڻهو اڪيلي ۾ بہ وڏي دنيا هوندا آهن.هُو ڪائنات ڪان وڏا هوندا آهن پر هو پنهنجو پاڻ کي ننڍڙو محسوس ڪرائيندا آهن. هو پرپاتين جا پنڌ ڪٽي سوين سجن جي راسين جا تمنائي رڙن مان رقصان تي هر رُت مٺان رم جهم هوندا آهن. اهي تاريخ جي طويل تشريح ۾ لفظن ۾ هيئڻ ڪندا آهن تہ.

**پهاڙ اسان جي پيرن ۾، منزل اسان جي مومل**

مير غلام محمد خان ٽالپر هڪ حَسين خواب ڪٽي وڏي صداقت ۽ روح جي سچائي سان اٿيو روشني جيان ڦهلجي ويو۽ هن شهر جي نہ پر هن ديس جي ماڻهن جي مسيحائي جو اهو ادارو اربي ويو جو اڄ اسين سڀ ان جي تاريخ کي سهيڙڻ لاءِ وڏي محنت کي محبوب ڪريون ٿا، فرض سمجهون ٿا پر لاڙ جي هن محبوب مير جي تاريخ اجا اُن مُڪلمتا کي شايد نہ بہ پهتي هجي. اسان پنهنجي طرفان دوستن، شاعرن، اديبن، پراڻن شاگردن پنهنجي محسن استادن جي رهنمائي ۾ هي ڪتابي ڪم هٿ ۾ ڪٽي پنهنجي طرفان ڀرپور پاڻ موکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ڪمي ڪوتاهي اوڻائي پوڻائي آهي تہ ان لاءِ ورِي بہ دل سان معذرت. اسان هن پنهنجي پوري ٽيم طرفان پنهنجي دل سان روح جي سچاين سان مير صاحب جي انتهائي وڏي شخصيتن کي مختلف دوستن ڪان تحريري روپ ۾ توهان جي چاڻ ۾ اضافي لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي چو تہ هو اسانجي سڃاڻپ هو.

**محمد عمر سمون**

جنرل سيڪريٽري اولڊ بوائز ايسوسيئيشن

# انسانيت جو چاڙهو شخص، مير غلام محمد خان ٽالپر

جيڪي ماڻهو قوم جيئاريندا آهن، پنهنجي ڌرتي پنهنجي خطي جي ماڻهن لاءِ ڀلائي ۽ نيڪ نيتي سان ڪم ڪندا آهن، اهي ماڻهو تاريخ ۾ سدائين امر هوندا آهن. جيڪي ماڻهو پنهنجي ساڻيهہ جي دردمند انسانن لاءِ پنهنجي ڌن ۽ دولت وقف ڪري ڇڏيندا آهن، انهن جا ڪوڙ سارا مثال اسان جي لاڙ پٽ ۾ موجود آهن پر اهو غلامي جو دؤر هو جڏهن انگريز سامراج جي غلامي ۾ وڪوڙيل سماج ۾ اهي انسان جيڪي علم جي زيور کان محروم هئا، ان انڌيري دؤر ۾ لاڙ جو سخي سرواڻ، مير غلام محمد خان ٽالپر جنهن پنهنجي ذاتي ملڪيت مان ٽنڊي باگي شهر ۾ اسڪول جو بنياد وڌو ۽ سموري لاڙ تہ ڇا پر سموري سنڌ ۾ اها علم جي شمع جلائي جيڪا صبح قيامت تائين روشن رهندي

اڄ مونکي هي لفظ لکندي ڏاڍي خوشي ٿي رهي آهي، جو اسان مير صاحب جي زندگي بابت هڪ مڪمل ڪتاب ڏئي رهيا آهيون. جنهن ۾ ڪجهہ پراڻن ڪتابن جو ناياب مواد بہ آهي تہ اسان جي سنڌ جي قلم ڌڻين جون نيون تحريرون بہ موجود آهن. آئون سمجهان ٿو تہ هي ڪتاب آڻڻ ڪا وڏي ڳالهہ ضرور ناهي ڇو جو مير صاحب جو احسان نہ فقط اسان تي پر اسان جي ايندڙ نسلن تي آهي پر وري بہ اسانجي سموري ٽيم، دانش ڪمار لوهاڻہ، علي اورنگزيب سمون، محمد عمر سمون، ڏرپن ڪمار لوهاڻہ، پروفيسر امتياز احمد قمبراڻي، شاهجهان سمون، هي جيتري بہ ڪوشش ڪئي آهي، اها توهان جي سامهون آهي. آئون سمجهان ٿو تہ سنڌ جي تاريخ ۾ هي ڪتاب پنهنجي الڳ حيثيت رکندو ۽ هن ڪتاب ۾ ڪا ننڍي وڏي غلطي هجي تہ اها درگذر ڪندا ڇو تہ مير صاحب جو اسان جي لاڙ پٽ جي ماڻهن تي اهو احسان آهي جيڪو اسين لاهي تہ نٿا سگهون پر ڳائي ضرور سگهون ٿا.

**سي جيءَ جيارا ماڻهو هي سڀ کان پيارا ماڻهو هئا.**
**جن ساهہ ڏئي، ويساهہ ڏنو. سي دل ۾ درد دکائي ويا.**

**رشيد احمد ميمڻ**

ٽنڊو باگو فنانس سيڪريٽري- اولڊ بوائز ايسوسيئيشن

# مرد تنهنجي ڪا وجي، باقي دنيا ۾ ڳالهه رهندي

مير غلام محمد خان ٽالپر، جنهن جو ذڪر ڪجي ٿو ته هڪڙو اهڙو دؤر اکين جي سامهون اچيو وڃي، جنهن دؤر ۾ غلامي هئي، جنهن دؤر ۾ جهالت هئي، اسين ٿورو تصور ڪريون ته غلامي ڪيڏي وڏي گار آهي. اسان جي سماج جي ماڻهن ۾ علم جي کوٽ هئي، اسانجا ماڻهو ان سماج ۾ ڪري به ڇا ٿي سگهيا پر هڪڙو مرد قلندر ان دؤر ۾ اها سوچ کڻي آيو ته هاڻي هن سنڌ ۽ لاڙ جا ماڻهو گهڻو وقت غلامي جي زنجيرن ۾ قيد رهي ڪونه سگهندا ۽ سندس دانشمندي، هن سماج کي ان جهالت جي دؤر مان آزادي ڏياري. مير صاحب هن ٽنڊي باگي شهر ۾ هڪ اهڙي علم جي شمع جلائي جنهن مان سموري سنڌ جا امير، غريب، مسلم، غير مسلم، بنا ڪنهن فرق جي تعليم حاصل ڪرڻ لڳا ۽ پوءِ اڳتي هلي اهو اسڪول سنڌ جي تعليم جي مرڪزن ۾ اهم مرڪز بڻيو. مير صاحب جو سنڌ جي ماڻهن تي هي احسان صدين تائين ياد رهندو ۽ اسان سڀني جو اهو فرض آهي ته هن عظيم انسان جي ڪيل ڪمن کي اسان جي ايندڙ نسلن تائين يادگار بڻايون. ان سلسلي ۾ اسان اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جي طرفان اها ڪوشش ڪئي وئي ته مير صاحب جي زندگي بابت هڪ ڪتاب آندو وڃي جنهن ۾ دانش ڪمار لوهاڻه، علي اورنگزيب سمون، محمد عمر سمون، رشيد احمد ميمڻ، پروفيسر امتياز احمد قمبراڻي، شاهجهان سمون ۽ اسان جي سموري ٽيم جي طرفان هي هڪ تاريخي ڇاڻ ڏيندڙ ۽ مير صاحب جي زندگي تي هي پهريون ڪتاب آهي. اسان پنهنجو قومي فرض سمجهي اسان جي عظيم رهبر مير صاحب جي سموري زندگي ۽ سندس ڪيل نيڪ ڪمن کي ڪتابي صورت ۾ پيش ڪيو آهي.

**سچڻ ۽ ساٽيهه ڪنهن اٽاسي وسري،**
**حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو.**

**درپن ڪمار لوهاڻه**

جوائنٽ سيڪريٽري اولڊ بوائز ايسوسيئيشن ٽنڊو باگو

# مانجهي مير مٺير

سنڌ ڌرتي پنهنجي ڪُک مان اهڙا انيڪ سپوت پيدا ڪيا آهن جن پنهنجي قوم، پنهنجي ڌرتي جي مسڪين، غريب ۽ بي پهچ ماڻهن جا ڏک درد ختم ڪرڻ لاءِ ڪڏهن مسيحا بنجي شفا ڏني آهي ته ڪڏهن وري هوشو هيمون ۽ دريا خان بنجي يا مخدوم بلاول بنجي گهاڻي ۾ پيڙهجي به سنڌ جي مقدس سر زمين جي حفاظت ڪئي آهي يا وري سخي ڄام ڏاتار بنجي، محمد اشرف ٽيڀو رپ شريف جي روپ ۾ سخاوت سان سنڌي قوم نه بلڪ پوري ڪائنات جي انهن همدرد انسانن جو درد رکندڙ انسانن جي صفِ اول ۾ نظر ايندا. اهو زمانو ڪيڏو نه ڀيانڪ هو جڏهن سر زمين سنڌ هر طرف کان غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هئي. انگريز سرڪار جي غلامي جا طوق پاتل اها قوم ڪجهه ڪري ته ڇا ڪري؟

ڇو ته جڏهن اسان جي لاڙ خطي ۾ جيڪو ايترو پنتي پيل هو جو جڏهن ماڻهو علم جي ع کان به واقف نه هئا ۽ مختلف وبائي بيماريون ماڻهن جي زندگين جا سؤدا ڪنديون هيون. غربت جي آخري لڪير ۾ نظر ايندڙ هن خطي جي ماڻهن لاءِ علم حاصل ڪرڻ هڪ مشڪل ۽ ناممڪن ڪم هو. ان دؤر ۾ اوندهه جي راتين ڪي جهاڳيندي ماڻهن جي دردن ڪي سيني ۾ سانڍي هڪڙو محسن انسان پنهنجي سموري ذهيني قوتن سان جڏهن صحرا ۾ سدا ڏي ٿو ته لڪين ڇهرن جي منهن تي مرڪن جا مينهن وسي پون ٿا ۽ غلامي جي زنجيرن مان آزاد ٿيڻ جا ڪرڻا نظر اچن ٿا ڇو ته مير صاحب جي شعور ۽ ادراڪ جي بلندي ان ڳالهه مان ثابت آهي ته جيستائين لاڙ خطي جا ماڻهو علم حاصل ڪري نٿا سگهن ته صدين تائين ڪا به سُک جي گهڙي نظر نٿي اچي ۽ پوءِ 1922ـ23ع جو خطرناڪ دؤر ۾ پنهنجي ڏاهپ ۽ سياڻپ سان ٽنڊي باگي جهڙي پنتي پيل ڳوٺ ۾ هڪ تاريخي درسگاهه نهرائي. جڏهن ٻيا وڏيرا عيش عياشين ۾ راتين جون راتيون پنهنجي دولت ڪي لٽائي رهيا هئا ته مير صاحب پنهنجي هڙان نه فقط هي علم ڪدو ڪوليو پر گشتي دواخانو مسافر خانه، شاگردن لاءِ بهترين

هاسٽل، ميٽرنٽي هوم، غريب شاگردن کي اسڪالرشپون ڏئي هن قوم جي ماڻهن جي جيئڻ لاءِ زندگي جا نوان گس، نوان پيچرا ڏيکاريا. اهو هن خطي جي ماڻهن جو نصيب چئجي يا ايئن کڻي چئجي تہ الله تعاليٰ جڏهن ڪنهن قوم کي علم جي شعور سان منور ڪرڻ چاهيندو آهي تہ ان قوم کي سر سيد احمد خان، حسن علي آفندي ۽ مير غلام محمد خان ٽالپر جهڙا مسيحا موڪليندو آهي ۽ پوءِ اها قوم ڪر موڙي اٿي ٿي تہ سنڌ جي غلام ماڻهن جي ذهن ۾ آزادي در ڪڙڪائي ٿي.

مير غلام محمد خان ٽالپر هن لاڙ خطي ۽ سموري سنڌ جي ماڻهن لاءِ بي لوث خدمت جي سوچ رکي نہ فقط سوچيو پر عملي طور تي هن انسان پنهنجي قوم جي ٻارن کي پنهنجو اولاد سمجهي هڪ ذميوار والد جي حيثيت ۾ سندن ذهني، جسماني، سندن بيمارين ۽ ڏکن جو علاج ڪيو. قوم جي ڏکن جو ڀرجهلو مير غلام محمد خان ٽالپر جنهن جي زندگي جي سموري ڪٿا عملي روپ ۾ اڄ بہ اسان کي نظر ايندي، پر سندس زندگي جي سمورن پهلوئن کي هڪ تاريخي حيثيت ۾ محفوظ رکڻ لاءِ بہ تاريخي رسالا ترتيب ڏنا ويا. پروفيسر پون سنڌي ۽ ٻين دوستن جي ان تاريخي ڪم ڪانپوءِ اهي رسالا اڻ لڀ ٿي ويا ۽ تقريباً 50 سالن جي طويل عرصي ڪانپوءِ هي اسان جي اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جي دوستن جيڪو تاريخي ڪتاب آڻڻ لاءِ ڪجهہ سوچيو تہ اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جي صدر دانش ڪمار لوهاڻہ جنهن جي ذاتي دلچسپي ۽ ڪوشش سان هي تاريخ اسين توهان جي هٿن تائين پهچائي رهيا آهيون. تنظيم جي دوستن نائب صدر علي اورنگزيب سمون، خزانچي رشيد احمد ميمڻ، جنرل سيڪريٽري محمد عمر سمون، جوائنٽ سيڪريٽري درپن ڪمار لوهاڻو هنن دوستن گڏجي ڪري هن ڪتاب جي هر حوالي سان نگراني ڪئي ۽ آئون سمجهان ٿو تہ مير صاحب جا احسان اجان بہ گهڻو ڪجهہ لهڻن پر تاريخ جي سنهري صفحن ۾ هي ڪتاب منفرد حيثيت ۾ يادگار رهندو ڇو تہ مير غلام محمد خان ٽالپر هڪ تاريخ آهي، صدين جي صدا آهي.

**پروفيسر امتياز قمبراڻي**

ميمبر ايگزيڪيٽو اولڊ بوائز ايسوسيئيشن

# حصو پهريون
# مير صاحب جو خط
# ۽
# سندس ڪيل نيڪ ڪم

# خانبهادر جو خط

انگريز سرڪار محترم غلام حسين سومري (ان وقت جو اسڪول هيڊ ماستر) کي اعليٰ تعليم لاءِ بمبئي موڪليو هو. جنهن جو مڪمل خرچ جيتوڻيڪ سرڪار کي خود ڀرڻو هو تڏهن بہ مير غلام محمد خان ٽالپر سرڪار جي طلب تي ان خرچ ۾ هڪ هزار روپيا ڏيڻا ڪيا. هيٺ اسين ان خط جو متن ڏيئي رهيا آهيون، جيڪو مير صاحب ان وقت جي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جي خط جي جواب ۾ لکيو هو.

بخدمت جناب ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب سنڌ.

صاحب جن پنهنجي ليٽر ۾ لکيو آهي تہ هيڊ ماستر مسٽر غلام حسين کي بي. ٽي لاءِ بمبئي موڪلڻو آهي، ان خرچ ۾ (1850 روپيا) مون کان وٺڻا آهن. تنهنڪري ان بابت منهنجو "عرض آهي تہ هڪ هزار روپيہ ان خرچ ۾ آئون ڏيندس، ان کان زياده مونکان وٺڻ ۾ نہ اچي، ۽ اهو هڪ هزار، هڪ مهيني ۾ ڏيندس.

**مير غلام محمد خان ٽالپر**

ٽنڊو باگو.

6 جون 1931

# خانبهار مير غلام محمد خان ٽالپر جا ڪيل نيڪ ڪم

### 1. لاڙ ۾ هاءِ اسڪول کولائڻ

- مرحوم خانبهار مير غلام محمد خان ٽالپر، سنڌ جي ڏکڻ واري علائقي لاڙ خطي جي ٽنڊوباگو شهر ۾ پنهنجا لکين روپيا خرچ ڪري غريبن ۽ مسڪينن جي تعليم لاءِ سال 1920 ۾ هڪ عاليشان مدرسو تعمير ڪرايو، جيڪو سنڌ ۾ "لارينس مدرسه" ۽ مير غلام محمد خان ٽالپر (هاڻي) گورنمينٽ هاءِ اسڪول" جي نالي سان مشهور آهي ۽ سنڌ جي قديم درسگاهن مان هڪ آهي.

### 2. عاليشان هاسٽل ۽ بورڊنگ هائوس

- سنڌ جي ڏورانهن علائقن کان تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن جي رهائش ۽ کاڌ خوراڪ لاءِ هڪ عاليشان بورڊنگ هائوس ۽ هاسٽل ٺهرائي، جيڪا اڄ تائين "گبسن هاسٽل" جي نالي سان مشهور آهي. جتي اڄان تائين غريب شاگردن کي مفت کاڌو ۽ رهائش مهيا ڪئي ويجي ٿي.

### 3. هاءِ اسڪول جي پلائي لاءِ ٻه لک روپيا ڊپازٽ

- مرحوم مير صاحب هاءِ اسڪول ۽ هاسٽل کي هلائڻ لاءِ ٻه لک روپيا گورنمينٽ وٽ ڊپازٽ طور رکيا، جيڪي اڄ ڏينهن تائين

محفوظ آهن، ۽ فقط انهن جي وياج مان هاسٽل ۽ بورڊنگ هائوس جو خرچ هلي رهيو آهي.

## 4. نياڻين جي تعليم لاءِ زنانو اسڪول ٺهرائڻ

- مرحوم مير صاحب زناني تعليم لاءِ هڪ عاليشان "گرلس پرائمري اسڪول" شهر ٽنڊوباگو ۾ ذاتي خرچ سان ٺهرايو، جتي اڄ ڏينهن تائين شهر جون نياڻيون تعليم حاصل ڪري رهيون آهن.

## 5. عورتن جي علاج لاءِ مئٽرنٽي هوم ۽ زناني اسپتال

- مرحوم مير صاحب عورتن جي علاج لاءِ ميٽرنٽي هوم ۽ زناني اسپتال ٽنڊوباگو شهر ۾ ٺهرائي، اسپتال ۽ دوائن جو خرچ پاڻ ادا ڪندا هئا.

## 6. گشتي دواخانو

- مرحوم مير صاحب لاڙجي غريب عوام لاءِ هڪ گشتي دواخانو پڻ ٺهرايو هو، جيڪو ٻهراڙين ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي بيمار ماڻهن جو مفت دوا درمل ڪندو هو.

## 7. ٻهراڙين ۾ پرائمري اسڪول کولرائڻ

- ڳوٺ ڪڏهرو ۽ ماڇوري ۾ مرحوم مير صاحب پرائمري اسڪول ۽ شاگردن جي رهائش ۽ کاڌ خوراڪ لاءِ هاسٽل ٺهرائي هئي، جتي هارين ۽ مزدورن جا ٻار مفت تعليم حاصل ڪندا هئا. اسڪولي

شاگردن لاءِ ڪتاب ۽ ڪپڙن وغيره جو خرچ مير صاحب خود پريندو هو.

### 8. ديني تعليم لاءِ مدرسن کي گرانٽ

- مدرسه ٺوهي ڳوٺ حاجي ولي محمد لغاري کي مرحوم مير صاحب طرفان هر ماهه گرانٽ ملندي هئي.
- مدرسه مولوي محمد عثمان پنيرو ڳوٺ شادي پلي ضلع ٿرپارڪر کي پڻ سالياني گرانٽ مير صاحب طرفان ملندي رهندي هئي.

### 9. غريب شاگردن کي اعليٰ تعليم لاءِ ولايت موڪلڻ

- غريب ۽ مستحق شاگردن کي اعليٰ تعليم لاءِ اسڪالرشپون مير صاحب طرفان ڏنيون وينديون هيون، ۽ ڪن شاگردن کي اعليٰ تعليم لاءِ پنهنجي خرچ مان ملڪ کان ٻاهر موڪليندو هو.

### 10. بيواهن ۽ يتيمن لاءِ وظيفو

- مرحوم خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر، لاڙ جي غريب، بيواهه ۽ يتيم عورتن کي ماهانه وظيفو ڏيندو هو.

# حصو ٻيو

# مضمون

# خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر جي حياتي جو خاڪو

پروفيسر عبدالجبار "قاسم" نظاماڻي



- ❖ 1876ع — تي سنڌس ولادت ٿي.
- ❖ 1883ع - 1890ع — مڪتب ۾ قرآن شريف ، سنڌي، فارسي جا ڪتاب، دو وايہ، گلستان بوستان پڙهيو.
- ❖ 1893ع — تي مير غلام محمد جي ڏاڏي مير ولي محمد خان وفات ڪئي.
- ❖ 1907ع — ۾ پوليس ڪاتي ۾ ڪانسٽيبل مقرر ٿيو، ٿوري عرصي ڪانپوءِ استعفيٰ ڏنائين.
- ❖ 1908ع — ۾ عريضي نويس يعنيٰ اسٽامپ وينڊر ٿيو، ڪُجھ وقت ڪانپوءِ ڇڏي ڏنائين.
- ❖ 1909ع — سنڌس جاگير گورنمنٽ جي گروي ڪاتي مان آجي ٿي.
- ❖ مارچ 1911ع — سنڌس والد مير محمد خان وفات ڪئي.
- ❖ 1913ع — پنهنجو ذاتي بنگلو ٺهرايائين.
- ❖ 1914ع — جنگِ عظيم وقت گورنمنٽ کي هڪ لک قرض طور اُڌار ڏنائين.
- ❖ 1915ع — انگريز سرڪار کيس "خانبهادر" جو لقب ڏنو.
- ❖ 1916ع — انگريز سرڪار کيس او.بي.اي (آرڊر آف برٽش ايمپائر) جو خطاب ڏنو.
- ❖ 1917ع — ماڇوري جاگير ۾ لوڪل بورڊ سنڌي اسڪول سان گڏ بورڊنگ هائوس شامل ڪيائون.
- ❖ 1918ع — ڪڏهري جاگير جي ڳوٺ نبي بخش رستماڻي جي لوڪل بورڊ سنڌي اسڪول ۾ بورڊنگ هائوس جو قيام مقرر ڪيائون.
- ❖ 1 جنوري 1920ع — ٽنڊو باگو شهر ۾ مير غلام محمد ۽ "مسافر" گڏجي خانگي طور تي انگريزي اسڪول جو بنياد رکيو.
- ❖ 1922ع — ٽنڊوباگو شهر ۾ بولس شفا خانا نالي هڪ خيراتي دواخانہ کوليائين.
- ❖ جنوري 1924ع — لارينس مدرسہ و اسڪول جي نالي سان نئين عمارت جوڙي راس ڪرايائين. شاگردن لاءِ گپسن بورڊ هائوس يعني هاسٽل بہ جوڙايائين.
- ❖ 1 آگسٽ 1928ع — مير غلام محمد لوڪل بورڊنگ طرفان ٽنڊو باگو شهر ۾ ڇوڪرين جي لاءِ اسڪول کولرايو ۽ عمارت خود تعمير ڪرائي ڏني هئائين.
- ❖ 1931ع — ٽنڊو باگو شهر ۾ هڪڙي زنانہ اسپتال کولرايائين.
- ❖ 12 فيبروري 1932ع — تي وفات ڪيائين.

# جنب گذاريم جن سين

## خانبهادر مير غلام محمد خان ولد مير محمد خان صاحب
(ٽنڊو باگو)

**- جي ايم سيد**

هي صاحب ٽالپرن جي ماڻڪاڻي پاڙي مان هو. اصل ۾ ٻين مير صاحبن وانگر، ڪو وڏي ملڪيت وارو ڪونہ هو. ابتدا ۾ سرڪاري نوڪري ڪندو هو. پوءِ نوڪري ڇڏي، محنت ۽ ڪفايت سعاري سان، وڏي زمينداري ۽ پئسو ڪٺو ڪري سگهيو. سنڌ جا اڪثر زميندار پئسي ۽ زمين وڏي وڇڻ بعد عياشي يا معتبري حاصل ڪرڻ لاءِ ان ڪي صرف ڪندا آهن، ليڪن ڏٽي تعاليٰ هن مير صاحب جي دل انساني درد سان پريل رکي هئي، جنهنڪري پنهنجي پئسي جو مصرف خلق خدا جي ڀلي لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيائين. سندس ذاتي خرچ تمام معمولي هوندو هو. سفيد پٽڪو ۽ پهراڻ پهريندو هو. بلند اخلاق، حليم محبتي، خلق خدا جو خيرخواهہ انسان هو.

مير صاحب ڪي مسلمانن جي تعليم سان خاص دلچسپي هئي. پهرين ٽنڊي باگي ۾ اي. وي ڪلاس کولرايائين. بعد ۾ ان ڪي ترقي ڏياري، هڪ لک رپين جي خرچ سان بلڊنگ تيار ڪرائي، هڪ ڪافي رقم اينڊومينٽ فنڊ رکي، هاءِ اسڪول قائم ڪرايائين. ان ۾ بورڊنگ هائوس ٺهرائي، ٻاهرين شاگردن جي رهائش جو انتظام ڪيائين. اول ۾ هن هاءِ اسڪول ڪي لوڪل بورڊ طرفان گرانٽ ملندي هئي، ٻيو سمورو خرچ مير صاحب مير صاحب پاڻ ڪندو هو. پوءِ سرڪار هن ڪي هٿ ۾ ڪٽي، گورنمينٽ هاءِ اسڪول بنايو. پوءِ ڳوٺ ۾ ڇوڪرين جي تعليم لاءِ هڪ اسڪول ٺهرايو. جو پڻ سرڪار پوءِ پنهنجي حوالي ڪيو. ان ڪان پوءِ بہ مير صاحب ماسترياڻين جي رهائش وغيره لاءِ جايون ٺهرايون. زالن لاءِ ٽنڊي باگي ۾

ويم گهر قائم ڪرائي، ان جي ذريعي آسپاس جي داين جي ٽريننگ جو انتظام ڪرايائين. سندس اسڪالرشپن جو فائدو نہ صرف مسلمانن تائين محدود هو بلڪ ان جو فائدو هندو بہ وٺندا هئا. ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم کي هن پنهنجي خرچ سان تعليم وٺڻ لاءِ ولايت موڪليو. مير بنده علي خان باوجود پنهنجي ملڪيت هئڻ جي، سندس خرچ تي تعليم لاءِ ولايت ويو. سندس اسڪالرشپن تي ڪيترا شاگرد دهليءَ جي طبيہ ڪاليج مان پڙهي، سند يافتہ ٿي آيا. تعليم سان سندس محبت جنون جي حد تائين پهتل هئي، بلڪ هر چڱي ڪم لاءِ مدد ڏيڻ ۾ کيس خوشي پئي ٿيندي هئي. مليريا جي موسم ۾، گشتي ڊاڪٽر مقرر ڪري، دوائون ڏيئي، کين ڳوٺن ۾ عام ماڻهن جي علاج لاءِ موڪليندو هو.

1928ع ۾، سن جي تعليمي ڪانفرنس ۾ اچڻ لاءِ مون کيس دعوت موڪلي هئي. ان جي جواب ۾ هڪ ڊگهو خط لکي موڪليائين، جنهن جا ٽڪرا هيٺ ڏجن ٿا:

"25 جنوري، 1928ع سائين جن نوازش نامو 20 جنوري جو لکيل، غلام کي پهتو. جناب من! مون کي مسلمانن جي جهالت ڏسي ڪيترن ورهين کان دل ۾ درد رهي ٿو (وڏيڪ احوال لکي چڪي ٿو) آئون حتي الامڪان پاڻ پتوڙيندو رهان ٿو. عام ماڻهن جي جهالت، بيڪاري ۽ غربت ڏسي، روئڻ پيو اچيم. مون پنهنجي ملڪيت ۽ وقت کي عوام جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي، پر آءٌ اڪيلو ڇا ڪري سگهندس؟ سنڌ جي جاگيردارن، زميندارن، پيرن ۽ مخدومن کي غريبن سان همدردي ڪانہ آهي. طبع ناساز هئڻ ڪري اچي نٿو سگهان، معافي طلب آهيان. خدا اوهان کي انهن ڪوشش ۾ ڪامياب ڪري – غلام محمد."

مرحوم جي مون سان بيحد محبت هوندي هئي، ۽ سندس محبت جو دائرو وسيع هو. عوام سان محبت ۽ خلق جي خدمت جو جذبو رکندڙ هر ماڻهو کيس پسند ايندو هو. ٽنڊي باگي ۾ ڪيترائي ادارا سندس يادگيري تازي ڪرايو اچن. سنڌ ۾ هندن ۾ تہ ڪيئي مخلص ڪارڪن ٿي گذريا آهن. جن ڪيترائي هاءِ اسڪول، ڪاليج، اسپتالون ۽ مسافر خانا کولايا

هئا، ليڪن مسلمانن جو پئسي وارو طبقو اڪثر خود مطلب، عياش ۽ ذاتي اقتدار جو طالبوهو. اهڙي قحط الرجال جي حالت ۾، مير صاحب جي زندگي مثالي حيثيت رکي ٿي. اهڙي قسم جا ٻيا مسلمان ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ملندا ـــ جهڙوڪ: مرحوم حسن علي آفندي، سيد الهندو شاهه ڏيري وارو، مسٽر نور محمد وڪيل، سڄاول وارو سيد حاجي عبالرحيم شاهه ۽ پير صاحب جهنڊي وارا. تعليم جي سلسلي ۾، مخدوم ميان غلام حيدر صاحب هالا وارا بيشڪ وڏي تعريف جي لائق آهن، پر هن ميرصاحب جو ڪوششون صرف تعليم طرفان ئي راغب نہ هيون، بلڪ عام تندرستي ۽ صحت جا معاملا بہ ان ۾ شامل هئا.

مير صاحب 12 فيبروري 1933ع مطابق 15 شوال 1351ھ تي وفات ڪئي. ڪيس ڪو اولاد ڪونہ ٿيو. سندس وارث، سندس چاچي مير حاجي غلام شاهه جو فرزند، مير خدابخش خان ٿيو. سندس ڏاڏي مير حاجي ولي محمد خان کي پنج فرزند ٿيا. 1. مير محمد خان، 2. مير حسن علي خان، 3. مير محمد حسن خان، 4. مير يار محمد خان، 5. مير حاجي غلام شاهه.

مير محمد خان کي هڪ فرزند، خانبهادر مير غلام محمد خان ٿيو جو لاولد وفات ڪري ويو.

مير حسن علي خان کي ٻہ فرزند ٿيا: مير حاجي شير محمد خان ۽ مير فيض محمد خان، پهرئين کي مير حاجي نور حسين خان (خاڪسار ڪارڪن)، مير غلام رسول خان ۽ مير عبدالقادر خان (هاري ڪارڪن) فرزند ٿيا. ٻئي کي مير محمد علي خان فرزند ٿيو ۽ ان کي مير علي حسن خان ڄائو. مير محمد حسن خان کي مير محمد بخش خان فرزند ٿيو جنهن جي فرزند جو نالو وري محمد حسن خان رکيائون. مير يار محمد خان کي شايد اولاد ڪونہ ٿيو. مير حاجي غلام شاهه کي مير حاجي خدابخش خان فرزند ٿيو. جنهن کي چار پٽ آهن: مير حاجي عبدالحسين خان، مير ولي محمد خان ( رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙي جو پيڙهوبو)، مير حاجي محمد خان ۽ مير حاجي علي نواز خان،

ملڪ ۾ مير گهڻا آهن، پر غلام محمد خان مرحوم پنهنجو مٽ پاڻ هو.

# اسڪول جي ڪهاڻي مسافر جي زباني

**- محمد صديق ”مسافر“**

(مرحوم مسافر مير ڪي اکين ڏٺو هو ۽ پڻ هاءِ اسڪول جي تعمير ۽ هلائڻ ۾ بہ ساڻس هر وقت گڏ رهيو هو. پاڻ اسڪول جي برپا ٿيڻ جو سڄو احوال تفصيل سان ڪلياتِ مسافر ۾ لکيو اٿن. جيڪو اسين هيٺ ايڊٽ ڪري نئين عنوان سان ڏئي رهيا آهيون).

سال 1919ع ۾ جڏهن هندستان ۾ قطع تعلقات يعني ترڪ حوالات جي تحريڪ زور هئي ۽ هندو مسلم اتحاد قائم ٿي ويو هو ۽ برٽش گورنمينٽ ٽرٽلي ۾ پئجي وئي هئي ان وقت حيدرآباد ۾ مولانا محمد علي ۽ مولانا شوڪت علي ۽ مهاتما گانڌي جهڙن قومي اڳواڻن ۽ سنڌ جي ڪن قومي ڪم ڪندڙن مسلمانن ۽ هندن هڪبئي پٺيان جيڪي تقريرون ڪيون هيون، تن بابت هڪڙي پيري آءُ ۽ هڪڙو نو مسلم شيخ صاحب ماستر ماسترس روم ۾ گفتگو ڪري رهيا هئا. هڪڙو حيدرآبادي عامل ماستر جو ڪجھ وقت کان مونکي حسد جي نگاھ سان ڏسندو هو، تنهن بہ ساڳئي روم ۾ پري اخبار منهن ڪي آڏي ڏيو اسانجي گفتگو پي ٻڌي. هن اسان جي گفتگو ۾ مرچ مصالا ملائي پرنسپل صاحب جا وچي ڪن پريا. ايتريقدر جو پرنسپل صاحب ڪي پڪ ٿي وئي تہ هي ٻئي مسلمان ماستر ڪاليج جي شاگردن ۾ قتع تعلقات جو جوش پيدا ڪندا ۽ ڪاليج ۾ ڪا خرابي پيدا ٿي پوندي. پرنسپال صاحب اسان کان نڪا پڇا ڳاڇا ڪئي ۽ نڪا دريافت. هڪدم اسان ٻنهي جي برخلاف ڪانفيڊينشل رپورٽ ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب ڪي سخت لفظن ۾ لکي موڪليائين. شيخ صاحب جو ڪو سڄڻ ڪراچي ۾ رهندو هو، جنهن جو ايڊيوڪيشنل

انسپيڪٽر صاحب وارن جي آفيس وارن سان ڳوڙهو تعلق هو. تنهن شيخ صاحب کي ساري حقيقت لکي موڪلي ۽ صلاح موڪليائين ته جيستائين انهي رپورٽ جي نتيجي بابت اوهان کي حڪم اچي پهچن، تنهن کان اڳ موڪل تي لهي پوءِ ڪو تدارڪ ڪريو.

مون ان وقت ئي ريزڪي موڪل جي درخواست ڏني، جا پرنسپال صاحب چپ چاپ ۾ منظور ڪئي. .... ٻار وٺي سڌو ڳوٺ آيس. مرحوم خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر او.بي.اي جاگيردار سان اچي ملاقات ڪيم، جنهن سپ ڪنهن موڪل جي موقعي تي اچي ڪندو هوس. مير صاحب سان انهي شرانگيزي جو احوال ڪيم، جا منهنجي خلاف ڪاليج ۾ ڪڙي ٿي هئي. مير صاحب بختاور ...... ڪل مڪائي سان فرمايو ته "ماستر! مون ته اهي واتون پئي ڳوليون، ته شل جلد خير سان نوڪري کان آجو ٿي ڳوٺ ۾ اچي رهين. تون نوڪري جو ڪو به فڪر نه ڪر، انهي ڳالهه کي انشاءَالله تعاليٰ پهچي ويندا سون، پر هينئر هڪدم فرلو موڪل جي درخواست ڏياري موڪل ته هت پنهنجي ڳوٺ ۾ انگريزي اسڪول کوليون. پنهنجي گهر جو سامان سڙو وڃي حيدرآباد مان ڪڻي اچ." مون ذري ساعت ماٺ ۾ رهي پوءِ عرض ڪيو ته "حاضر سائين! جيئن اوهان جي مرضي هوندي، تئن ڪرڻ لاءِ تيار آهيان."

مير صاحب بروقت مَس قلم ۽ اچو پنو اندران بنگلي مان گهرائي ورتو ۽ فرمايائين ته "فرلو موڪل جي درخواست لک". ان وقت درخواست جا ٻه فرد تيار ڪيم .... درخواست ۾ جيڪي جڙتو خانگي سخت ضرورتون ڏيکاريون هيم، سي پڙهي مير صاحب مرحوم ڏاڍو ڪليو ۽ خوش ٿيو. لفافا مير صاحب وٽ ميز جي خاني ۾ موجود هئا، بر وقت درخواستون لفافن ۾ بند ٿيون، ائڊريسون لکيون، ٻئي لفافا مير صاحب پنهنجي نوڪر کي پوسٽ رجسٽر ڪري اچڻ لاءِ ڏنا. مير صاحب ان وقت پنجاهه رپيا مونکي ڏنا ۽ چيائين ته "حيدرآباد مان وڃي پنهنجي گهر جو سامان ڪڻي اچ."

ٻه ٽي ڏينهن ڳوٺ ترسي حيدرآباد آيس. اتي ڪن مهربانن جي وسيلي احوال معلوم ڪيم ته منهنجي بدلي ٽريننگ ڪاليج مان ڪري، ڳوٺ ڀارا

جي لوڪل بورڊ سنڌي اسڪول ۾ هيڊ ماستر جي حيثيت ۾ ڪئي وئي آهي.... اها ساري حقيقت ڪاليج ۾ نوڪري ڪندڙن ڪن سڄڻن ڪان معلوم ڪري پنهنجي گهر جو سامان ٻيڙي ۾ چاڙهي اچي ڳوٺان نڪتس.

جيستائين آئون حيدرآباد مان پنهنجا ٽپڙ ٽاڙي ڪٽائي آيس، تيستائين مرحوم خانبهادر مير صاحب، منهنجي پاڙي ۾ اسڪول لاءِ هڪڙي جاءِ مسواڙ تي ڪري ڇڏي ۽ چار پنج ڪاٺ جا نوان بئنچ بہ واڍن ڪان ٺهرائي ڇڏيا. ميزون ۽ ڪرسيون تہ مير صاحب جي بنگلي ۾ اڳ ئي موجود هيون.

حيدرآباد مان موٽڻ شرط مسواڙ ڪيل جاءِ، بئنچ، هڪ ميز ۽ ٻہ ڪرسيون مير صاحب منهنجي حوالي ڪيون. اسڪول ۾ پاڻي موجود رکڻ لاءِ مٽ، دلا، ڪرا ۽ ڪاغذ پٽ خريد ڪرڻ لاءِ پئسا ڏنائين ۽ فرمايائين تہ هاڻي شاگرد هٿ ڪر ۽ بسم الله ڪري اسڪول چالو ڪر. شهر جي ماڻهن کي تہ اعتبار ئي نہ پيو اچي، تہ ٽنڊي باگي ۾ ڪو انگريزي اسڪول هلي سگهندو. انهي ڪري اُٺ پاڙي ڪري ٽنڊي باگي کان ڏه ميل پري ٿهي ڳوٺ ۾ ويس، جتي وڏو رجسٽرڊ مڪتب سجهندو هوم. اتي ميان محمد حسن خان لغاري، جو هلڪو زميندار بہ هو ۽ هڪڙو وڏو مڪتب پاڻ ۽ سندس وڏا شاگرد هلائيندا هئا ۽ سرڪار مان مڪتب لاءِ چڱي گرانٽ ملندي هيس. ميان محمد حسن خان سان ڪجهہ واقفيت اڳ بہ هئي، ان سان گڏ خانبهادر مير صاحب جي ارادي جو احوال ڪيم. هو علم وارو ۽ سمجهو انسان هو. سو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مونکي چيائين تہ هن مڪتب ۾ هيترا شاگرد ويٺل آهن، تن جو امتحان وٺي جيڪي بہ ڇوڪرا پسند اچنو سي وڃي اسڪول ۾ داخل ڪريو. مون امتحان وٺي في الحال پنج ڇوڪرا پسند ڪيا. اهي پنج شاگرد ساڻ ڪري مون تاريخ هڪ جنوري سن 1920 تي اسڪول اچي کوليو.

خانبهادر مير صاحب انهن ڇوڪرن جي انگريزي پهرين درجي جي ڪتاب گهرائڻ جو حڪم ڏنو. هفتي جي اندر حيدرآباد مان ڪتابن جي جي وي- پي اچي نڪتي جنهن جا پئسا مير صاحب بر وقت ڏنا. اهي

شاگرد منهنجي اوطاق ۾ رهندا سهڙندا هئا ۽ سندن ماني ٽڪي منهنجي گهر ۾ رجهندي پچندي هئي. پوءِ تہ جيئن وقت گذرندو ويو تيئن شهر جا هندو خواه مسلمان ڇوڪرا بہ اسڪول ۾ داخل ٿيندا رهيا ۽ ٻهراڙي جي اسڪولن ۽ مڪتبن مان بہ ڇوڪرا ايندا رهيا. جڏهن پندرهن سورهن پرديسي ڇوڪرا اچي گڏ ٿيا، تڏهن مير صاحب اسڪول جي پرسان هڪڙي ٻي وڏي جاءِ بہ بورڊنگ هائوس لاءِ مسواڙ تي وٺي ڏني ۽ هڪڙو پگهاردار بورچي رکي ڏنائين ۽ بورڊنگ جي سيڌي سامان لاءِ مودي رکي ڏنائين. بورڊنگ هائوس جي روزمره جو خرچ باقاعده لکبو هو. سڀ ڪنهن مهيني جي پهرين تاريخ مير صاحب جي اڳيان حاضر ڪبو هو ۽ وري ٻي مهيني جو خرچ هلائڻ شروع ڪبو هو.

مرحوم خانبهادر مير صاحب جو وقت بہ وقت اهو ئي چوڻ هوندو هو تہ "خرچ منهنجو محنت ۽ ايمانداري تنهنجي، ڪڏهن بہ دل سست نہ ڪج.!!"

سال 1921ع جي شروع ۾ اسڪول ۾ چاليھ کن شاگرد ٿي ويا، جنهن مان ڏهاڪو کن شهر جا باقي سڀ ٻاهر جا شاگرد هئا.

مارچ 1921ع ۾ سنڌ جو ڪمشنر مسٽر ريو صاحب گشت ڪندي ٽنڊي باگي ۾ منزل انداز ٿيٺو هو. مير صاحب اڳواٽ مون کي گهرائي پنهنجي راءِ ڏني تہ "ڪمشنر صاحب کي وٺي اچي اسڪول ڏيکارجي ۽ اسڪول جي مستقبل بابت بہ تي ڳالهيون عرض رکي ڪائنس انهن جي برٿوابي لاءِ مدد گهرڻ گهرجي." مونکي مير صاحب جي اها راءِ تمام پسند آئي. مير صاحب بر وقت ڪجھ پئسا ڏنا تہ اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس کي دهلي دروازن سان سينگاري تيار ڪر. مون اها سرانجامي ڪئي، ڪمشنر صاحب هڪڙي ڏينهن ٽنڊي باگي ۾ آيو تہ ٻئي ڏينهن صبح جو مير صاحب کيس پاڻ سان اسڪول ۾ وٺي آيو. ڪمشنر صاحب سنڌي ٻولي بہ سمجهندو ۽ ڳالهائيندو هو. اسڪول ۾ سادي لباس وارا ٻهراڙي جا ڇوڪرا ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. ٻئي درجي وارن کن شاگردن کان انگريزي ۾ سليس سوال ڪيائين، انهن سوالن جا درست جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. مير

صاحب جي عرض ڪرڻ تي بورڊنگ هائوس هلي ڏنائين. وري اسڪول ۾ اچي ڇوڪرن جي حاضري جو رجسٽر ڏٺائين جو شروعات کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ڪم آندو ويو هو. حاضري جو رجسٽر ڏسي وري اسڪول بورڊنگ هائوس ۾ خرچ جي داخلا وارا ڪتاب ۽ ووچر گهرايائين جي باقاعدي لکيل هئا ۽ پيش ڪيا ويا. وري وزيٽرس بڪ گهرايائين جو پڻ اڄ پنن جو ٿهيل پڪي جلد سان موجود هو. پوءِ ان وزيٽرس بڪ جا ٻہ صفحا پڙهيائين. ان ريمارڪ ۾ خانبهادر مير صاحب جي دريا دلي جي نهايت عمدن لفظن ۾ تعريف ڪيائين ۽ لاڙ جهڙي ڏتڙيل ملڪ ۾ اهڙي بندوبست ۽ انتظام سان انگريزي اسڪول چالو ٿيڻ تي نهايت گهڻي خوشي ظاهر ڪيائين. مير صاحب اسڪول جي مستقبل بابت جيڪي مکيہ ٽي ضرورتون پيش ڪيون هيس، تن جي تمام زوردار لفظن ۾ پٺڀرائي ڪيائين.

اهي ٽي صورتون هي هيون.

(1) اسڪول رجسٽرڊ ٿئي.

(2) ماسٽر محمد صديق گورنمينٽ سرونٽ آهي، ان جي سروس باقاعدي سان اسڪول لاءِ مون کي لينٽ تي ملي ۽

(3) آئون خاصي رقم تعليم کاتي ۾ اينڊومينٽ طور رکان. ان اينڊومينٽ (ڏراوت) جي وياج مان ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب اسڪول بورڊنگ هائوس جو خرچ هلائي.

ڪمشنر صاحب وزيٽرس بڪ تي ريمارڪ لکڻ ۽ مير صاحب جا گهرايل مٺائي جا پڙا پنهنجي هٿ سان شاگردن کي ورهائي ڏيڻ ۽ باقي پڙا منهنجي حوالي ڪري، خير سان بنگلي ڏانهن روانو ٿيو.

ٻي ڏينهن، خانبهادر مير صاحب مون کي پاڻ سان ڪري وزيٽرس بڪ کڻائي ڪراچي هليو. سال 1921ع جي پڇاڙي ڌاري ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جو پرنسپل اسسٽنٽ مسٽر نورالدين نانا صاحب مقرر ٿي آيو جنهن منهنجي برخلاف ديوان پريمچند صاحب پرنسپال واري رپورٽ پڙهي منهنجي بدلي رد ڪرائي وري ساڳي جاءِ تي، ساڳئي پگهار ۽ حقن

سان ٽريننگ ڪاليج ۾ مقرري جو حڪم ڏياري موڪليائين. مرحوم خانبهادر مير صاحب مونکي ٽريننگ ڪاليج ۾ وڃڻ نه ڇڏيو مٿي بيان ڪيل ڪمشنر صاحب جا ريمارڪ کڻي خانبهادر مير صاحب سان گڏجي جڏهن ڪراچي ويس، تڏهن مير صاحب انگريزي ۾ هڪڙي وڏي درخواست ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب جي نالي ٽائيپ ڪرائي ۽ ڪمشنر صاحب وارو ريمارڪ به ٽائيپ ڪرائي درخواست سان شامل ڪيائين. درخواست ۾ خاص طرح ٽن ڳالهين تي زور رکيائين.

(1) اسڪول رجسٽر ٿئي.

(2) مسافر جي سروس باقائدي روءِ اڏاري ملي ۽

(3) انڊومينٽ سرڪار پاڻ وٽ رکي ۽ ان جي وياج مان ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جو خرچ هلائي.

اها درخواست مير صاحب ۽ آئون ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب جي آفيس ۾ کڻي وياسين. ڪراچي کان موٽي اچڻ کان پوءِ جلد ئي حيدرآباد ضلع جي ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب پنهنجو اسسٽنٽ ٽنڊي باگي موڪليو جنهن نئين جاري ٿيل اسڪول جي شاگردن جو امتحان دستور موجب اچي ورتو. اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جو رڪارڊ نظر مان ڪڍيائين ۽ آئنده لاءِ سڀ رڪارڊ ڇاپي فارمن ۾ رکڻ لاءِ صلاح ڏنائين. وزيٽرس بڪ تي تمام سٺو رمارڪ لکيائين. جلد ئي اسڪول رجسٽرڊ ٿي چڪڻ جو آرڊر خانبهادر مير صاحب کي اچي پهتو.

مير صاحب ڇوڪرن جي حاضري جو رجسٽر، وزيٽرس بڪ، آمدني ۽ روانگي رجسٽر، روزنامچو، رسيد بڪ، فارم وغيره حيدرآباد جي پريس مان ڇپرائي منهنجي حوالي ڪيا، جن تي داخلائون شروع ڪيون ويون.

جولاءِ 1921ع ۾ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب کان ٻيو آرڊر مير صاحب کي پهتو ته "محمد صديق جي سروس توهان کي لينٽ (اڌاري ڪري) ڏجي ٿي. جنهن جي پگهار (ستر رپيا ماهوار) نان ٽريننگ ڪاليج مان فرلو موڪل تي لٿل آهي، سو ماهوار پگهار ان کي ڏيندا رهجو ۽ پنج رپيا ساليانو اضافو سال سال ڏيندا رهجو ۽ ان جو پنشن فنڊ توهان کان وقت

بہ وقت ورتو ويندو.”

مٿين آرڊر اچڻ کان پوءِ خانبهادر مير صاحب هڪ لک رپيا، جي جنگي قرض طور سال 1941ع واري عالمگير جنگ وقت سرڪار کي ڏنا هئا ۽ اڄ تائين موٽائي نہ ورتا هئائين. سي وياج سميت ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر کي ڏياريا ۽ ٻي رقم بہ ترت ڏيڻ جو واعدو ڪيائين ۽ لکي موڪليائين تہ انڊوومينٽ (ڊراوت) سان ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جو خرچ هلائي. جيڪا سرڪاري گرانٽ ۽ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ گرانٽ اسڪول کي سال بہ سال ملڻي هجي سا بہ انهي دراوت ۾ شامل ٿيندي رهي.

انهي انتظام ٿي رهڻ کانپوءِ سال 1922ع جي شروع ۾ خانبهادر مير صاحب اسڪول جي نئين بلڊنگ ٺهرائڻ شروع ڪئي، جنهن ۾ اڄ تائين اهو اسڪول گورنمينٽ هاءِ اسڪول جي صورت ۾ هلندو رهي ٿو.

سال 1923ع ۾ موجوده بلڊنگ جو خاص ڀاڱو يعني پنج ڪلاس روم، هڪ هيڊ ماستر جي آفيس، ماسترس روم، بورڊنگ هائوس جي اتر طرف واري لائين ۽ بورچي خانو ڊائننگ روم، پرديسي ماسترن جي رهڻ لاءِ ڪواٽر ۽ جامع مسجد تيار ٿي چڪي هئي.

خانبهادر مير صاحب اسڪول تي نالو رکيو “لارينس مدرسو” ۽ تيار ٿيل بورڊنگ هائوس تي نالو رکيو گبسن بورڊنگ هائوس.

جنوري 1924 ۾ مونکي مير صاحب حڪم ڏنو تہ “اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس واريون مسواڙي جايون ڇڏيون ڪري، نئين تيار ٿيل بلڊنگ ۾ اچي اسڪول هلائي”. نئين بلڊنگ ۾ آفيس جو فرنيچر سڀ تيار ڪرايو ويو هو. بورڊنگ هائوس جا کٽولا بہ موجود رکيا ويا هئا. پوءِ جيئن شاگردن جو تعداد ۽ ماسترن جو تعداد ويو وڌندو، تيئن تيئن مير صاحب بلڊنگ ۾ ويو واڌارو ڪندو. تان جو بلڊنگ هاڻوڪي موجوده صورت ۾ قائم ٿي وئي.

نئين بلڊنگ جي جيڪا گرانٽ مير صاحب کي ملي، سا بہ اينڊومينٽ ۾ داخل ڪرايائين ۽ هڪ لک روپيا نقد ٻيا بہ ايڊيوڪيشنل انسپڪٽر صاحب کي روبرو ڪراچي ۾ ڏنئي، اينڊومينٽ فنڊ جي ڪل

موڙي اڍائي لک روپيا قائم ڪيائين.

اپريل 1924ع کان وٺي اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جو سڀ خرچ هر مهيني ايجوڪيشنل انسپڪٽر صاحب کان برابر ملندو هو. امتحان به تعليم کاتي جا آفيسر اچي وٺندا هئا. جيڪي ڇوڪرا ٽيو درجو پاس ڪندا هئا تن مان غريب ۽ هوشيار شاگردن کي مير صاحب پنهنجي خرچ سان سنڌ مدرسه ڪراچي يا گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ وڌيڪ تعليم لاءِ موڪليندو هو. بورڊن جو جيڪو تعداد سال به سال ايجوڪيشنل صاحب ڪندو هو تنهن کان جيڪڏهن ڪي وڌيڪ غريب شاگرد اچي سهڙندا هئا ته انهن جي ويسي مير صاحب پنهنجي هڙئون ڏيندو هو. ازانسواءِ غريب پرديسي شاگردن کي ڪتاب ۽ ڪپڙا به مير صاحب جي طرفان خيرات طور ملندا هئا.

سال 1925ع جي شروع ۾ مير صاحب اسڪول ۾ چوٿين درجي پاڙهڻ جي منظوري گهري، سا ملي. مگر ايجوڪيشنل انسپڪٽر زور رکيو ته هاڻي اسڪول جو هيڊماستر ڪو گريجوئيٽ رکڻ ضروري آهي. مير صاحب منهنجي هيڊماستر قائم رکڻ لاءِ زور لاتو مگر ايجوڪيشنل انسپڪٽر نه مڃو ۽ هڪڙو گريجوئيٽ هيڊ ماستر ڏياري موڪليائين ۽ آئون فرسٽ اسسٽنٽ ۽ بورڊنگ هائوس مئنيجر رکيو ويس. جو اسڪول مون پنجن شاگردن سان ۽ پنجاه روپيا ماهوار سان شروع ڪيو هو تنهن ۾ منهنجي چارج ڏيڻ وقت ڏيڊ سئو شاگرد هئا ۽ ست ماستر ڪم ڪندڙ هئا. اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جو ماهوار خرچ يارنهن سو روپيا هو. في بورڊ 72 هئا ۽ هر هڪ في بورڊ جو ماهوار خرچ ڏهه روپيا ملندو هو.

ڪجهه وقت فرسٽ اسسٽنٽ طور گذاري پوءِ مير صاحب کان منٿون ۽ آزيون ڪري موڪل ورتم ۽ واپس گورنمنٽ سروس ۾ وڃڻ جي درخواست ڪيم جا قبول پئي. فيبروري 1927ع ۾ شڪارپور ۾ وڃي پنهنجي مقرري واري جاءِ تي حاضر ٿيس.

⌘

# لاڙ جو املهہ ماڻڪ

## - قاضي عبدالمجيد ”عابد“

سنڌ ڪئين املهہ ماڻڪ پيدا ڪيا ۽ ڪندي اچي. ڳڻي ڳڻيندا سين ڪيترا. ڪي عامل هئا تہ ڪي ڪامل، ڪي عابد هئا تہ ڪي زاهد. ڪي سڀ ڪجهہ ڄاڻيندي اڻڄاڻ رهيا تہ ڪي ڪجهہ نہ ڄاڻيندي بہ سڄاڻ ۽ سڀوجهہ رهيا. عرض تہ سنڌ سچي هيرن جي کاڻ پئي رهي آهي. رڳو پارکن جي ڪمي جو ڪڏهن ڪڏهن شدت سان احساس ٿيندو آهي.

سنڌ جو لاڙ وارو حصو بہ ڪلراٺو ضرور آهي پر انسانذات جي خير ۽ ڀلائي چاهيندڙن جي هتي بہ کوٽ ڪانہ پئي رهي آهي. ارڙهين عيسوي صدي جي آخر ۾ ٽنڊي باگي جي ننڍڙي شهر ۾ خان بهادر مير غلام محمد خان ٽالپر مرحوم جي ذات گرامي جو وجود ۾ اچڻ هڪ اهڙي تہ املهہ ماڻڪ جي پيدائش هئي، جنهن پنهنجي گران بها عقل ۽ ادراڪ، مروت ۽ سڪا، انڪسار ۽ ايثار، اخلاص ۽ بي لوث خدمت سان هڪ اهڙي تہ مشعل روشن ڪئي، جنهن هن خطي جي تقدير ئي بدلي ڇڏي. جنهن جي طفيل گهڻن ئي جهڳي نشينن جي اونداهن جهڳن ۽ چونئرن ۾ اجالي جا چراغ ٻاريا ۽ ٻڪ، بيروزگاري، محرومي، مفلسي ۽ لاعلمي جي جاءِ تي علم، آسودگي، عزت، نفس ۽ غيرت حاصل ڪري ورتي. هي ڪو معمولي ڪارنامو نہ هو. لاڙ ۾ تونگر ٻيا بہ هئا. تازي طنبيلن ۾ ۽ ڪرها ڪڙهن ۾ ٻين وٽ بہ هئا. جاگيرون ۽ جائدادون، دولت ۽ عظمت، اثر رسوخ ٻين جي بہ حصي ۾ آيو هو. پشت بہ پشت خاندانن جي کوٽ ڪانہ هئي. مائٽاڻا ورثا ۽ مال متاع، هيرا ۽ جواهر، سون ۽ مين مڻن جي حساب سان ٻين اميرن ڪبيرن جي تهہ خانن جي تجوڙين ۾ بہ پيل هئا. ميڙن ملاکڙن، ڪچرين ۽

طوائفن، مجرن ۽ محفلن، بازن ۽ لشڪرن، ڪڪڙن ۽ ٻتيرن جي ويڙهن، ملهن پالڻ ۽ ڪتن جو لوڏون گڏ ڪرڻ، شيل ۽ شڪار تي بي حساب دولت لٽائڻ، گهوڙن ۽ شرطن لڙائڻ وارو اميراڻو ڪاروبار، مير غلام محمد خان بہ سولائي ۽ فراواني سان ڪري سگهيو ٿي ليڪن هن نيڪ مرد پاڻ کي سادگي جو پيڪر بنائي، پنهنجي علائقي جي اولين ضرورت، يعني فروغِ تعليم کي پنهنجو نصب العين بنايو ۽ ان لاءِ پنهنجي دولت کي بي دريغ کپائڻ ۾ ڪا بہ هٻڪ محسوس نہ ڪئي. آس پاس جي غريبن سان گڏ، اميرن جي چائنٺ لنگهي ويندو هو پر ڪنهن اليڪشن لاءِ ووٽ گهرڻ نہ بلڪہ فقط ان تلقين لاءِ تہ پنهنجي اولاد کي پڙهائين ۽ انسان بنائين. سندس قائم ڪيل ٽنڊي باگي جي مدرسي، پوري لاڙ جي باشندن جي جيڪا تعليمي خدمت ڪئي آهي سا محتاج بيان نہ آهي.

اج بہ هن آبشار مان ڪئين علم جا پياسا پنهنجي تشنگي مِٽائي سندس روح پر فتوح کي دعا ۽ خير سان ياد ڪن ٿا، جيڪا هڪ ابدي سبيل آهي.

وڏا وڏا نامور، وزير، بانڊبير، حاڪم با حڪمت، سياست جي ميدان جا شهسوار، جاگيردار، صنعتڪار، واپاري ۽ زميندار، محلن ۽ محلاتن جا مڪين، ملن ۽ ڪرنين جا مالڪ وسري سگهن ٿا، وسري ويا ۽ وسري ويندا، مگر خان بهادر مير غلام محمد خان مرحوم وسارڻ سان بہ نہ وسرندو.

# مرحوم مير غلام محمد خان ٽالپر
# باني لارينس مدرسہ ۽ هاءِ اسڪول ٽنڊو باگو

- محمد طالب لوهار

(منهنجي هن مضمون جو انحصار جناب مير نور حسين خان ولد مير حاجي شاهہ محمد خان ٽالپر جي روايتن تي آهي.)

هن ڪنڊ ۾ ڪيترين ئي قومون رهن ٿيون. سنڌ صوبي ۾ ڪيترين ئي قومون ٻاهران اچي آباد ٿيون آهن ۽ اصلوڪن رهواسين سان خلت ملت ٿي ويون آهن. تنهن هوندي بہ انهن جون ڪي ريتون رسمون پنهنجي پنهنجي جاءِ تي جدا جدا نمونن سان نروار آهن. جنهن وقت ۾ سنڌ تي ڪلهوڙا حڪمران حڪومت ڪندا هئا، ان وقت سنڌ ڪي آس پاس جي حڪومتن جي ڪاهن کان بچاءُ واسطي اهڙن قبيلن جي ضرورت هئي، جيڪي سنڌ تي ڪاهہ وقت سنڌ جو بچاءُ ڪري سگهن. انهي خيال ڪي مدِ نظر رکي ڪلهوڙن حاڪمن بلوچستان مان ٽالپر قبيلي جي جريح جوانن کي پنهنجي ملڪ ۾ هميشہ رهڻ لاءِ گهرايو. ڪلهوڙا حاڪم حڪومت بہ ڪندا هئا ۽ پيري مريدي بہ ڪندا هئا. تنهن ڪري آيل ٽالپر قبيلي جا ماڻهو پڻ ڪلهوڙن جي پيري مريدي ۾ داخل ٿيا. ان سان گڏ ڪيترا نوجوان ٽالپر فوج ۾ ڀرتي ٿيا ۽ سنڌ جي سرحدن جي بچاءُ ڪرڻ خاطر ڇانوڻيون هڻي رهڻ لڳا. اهڙيون ڇانوڻيون اڀرندي طرف عمرڪوٽ ۾، اتر طرف ڪشمور ۾، اولهہ ۾ کيرٿر جبل ۽ ڏکڻ طرف احمد راڄو روپاماڙي بدين لڳ هيون. جيئن تہ بلوچ نوجوان اصل کان مجاهدانہ طبيعت جا هئا ۽ نهايت رلڻا ملڻا، وفادار ۽ خيرخواهہ طبيعت جا هئا، تنهنڪري سندن اثر رسوخ عوام ۾ وڌندو ويو. ٻي طرف ڪلهوڙن حاڪمن جي ڪچ روي ۽ پاڻ ۾ خانہ جنگي ۽ رقابت سبب قوت پئجي چڪي هئي. تنهنڪري ڪلهوڙا حاڪم گهٽو ڪري حڪومت جي ڪمن کان غافل رهيا ۽ پنهنجي

اندروني خلفشار کي درست ڪرڻ ۾ لڳا رهيا. انھيءَ ماحول ۾ ٽالپرن پاڻ کي موڪيو ۽ عوام جي دلين ۾ گهر ڪري ويا. ڪلهوڙن حاڪمن کي اچي خوف دلين گير ٿيو تہ مبادا ٽالپر خاندان اسان کان حڪومت ڦري وڃن تنهنڪري پنهنجي گهرايل مهمانن ۽ معتقد مريدن کي نهايت شڪ جي نگاه سان ڏسڻ لڳا. ڪيترن نوجوان ٽالپرن کي بي گناه قتل ڪرايو ويو ۽ ساڻن جنگ جويانہ رويہ اختيار ڪيو ويو. انهي عرصي ۾ ۽ ڪلهوڙن جي غير منصفانہ رويہ کان تنگ ٿي عوام پڻ ڪلهوڙن جي خلاف ٿي بيٺو ۽ خاندان ٽالپرن کي همٿائڻ لڳو تہ ڪلهوڙن جي هن آزار واري حڪومت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪجي. تنهن ڪانسواءِ ڪلهوڙن افغانستان کان پناڻ لشڪر گهرائي مدد خان پناڻ جي سرڪردگي ۾ سنڌ ۾ هڪ وڏو ڪوس ڪرايو ۽ ڦرلٽ ڪرائي سنڌ کي تلف ۽ تاراج ڪرايو. انهن مڙني ڳالهين عوام کي ڪلهوڙن حاڪم خلاف ڪري وڌو. تنهنڪري ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي وچ ۾ هالاڻي ۾ سنہ 781 ع ۾ فيصلا ڪن جنگ لڳي. جنهن ۾ ڪلهوڙن هارايو ۽ ٽالپرن کي سوڀ حاصل ٿي. ان ڪانپوءِ 62 سالن تائين ٽالپرن سنڌ تي صاحبي ڪئي.

سنہ 1843ع جي منحوس سال ۾ سنڌ جي خودمختياري ۽ آزادي ختم ٿي ويئي ۽ انگريز راڄ شروع ٿيو جيڪو سال 1947ع ۾ وڃي ختم ٿيو.

ڪلهوڙن کان سنڌ فتح ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌ تي حڪومت هلائڻ لاءِ ٽالپرن چئن چٽن حاڪمن جي چؤياري مقرر ڪئي ويئي. تنهن ۾ مير باگو خان جو نالو ڪونہ هو. حالانڪہ ڪلهوڙن واري جنگ ۾ مير باگو خان پڻ هڪ وڏو جرنيل هو. جنهن کي پنهنجو جدا لشڪر هو جنهن پڻ جنگ ۾ ڀرپور حصو ورتو هو. مگر کيس ملڪي معاملات ۾ ڀاڱي ڀائيوار نہ ڪيو ويو. جنهن تان مير باگو خان تپيو مگر پوءِ بلوچ بادشاهن کيس پرچائي راضي ڪري ٽنڊي باڳي وارو خطو کيس جاگير طور ونئي ڏنو ۽ ان کي آباد ڪرڻ لاءِ سندس هڪ دوست شادي خان خاصخيلي جي معرفت هڪ وڏو واه نالي باگو واه ۽ شادي واه ڦليلي مان ڪوٽائي پنگريہ کان اڳتي وڃي پراڻ ۾ ڇوڙ ڪرايو جنهن تي آباديون ٿيڻ لڳيون. تنهن ڪانسواءِ مير نصير خان

۽ مير ماڻڪ وارن پڻ ﮬہ واه ڪوٽايا جيڪي تعلقي ڪي آباد ڪن ٿا. تنهن ڪري مير باگو خان شهر ٽنڊي باگي ۾ سڪونت اختيار ڪئي. جتي اڄ ڏينهن تائين سندس پويان آباد آهن.

## خاندان ۽ سندس وڏا

مير باگو خان جي پشت مان هڪ نالي وارو مرد مجاهد عوام جو هڏ ڏوکي، صاحب سخاوت مير غلام محمد خان ٽالپر سنہ 1876ع ۾ شهر ٽنڊي باگي ۾ مير محمد خان جي گهر ۾ تولد ٿيو مير محمد خان جو والد مير ولي محمد خان ٽالپر نهايت سخي ۽ درويش قسم جو ماڻهو هو. مير ولي محمد خان ٽالپر جي والد صاحب جو نالو مير غلام محمد خان ٽالپر (جاگيردار) هو. جيڪو مير باگي خان باني شهر ٽنڊي باگي جو پاٽڻيو هو. مير باگو خان مير مرزو خان ٽالپر ماڻڪاڻي ٽالپر جو ٻيو نمبر فرزند هو. جنهن کي ماڻڪاڻي ٽالپر سڏيو ويندو آهي.

## طالب علمي وارو زمانو ۽ تعليم

مير غلام محمد خان ٽالپر کي وقت جي دستور موجب ملان مڪتب ۾ پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو. جتي قرآن شريف پڙهڻ بعد سنڌي ۽ فارسي جي تعليم حاصل ڪيائون. فارسي جي تعليم گلستان ۽ بوستان تائين حاصل ڪئي. اسڪول جي زماني کان سندس اکر نهايت سنها ۽ صفا لکندا هئا. خطن ۾ بعض فارسي بيت ۽ مقولا استعمال ڪندا هئا.

## ڪتابن جو مطالعو ۽ شوق

مير صاحب کي علم ۽ ادب سان نهايت گهڻو شوق هو. سنڌي، اردو ۽ فارسي ڪتاب سندس مطالع هيٺ هوندا هئا. جن ۾ ڪي مذهبي، تواريخي ۽ علم تصوف ۽ ويدانت جا هوندا هئا. شاهه جو رسالو ڊاڪٽر گربخشاڻي جو تصنيف ڪيل هميشہ زيرِ مطالع هوندو هو.

سنڌي اخبارون انهي وقت جون سڀ گهرائيندا هئا. زندگي جي

پڇاڙي وارن ڏينهن ۾ ”تذڪره غوثيہ“ سندن خاص مطالع هيٺ هوندو هو.

## سياست سان واسطو

مير صاحب سندن وقت ۾ ملڪ ۾ هلندڙ آزادي جي تحريڪن ۾ حتي المقتدر گهٽ دان ڏيندو رهندو هو ۽ وقت جي سياست دان سان پورو پورو ساٿ ڏيندو هو.

## جاگيرداري

ٽالپر حڪمرانن جي وقت کان وٺي مير باگي خان ۽ ان جي پوٽين کي جاگير عطا ٿيل هئي. مير غلام محمد خان ٽالپر جو والد مير محمد خان ٽالپر پڻ انهي جاگير جو وارث هو. سندس ڏاڏو مير ولي محمد خان ٽالپر نهايت جهونو ٿي ويو ۽ زميندراي ڪم سنڀالڻ جهڙو نہ هو ۽ سڄي جاگير مقروض ٿي وئي. تنهن ڪري سنہ 1895ع ۾ مير غلام محمد خان ٽالپر برٽش سرڪار کي درخواست ڏني تہ سندس مٿين جاگير حڪومت پاڻ سنڀال هيٺ رکي ۽ ان جو ساليانہ معاوضہ پوٽين کي ڏنو وڃي. انهي سال 1895ع ۾ سندن ڏاڏو مير ولي محمد خان ٽالپر وفات ڪري ويو ۽ جاگير ڦري سندس والد مير محمد خان جي نالي ٿي. جيئن تہ مير محمد خان پڻ وڏي ڄمار جو هو ۽ سنہ 1911ع ۾ وفات ڪري ويو. ان کان پوءِ جاگير ڦري مير غلام محمد خان ٽالپر جي نالي ٿي. جيئن تہ جاگير سرڪار کان واپس مير محمد خان جي حياتي هوندي واپس ڏيڻ کي ملي چڪي هئي ۽ مير غلام محمد خان ٽالپر جيڪو مير محمد خان ٽالپرجو اڪيلو پٽ هو. تنهن ڪري انهي جاگير جو سنڀالو شروع ڪيو. جاگير ۾ رعيتي زمين جي ايراضي 2500 هزار ايڪڙ هئي. جنهن کي مير غلام محمد خان ٽالپر پنهنجي سنڀال هيٺ آندو. انهي وقت زميندراي جا ٻہ وڏا مرڪز هئا. هڪ ڪڏهرو ۽ ٻيو ماڇوري. انهي جائين تي پنهنجي هارين، ڪڙمين، ڪاسبين ۽ مزدورن وغيره جي ٻچن جي تعليم لاءِ مير صاحب ٻہ سنڌي اسڪول کولايا. نہ رڳو ايترو پر انهن اسڪولن سان گڏ بورڊنگ هائوس پڻ ٺهرايا.

جتي غريب شاگرد رهڻ لڳا ۽ انهن کي کاڌو پيتو گندي ڪپڙو ۽ ڪتاب وغيره سڀ ڪجھ مير صاحب طرف ملندو هو.

## انگريزي اسڪول جو خيال ۽ بنياد

جڏهن ته مير صاحب پنهنجي حياتي جي تجربي مان گھڻو ڪجھ پرايو هو ۽ مٿس اها ڳالھ واضح ٿي چڪي هئي ته تعليم جي واڌاري ڪانسواءِ ماڻهن جو سڌارو اچي نه سگهندو. ان زماني ۾ انگريزي تعليم جو وڏو چرچو هلندڙ هو. ازانسواءِ تعليمي تحريڪ جيڪا علي ڳڙھ کان سر سيد احمد خان شروع ڪئي هئي ۽ ان جي زيرِ اثر حسن علي افندي جي نگراني ۾ ڪراچي ۾ سنڌ مدرسة السلام هلي رهيو هو. تنهنڪري مير صاحب کي پڻ اهو خيال دامن گير رهيو هو ته شهر ٽنڊو باگو ۾ پڻ هڪ هاءِ اسڪول کولائجي، جتي نه فقط لاڙ جا ڇوڪرا تعليم وٺن بلڪ سڄي سنڌ جا شاگرد هتان فيض ياب ٿين. انهي پنهنجي تعليم رٿا کي عملي جامون پهرائڻ لاءِ ماستر محمد صديق "مسافر" سان صلاح مشورو ڪيو ويو جنهن نوڪري تان موڪل وٺي انگريزي اسڪول شروع ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. ان ريت 1920_1921 ڌاري ميمڻ پاڙي ۾ هڪ جڳھ مسواڙ تي ورتي وئي، جتي انگريزي ڪلاس مسٽر محمد صديق "مسافر" جي نگراني هيٺ شروع ڪيا ويا. ان انگريزي اسڪول سان گڏ بورڊنگ هائوس پڻ کوليو ويو. جتي ٻاهريان شاگرد رهڻ لڳا جن جي کاڌي، پيتي، گندي ڪپڙي ۽ ڪتابن وغيره جو خرچ پڻ مير صاحب پنهنجي هٿان ڏيندو هو.

## هاءِ اسڪول جي بلڊنگ ۽ گبسن بورڊنگ هائوس

انهي عرصي دوران ٽنڊي باگي شهر جي اوڀر طرف ڏني واري ڪاڻ جي ڪپ تي هڪ هاءِ اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جي عمارت مير صاحب پنهنجي خرچ سان تعمير ڪرائي ورتي. حڪومت جي تعاون حاصل ڪرڻ لاءِ هاءِ اسڪول جو نالو لارينس مدرسه ۽ هاءِ اسڪول ٽنڊو باگو رکيو ويو. ۽ بورڊنگ هائوس جو نالو گبسن بورڊنگ هائوس رکيو ويو. شاگردن

جي سهوليت لاءِ بورڊنگ هائوس جي پر ۾ هڪ عاليشان مسجد پڻ ٺهرائي وئي. سنہ 1923ع ڌاري هن نئين ٺهيل هاءِ اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس ۾ شاگرد اچي رهيا.

سنہ 24_1923 ڌاري هن هاءِ اسڪول جو پهريون هيڊ ماستر مسٽر عبدالرحيم ڪرمتي بلوچ بي.اي, ايل. ايل. بي مقرر ٿيو. جيڪو حيدرآباد ۾ وڪيل هو.

## هاءِ اسڪول ۽ بورڊنگ جي ڀلائي لاءِ 3 لک روپيا ڊپازٽ

هاءِ اسڪول ۽ هاسٽل کي هلائڻ لاءِ سرڪار وٽ ٽي لک روپيا بني وولنٽ فنڊ Benevolent Fund ۾ سرڪار وٽ ڊپازٽ طور رکيا, جيڪي اڄ ڏينهن تائين محفوظ آهن. ۽ فقط انهي جي وياج مان هاسٽل ۽ بورڊنگ جو خرچ هلي ٿو.

## شاگردن جي اعليٰ تعليم لاءِ ٻاهر موڪلڻ

مير صاحب شاگردن کي اعليٰ تعليم لاءِ ٻاهر موڪليندو هو. طب ۽ جراحت جي ڪم سکڻ لاءِ لاهور ۾ هڪ ڪاليج هو جتي ٻن حڪيمن هر هڪ پير احمد شاهہ ۽ سيد غلام مرتضيٰ شاهہ کي لاهور ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ٽن سالن جي ڪورس واسطي پنهنجي خرچ تي پڙهايو. جيڪي لاهور ڪاليج مان "ذبده الحڪماءُ" جو سرٽيفيڪيٽ حاصل ڪري آيا, جن اچي پنهنجون اسپتالون کوليون. پير احمد شاهہ ڪجھ وقت لاءِ ٽنڊو باگو شهر بولس شفاخانہ هلايو. مير صاحب کيس درماهہ پگهار ۽ کيس ٻيو عملہ مقرر ڪري ڏنو. دوائن وغيره جو خرچ پڻ پاڻ ڀريندا هئا.

ان ريت هڪ ٻي حڪيم مولوي عبدالستار ميمڻ کي دهلي جليہ ڪاليج ۾ چار سالن جو ڪورس ڪرڻ لاءِ موڪليو. جيڪو اتان فاضل طب و جراحت جو سرٽيفيڪيٽ حاصل ڪري آيو. جنهن کي مير صاحب پنهنجو ذاتي حڪيم ڪري رکيو.

تعليم جي سلسلي ۾ مير بنده علي خان ٽالپر ولد مير حاجي محمد

حسن خان ٽالپر ٽنڊي غلام علي واري کي پنهنجي خرچ تي اعليٰ تعليم لاءِ انگلينڊ (لنڊن) ٽن سالن لاءِ موڪليو.

عليگڙهه يونيورسٽي ۾ پنهنجي حاضري جي نوڪر جمع خاصخيلي جي پٽ مسٽر قادر بخش خاصخيلي کي اعليٰ تعليم لاءِ موڪليو. جيڪو پوءِ ٽنڊو باگو هاءِ اسڪول ۾ هيڊ ماسٽر ٿي رهيو.

شمس العلماءُ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽه کي پڻ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ڪثير رقم ڏني.

## ٻيا نيڪ ڪم

انهي ڪانسواءِ مير صاحب ٻيا ڪيترا نيڪي جا ڪم ڪيا ۽ شهر ٽنڊو باگو ۾ زناني تعليم لاءِ هڪ عاليشان گرلس اسڪول تعمير ڪرايو. جتي اڄ ڏينهن تائين نياڻيون تعليم حاصل ڪري رهيون آهن.

ديني تعليم لاءِ مدرسن کي ساليانه گرانٽ ڏيندا هئا. مولوي محمد عثمان ڀنڀرو شادي پلي کي عربي مدرسه لاءِ هڪ هزار روپيا ساليانه چندو ڏيندو هو.

## مير صاحب جو اولاد

مير غلام محمد خان ٽالپر چار شاديون ڪيون مگر ڪو به اولاد ڪونه ٻچيو. پاڻ بنا اولاد جي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. سندس چاچو مير حاجي غلام خان ٿيو. جنهن کان پوءِ سندس سلسلو هلندو اچي.

## وفات

مير صاحب جي وفات بابت ڪيترين ئي روايتون آهن پاڻ 12 فيبروري 1932ع جو هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري لاڙ کي هميشه جدائي جو داغ ڏئي ويا.

# مير غلام محمد خان
# ”تعليمي سرواڻ“

- ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل

اڄ مير غلام محمد خان ٽالپر کي اسان کان جدا ٿئي 39 سال ٿي چڪا آهن. تنهن هوندي بہ سندن ياد تازي آهي. مير صاحب لاڙجي غريب عوام جي عظيم خدمت ڪئي آهي. انهي جي جيتري بہ تعريف ڪجي ٿوري آهي. مرحوم مير غلام محمد خان جا ڪارناما سونهري لفظن ۾ لکڻ جي قابل آهن.

مير غلام محمد خان ٽالپر 1876ع ڌاري ٽنڊي باگي ۾ ڄائو هو. سندس ڏاڏي مير حاجي ولي محمد خان تي آخري عمر ۾ لکها رپيا قرض چڙهي ويو هو. جنهن ڪري ڪيس جاگير مئنجري کاتي ۾ ڏيڻي پئي. مير حاجي ولي محمد خان 1894ع ڌاري 70 سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي. ڏاڏي جي وفات کان 1909ع تائين يعني جاگير ڇٽڻ تائين مير غلا محمد خان کي هڪ آزمائشي دور مان گذرڻو پيو. مالي مشڪلات ڪري ڪيس هٿن مان ڪوڏرون هٽي پوک ڪرڻي پيئي ۽ هر هڪلڻان پيا. پوليس ۾ ڪنسٽيبل تي نوڪري ڪرڻي پئي ۽ اتان وري استعيفا ڏيئي عريضي نويسي جو پيشو اختيار ڪرڻو پيو. ايترين آزمائشن مان گذرڻ جي باوجود بہ مير صاحب حالات جي اڳيان نہ جهڪيو. مير محمد خان کي ويهارو کن ٻار ٿيا. جن مان فقط مير غلام محمد خان بچو هو. تنهنڪري هو ننڍي هوندي تمام لاڏ ۽ پيار سان پليو هو. ليڪن جڏهن وري زماني جي گردش ڪري مٿس ڏکيو وقت آيو تہ مردن جيان مقابلو ڪيائين.

1909ع داري جڏهن جاگير مئنيجري مان آزاد ٿي تڏهن مير محمد

خان اڄان تائين حيات هو. تنهن هوندي ۾ جاگير جي سنڀال مير غلام محمد جي حوالي ڪئي ويئي. پاڻ هڪ واقف ڪار زميندار کان چار هزار رپيا اڌارا وٺي جاگير کي آباد ڪيائين. سال جي آخر ۾ فصل لهڻ تي اڌارا ورتل پئسا موٽائي ڏنائين. مير صاحب پنهنجي ڪمدارن وغيره تي ڪڙي نظر رکندا هئا جئين تہ هاري ناري تي ظلم ۽ زيادتي نہ ٿئي. مير صاحب پنهنجي جاگير ۾ چوري چڪاري ٿيڻ بہ نہ ڏيندا هئا. انهن ڪوششن جو اهو نتيجو نڪتو جو غريب غربي سک جو ساهہ پٽيو. مير صاحب جي جاگير ۾ هر طرف امن امان قائم ٿي ويو ۽ دولت مير صاحب جا قدم چمڻ لڳي.

1914ع واري مهاڀاري لڙائي وقت مير صاحب هند سرڪار کي هڪ لک رپيا قرض طور ڏئي، زميدارن ۽ جاگيردارن ۾ پهريون نمبر کنيو. هند سرڪار خوش ٿي کين خان بهادر جو لقب ۽ او. بي. اي جو خطاب ڏنو.

مير صاحب جو سڀ کان وڏو ڪارنامو ٽنڊو باگو شهر ۾ انگريزي اسڪول جو بنياد وجهڻ آهي. مير صاحب محمد صديق "مسافر" جي مشوري سان ميمڻ محلي ۾ هڪ جڳهہ مسواڙ تي وٺي 1920ع ۾ هڪ درسگاهہ جو بنياد وڌو. اسڪول شروع ڪرڻ وقت شاگردن جو تعداد صرف پنج هو ليڪن هڪ سال اندر شاگردن جو تعداد وڌي وڃي چاليهارو کن ٿيو.

1924ع ۾ اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس لاءِ مير صاحب هڪ عاليشان عمارت ٺهرائي تيار ڪئي ۽ سنڌس شاگرد ۽ عملو نئي عمارت ۾ منتقل ڪيو ويو. هينئر اهو اسڪول "لارينس مدرسہ گورنمينٽ مير غلام محمد هاءِ اسڪول" سڏجي ٿو. اڄ سوڌي هن اسڪول مان هزارها شاگرد تعليم حاصل ڪري چڪا آهن. انهن مان ڪيترا اعليٰ سرڪاري عهدن تي فائز آهن.

مرحوم مير صاحب لارينس مدرسي جي هاسٽل لاءِ اڍائي لک رپيا بئنڪ ۾ رکيا. انهيءَ موڙي جي منافع مان اڄ بہ هاسٽل جو خرچ هلايو وڃي ٿو. مستحق شاگردن لاءِ رهائش ۽ خوراڪ مفت آهي. انهي کان علاوه مير صاحب اسڪالرشپون ڏئي ڪيترن لائق شاگردن کي طبيہ ڪاليج دهلي ۽ مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهہ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ موڪليندا رهندا هئا. مير صاحب ديني مدرسن ۽ تعليمي درسگاهن جي بہ دل کولي مدد

ڪندا هئا.

چيو وڃي ٿو تہ مير صاحب ڏيپلي هاءِ اسڪول لاءِ پنج هزار رپيا مدد طور موڪليا هئا. انهي ڪا علاوه مولوي احمد ملاح ۽ محمد عثمان ڀنڀرو کي سندن ديني مدرسن لاءِ پنج پنج سو روپيا ساليانا موڪليندا هئا.

مير صاحب هر لمحو ۽ هر گهڙي لاڙين جي وڏاري ۽ سڌاري لاءِ نت نيون اسڪيمون بنائڻ ۽ انهن رٿائن کي جلد عملي جامون پهرائڻ ٿي گهري.

مير صاحب 1928ع ۾ مير محلي ۾ هڪ عمارت ٺهرائي لوڪل بورڊ جي حوالي ڪئي تہ جئين زنانو اسڪول کوليو وڃي. مير صاحب جو خيال هو تہ نيم سرڪاري اداري جي قبضي ۾ هئڻ ڪري زنانو اسڪول خاطرخواه طريقي سان هلي سگهندو. مير صاحب جي ذاتي ڪوشش ڪري پهرين آگسٽ 1928ع تي ٽنڊي باگي ۾ زنانو لوڪل بورڊ اسڪول کليو. اسڪول جي پرديسي ماسترياڻين جي حوصلي افزائي لاءِ مير صاحب انهن کي خاص الائونس ڏيندا هئا ۽ سندن آرام ۽ آسائش جو بہ خيال رکندا هئا. مير صاحب انهن کي ڇهين ڇهين مهيني هرک جا بہ ٽاڪيا زاناني اسڪول ۾ موڪليندا هئا تہ ماسترياڻيون ڇوڪرين کي ڀرت جو هنر سيکارين. انهي ڪا علاوه نينگرين کان چرخي تي سُٽ پڻ ڪُترايو ويندو هو اهو سُٽ جڏهن ڪافي تعداد ۾ گڏ ٿي ويندو هو تہ مير صاحب انهي مان گلم ٺهرائي اسڪول ۾ انعام طور ڏيندا هئا. انهي ڪانسواءِ مستحق شاگردياڻين کي اسڪالرشپون پڻ ڏيندا هئا تہ جيئن هو پڙهائي ۾ دلچسپي وٺن.

مير صاحب تعليم کان علاوه خلق جا ڪيترا ڪم ڪيا. جيڪڏهن ٽنڊي باگي يا پسگردائي جو ڪو غريب ماڻهو علاج جي پهچ نہ رکندو هو تہ مير صاحب پنهنجي خرچ سان علاج لاءِ ڪيس حيدرآباد روانو ڪندا هئا. اهڙي قسم جي همدردي واري رويہ جي ڪري ڪيترن غريبن جون جانيون بچي پيون.

اپاهج ۽ معذورن کي مير صاحب هر ماه پگهارون پڻ ڏيندا هئا ۽ مستحقن جي هر طريقي سان مدد ڪندا هئا. سرءَ جي موسم ۾ ٽنڊي باگي

تعلقي جي عوام جي علاج ۽ سلامتي لاءِ پنهنجي خرچ سان بہ تي ڊاڪٽر گهرائيندا هئا جئين غريب غربي جو مفت علاج ٿي سگهي. آسپاس جي ماڻهن جي اهنجن جو خيال ڪندي مير صاحب 1923ع جي وچ ڌاري هڪ خيراتي دواخانو کولايو جنهنکي بولس شفا خانہ جو نالو ڏنو ويو. مير صاحب پري پري جي ماڻهن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو سڀ انتظام رکايو هو. مريضن کي ڊاڪٽرن جي هدايت مطابق کاڌو ۽ دوائون مهيا ڪيون وينديون هيون.

1931ع ۾ مير صاحب ٽنڊي باگي ۾ زناني اسپتال پڻ کولارائي. اسپتال جي انتظام ۽ مريضن جي علاج لاءِ وڏي پگهار تي هڪ يورپين ليڊي ڊاڪٽر پڻ گهرائي وئي هئي. مريضن جو ڏاڍي سٺي نموني علاج ڪيو ويندو هو. ٻاهر جي مريضن لاءِ رهائش ۽ خوراڪ جو پورو انتظام ڪيو ويو هو.

مير غلام محمد خان ٽالپر کي غريبن لاءِ همدردي جو جذبو ذات طور مليل هو. مير صاحب جي ذهن ۾ لاتعداد امنگون ۽ تمنائون هيون پاڻ چاهيائون ٿي تہ لاڙ جي جاهل باشندن کي پنهنجي زندگي ۾ وڏي اوج تي ڏسن. مير غلام محمد خان ٽالپر در حقيقت لاڙين جو محسن اعظم هو. کيس لاڙ جو سرواڻ ۽ رهبر چئجي تہ بہ بجا آهي. خانبهادر مير غلام محمد خان نت نيون رٿائون پيو رٿيون. لارينس مدرسي کي ڪاليج بنائڻ جو سندن ارادو هو ليڪن زندگي کين ايتري مهلت نہ ڏني ۽ پاڻ 12 فيبروري 1932ع تي لاڏاڻو ڪري ويا.

(بشڪريہ روزانہ مهراڻ حيدرآباد)

# پلائي جا پاڙا

- ڊاڪٽر اسد جمال پلي

ڪلهوڙن جي دور کي اسان جي سنڌي ادب خواه تعليم جو سونهري دور چئجي ٿو. ان جو خاص ڪري اولين سبب اسان جا مدرسا، مدرس ۽ انهن جو منظم ۽ مضبوط تعليمي نظام آهي. هن ئي دور ۾ اسان کي ابوالحسن جي سنڌي جو تحفو مليو جو اسان جي سنڌي زبان کي هڪ معتبر ۽ گهڻي سڌريل صورتخطي عطا ٿي. تمام ٿوري ڦير گهير سان هي صورتخطي اڄ بہ اسان جي نصاب جو معياري خط آهي. هن دور ۾ "درس نظامي" جا ڪتاب سنڌي ۾ لکجڻ شروع ٿيا. ادب جون تحريري شڪلون اچڻ شروع ٿيون ۽ رسالا وجود ۾ اچڻ شروع ٿيا.

علم جي واڌاري جو هيءَ سلسلو ٽالپرن جي دؤر ۾ اجان بہ وڌيڪ سگهہ سان هليو. عربي، فارسي ۽ سنڌي سان گڏ انگريزي زبان جو چوٻول بہ ٿيو. انگريزن انهي عرصي ۾ مرڪزي برصغير تي قبضو ڪري ورتو هو ۽ سنڌ ملڪ لاءِ غلامي جون زنجيرون اچي سنڌ جي سرحد تائين پهچايون. انهيءَ انگريزي هلچل اسان کي ڪيترن ئي انگريزي لفظن سان مانوس ڪيو ۽ جڏهن سنڌ ملڪ بہ انگريزن جي غلامي ۾ هليو ويو تہ اسان جي تعيلم جي نظام بہ نئون رنگ اختيار ڪيو. اسان جي ملڪ جا ڪيترائي سمجهدار ماڻهو هن ملڪ جي حالتن مطابق هلڻ ۽ انگريزن جي غلامي جي طوق مان آجو ٿيڻ لاءِ انگريزي زبان جي ڄاڻ کي تمام گهڻي اهميت ڏيڻ لڳا. ٻي طرف اسان جي سماج ۾ انگريزن کان نفرت سبب، انگريزي نہ پڙهائڻ تي بہ زور ڏنو ويو. هن صورتحال ۾ اگر ڪو ماڻهو پنهنجي اولاد کي انگريزي تعليم ڏيڻ چاهي تہ بہ نہ اسڪول موجود نہ وري ڪا سستي تعليم. پوري برصغير ۾ اهڙن ماڻهن کي مايوس ٿي ڪيو ويو جن ان ڏِس ۾ ڪوششون ڪيون پئي پوءِ اهو

ڇٺوري جو خانصاحب سائينداد خان ڇورو هجي، عليڳڙهہ جو سر سيد احمد خان هجي يا ٽنڊي باگي جو خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر هجي. هي سڀ وڏا ماڻهو هئا. انهن جون وقتي مخالفتون تہ ٿيون، پر پوءِ وقت گذرڻ سان سندن فيصلا صحيح ثابت ٿيا ۽ سندن فيصلن، ڪوششن ۽ ڪاوشن کي عزت ۽ احترام جي نگاهہ سان ڏٺو ويو.

وقت جي حڪمرانن بہ هنن فيصلن تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو. ٻيون سڀ ڳالهيون ۽ رايا پنهنجي جاءِ تي درست مگر انگريزن حڪمرانن جي هڪ ڳالهہ کي تہ قبول ڪرڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي ڪونهي تہ هنن سنڌي آئيوتا کي الف اشباع مان موجوده شڪل ڏني. سنڌ ۾ سنڌي زبان کي سرڪاري حيثيت ڏئي انگريزيءَ سان گڏ دفترن ۾ رائج ڪيو. ڊڪشنريون ٺاهي سرڪاري ڪاروهنوار ۾ سنڌي زبان کي اڌو اڌ شامل ڪيو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اسان جي ذاتي اٽوٽٽ سبب اسان اڳتي هلندي هن سفر ۾ پنهنجون منزلون منجهائي ۽ وڃائي ويناسين.

جڏهن بہ قومون پنهنجي ماضيءَ سان ۽ بزرگن جي ڪيل نيڪ ڪمن سان جوڳو ورتاءُ ڪنديون آهن ۽ غير سنجيده نعري بازي ۾ ڦاسي پونديون آهن تہ پوءِ ايندڙ نسل انهيءَ جي سزا ضرور ڀوڳيندا آهن. اسان پنهنجي تعليمي درسگاهن ۾ انگريزي زبان کي برداشت نٿي ڪيو ۽ انگريزي زبان جي تعليم کي پنهنجي مذهب جي تعليم لاءِ هاڃيڪار سمجهيو ٿي تہ اهو رويو غلط هو نہ تہ انگريزي اسانجي زبان نہ فارسي، پر فارسي کي اسان صدين کان پنهنجي حڪمران زبان قبول ڪريو وينا هئاسين. جڏهن انگريزن سنڌي زبان کي اسان جي قومي زبان قرار ڏني تہ بہ اسان وٽ ان جو ڪو قدر ۽ اڳتي ترقي نہ ٿي سگهي.

اڄڪلهہ اسان جي شهرن جي گهٽي گهٽي ۾ انگريزي اسڪول آهن. اسان جا ٻار پڙهن ٿا انگريزي اسين پيا احتجاج ڪريون تہ سنڌي پڙهايو. انگريزن جي دور حڪومت ۾ اسان جا جيڪي بہ سنجيده ۽ سمجهدار جاگيردار ۽ وڏيرا هئا انهن مان ڪيترن هن سلسلي ۾ اهم ڪم ڪيا. انهن سنڌ جي لاڙ جي وڏن ماڻهن ۽ مير باگي خان جي خاندان مان مير غلام محمد خان ٽالپر صاحب جون ڪوششون تمام اهم آهن.

مير صاحب 1919ع ۾ هڪ بينچ، هڪ ميز ۽ ٻن ڪرسين جي فرنيچر تي مشتمل هڪ انگريزي اسڪول شروع ڪيو. ڪيس بلاولي نسل مان سنڌي علم و ادب، جو تمام وڏو خدمتگار مرحوم محمد صديق "مسافر" جهڙو نيڪ سيرت انسان هٿ آيو جنهن مير صاحب طرفان ڏنل ابتدائي خرچ مان مَٽ، دلا ۽ هٿ سان لکيل رڪارڊ جو رجسٽر ٺاهي هڪ مسواڙي ڪمري ۾ اسڪول شروع ڪيو. "مسافر" مرحوم ٽنڊوباگو لڳ مولوي محمد حسن لغاري جي مدرسي مان لغاري صاحب جي فرزند سميت پنج شاگرد وٺي اچي بينچ جي پورت ڪئي ۽ انگريزي پهريون درجو شروع ڪرايو. مسافر جي محنت ۽ مير صاحب جي تاڪيد، همٿ افزائي ۽ ڏٽيپ سان 1921ع ۾ هيءَ اسڪول رجسٽر ٿيو. مسواڙ وارا ڪمر وڌيا. شاگرد 40 کان اضافي ٿيا ۽ فرنيچر بہ وڌيڪ ٺهيو بورچي ۽ اردلي رکيا ويا. هاسٽل لاءِ مسواڙ تي جاءِ ورتي وئي. هي سڀ خرچ مير غلام محمد خان ٽالپر صاحب خوشدلي ۽ فراخدلي سان ڪندو هئو.

مير غلام محمد خان ٽالپر پنهنجي دؤر جو وڏو ماڻهو هئو. سندس انگريز آفيسرن وٽ پڻ رسائي هئي. پاڻ ان وقت جي تعليم کاتي جي آفيسرن جي صلاح مصلحت سان اسڪول جي نالي انڊومينٽ (ڏراوتي) فنڊ قائم ڪيائون. هن فنڊ ۾ پاڻ پئسہ ۽ ڪجھ سرڪار طرفان مليل گرانٽ جمع ڪيائون. هي رقم ان وقت اڍائي لک روپيہ هئي. هن رقم جي وياج مان اسڪول جا مڪمل اخراجات هلايا ويا ٿي.

1922ع کان اسڪول جي بلڊنگ جو ڪم شروع ٿيو ۽ ان سان گڏ بورڊنگ هائوس جو ڪم بہ شروع ٿيو. مير صاحب جي فراخدلي، سخاوت، اڻٿڪ محنت، عشق ۽ قومي خدمت جي جذبي سان هي عاليشان عمارتون 1924ع ۾ مڪمل ٿيون ۽ اسڪول هنن نئين عمارتن ۾ منتقل ٿيو. مير صاحب پنهنجن ٻن سابق انگريز آفيسرن جا نالا هنن ٻنهي عمارتن تي رکيا. هاسٽل جو نالو "گبسن بورڊنگ هائوس" ۽ اسڪول جو نالو "لارينس مدرسو" رکيو. هي ٻئي انگريز آفيسر پنهنجن عهدن کان فارغ ٿي پنهنجي ملڪ پهچي چڪا هئا، پر مير صاحب پنهنجي دوستانہ تعلقات کي "رٽائر" ٿيڻ ڪونہ ڏنو هئو ۽ پنهنجن دوستن کي هميشہ ياد رکيو.

سر هينري لارينس 1919ع ۾ هندستان جو گورنر هئو. رئيس شمس الدين بلبل جي بہ ساڻس دوستي هئي. سر هينري لارينس مسلمان ليڊرن جي رهنمائي ۾ عام سنڌي مسلمانن جي ڀلائي لاءِ ايترا سنا ۽ جهجها ڪم ڪيا جو ان دور جا ڪي هندو عملدار کيس "اورنگزيب عالمگير" جي نالي سان سڏڻ لڳا. هڪ هندو ڪاليجي شاگرد مٿس پستول سان قاتلانہ حملو بہ ڪيو هو پر هو هن حملي ۾ محفوظ رهيو. (بحوالہ: ڪتاب رئيس شمس الدين، مصنف شمس الدين ابن ضيا ابن بلبل، پيڪاڪ پرنٽرس ۽ پبلشرس ڪراچي 2016ع).

سر هينري لارينس ڪيترن ئي نوجوان سنڌين کي نوڪريون ڏنيون ۽ ڪيترائي نيڪ مسلمان عملدار برصغير جي مختلف شهرن مان گهرائي سنڌ ۾ مقرر ڪيا، جن سنڌ جي مسلمانن جي وڏي خدمت ڪئي.

مير صاحب لاڙ جي هن ننڍڙي شهر جي شاگردن جي نہ صرف هتي تعليم جو بندوبست ڪيو پر ٽئي درجي جي پاس ٿيندڙ ٻارن مان هوشيار ٻار منتخب ڪري گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد ۽ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي موڪليندو هئو. انهن جي تعليم جي خرچ کان علاوه انهن ٻارن جي ڪپڙن ۽ ڪتابن جو ذمو بہ مير صاحب جو هئو.

مير صاحب پنهنجي دور جو آئيڊيل جاگيردار ۽ وڏيرو هئو. قدرت کيس اڻڳڻين انساني خوبين سان مالامال ڪيو. اصل ۾ مير صاحب جهڙا ماڻهو ئي وڏيرا هئا. هن دؤر ۾ بہ جيڪو جاگيردار يا وڏيرو پنهنجي اندر ۾ پنهنجي ديس وارن لاءِ اهڙو ئي درد رکي ٿو اهو ئي وڏيرو آهي، باقي سڀ زميندار چئبا پر "وڏيرا" نہ. "وڏيرو" اهو قومي اعزاز آهي جيڪو صرف قوم جي دردمند انسانن لاءِ مخصوص آهي. ان کان علاوه زميندار ئي آهن جن کي اسين ڀُل مان "وڏيرو" چئون ٿا. "وڏيرو" اهو جيڪو ڪم ۽ ڪردار جو "وڏيرو" هجي ڀلين وٽس زمينداري ٿوري هجي يا گهٽي. سنڌ ۾ جيڪي بہ اهم تعليمي سماجي ۽ بهبود جا ڪم اسانکي ماضي جي جهروڪن يا حال جي روشنين ۾ نظر اچن ٿا اهي سڀ يا وڏي ڪردار وارن وڏيرن ڪيا آهن يا انهن جي معاونت سان ٿيا آهن. انهن وڏن ڪمن جي وارثن کي اسين ڪيئن ٿا برو ڀلو چئون ۽ پنهنجي تاريخ جي روشن بابن کي اونداهو

ڪريون جهڙي طرح محمد صديق مسافر مرحوم سنڌي ادب جو "وڏيرو" هئو ۽ سندس تعليمي خدمتن جي پنيان لاڙجي هن وڏي جاگيردار مير غلام محمد خان ٽالپر جو هٿ هئو. اهڙي طرح هنن صاحبِ ڪردار وڏيرن "سنڌ" ڌرتي جي وڏي خدمت ڪري، پنهنجي سرزمين سان عشق جو ناتو نباهيو آهي. هن وضاحت بعد اسان ڪي سنڌ جي وڏيرن لاءِ چيل پنهنجي جملن ڪي چٽو ۽ واضح ڪرڻو پوندو ته اهي "زميندار" لاءِ چيل آهن نه ڪي وڏيري لاءِ.

مير صاحب، محمد صديق مسافرجي ماهوار پنجاهه روپيه پگهار، هڪ بينچ، هڪ ميز ۽ پنجن شاگردن سان جيڪو اسڪول 1919ع ۾ شروع ڪيو 1925ع ۾ ڏيڍ سؤ شاگردن ۽ سٽن استادن تائين پهتو ۽ پنجن ڪلاسن تائين رجسٽرڊ ٿيو.

محمد صديق "مسافر" پنهنجي "ڪلياتِ مسافر بمع منازل مسافر" ۾ نه صرف هي شاندار واقعا درج ڪيا آهن، پر مير صاحب متعلق شاعري به ڪئي آهي. فرمائي ٿو ته:

سمورو جاگير ۽ زمينون، نظر سياٽپ جي سان هلايئين
هو سرس سرڪار ۾ سمانو، ابو رعيت سندو هو سو ئي

مير صاحب جي وفات تي به مسافر غم ۾ مبتلا آهي ۽ هينئن ٿو اظهار ڪري ته

اي قلم! تحرير ڪرڻون، توکي اڄ تازو الم،
خانبهادر مير صاحب جو وسرڻو ناهه غم.
ڇا سندس رخ نور پريل، ڇا سندس دل صاف نيڪ،
ڇا سندس هئا عقل ۽ ويچار وارا نيڪ ڪم!

ٽنڊي باگي جي قمبراڻين جي مُکي ۽ ننڊي گلاب جي وڏي پڳدار مرحوم محمد صديق مسافر پنهنجن هنن شعرن ۾ مير صاحب جي نيڪ ڪمن جي خوب جهلڪ پسائي آهي. پوءِ اڳتي هلي مير صاحب جي شخصيت، ڪردار ۽ نيڪي ۽ ڀلائي واري ڪمن ڪي ذهن ۾ رکي جيڪو نظم لکيو آهي اهو نظم ته اسين پرائمري ۾ جهومندي پڙهندا ۽ ياد ڪندا هئاسين ته :

ڪرڻ آھي بھتر سيِن سان ڀلائي
چڱي ڳالھ اھڙي نہ ٻي آھي ڪائي
ڏني مھر سان جي ڏٽي توکي مايا
تہ ڪر تون غريبن، يتيمن تي ڇايا
ڀلائي ڪندين تان ڀلو تنھنجو ٿيندو
ڀلائي جا ڀاڙا، ڏٽي توکي ڏيندو

مير صاحب جي شڪل شبيھ بہ الله پاڪ سھڻي ناھي تہ اندر ۾ ھڪ نيڪ ۽ صاف دل بہ رکي. سنڌ ڌرتي، سنڌي زبان ۽ سنڌي سماج جي ترقي لاءِ پاڻ جيڪي ڪم ڪيائون اھي سندس اندر جي ڪردار جا گواھ آھن. لارينس مدرسہ ڪانسواءِ پاڻ جيڪو ٻيو اھم ڪم ڪيائون اھو آھي گرلس پرائمري اسڪول جو قيام. مير صاحب جنھن دؤر ۾ اھو ڪم ڪرڻ لاءِ ڪوششون پيو ڪري، ان دؤر ۾ اسانجي معاشري ۾ اھا سوچ رکڻ بہ وڏي ڳالھ ھئي بلڪ اھڙو خواب ڏسڻ بہ عجيب تي لڳو. ھن سخي مرد، محمد صديق مسافر جي حمايت سان ڇوڪرين جو اسڪول کولايو. حيدرآباد مان محترمہ مائي ڪتو (خديجہ) احمد يونساڻي کي ماسترياڻي طور گھرايو. سندس گھر واري کي گڏ آڻي ٽنڊي باگي ۾ رھايو ۽ اھو اسڪول بہ اڄ قائم آھي ۽ جيڪي بہ نياڻيون ھتان پڙھنديون ھيون اھي مسافر جي جستجو مائي (ڪتو) جي نياڻين جي تعليم لاءِ ڪنيل قدم ۽ مير صاحب جي نيڪين جي ضرور تعريف ڪنديون. ھن اسڪول بعد مير صاحب جي ٻي خواھش ھئي تہ ھڪ بس "لاري" جو بندوبست ڪجي جيڪا ڀرپاسي جي ڳوٺن مان نياڻين کي وٺي اچي ۽ موڪل بعد واپس ڳوٺ پھچائي. بس جي ھن سفر جو سوچيندي، مير صاحب جو روح پنھنجي ابدي سفر تي روانو ٿي ويو. پاڻ 12 فيبروري تي ھن دار فاني مان دار البقا ڏي راھي ٿيو. سندس نيڪ ڪمن ۽ نيڪ ڪردار جي خوشبوءِ ھميشہ سنڌ ڌرتي تي گھُلندڙ ھوائن ۾ مھڪندي رھندي.

ڪجھ عرصو پھرين مون محترم فيض ڪوسو، محترم پروفيسر ضرار رستماڻي سان گڏ جڏھن ھي ٻئي بلڊنگون ڏٺيون ۽ ماڻھو جي قد ڪان وڏا

لاٽا ڏنا تہ ڀٽائي جو بيت دل تي تري آيو تہ:

آٽي ٻڌم وڻ جاءِ، تہ مان مکڙيون چري،
ڪڏا تورو ڪرھو، لڪيو لاٽي ڪاءِ،
ان مئي سندي، ماءُ! مونکي ڳالھڙين ڳوڙھا ڪيو!

ھيءَ اسان جي سماجي روش سڄي سنڌ ۾ ھڪجھڙي آھي. اسين پنھنجن وڏن جي ڪردار کي وساري ويٺا آھيون. ايندڙ نسلن کي انھن بابت ڪا بہ آگاھي نٿا ڏيون. اسين پنھنجي بزرگن جي وڏين قربانين سان برپا ڪيل ادارن سان ڪھڙو رويو رکون ٿا، ڪٿي ايئن تہ ڪونھي تہ ڪُڏا ڪرتوت ڪرھي وانگيان اسين مکڙيون چڏي، لڪيو لاٽي پيا ڪائون.

⌘

# لاڙ جو ڏاتار

**- مشڪور ڦلڪارو**

حد درجي جو شوقين مير حاجي ولي محمد خان ٽالپر جيڪو پنهنجي شاهي شوقن سبب ايڏو قرضي ٿي ويو هو جو ڪيس پنهنجي اباڻي جاگير بہ مئنيجري ڪاتي ۾ ڏيڻي پئي. انهي ڪُٺي تَر ٿي ويل مير صاحب ڪي ڏسندي, ڪنهن ڪي اهو گمان ئي نہ هو, تہ سندس پوٽو اڳتي هلي لاڙ جو ابو ڻبو. ڪنهن اهو بہ نہ سوچيو هو. تہ پنهنجي غريب پيءَ محمدخان ٽالپر سان گڏ سڄو ڏينهن پورهئي ۾ هٿ ونڊائيندڙ سندس پٽ, اڳتي هلي نہ صرف سخي ڏاتار ٿيندو پر فيل مست انگريز سرڪار بہ سندس قرضي ٻڻبي, ۽ پنهنجي چاتي مٿان پيل ٿورن جي پهاڙ ڪي لاهڻ لاءِ ڪيس خانبهادر جو لقب بہ ڏيڻ تي مجبور ٿيندي. اهو بہ ڪو ڪوڙو ئي نہ ٿي لڳو, تہ تعليمي سهوليت نہ هئڻ سبب گهڻي تعليم نہ پرائي سگهندڙ مير غلام محمد ٽالپر اڳتي هلي, پوري لاڙ ۾ علم جا پهريان ڏيئا روشن ڪندڙ عظيم انسان جو نہ صرف تاريخي اعزاز ماڻيندو, پر سندس وفات ڪانپوءِ بہ اسڪول جو بورڊنگ هائوس سندس حياتي ۾ رکيل وڏي رقم جي منافعي مان سالن جا سال هلندو رهندو. حيرت ۾ وجهندڙ سنڌ جي تاريخ جو هي اهم ڪردار, سنڌ جي تاريخ جي ڪيترن ئي اهم ڪردارن جي قطار ۾ اڄ بہ سرخرو آهي . سندس يادگيري جو ڏيئو اڄان تائين هزارين ماڻهن جي روح جي گهراين ۾ روشن آهي. جنهن ڏيئي ڪي سندس وڇڙي وڃڻ بعد بہ 2017ع تائين گذريل پنجاسي سالن جا واچوڙا بہ وسائي نہ سگهيا آهن. حالانڪ هن وقت جن ماڻهن ميرصاحب ڪي سندس حياتي ۾ ڏٺو هوندو, انهن مان بہ ڪو هن وقت زندهہ نہ رهيو آهي. جنهن جي ڳالهين سان مرحوم مير صاحب جي يادن جو ويرون ورنديون هونديون. پوءِ ڪهڙي ڳالهہ آهي ؟ جو لاڙ جي هن مرد قلندر جي نہ صرف قبر تي ايندڙ هر ماڻهو عقيدت جا گل

اڇلائي ٿو پر اڄ لاڙ جي هر تعليمي اداري تي اڪ پوڻ سان ئي هن جي يادن جا طوفان اٿن ٿا. انهي ڪري هي لاڙ جو امر ڪردار ڪڏهن بہ وسري نہ سگهندو.

اڇو تہ اهڙي لافاني امرتا ماڻڻ جي سببن تي سوچيون، ٿورو غور ڪريون. ڏسون تہ امرتا ماڻڻ لاءِ ڪهڙين ڳالهين جي ضرورت آهي ، ۽ لوهہ کي سون بڻجڻ لاءِ ڪهڙي پارس جي ضرورت پوندي آهي. ۽ قطري کي ملهہ مهانگو ڪندڙ ڪهڙي شئي آهي. ڏسون تہ امرتا جي وڏائي ڪيئن ملندي آهي ، ۽ اها ڪٿان حاصل ٿيندي آهي، ڇو تہ اهو ئي زندگي جو فلسفو آهي، جنهن کي سمجهڻ تمام ضروري آهي.

ماڻهو کي وڏائي جي ميڄتا ماڻڻ لاءِ جيڪڏهن حڪومتي بادشاهہ هئڻ ضروري هجي ها، تہ پوءِ ميراڻي حڪومت جي بنياد وجهندڙ مير فتح علي خان ٽالپر جو نالو ، هن فقير منش مير صاحب کان تمام گهڻو مٿي لکيل هجي ها. ٿيو تہ ائين جو مير فتح علي خان ٽالپر جي مقبري جي بہ ڪنهن مرمت نہ ڪرائي، يا خود لاڙ علائقي جي مير حڪمران مير ٺاري خان ٽالپر ۽ ٽنڊي باگي جو اڏيندڙ مير باگو خان ٽالپر بہ تمام ٿورن ماڻهن کي ياد آهي. پر خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر اڄ بہ هزارين ماڻهن جي دلين ۾ ڌڙڪي ٿو.

تاريخ جي عدالت وڏي بي رحم عدالت آهي، هن عدالت جا فيصلا بہ سدائين حيران ڪندڙ رهيا آهن . پنهنجي وقت جا شاهي حڪمران تاريخ جي عدالتي ڪٽهڙي ۾ هيٺ ڪنڌ جهڪائي بيٺل هوندا آهن ، پر پنهنجي وقت جا فقير ۽ مسڪين ماڻهو تاريخ جي عدالتي ڪٽهڙي ۾ نہ صرف اوچي ڳاٽ بيٺل هوندا آهن، پر ڪين مليل شان تي سندن ڪيترائي نسل ۽ سندن قومون فخر ڪنديون آهن.

تاريخ جي عدالت ۾ سرخرو ٿيڻ جي ساهمي ۾ نہ عمر توري ويندي آهي، نہ دولت جا گڏ ڪيل قاروني انبار ئي مهانتا جو سبب بڻبا آهن. پر عمر موجب ڪيل عملن جا قدم ڳڻيا ويندا آهن. پوءِ ليڪو ڪرڻ بعد قدم ڳڻي، انهي برابر قد ڪيجي پوءِ امرتا جو تاج پارايو ويندو آهي. انهي لاءِ زندگي جي امرتا ڪنهن بہ رنگ، نسل، طبقي، اميري يا غريبي کي ڏسڻ

بجاءِ عملي قدمن جا رَندَ ڏسي، پيرا ڳٽيا ويندا آهن . پوءِ وقت جي پيري جي ڪنيل پيرن جي ڏُر ڪرڻ واري مَنزل تي، ليڪو چوڪو ڪري پوري حساب موجب مَيجتا جو سرٽيفڪيٽ ڏنو ويندو آهي. تاريخ فردن کي مليل اهڙن ميجتا جي سرٽيفڪيٽن جو جنرل رجسٽر آهي. جنهن ۾ خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر جو نالو بہ اهڙي شان سان لکيل آهي، جو هو سدا امر انسانن جي قطار ۾ اوچي ڳاٽ سان بيٺل رهندو.

امرتا جي سببن ڄاڻڻ لاءِ ڏسڻو اهو آهي تہ مير صاحب جي ميجتا جي سرٽيفڪيٽ ۾ اهي سندس ڪيل ڪهڙن ڪارنامن جون مارڪون آهن. جن کيس سرخرو ڪري مَهانتا بخشي آهي. انهي لاءِ اسان کي مير صاحب جي زندگي جو مختصر اڀو چنو پڙهڻو پوندو، پوءِ ئي اسان کي حيراني پيدا ڪندڙ سيني سوالن جا جواب آساني سان ملي پوندا، ۽ امرتا ماڻڻ جي گس جو پتو پوندو.

انهي لاءِ اسان کي تاريخ جي صفحن کي پڙهڻو پوندو. تاريخ ۾ مير صاحب جي سڦل زندگي بابت ڪجهہ پنا موجود آهن. پوءِ اهي پنا پڙهي، خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر جي جنم واري سال 1876ع کان سندس وفات فيبروري 1932 تائين وارن سالن جو ليکو چوڪو ڪري، پوءِ ڏسبو تہ مرحوم مير صاحب جي وڏائي جا ڪهڙا ڪارڻ آهن. جو هن جي مهانتا کي سون جيان ڪو ڪس نہ ٿو لڳي.

مير غلام محمدخان ٽالپر 1876ع ۾ جڏهن جنم ورتو هو، تہ سندس پيءُ جي ويهارو کن پيدا ٿيل ٻارن ۾ هي اڪيلو ٻار هو، جيڪو زنده بچيو هو. انهي ڪري پنهنجي پيءُ ماءُ جو هي ڪيترو لاڏلو هوندو، انهي جو اندازو لڳائڻ ڪو ايڏو ڏکيو ناهي. سندس ڏاڏو ميرحاجي ولي محمد خان ٽالپر قرضي هئڻ سبب پنهنجي جاگير مئنيجري ڪاتي ۾ ڏيئي، پاڻ تہ 1893ع ۾ وفات ڪري ويو. پر جاگير جي نہ هئڻ سبب سندس والد مير محمدخان ٽالپر باوجود غربت ۽ ڏکين حالتن جي بہ مٽس ڪک نہ سهندو هو. پر هي سپاڳو نوجوان جلد ئي پنهنجي پيءُ جو ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو، هن پوليس ۾ سپاهي جي نوڪري ڪئي، پر سندس انسان دوست طبيعت کي انهي نوڪري دوران بہ سڪون نہ مليو ان بعد هن ڪجهہ عرصو عريضي

نويسي جو ڪم بہ ڪيو. پر پنھنجي ميراڻي خاندان کي اباڻائي جو داغ لڳڻ نہ ڏنو. سادگي ۾ رھندي بہ ٻاھريون ميراڻو ٺٽ برقرار رکيو. اھو بہ سندس ئي ڀاڳ ھو جو ھن جو خاندان سندس جوان ٿيڻ بعد اميري طرف وڌڻ لڳو. ھن خاندان جا ڏکيا ڏينھن پنھنجي پڄاڻي کي پھچندا رھيا. سندس سڀاڳ کي ڏسندي، جڏھن 1909ع ۾ سندس پيءُ کي جاگير واپس ملي، تہ ھن ان جو سمورو ڪار وھنوار سندس حوالي ڪري ڇڏيو. نئين آزاد ٿيل جاگير کي ٻيھر آباد ڪرڻ لاءِ گھر ۾ ڪا رقم موجود نہ ھئي. انھي ڪري مير صاحب ڪنھن واقفڪار کا ن چار ھزار رپيا اڌارا ڪڍي، پنھنجي جاگير جون زمينون آباد ڪرايون. ڏينھن رات محنت ڪري نہ صرف رھيل سمورا قرض لاٿا. پر پنھنجي جاگير کي بہ جديد زرعي اصولن سان آباد ڪرڻ لڳو. ھي شايد سنڌ جو پھريون جاگيردار ھو جنھن ڪمداري سسٽم کي ختم ڪري، سڌو سنئون پنھنجي هارين سان رابطو رکيو. هارين جي ڏکن تڪليفن ۾ ساٿ ڏيندي اولاد جيان پيار ڪرڻ لڳو. ائين ھن پنھنجي جاگير جي هارين جي دلين تي پنھنجي حڪمراني قائم ڪري ورتي. سندس محبت کي ڏسندي، هاري بہ سندس جاگير جي زمين کي آباد ڪرڻ لاءِ ڏينھن رات محنت ڪرڻ لڳا. ھن سڀاڳي نوجوان جواني ۾ جوين جي سمورن شاھي شوقن کي ڇڏي، پنھنجي راڄ ڀاڳ جي پرگھور لھڻ شروع ڪئي. ڏسندي ئي ڏسندي ھي امير ترين سخي ڏاتار ٿي ويو. سندس اميري عوام آزار نہ پر مسڪين ماڻھن جو پرجھلو ٿي پئي.

1914ع ۾ پھرين مھاڀاري جنگ دوران برطانوي حڪومت طرفان زميندارن ۽ جاگيردارن کي قرض ڏيڻ جي اپيل تي، ھن حڪومت کي ھڪ لک رپيا قرض ڏيئي، سڀني زميندارن ۽ جاگيردارن کان پھريون نمبر ڪڍي خانبھادري جو لقب ماڻي ورتو. جنھن سبب ھن جو شمار برطانوي سرڪار جي انتھائي اھم ماڻھن ۾ ٿيڻ لڳو. ھن انھي مليل شان جي عيوض سرڪار کان ڪي بہ ذاتي فائدا نہ ورتا. پر ھن فرعونيت پسندي کان پاسو ڪندي، عوام جي دردن جي مستقل درمان لاءِ ھٿ پير ھڻڻ شروع ڪيا. ھن ذاتي مفادن تي اجتماعي مفادن کي ترجيح ڏني. جنھن مان سندس ايمانداري، حب الوطني ۽ غريب پروري جي پروڙ پئي ٿي. اھو پاڻ ارپڻ وارو

جذبو ئي هو. جنهن ڪانئس وڏا ڪم ڪرايا. جن ڪمن جي بنياد تي ڳوٺن ۾ سندس ڳالهيون ڳائجن پيون.

سندس ڪچهري ۽ ساٿ ۾ بہ محمد صديق مسافر جهڙا اهل علم ۽ اهل قلم ماڻهو شامل هئا. جن جي صحبت ۽ رهنمائي سان هن تاريخ ساز ڪم ڪيا. مثال طور هن مرحوم محمد صديق مسافر جي صلاح سان ٽنڊي باگي ۾ انگريزي اسڪول 1920ع ۾ هڪ مسواڙي جاءِ ۾ پنجن ٻارن جي داخلا سان شروع ڪرايو. هڪ سال اندر انهي اسڪول ۾ چاليهارو کن ٻار داخل ٿي ويا. مير صاحب اسڪول لاءِ چئن سالن ۾ هڪ عاليشان عمارت بہ تعمير ڪرائي ورتي. نتيجي طور 1924ع ۾ هي مسواڙي جاءِ ۾ شروع ڪيل اسڪول، سنڌ لارينس مدرسي جي عاليشان عمارت ڏانهن منتقل ٿيو. جتي شاگردن لاءِ عاليشان هاسٽل بہ ٺهرائي ويئي هئي، جتي پوري لاڙ جا ٻار اچي تعليم حاصل ڪرڻ لڳا. پڙهندڙ شاگردن جي رهائش ۽ کاڌ خوراڪ جو انتظام بہ ڪيو ويو. جاگيرداري آمدني جي گهٽ وڌائي ڪري، متان پڙهندڙ شاگردن جي مدد ۾ ڪا ڪوتاهي ٿي وڃي. انهي خدشي کي مستقل طور حل ڪرڻ لاءِ، مير صاحب اڳ ڳڻتي جي بنياد تي سڄاڻ دوستن جي صلاح سان اڍائي لک رپيا بہ بئنڪ ۾ هاسٽل جي خرچ پکي لاءِ رکي ڇڏيا، جيئن انهن پئسن جي منافعي واري رقم مان بورڊنگ هائوس هلندو رهي ، ۽ شاگردن کي ڪا تڪليف نہ پهچي.

ميرصاحب انتهائي رحمدل ۽ خداترس انسان هو. هو علائقي جي بيمار ماڻهن جو علاج حيدرآباد جي اسپتالن ۾ پنهنجي خرچ تي ڪرائيندو هو. ڪنهن حڪيم يا ڊاڪٽر نہ هئڻ سبب مسڪينن جي بي موت مرڻ کي ڏسي نہ سگهندو هو . انهي وقت لاڙ ۾ ڪي تربيت يافتہ حڪيم بہ موجود نہ هئا. انهي ڪري هن سنڌ ۾ علاج جي سهوليت کي عام ڪرڻ لاءِ تربيت يافتہ حڪيمن جي کوٽ پوري ڪرڻ جي ضرورت کي محسوس ڪيو. انهي مقصد لاءِ طبيہ ڪاليج دهلي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جي خواهشمند سنڌي نوجوانن کي اسڪالرشپون بہ ڏيڻ شروع ڪيون. جيئن وڏ ۾ وڏ حڪيم طبي تعليم وٺي اچي شفاخانا کولين. ۽ علاج جي سهوليتن جي کوٽ پوري ٿي سگهي. گڏوگڏ عليگڙهہ يونيورسٽي ڏانهن

سنڌ جي غريب شاگردن کي موڪلڻ لاءِ مالي امداد پڻ شروع ڪري ڇڏي. ٿر ۾ تعليم جي روشني پکيڙڻ لاءِ هن ڏيپلي هاءِ اسڪول لاءِ پڻ مالي امداد ڪئي. بدين ۾ مولوي احمد ملاح جي تعليمي مدرسي جون بہ مالي مددون جاري رکيون .هر سال مولوي احمد ملاح جي مدرسي لاءِ امداد طور ساليانو پنج سئو رپيا بہ باقاعدي مقرر ڪري ڇڏيا. مير صاحب کي نياڻين جي تعليم جو بہ اونو هوندو هو. انهي مقصد لاءِ هن 1928ع ۾ ٽنڊي باگي ۾ گرلس اسڪول قائم ڪرڻ لاءِ لوڪل بورڊ کي نہ صرف عمارت ٺهرائي ڏني. پر پري ڪان ايندڙ ماسترياڻين لاءِ پڻ خاص الائونس پنهنجي کيسي مان ڏيڻ شروع ڪيو. شاگردياڻين ۾ علمي چاهہ پيدا ڪرڻ لاءِ هن نياڻين کي اسڪالرشپون پڻ ڏيڻ شروع ڪيون. هن لوڪل بورڊ گرلس اسڪول ۾ هنري سکيا پڻ شروع ڪرائي. جنهن ۾ نياڻين کي ڀرت سان گڏ، چرخن تي سُٽ ڪتڻ جي تربيت ڏني ويندي هئي. هن گرلس اسڪول ۾ پڙهندڙ نياڻين جي ڪتيل سُٽ مان، مير صاحب گلم ٺهرائي واپس اسڪول جي نياڻين کي تحفي طور ڏيڻ شروع ڪيا. جيئن نياڻين ۾ هنر سکڻ جو شوق پيدا ٿئي. نياڻين کي ڀرت ڀرڻ لاءِ ڪپڙا پڻ وٽي ڏيندو هو. جيئن نياڻيون تعليم سان گڏ هنر سکي سماج ۾ شانائتي نموني جيءَ سگهن، ڳوٺن ۾ بہ گهرو هنرن جو شوق پيدا ٿئي، ۽ ٻهراڙين مان غربت بہ ختم ٿئي.

1927ع هن ٽنڊي باگي ۾ هڪ خيراتي اسپتال پڻ "بولس شفاخانو" جي نالي قائم ڪئي. جتي مريضن جي علاج جو سمورو خرچ، دوائون، رهائش ۽ کاڌ خوراڪ جو بندوبست مير صاحب جي طرفان ڪيو ويندو هو. 1931ع ۾ مير صاحب هڪ انگريز ليڊي ڊاڪٽر گهرائي هڪ زناني اسپتال بہ قائم ڪرائي. جتي مريض عورتن جي علاج جو سمورو خرچ مير صاحب پاڻ ڀريندو هو.

مير صاحب، بيوهہ عورتن، يتيمن، محتاجن لاءِ بہ باقاعدي وظيفہ ۽ امدادون بہ پنهنجي آمدني مان مقرر ڪيون. سندس در تان ڪڏهن ڪو بہ سوالي خالي نہ موٽيو. هي پنهنجي دور جو هڪ اهو سخي ڏاتار هو. جنهن صرف خيراتون ڏيئي پينوءَ فقير پيدا نہ ڪيا، پر غربت کي دور ڪرڻ لاءِ مستقل بنيادن تي، نہ صرف ادارا ٺاهيا، پر انهن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ

جا بہ جتن ڪيا. هن پنهنجي پر ۾ چاپلوس ماڻھن ڪي ويھارڻ بجاءِ محمدصديق مسافر جهڙن پرخلوص انسانن کي نہ صرف مان ڏنو. پر سندن قيمتي مشورن تي عمل بہ ڪيو. اهڙن مخلص ماڻھن جي نيڪ صلاحن سندس زندگي جي عرصي ۾ ڪارنامن جا اڻ مٽ رنگ پريا.

مير صاحب جي ذهن ۾ اڃان بہ الاجي ڪيترائي روشن خواب ۽ تعميري منصوبہ هئا. پر افسوس 1932ع ۾ سندس وفات بعد اهي سڀ خواب اڌورا رهجي ويا .

اهو ئي تاريخ جي صفحن ۾ مير صاحب جي حياتي جو اڇو چٽو هو. هاڻي انهي چٽي جي بنياد تي اچو تہ ليکو چوکو ڪريون. جيئن سندس مهانتا جي راز کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي.

مير صاحب 1876ع ڌاري جنم ورتو ۽ 12 فيبروري 1932ع ۾ ڇاونجاهہ سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. مير صاحب جي جواني جا سال غربت ۾ گذريا. سندن خاندان جي غربت جو اهو حال هو. جو جڏهن 1909ع ۾ کين جاگير واپس ملي، تہ ان کي آباد ڪرڻ لاءِ وٽن ڪا رقم موجود نہ هئي. مجبوري جي حالت ۾ سندن جاگير کي آباد ڪرڻ لاءِ بہ مير صاحب کي هڪ واقفڪار کان قرض کڻڻو پيو. انهي ڪري 1914ع جي مهاڀاري جنگ ۾ سرڪار کي قرض ڏيڻ واري حيثيت حاصل ڪرڻ بعد ئي هن کي سندس خدمتن واري دور جي ليکي جي حساب ۾ ڳڻبو. هاڻي جيڪڏهن 1915ع کان پوءِ سندس باقي زندگي جو ڳاڻيٽو ڪبو. تہ سندس خدمتن ڪرڻ جي لائق حياتي جا باقي سترهن سال بچن ٿا. صرف سترهن سالن جي ننڍڙي عرصي ۾ سندس ڪيل خدمتن جا آسمان جي بلندين کي ڇهندڙ ڪارناما ئي آهن، جن مير صاحب کي هميشہ لاءِ حيات جاوداني بخشي آهي. سندس ڪارنامن جي لسٽ سندس سَرنديءَ وارن سترهن سالن کان تمام گهڻي ڊگهي آهي. انهي ليکي ڪرڻ کانپوءِ خبر پئي، تہ هو هڪ پل بہ خدمت خلق ڪرڻ کان غافل نہ رهيو. اها ئي ميرصاحب جي وڏائي هئي، جنهن هن کي تاريخ جي بي رحم عدالت ۾ سرخروءَ ڪيو آهي. واقعي! هو وڏو سخي نہ، پر وڏو ڏاتار هو. شال سنڌ وري ڪنهن اهڙي سخي ڏاتار کي جنم ڏيئي سگهي. جيڪو تاريخ جي بي رحم

عدالت جي ڪٺهڙي ۾ اوچي ڳاٽ سان بيهي، سنڌ جي مٽيءَ جو مان مٿانهون ڪري. شاهہ صاحب اهڙن ئي امر ڪردارن بابت چيو هو تہ :

پَرچي تہ پٽَ پَري، ڏَمرجي تہ بہ ڏي ،
جُنگ جَڪري ڪي، ٻئي چَڱايُون چِتَ ۾.

# جکرو جسکرو

**- تاج جويو**

خانبهادر مير غلام محمد ولد مير محمد خان ٽالپر 1876ع ۾ ٽنڊي باگي ۾ پيدا ٿيو. سندس تعلق ٽالپرن جي مشهور مانڪاڻي خاندان سان هو. مير غلام محمد ٽالپر جون هونئن ته ڪيتريون ئي سياسي، سماجي ۽ علمي ادبي خدمتون آهن، پر هن لاڙ ۾ تعليم جي ڦهلاءَ لاءِ تمام گهڻيون ڪوششون ڪيون. اتان جي ماڻهن ۾ تعليمي سجاڳي آڻڻ لاءِ نه رڳو ٽنڊي باگي ۾ لارينس مدرسي ۽ مير غلام محمد گورنمينٽ هاءِ اسڪول جو بنياد رکيائين، پر انهن جون عمارتون به پنهنجي ذاتي خرچ تي تعمير ڪرايائين، هن شاگردن جي رهائش، کاڌخوراڪ ۽ ڪپڙي لٽي جو بندوبست به پنهنجي ذمي ڪنيو. ان دور ۾ جڏهن لاڙ واري علائقي ۾ غريب ماڻهو تعليم جو تصور ئي نه ٿي ڪري سگهيا، تڏهن هن اتي مفت تعليم شروع ڪري غريبن جي ٻارن کي هڪ وڏو موقعو فراهم ڪيو ۽ سندس هن خدمت واري جذبي لاتعداد ماڻهن جي زندگي سنواري.

مير صاحب نامياري تعليمدان، شاعر ۽ اديب محمد صديق "مسافر" کي ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد مان پنهنجي ڳوٺ وٺي آيو ۽ ان جي مدد سان تعليمي سلسلو شروع ڪيائين. ٽنڊي باگي ۾ چئن پنجن ٻئنچن ۽ ڪجھ ڪرسين ۽ ٽيبلن سان هڪ مسواڙي جڳھ ۾ شروع ڪيل هي اسڪول ٿورن ڏينهن اندر پوري علائقي جو تعليمي مرڪز بڻجي ويو. ان دور ۾ هڪ انگريزي اسڪول شروع ڪرڻ ۽ ان کي ڪاميابيءَ سان هلائڻ ڏاڍو جاکوڙ طلب ڪم هو پر مير غلام محمد ۽ محمد صديق "مسافر" جي گڏيل محنت ۽ ڪوشش سان هي سلسلو ڪامياب ٿيو. محمد صديق مسافر پنهنجي ڪتاب "منازل مسافر" ۾ ان سموري ڪهاڻيءَ کي تفصيل سان بيان ڪيو آهي.

هڪ هنڌ محمد صديق "مسافر" لکيو آهي ته: "مرحوم خانبهادر مير صاحب جو وقت بوقت اهو ئي چوڻ هوندو هو ته خرچ منهنجو ۽ محنت ۽ ايمانداري تنهنجي، ڪڏهن به دل سست نه ڪجان". خانبهادر مير غلام

محمد خان ٽالپر نہ رڳو چوڪرن، پر نياڻين جي تعليم لاءِ بہ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. 1928ع ۾ محمد صديق مسافر جي سهڪار سان مير صاحب حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج جي پريڪٽس اسڪول مان هڪ ماسترياڻيءَ کي پنهنجي پوري ڪٽنب سميت ٽنڊي باگي ۾ رهايو ۽ اُتي نياڻين جو اسڪول شروع ڪرايو ۽ اُن ماسترياڻيءَ ۽ سندس پوري ڪٽنب جي رهائش، ڪاڌ خوراڪ وغيره جو خرچ پنهنجي ذمي ڪنيو. مير صاحب جي هن ڪوشش جي نتيجي ۾ لاڙ جي پري پري وارن علائقن مان نياڻيون اچي تعليم جي زيور سان آراستہ ٿيون.

هن نہ رڳو تعليمي حوالي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪيو پر غريب ۽ ضرورتمند ماڻهن جي مدد لاءِ بہ هر وقت حاضر رهندو هو. جيڪو بہ ڪنهن گهرج لاءِ سندس دروازي تي ايندو هو، اهو خالي واپس نہ موٽندو هو. 1914ع ڌاري پهرين مهاڀاري لڙائيءَ دوران هن هندستان سرڪار کي هڪ لک رپيا قرض طور ڏيئي زميندارن ۽ جاگيردارن ۾ پهريون نمبر ماڻيو ۽ سرڪار سندس خدمتن کي ساراهيندي کيس "خانبهادر" جو لقب ۽ "او. بي. اي" جو خطاب ڏنو. 1924ع ۾ مير صاحب اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس لاءِ عاليشان عمارتون تعمير ڪرايون، ان کان سواءِ اسڪول جي هاسٽل لاءِ اڍائي لک رپيا بئنڪ ۾ انڊومينٽ فنڊ طور رکيائين. اڄ ضرورت آهي تہ اسان سندس قائم ادارن جي پرگهور لهون، پر اُنهن جي مالڪي بہ ڪريون، ۽ مير صاحب جي تعليمي مشن کي اڳتي وڌايون، ۽ تر ۾ تعليم جي بهتريءَ لاءِ ڪم ڪري سندس روح کي راحت پهچايون. مير غلام محمد خان هاسٽل ۾ غريب ۽ مستحق شاگردن لاءِ رهائش ۽ خوراڪ جو مفت بندوبست هوندو هو. خانبهادر مير صاحب پنهنجي سموري ملڪيت غريبن ۽ مسڪينن جي فلاح لاءِ اسڪولن قائم ڪرڻ، شفاخانن هلائڻ، شاگردن کي اسڪالرشپون ڏئي اعليٰ تعليم لاءِ ولايت موڪلڻ ۾ خرچ ڪئي. لاڙ جي هن سخي دل انسان، 12 فيبروري 1932ع تي وفات ڪئي.

⌘

# ورسي ڇو ۽ ڇا لاءِ؟

**- بشير سيتائي**

ورسي کي دراصل نہ تہ ڪنهن جشن جي ڏينهن سان تعمير ڪري سگهجي ٿو ۽ نہ ان کي ڪنهن سوڳ جي مترادف قرار ڏيئي سگهجي ٿو. ورسي جو مفهوم آهي، ڪنهن بہ افضل ۽ بزرگ شخصيت جي ياد کي تازو ڪرڻ. نہ فقط انجي شخصيت کي ياد ڪرڻ بلڪ انجي فعلن ۽ قولن کي دهرائڻ. اڄ ڪلهہ جي دور ۾ عام طرح ورسيون شخصيت پرستي جي جذبي هيٺ ملهايون پيو وڃن. بعض حضرات فقط پنهنجي عزيزن قريبن يا سنگتين، صحبتين جون ورسيون ملهائي انهن کي دنيا ۾ چمڪائڻ ۽ ٻي طرف انجي موٽ ۾ پنهنجا مفاد پورا ڪندا آهن. هن دور ۾ اهڙين ورسين ملهائڻ جو ڪو بہ سبب ۽ جواز نہ آهي . اهڙا ماڻهو ڌڪار ۽ نفرت لائق آهن. سوال ٿو اٿي تہ آخر ورسي ڪنهن جي ملهائجي ۽ ڇو ۽ ڇا لاءِ ملهائجي؟ انهن سوالن جي جواب تلاش ڪرڻ کان اڳ اسان کي هيٺيون ڳالهيون ڌيان ۾ رکڻيون پونديون.

1۔ جنهنجي ورسي ملهائجي ٿي تہ ان پنهنجي زندگي ۾ انسان ذات لاءِ ڪي بہ ڪم ڪيا آهن يا نہ؟

2۔ ڇا هن پنهنجي مفادن کي قربان ڪري بني بشر جي مفادن ۽ حقن لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي يا نہ؟

3۔ ڇا هن اڪثر و بيشتر اهڙا ڪم ڪيا آهن يا نہ؟ جي وقت ۽ حالت پٽاندر ٻين طرفان ٿيڻ مشڪل هئا؟

4۔ ڇا هن ظلم ۽ تشدد، جهالت، انسان سوزي ۽ وحشانيت خلاف جدوجهد ڪئي آهي يا نہ؟

5_ ڇا هن امن ۽ ڀائيچاري، اتحاد، اخوت، انسانيت، تعليم ۽ ماڻهن جي ترقي لاءِ زندگي وقف ڪئي آهي يا نہ؟

مٿين سوالن جا جواب جيڪڏهن ها ۾ ملن تہ پوءِ بيشڪ اسانکي اهڙن بزرگن يا نيڪ مردن جون ورسيون ملهائڻ گهرجن. جيڪڏهن مٿين سوالن جا جواب نہ ۾ آهن تہ پوءِ انهن جي ورسي ملهائڻ بي سود ۽ اجائي ٿيندي. اهڙيون ورسيون ڪن چند شخصن جي مفادن جي حصول جو هڪ ذريعو هونديون آهن. اسان کي اهڙي ورسين جي لاءِ نہ صرف تعاون نہ ڪرڻ گهرجي پر هر طرح اهڙين ورسين جي مخالفت ڪرڻ گهرجي. اهڙين ورسين ملهائڻ جو ڪو بہ ضرور نہ آهي. سواءِ وقت ۽ پيسي جي زيان ۽ نلهي نمائش جي، ٻيو ڪو بہ ڪڙتيل نہ نڪرندو. مگر اهي بزرگ جن انسان ذات لاءِ عظيم ڪارناما سرانجام ڏنا آهن، انهن جي حقن لاءِ لڙيا آهن، هر ظلم ۽ تشدد خلاف جدوجهد ڪئي اٿن، قوم ۽ ملڪ جي تڪليفن کي دور ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون اٿن، ڏينهن ڏکيا گذاري، راتيون جاڳي ستل ضمير بيدار ڪيا اٿن، بي شعور انسانن کي باشعور ۽ جاهل انسانن کي تعليم جي زيور سان آراستا ڪيو اٿن، خود جيئڻ ۽ ٻين کي جيئڻ سيکاريو اٿن، حيوانيت ۽ انسانيت جو فرق سمجهايو اٿن، حق چوڻ، حق سمجهڻ ۽ حق تي هلڻ جي راه ڏيکاري اٿن. اهي بزرگ، اهي اسان جا محسن اڄ بہ قابلِ تعظيم ۽ احترام لائق آهن ۽ مهينن، سالن ۽ صدين کان پوءِ بہ رهندا. انهن جي زندگي اسان لاءِ حياتي جي انڌيرن ۾ مشعل راه هوندي ۽ اسان انهن جي قول ۽ فعل سان فائدو حاصل ڪري پنهنجي ترقي ۽ خوشحالي، اخلاقي ۽ بلند خيالي جون راهون هموار ڪرڻ جي اهل ٿينداسين.

جيئن تہ هي زمانو آهي. هن ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو وسن ٿا. هڪڙا شر پسند ۽ ٻيا خير پسند. شر پسند اهي جيڪي پاڻ بہ گندا آهي ۽ ٻين کي بہ گندو ڪرڻ ۽ بنائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ خير پسند اهي جيڪي پاڻ بہ صلح و امن، اخوت ۽ اتحاد جا داعي آهن ۽ دنيا ۾ بہ ان کي قائم ڪن ٿا. شر پسند دنيا کي جهنم بنايو ڇڏين. جڏهن تہ خير پسند دنيا کي هڪ مثالي دنيا بنائڻ لاءِ ڪوشان رهن ٿا. عموماً ڏٺو ويو آهي تہ دنيا ۾ خير پسند،

ڪي خير سان گهٽ ئي آهن. جن هميشھ دنيا ۾ امن، صلح ۽ ڀائيچاري لاءِ پاڻ پيڻ پتوڙيو آهي. انسانيت جو ڳاٽ اوچو پيڻ ڪيو آهي ۽ رنگ، نسل، مذهب جي امتياز بغير پيڻ پاڻ موڪيو آهي ۽ معاشري جي ترقي ۾ هٿ پيڻ ونڊايو آهي. جڏهن لاڙ جي اهڙين هستين جو ذڪر هلندو تڏهن خان بهادر مير غلام محمد خان ٽالپر جو نالو ضرور سرِ فهرست شمار ٿيندو. اهو منهنجو فيصلو نھ آهي بلڪھ مير صاحب جي ڪيل پوري زندگي جي ڪارنامن جو فيصلو آهي. اهو منهنجو فيصلو نھ آهي بلڪھ ان ماضي جو فيصلو آهي جو اسانجي ميراث آهي. اهو منهنجو فيصلو نھ آهي بلڪھ انهن سڀني انسانن جو فيصلو آهي جن اڪين سان مير صاحب کي ملڪ ۽ قوم لاءِ ڏينهن ۽ رات ڪم ڪندي ڏٺو هو. اهو منهنجو فيصلو نھ آهي بلڪھ انهن دلين جو فيصلو آهي جيڪي تعليم جي زيور سان منور ٿيون آهن ۽ اهو انهي سڀني جو فيصلو آهي جيڪي ان محسن مير جو احسان اڄ بھ پنهنجي من سان مڃي رهيا آهن.

هن قوم لاءِ ڇا نھ ڪيو هن پنهنجي قوم کي ڪهڙي حالت ۾ ڏٺو هو ۽ پوءِ ڪيئن نھ سندس دل ماڻهن جي ابتر حالت ڏسي زارو قطار رني هئي. مان تھ ائين چوندس تھ مير صاحب هن خطي ۾ هڪ شفيق پيءُ جي مثال هو جنهنجي دل تمام پيار ۽ محبت سان ڀريل هئي ۽ سڀ ماڻهن ان کي اولاد جيان نظر ايندا هئا. هن ڏٺو تھ منهنجو اولاد ڪيترو نھ انڌيري ۾ آهي، منهنجو اولاد ڪيڏو نھ پست حالي ۾ آهي. منهنجو اولاد ڪيڏو نھ جاهل آهي. منهنجو اولاد ڪيڏي نھ حقير زندگي پيو گذاري. هن ڏٺو ڪيڏا نھ مجبور آهن. جهالت جي اونهي کڏ ۾ آهن، هر ڏاڍي جو ڏنڀ پيا سهن، هر ستابي جون سمهون سهن پيا، مير صاحب جي دل ڏسي ڏسي ڀرجي آئي. پنهنجي قوم جيڪا هن جي اڳيان مثل اولاد هئي، ان جي حقير زندگي هن کان ڏٺي نھ ٿي. هن سوچيو هن تهيو ڪيو تھ هنن ماڻهن ۾ جيڪڏهن سجاڳي ايندي تھ تعليم سان هنن ۾ صحيح زندگي گذارڻ جو طريقو ايندو تھ تعليم سان، هنن ماڻهن کي ڏاڍ ۽ ظلم سان وڙهڻ ايندو تھ تعليم سان هنن ماڻهن کي پنهنجي منزل ۽ مقام جي جيڪڏهن خبر پوندي تھ صرف

اهي تعليم سان ئي پونديون. ۽ پوءِ ڇا هن نہ ڪيو؟ ۽ هن اهو سڀ ڪجهہ ڪيو ۽ قوم لاءِ تيستائين ڪيو جيستائين زندگي کيس مهلت ڏئي سگهي. هن مدرسہ کوليا، اسڪول کوليا ۽ شفا خانہ کوليا. تعليم لاءِ هر ماڻهو کي همٿايو. هر ضرورت مند جي ضرورت پوري ڪئي، غريبن جي هڙان وڙان مدد ڪئي، انهن جو مان مٿاهون ڪيو. هر ظلم ۽ ڏاڍ کان هيٺي کي بچايو. مظلومن جو ساٿ ڏنو غريبن کي گلي سان لڳايو انهن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ رات ڏينهن ڪم ڪيو ۽ ٻيا ڪئين رفاهِ عامہ جا ڪم ڪيا. هن جو ڪجهہ بہ ڪيو انسانيت جي جذبي هيٺ ڪيو. رنگ نسل، ذات پات ۽ مذهب کان اوچو سوچيندڙ هي مير آخري وقت تائين انسانيت جي عظمت کاڻ وڙهندو رهيو. اسان کي گهرجي تہ نہ فقط اسين سندس هر سال ورسي ملهايون پر ان جي قول ۽ ڪردار جو جائزو وٺون ۽ ان مان لاڀ حاصل ڪريون.

⌘

# اڄ جي گلوبل وليج ۾ مير

**- پروفيسر پون سنڌي**

سنڌ جي روايتي جاگيردار گهراڻي ۾ اک کوليندڙ جاگيردار، مير غلام محمد خان ٽالپر ـــ پر جاگيرداڻي مزاج کان بنهہ ابتڙ طبيعت ۾ لباس ۾ صفا سادو. روين ۾ هلت چلت ۾ بلڪل هڪ عام ماڻهو جيان نہ وڏيرڪي ذهنيت ۾ نہ وري جاگيرداڻي نٽ نانگر ۾ هوڏ. نصابي تعليم نہ هئڻ برابر پر مشاهدي جي اک (vision) پڙهيل ڳڙهيل ۾ ڏاهن ماڻهن کان بہ ڪئين ڀيرا اڳتي وڏندڙ ماڻهن جي سڌاري ۾ سماجي ترقي ۾ علم جي اهميت ۾ روشن مستقبل جي واضح فڪري سوچ برِصغير ۾ سر سيد جو تعليمي ميدان ۾ وڏو نالو هو هن جي پروگرام ۾ مردن جي تعليم تہ هئي پر عورتن جي تعليم جو خانو خالي هو. پر هن مرد مٿير مردن جي تعليم سان گڏو گڏ عورتن جي تعليم کي بہ همٿايو. هن جي اکين هميشہ علم سان لاڳاپيل روشن آئيندي جا خواب ڏٺا. اهو ئي سبب آهي جو هن جا ان وقت ۾ قائم ڪيل ادارا موجوده وقت جي ڪافي يونيورسٽين کان پڪيڙ، عمارتن، سهولتن ۾ معيار جي لحاظ کان بهتر ۾ وڌا هئا.

اڄ جڏهن دنيا گلوبل وليج ۾ تبديل ٿي رهي آهي ۾ شعور جي اوسر جاڻ ۾ رسائي جديد سهولتن سبب عبدالستار ايڌي، مدرٽيريسا خدمتن جي مد ۾ وڏو مان ماڻيو آهي. تڏهن مير غلام محمد خان ٽالپر جي ذڪر کانسواءِ انساني ڀلائي جي تاريخ اڌوري ئي رهندي، جيڪو ڪميونيڪيشن جي اٿهوند، اونداهي ۾ اگهائي واري دور ۾ اسپتالون، گشتي شفاخانا، مسافر خانہ ۾ خيراتي ادارا کولي درد مندن جو دارون بڻيو.

هن ڌرتي کي جيترو شاهه سچل، سامي ۽ خليفي نبي بخش جي اتم شاعري، دودي، دولهه ۽ مرحوم بلاول جي سورهيائي ۽ مير باگي خان ۽ سنڌ راڻي جي پيار جي داستان تي به رشڪ آهي، اوترو ئي فخر هن امڙ سنڌ کي پنهنجي سڀاڄهي ۽ سدوري پٽ مير غلام محمد خان ٽالپر جي ڪيل رنگ نسل کان پاڪ بي لوث خدمتن تي به آهي.

مونکي به اهو اعزاز حاصل آهي ته آئون مير صاحب جي اسڪول ۾ پڙهيس جتي مونکي هن دنيا جي عميق اسرارن ۽ زمزن کي سمجهڻ جو موقعو مليو ۽ مونتي ڄاڻ ۽ آگهي جا نوان ۽ الف کا در کليا.

مون لاء اها به فخر لائق ڳالهه آهي ته آئون مير صاحب جي اسڪول جي پراڻن شاگردن جي تنظيم اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جي باني ميمبرن مان آهيان ۽ مير صاحب جي زندگي ۽ سندس ڪيل نيڪ ڪمن تي سڀ کان پهرين مخزن "اهڙا مانجهي مرڻا ناهن" به منهنجي زيرِ ادارت شايع ٿي.

مون کي اڄان به گهڻي خوشي ٿي رهي آهي جو مير صاحب تي مٿي ذڪر ڪيل مخزن ۽ ان کانپوءِ مختلف وقتن تي شايع ٿيندڙ مخزنن کي گڏي هڪ ڪتابي شڪل ۾ آندو ويو آهي ان جي بيڪ ٽائيٽل لکڻ لاء منهنجي چونڊ ڪئي وئي.

⌘

# ڏيئا ڏيئا روشني جهڙو ڪردار

**- نواز خان زئور**

ماڻهو فاني آهي، پر ڪردار لافاني آهي. ماڻهو هن سدا سهڻي ڌرتيءَ تي ڪجهه وقت رهي، پرلوڪ پڌاري وڃي ٿو. پويان رهجي وڃن ٿا سندس ڀهه ڀهه ڀهڪندڙ ٻول، ڳڻن ڀريون ڳالهڙيون ۽ ڏيئا ڏيئا ٿي ٻرندڙ روشني جهڙو ڪردار. ماڻهو پنهنجي ڳڻن، ڳالهڙين ۽ ڪردار وسيلي فنائيت ڪي مان ڏيئي لافاني ۽ سداحيات ٿي ٿو وڃي.

مير باگي خان ۽ سنڌ راڻيءَ جي شهر ٽنڊي باگي سان تعلق رکندڙ مير غلام محمد خان ٽالپر پڻ اهڙو ئي ڪردار آهي، جنهن پنهنجي حياتي عام ماڻهن جي ڀلي ۽ انسانذات جي خذمت لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. انسانذات هن لاءِ اوليت هئي ۽ هُن جي پنهنجي ذات هن لاءِ ثانوي هئي. جهڙي ريت هو انسانذات سان محبت ڪندو هو بلڪل اهڙي ريت هو خلق جي خذمت ڪندڙ پرخلوص ماڻهن سان به محبت ڪندو هو. عوام سان محبت ڪندڙ ماڻهو ڪيس وڻندا هئا. هن جي محبت جو دائرو تمام وڏو ۽ وسيع هو. سائين جي-ايم-سيد سندس انهيءَ انداز ۽ اهڙن جذبن جو معترف نظر اچي ٿو. پنهنجي لاجواب ۽ نهايت شاندار ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ۾ سائين جي ايم سيد سندس ذڪر تمام پيار سان ڪيو آهي. سائين جي ايم سيد ان ۾ لکي ٿو ته مير غلام محمد خان ٽالپر جي مون سان بيحد محبت هوندي هئي. ٻنهي جي وچ ۾ خط ڪتابت پڻ ٿيندي رهي هئي. جيڪڏهن اها خط ڪتابت ڇپجي پڌري ٿئي ته هوند سندن لاڳاپي ۽ زندگين جا ڪي گوشا پڌرا ٿي پوندا. جنهن سان سندس عظمتن ۾ اجا به واڌارو ٿيندو.

ماڻڪاڻي ميرن واري پاڙي سان تعلق رکندڙ مير غلام محمد خان ٽالپر محنتي ۽ ڪفايت شعار هيو. هو تمام سادي زندگي گذاريندو هو. سفيد پٽڪو ٻڌندو هو ۽ اڇو پهراڻ پائيندو هو. سندس خرچ جي حوالي سان چيو وڃي ٿو تہ پنهنجي ذات تي تمام ٿورڙو خرچيندو هو.

غلام محمد خان ٽالپر ڪي پنهنجي عوام جي صحت ۽ تعليم جو تمام گهڻو اوند هوندو هو. هن تعليم جي واڌ ويجهہ لاءِ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا اسڪول ٺهرايا. انهن ۾ رهائش ۽ کاڌي پيتي جو بندوبست ڪيو. عورتن لاءِ ويم گهر ٺهراياءين. اهڙي ريت هن ڪيترائي ڪارائتا ۽ اهم ڪم ڪيا.

تعليم پرائڻ لاءِ هن شاگردن کي اسڪالرشپون پڻ ڏنيون. هندوئن توڙي مسلمانن بنان متڀيد انهن خذمتن مان فائدو ورتو. سندس انهن اسڪالرشپن ڪافي لائق ماڻهو پيدا ڪيا، جن مان ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جهڙو عالم پڻ هڪ آهي. ڊاڪٽر دائود پوٽي کي مير صاحب ئي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ولايت موڪلو هو.

جنهن زماني ۾ مير غلام محمد خان ٽالپر پنهنجي عوام جي ڀلي لاءِ قدم پئي کنيا ۽ پنهنجن ماڻهن جون خذمتون پئي ڪيون، تڏهن سندس طبقي جي ماڻهن جي اڪثريت خدمتِ خلق جي لحاظ کان ننڊون پئي ڪيون. هيءَ انگريزن جي زماني جا پويان ڏينهن آهن. سنڌي زميندار ۽ جاگيردار طبقي جا ماڻهو عياشين ۽ شخصي آسائشن ۾ غرق هئا. نہ ماءُ، نہ خدا، ڪنهن بہ سنڌي جاگيردار ۾ خدمتِ خلق ۽ چڱي ڪم جي سُتي ئي ڪانہ وڌي آهي. اهو طبقو ڏيڻ تہ سکيو ئي نہ آهي ان رڳو وٺڻ، ڦرڻ ۽ ڦٻائڻ سکيو آهي. انهي مردار ۽ مدي خارج طبقي ۾ ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا چڱا ماڻهو ائين پيدا ٿيا آهن جيئن فرعون جي گهر ۾ موسيٰ جو پيدا ٿيڻ. انهن انسانن ئي پنهنجن ماڻهن لاءِ چڱا ڪم ڪيا ۽ کين اڳتي وڌائڻ لاءِ جتن ۽ ڪوششون ڪيون.

چڱائي جي دور ۾ چڱائي ڪرڻ عام ڳالهہ آهي، پر ان دور م جڏهن ڪير چڱي ڪم جو نالو وٺڻ وارو نہ هجي، خلق جي خذمت ڪرڻ وارو نہ هجي، تڏهن ماڻهن جي خذمت ڪرڻ، چڱا ڪم ڪرڻ ۽ سندن دردن جو

دارونءَ ڪرڻ تمام وڏي ڳالهہ آهي.

بيدل دهلوي هڪڙو شعر لکيو هو:

زاہد به نماز و روزه ضبطے دارد،

سرمد به مے و پیاله ربطے دارد۔

"زاهد ۽ پاڪ باز ماڻهو روزي، نماز ۽ تقويٰ جي رستي جا راهي آهن پر سرمد پيالي، شراب ۽ سنگيت جو مشتاق آهي".

بلڪل اهڙي ريت مير غلام محمد خان ٽالپر جي دل ۾ عام ماڻهن جو درد ڇوليون هڻندو هو ۽ هو خدمتِ خلق جو ديوانو هو. هو عام ماڻهن جو خادم هو. هن جي خادمي هر زاهد جي پاڪائي ۽ هر سرمد جي مستيءَ کان مٿانهين هئي. هر مرد ۽ عورت، ٻار ۽ ٻڍو، هندو ۽ مسلم، بنان ڪنهن امتياز، متڀيد ۽ تعصب جي، سندس خدمتن مان فيضياب ٿي سگهندو هو. جيئن سج جا ڏوپهريءَ ڪرڻا سڀني لاءِ آهن، چنڊ جي چانڊوڪي سڀني لاءِ آهي، فطرت جا رنگ روپ ۽ مهربانيون سڀني لاءِ آهن، ايئن مير غلام محمد خان ٽالپر جا ڪرم ۽ خدمتون سڀني لاءِ هونديون هيون.

مير باگي خان جي شهر جي هن عظيم انسان صحت ۽ تعليم جي بهتري ۽ واڌاري لاءِ ان دؤر ۾ قدم کنيا، جڏهن سنڌ ان ڏس ۾ تمام پٺتي پيل هئي. سياڻي سنڌ جڏهن پاڻيري ٿي ويندي، پنهنجي راڄ ڀاڳ جي مالڪ هوندي ۽ سندس پيشانيءَ تي آزادي جو پرنور جُهومر جرڪندو هوندو، تڏهن ان ۾ بک، بدحالي، بيماري ۽ جهالت جو نانءُ نشان بہ ڪونہ هوندو. سنڌ جا ماڻهو تعليم يافتا، صحتمند ۽ خوشحال هوندا. صحت، خوشحالي ۽ علم جي ان شاندار دؤر ۾ سنڌ پنهنجي سياڳي ۽ عظيم پٽ کي سندس ڳڻائتي ڪردار جي ڪري ياد رکندي. ڏيئا ڏيئا روشني جهڙو هيءَ عظيم انسان انهي اتساهہ خدمت ۽ عظمت جي اهڃاڻ طور جيئرو رهندو.

28 فيبروري 2017ع

# اسان جو مٿيرو محسن

## - موروائي نٿو مل

اسان جي سماجهي سنڌڙي سوين لال پيدا ڪيا. جن تن من ۽ ڌن جي قرباني ڏيئي سنڌ واسين کي سوين سک ڏنا. انهن نيڪ انسانن مان ڪن سنڌ جي سياست ۾ حصو ورتو، سندس مستقبل کي روشن بنايو ڪن وري هن ڌرتي جي آن ۽ شان رکڻ لاءِ پنهنجا لڏندا ڪڏندا ڪنڌ قربان ڪيا ته ڪن صاحبن وري پنهنجون پونجيون لٽائي، ابوجهه عوام لاءِ علم جا چشما برپا ڪيا. جن مان سنڌ جا سوين سپوت سيراب ٿي صاحب عظمت انسان بڻيا. انهن بزرگن ۾ حسن علي افندي، سيد الهڏنو شاه، مرحوم نور محمد وڪيل، ساڌو نولراءِ، ديوان ڏيارام، مخدوم غلام حيدر ۽ ٻين صاحبن جا نالا قابل ذڪر آهن. اهي سڀ صاحب پاڻ ملهائي ويا. سندن ڪوششون ۽ علم پکيڙڻ لاءِ جاکوڙ سنڌ جو عوام ڪڏهن به وساري نٿو سگهي. ليڪن خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر جو نالو انهن مڙني محسنن ۾ مٿيرو آهي ڇاڪاڻ ته سنڌ ۽ هند ۾ جيڪي درسگاهون قائم ڪيون ويون تن ۾ ڪيترن ئي سخي انسانن دل کولي دان ڏنا هئا. ليڪن مير غلام محمد خان ڪنهن کان ڪوڏي به نه ورتي. پنهنجي پوري ملڪيت خرچ ڪري لاڙ ۾ علم جو چراغ روشن ڪيائين. مير صاحب لاڙ جي مشهور ماٽڪاٽي ٽالپر جي خاندان مان هئا. سندن ولادت جي تاريخ ملي نه سگهي صرف سال ملي ٿو جيڪو 1876ع ڄاري هو. سندن والد جو نالو مير محمد خان ۽ ڏاڏي جو نالو ولي محمد خان هو. مير ولي محمد لاڙ جو وڏو جاگيردار هو پر سخي هئڻ ڪري ۽ تمام وڏي خرچ جي ڪري سندن جاگير تي قرض چڙهي ويو، جنهن ڪري اها جاگير مئينجر ڪاتي ۾ هلي ويئي. انهي ڪري مير غلام محمد خان کي ننڍپڻ کان ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا. ڪيس وڏيڪ تعليم به ملي

نہ سگهي. پيٽ گذر لاءِ مير غلام محمد خود هاري ٿي ڪم ڪندو هو. هٿ سان هر هلائي پيٽ گذر ڪندو هو. نيٺ ڪيس پوليس کاتي ۾ ڪنسٽيبل جي نوڪري ملي، جتي مير صاحب نهايت ايمانداري ۽ جفا ڪشي سان نوڪري ڪئي، جنهن ڪري کيس ترت ئي هيڊ ڪنسٽيبل مقرر ڪيو ويو. پر جيئن تہ مير صاحب ايماندار، شريف ۽ هڪ مخلص انسان هئا تنهن ڪري پوليس جي نوڪري هلائي نٿي سگهيا ۽ ويتر گهرو خرچ جي پورائي نہ ٿيڻ ڪري نوڪري تان استعيفا ڏيئي، اسٽامپ وينڊري جو ڪم شروع ڪيائون. نيٺ 1909ع ۾ سندن جاگير قرض کان آجي ٿي تہ مير صاحب پنهنجي جاگير جو ڪم سنڀالڻ لڳا. مير غلام محمد خان وٽ ايترو پئسو نہ هو جو جاگير جو ڪم هلائي. انهي لاءِ پاڻ ڪجهہ رقم قرض طور وٺي جاگير جو ڪم هلايائين. مير صاحب جاگير جو ڪم اهڙي تہ سٺي نموني هلايو جو هاري ناري ڪانئس ڏاڍا خوش هئا. ڪنهن کي مجال نہ هئي جو هاري تي ڪو هٿ کڻي. مير صاحب 1914ع واري مهاڀاري لڙائي ۾ انگريز سرڪار کي هڪ لک روپيہ ڏنا جنهنڪري انگريز سرڪار کيس خانبهادر جو لقب ڏنو. مير صاحب کي ڏاڍو ڏک ٿيندو هو، جڏهن ڏسندو هو تہ لاڙ ۾ عموماً ماڻهن مٿان ظلم ٿيندو ٿو رهي. کيس انهي ڳالهہ جي بہ وڏي چنتا رهندي هئي تہ هتي جا ماڻهو جاهل ۽ ابوجهہ آهن. تنهنڪري پاڻ تاڪي ورتائين تہ جيسين ماڻهن کي تعليم نہ ملندي تيسين هي ظلم، نا انصافي، غلامانا ذهينت، ڪڌيون رسمون ڪڏهن بہ قوم مان دور نہ ٿينديون. انهي ڪري مير صاحب مسلسل جدوجهد جاري رکي. پهريائين پنهنجي جاگير ۾ پرائمري اسڪول قائم ڪيائين. اهڙا ڪافي اسڪول چو طرف پنهنجي خرچ تي قائم ڪيائين. وڏيڪ تعليم لاءِ بہ اونو هوندو هوس. انهيءَ ڪري شهر ٽنڊو باگو ۾ مرحوم محمد صديق مسافر جي صلاح ۽ مشوري سان انگريزي اسڪول کوليائين. 1923ع ۾ مرحوم مير صاحب انهي اسڪول لاءِ عاليشان عمارت ٺهرائي ۽ ان سان گڏ بورڊنگ هائوس جي جڳهہ بہ تيار ڪرايائين جا ان وقت جي ڪمشنر جي نالي سان گبسن بورڊنگ هائوس سڏجي ٿي. 1930ع ۾ انهي اسڪول کي هاءِ اسڪول جو

درجو ڏياريائين ۽ عمارت ۾ وڏيڪ توسيع ڪيائين. اسڪول جو نالو لارينس مدرسہ رکيائين. اسڪول جي هاسٽل ۽ بورڊنگ هلائڻ لاءِ سرڪار کي 3 لک 87 هزار رپيا ڏنائين جنهن مان اڄ تائين اسڪول جي بورڊنگ هائوس جو ڪم هلي ٿو.

اڄ تائين سوين ڇوڪرن کي هاسٽل ۾ مفت ۾ کاڌو ملي ٿو. هن اسڪول مان هزارين شاگرد تعليم حاصل ڪري ملڪ جي اهم عهدن تي فائز ٿيا آهن. سنا سياستدان، عالم، اديب، مفڪر، استاد ۽ مقرر هن اسڪول پيدا ڪيا آهن جن وطن جون بهترين خذمتون ڪيون ۽ ڪندا رهندا.

مرحوم مير صاحب نہ رڳو ڇوڪرن جي تعليم طرف ڌيان ڏنو مگر نياڻين جي تعليم لاءِ ڪافي ڪجهہ ڪيائين. ٽنڊو باگو شهر ۽ ٻين ڳوٺن ۾ زناني تعليم جو بندوبست بہ ڪيائين. اهي زنانہ اسڪول اڄ بہ قائم ۽ دائم آهن جن مان لاڙ جون نياڻيون تعليم جهڙي زيور سان آراستا ٿين پيون. مير صاحب انهي کان علاوه ڪيترن شاگردن کي مئٽرڪ کان مٿي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ بہ ڪيترن شاگردن کي اسڪالرشپون ڏيندو هو. نہ صرف ملڪ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ بلڪ ولايت ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ بہ ڪيترن ئي شاگردن کي اسڪالرشپون ڏيندو هو. جن مان ڊاڪٽر دائود پوٽي جو نالو بہ قابل ذڪر آهي. تعليمي ميدان ۾ مير صاحب بہ بنان ڪنهن ڀيد ڀاؤ جي سڀني انسانن جي يڪسان خذمت ڪئي. سندس اسڪول ۾ هندن لاءِ بہ الڳ هاسٽل هوندي هئي. هندن لاءِ بہ سندس دل ڪشادي هئي، ڪيترن هندو صاحبن بہ خذمتن سان فيض حاصل ڪيو آهي.

مرحوم مير صاحب نہ صرف تعليم طرف توجهہ ڏني پر ماڻهن جي صحت لاءِ بہ ڪافي ڪجهہ ڪيائين. ٽپاولي جي موسم ۾ سندس گشتي دواخانہ سڄي لاڙ ۾ هلندا هئا جن ۾ ماڻهن جو مفت علاج ٿيندو هو. مير صاحب عورتن جي صحت لاءِ خاص ٽنڊي باگي ۾ نرسنگ سينٽر کوليو، جتي لاڙ جون نياڻيون سکيا وٺي ٻارن جي صحت ۽ عورتون لاءِ خذمتون سرانجام ڏينديون هيون. انهي کان سواءِ مير صاحب لاڙ ۾ ماڻهن جي مال ۽

عزت لاءِ بہ ڪافي خذمتون سرانجام ڏنيون. ڪيس آنرري مئجسٽريٽ جا اختيار سرڪار ڪان مليل هوندا هئا جن ۾ ڪيس 6 مهينا سزا ڏيڻ جو اختيار هو تنهن ڪري پاڻ لاڙ ۾ چورين چڪارين ۽ غريبن سان ٿيندڙ ظلم کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي پاور جو جائز استعمال ڪري لاڙ ۾ امن امان قائم رکيائون. اهي تہ هئا سندس خير جا ڪم جن جي اسان کي خبر آهي پر بيا بہ سندس سوين ڪم هئا جن جي ڄاڻ پئجي نہ سگهي آهي.

افسوس جو اسان جو هي لاڙ جو محسن 12 فيبروري تي اسان کي جدائي جو داغ ڏئي هميشہ لاءِ هن دنيا مان هليو ويو. سندس ڪيل نيڪيون امر آهن ۽ سندس ياد جيستائين هي ڌرتي آهي قائم رهندي.

⌘

# لاڙ جي سجاڳپ

**- ڏالو مل موتي** - ايڊووڪيٽ (اولڊ اسٽوڊنٽ)

اسانجي لاڙ جو هي خوبصورت خطو فطرتي سونهن سان سينگاريل ڏنڊين ڍورن ۽ واهڻ وستين کان علاوه علمي خانقاهي، درگاهن، آستانن، سُخن ۽ سخاوتي، مصنفي ۽ نقادن، ادب ۽ عجائبن و مانائتو ماضي رکڻ سان گڏ تاريخي ۽ تمدني آثارن سان بہ مالامال رهيو آهي. روپاماڙي، سومرن جو پهريون تخت گاهہ اگهاماڻون، علي بندر ۽ سيف الملوڪ جي واءِ تاريخ ساز ماڳن جي ڊگهي لسٽ مان بہ چار مثال آهن.

ٻئي طرف تهذيبي ۽ تمدني ورثي تان نظر گهمائي سخت ادب ۽ علم لاءِ جاڳرتا ۽ جاکوڙ ڪندڙ لاڙ جي سچي سجاڳپ مير غلام محمد خان ٽالپر هر نئين سال لاءِ اتساهہ جو انوکو مثال آهي. جنهن کي لاڙ واسي لاڙ جو ابو چئي هميشہ ياد رکندا پيا اچن.

هن برٽش دور ۾ انگريزن خلاف آزادي واري ويڙهہ جي انيڪ مورچن مان سڀ کان وڏيڪ اهم ۽ اثرائتو جهالت خلاف علم جي روشني ڦهلائڻ جو عزم ڪٽي ايشيا جي هن اونڌاهي ۽ دريائي پيڇڙي واري پنتي پيل علائقي ۾ تعليمي انقلاب آڻڻ جو پختو پهہ ڪيو.

مير صاحب 1920ع ۾ ٽنڊي باگي شهر ۾ 5 شاگردن سان اسڪول جو بنياد وڌو. ساڻس ان نيڪ ڪم ۾ عظيم عالم ۽ استاد محمد صديق مسافر پيش پيش هيا. مسافر جهڙو سچو ٻانهن ٻيلي ۽ هڏ ڏوکي ساٿي مير صاحب جي سخا ۽ لاڙ لاءِ تبديلي جي تڙپ ٽن سالن جي مختصر عرصي يعني 1923ع ۾ هڪ عاليشان لارينس مدرسي جي شڪل ۾ سامهون ٿي. ان اونداهي دور ۾ هاسٽل ۽ فري بورڊنگ هائوس سميت علم جي مينار جيان اهو مدرسو سڄي سنڌ ۾ علمي انقلاب جو پهريون ڏاڪو بڻجي ابرڻ لڳو.

مير صاحب پنهنجي دور جي ٻين همعصر سماج سڌارڪ ۽ علمي درسگاهن قائم ڪندڙن وانگيان هتان هتان، امدادون، خيراتون، سرڪاري

گرانٽون ۽ مخير حضراتن جي خوشامدن بدران پنھنجي ھڙان وڙان سب ڪجھہ ڪرڻ ۽ پاڻ ارپڻ جو پڪو پھہ ڪري چڏيو ھو.

مرحوم مير صاحب فقط ڇوڪرن جي تعليم لاءِ اسڪول کولڻ کي علمي انقلاب نٿي سمجھو پر مرد پڙھيو تہ گھر جو ھڪ فرد پڙھيو پر نياڻي جي تعليم پوري خاندان جي علم پرائڻ برابر آھي. واري حقيقت کي آڏو رکي برابري جي بنياد تي ڇوڪرين لاءِ پڻ زنانو اسڪول جو بنياد رکرايائين.

اسڪول جي مستقل انتظام ھلائڻ لاءِ ان وقت تي لک رپيا بينڪ ۾ ڊپازٽ ڪرايائين تہ جيئن شاگرد سدائين ان وياج مان تعليم پرائيندا رھن.

مير صاحب ڄاتو ٿي تہ صحتمند جسم ئي صحتمند معاشري کي جنم ڏيندو آھي. لاڙ جھڙي ھيڻائين واري علائقي ۾ سھولتن جي اڻلڀ کي محسوس ڪندي شفا خانہ، عورتن لاءِ زناني اسپتال ۽ ميٽرنٽي ھوم ۽ آسپاس جي ڳوٺ لاءِ گشتي دواخانہ جنھن کي اڄڪلھہ موبائل ڪلينڪ چئجي ٿو جو بندوبست ڪيائين. علم جي ڦھلاءُ لاءِ برانچ اسڪولن ۽ مدرسن لاءِ باقائده گرانٽون مقرر ڪيون ھئائون. بي پھچ ۽ غريب شاگردن جي علمي سھائتا لاءِ اسڪالرشپون، فري بورڊنگ ۽ بنا في جي تعليمي اسڪول جھڙيون اسڪيمون سڄي سنڌ مان شاگردن کي علم پرائڻ لاءِ اڪساھينديون ھيون.

علامہ دائود پوٽو مير بنده علي ۽ قادر بخش خاصخيلي، علي ڳڙھ ۽ لنڊن مان مير صاحب جي مدد سان اعليٰ تعليم جي زيور سان آراستہ ٿيا.

عظيم مير صاحب ھن غريب علائقي جي دردن ۽ دکن کي دل سان محسوس ڪندا ھئا. انھيءَ لاءِ بيواھن، يتيمن ۽ مسڪينن لاءِ بيت المال جي طرز تي مستقل وظيفو مقرر ڪيو ھئائون ۽ عيد برات تي سندن پر گھور لھڻ کي عبادت سمجھندا ھئا.

مير صاحب جي اکين ۾ ھڪ خواب اسڪول کي عظيم يونيورسٽي ۾ بدلائڻ لاءِ تڙپندو رھيو پر افسوس 12 فيبروري 1932ع ۾ پاڻ ھن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا.

# اسڪول تاريخي پس منظر ۾

## - ڊاڪٽر پروفيسر محمد اسماعيل ميمڻ

لاڙ جي پڇاڙي پون علم ۽ ادب جو مرڪز رهي آهي. هن خطي عظيم شخصيتن کي جنم ڏنو آهي، جن پنهنجي علم، شعور ۽ قدرتي صلاحيتن سان پنهنجو مثالي ڪردار نباهيندي انسانذات جي بي لوث خدمت ڪئي آهي انهن مان هڪ امر ڪردار جو مالڪ، غريبن جو هڏ ڏوکي، همدرد، جنهن کي "لاڙ جو ابو" ۽ سنڌ جو سر سيد احمد خان چئجي ٿو. انهي جو نالو مير غلام محمد خان ٽالپر آهي. مير صاحب جي دور ۾ علائقي جا اڪثر ماڻهو غربت سبب پوئتي رهيا آهن. اڪثر آبادي تعليم جي سهولتن کان وانجهيل هئي. وڏيرن ۽ جاگيردارن وٽ غلاميءَ واري تنگدست زندگي گذارڻ تي مجبور هئا. غربت ۽ وسيلن جي اڻاٺ سبب انهن جو اولاد پري پري اسڪولن ۾ وڃي پڙهڻ ۽ خرچ پرڻ کان لاچار هوندو هو. علائقي ۽ وڏن زميندارن ۽ جاگيردارن جو رعب ۽ تاب هو. ڪوبہ غريب ۽ مسڪين ماڻهو انهن اڳيان ڳالهائي اهڙي بنيادي انساني حق حاصل ڪرڻ لاءِ زبان کولڻ جي جرائت ڪري نہ سگهندو هو. مگر قدرتي قانون آهي تہ جيئن انسانذات ڪنهن مشڪل ۾ ڦاٿل هوندي آهي تہ اتي پالڻهار طرفان انهن جي نجات لاءِ ڪونہ ڪو مسيحا پيدا ٿيندو آهي. انهي سرزمين تي هڪ اهل دل، انهن جي دل درمان ۽ استحصال کان ڇوٽڪارو ڏيڻ لاءِ مير غلام محمد خان ٽالپر جي شڪل ۾ پيدا ٿيو. جنهن مظلوم طبقي جي اهڙي ڪسمپرسي واري حالت کي ڏسي دل ۾ هڪ درد رکندي انهن جي تنگدستي واري زندگي کي تبديل ڪرڻ لاءِ سخاوت جو دريا ۽ دردن جو مداوا بڻجي هڪ اهڙي سخا لاءِ سوچيو جيڪا عارضي نہ پر هميشہ لاءِ هجي جيڪا گهٽجڻ جي بجاءِ وڌندي رهي. اها سخا واري دولت علم واري

دولت هئي جيڪا مير صاحب انهن جي مستقل حل ۽ مستقبل جي روشن واٽ جو هڪ ذريعو سمجهيو.

خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر ان وقت جي زميندارن ۽ جاگيردارن مان هڪ ننڍو جاگيردار هو. مگر هن جي دل واري جاگير تمام وڏي هئي، جنهن انهن کي علم واري دولت سان مالامال ڪرڻ لاءِ علمي درسگاهه قائم ڪرڻ جو سوچيو. 1920ع ۾ انگريزن جو راڄ هو. مسلمانن جا صرف ٻہ اسڪول هئا هڪ ڪراچي ۾ سنڌ مدرسة الاسلام ۽ ٻيو نوشهري فيروز ۾ سيد الهندي شاهہ وارو اسڪول.

مير صاحب پڻ انهيءَ علمي تحريڪ ۾ شامل ٿي ٽنڊي باگي شهر ۾ 1920ع ۾ اسڪول قائم ڪرڻ جو اٽل ارادو ڪيو. انهن ڏينهن ۾ ٽنڊي باگي شهر جو رهواسي، سنڌ جو نالي وارو اديب، شاعر، دانشور، مورخ، محقق ۽ مثالي استاد محمد صديق مسافر ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ استاد هو جيڪو اتي جي هڪ متعصب هيڊ ماستر سان اڻبڻت سبب موڪل تي لهي ٽنڊي باگي پهتل هو. هو مير صاحب جو اڳ ۾ ئي دوست هو. جيڪو هر موڪل ۾ اچڻ وقت ساڻس ملاقات ڪندو هو مگر هن ڀيري ساڻس ملاقات ڪري پنهنجي اسڪول جي هيڊماستر سان ٿيل معاملي ۽ موڪل تي اچڻ واري حقيقت کان آگاهہ ڪيو. مير صاحب تہ اهڙي ماڻهن جي تلاش ۾ هو يڪدم چيائين تہ آئون هتي اسڪول کولڻ چاهيان ٿو ۽ تون پرواهہ نہ ڪر وڏيڪ موڪل لاءِ درخواست لکي روانو ڪر ۽ ڪيس 50 رپيا بہ ڏنائين تہ پنهنجو سامان حيدرآباد مان ڪٺي اچ. مسافر حيدرآباد روانو ٿيو جيستائين هو ٻيهڙي وسيلي پنهنجو سامان کڻي ٽنڊي باگي پهتو تہ مير صاحب سندس ئي محلي ۾ اسڪول لاءِ هڪ جاءِ مسواڙ تي وٺي 4، 5 ڪاٺ جون بئنچون ٺهرائي ۽ پنهنجي بنگلي مان هڪ ميز ۽ بہ ڪرسيون جاءِ ۾ رکرائي ڇڏيون. مسافر جي پهچڻ تي اها جاءِ نہ پر هڪ اسڪول بڻجي چڪو هو ۽ مستقبل جي هڪ وڏي علمي درسگاهہ جو بنياد پئجي چڪو هو. جنهن کي مسافر جي حوالي ڪري چيائين تہ هاڻي شاگرد هٿ ڪر. آسپاس ۾ هڪ وڏي هلچل پيدا ٿي وئي تہ ٽنڊو باگو ۾ انگريزي اسڪول علائقي واسين

جي خواب خيال ۾ تصور کان تمام مٿانهين ڳالهه هئي مگر قدرت وارو ڪنهن جو ڀاڳ کولي ته ڪا دير ئي ناهي، انهي وقت ۾ ٽنڊي باگي کان 10 ميلن جي مفاصلي تي هڪ ڳوٺ ٿوهي ۾ هڪ ملان مڪتب هلندڙ هو. مسافر اُٺ پاڙي ڪري اتي پهتو ۽ انهيءَ مڪتب مان پنج ذهين شاگرد چونڊي هڪ جنوري 1920ع ۾ اسڪول جي شروعات ڪئي. اهي بنياد رکندڙ خوش قسمت شاگرد هي آهن:

(1) علي بخش ولد امام بخش لغاري ڳوٺ ٿوهي

(2) ولي محمد ولد محمد حسن لغاري ڳوٺ ٿوهي.

(3) عبدالله ولد مصري خان ڪنڀار ڳوٺ ٿوهي.

(4) غلام محمد ولد محمد اسماعيل ڇڇڙو ڳوٺ ٿوهي

(5) غلام شاه ولد سيد بچل شاه ڳوٺ حسن جو پاڙ (اسڪول جي جنرل رجسٽر ۾ انهن جي داخلا جي تاريخ 2 مارچ 1921ع لکيل آهي.)

مٿيان شاگرد مسافر جي اوطاق ۾ رهندا هئا ۽ ڪاڌو به مسافر جي اوطاق ۾ ٺهندو هو جنهنجو خرچ مير صاحب ادا ڪندو هو. مير صاحب حيدآباد مان شاگردن لاءِ ڪتاب وي-پي ذريعي گهرايا جڏهن پرديسي شاگردن جو تعداد 16-15 ٿيو ته مير صاحب انهن جي رهائش ۽ هاسٽل لاءِ اسڪول واري جاءِ پرسان هڪ ٻي جاءِ مسواڙ تي ورتي. هڪ بورچي مقرر ڪيو. ماهوار خرچ مير صاحب کي پيش ڪيو ويندو هو. جيڪو هو ادا ڪندو هو. سال 1921ع جي شروعات ۾ شاگردن جو تعداد 40 تي ويو. جنهن ۾ 10 شهري ۽ 30 ٻاهر جا شاگرد هئا.

مارچ 1921ع ۾ ان وقت سنڌ جو ڪمشنر مسٽريو ٽنڊي باگي جي دوري تي آيو. مير صاحب ان کي دعوت ڏئي اسڪول جو معائنو ڪرايو. جنهن شاگردن کان سوال جواب پڇيا ۽ ڏاڍو مطمئن ٿيو. وزٽ بڪ ۾ مير صاحب جي اهڙي درياء دلي ۽ علم دوستي لاءِ تعريفي جملا لکيا. مير صاحب، ڪمشنر کي انهي دوران تي مطالبا پيش ڪيا.

(1) اسڪول کي رجسٽر ڪيو وڃي.

(2) محمد صديق مسافر جي سروس اسڪول لاءِ لينٽ(lent) ڪئي وڃي.

(3) منهنجي رقم تعليم کاتي ۾ انڊومينٽ فنڊ ۾ امانت طور رکي وڃي.

1921ع ۾ ئي تعليم کاتي طرفان اسڪول رجسٽر ڪرڻ جو آرڊر جاري ٿيو. جولاءِ 1921ع ۾ مسافر جي سروس اسڪول کي لينٽ ڪري ماهانا 70 رپيا پگهار ڏيڻ جو آرڊر جاري ڪيو.

1921ع ۾ مير صاحب بورڊنگ هائوس کي مستقل بنيادن تي هلائڻ لاءِ ٿي لک ستاسي هزار رپيا اينڊومينٽ فنڊ ۾ جمع ڪيا. 1922ع جي شروعات ۾ مير صاحب اسڪول لاءِ باقائده هڪ نئين عمارت جو بنياد وڌو. پهرئين مرحلي ۾ 1923ع ۾ پنج ڪلاس روم (مين بلڊنگ جا)، هيڊ ماسٽر جي آفيس، ٽيچرس روم، بورڊنگ هائوس جي اتر طرف واري عمارت يعني گبسن بورڊنگ هائوس، بورچي خانو ڊائننگ روم، ٽيچرس ڪوارٽر ۽ جامع مسجد واريون عمارتون ٺهي مڪمل ٿيون. ان کان پوءِ اولهہ طرف وارا ڪلاس روم ۽ اولهہ اوپر طرف هاسٽل جو 2 عمارتون بہ ٺهيون. اها تاريخي عمارت اڄ بہ هڪ اسڪول نہ پر هڪ يونيورسٽي جو ڏيک ڏيندڙ آهي.

جنوري 1924ع ۾ مير صاحب اسڪول لاءِ نئون فرنيچر ٺهرايو ۽ مسافر کي مسواڙي اسڪول ۽ هاسٽل مان نئين عمارت ۾ منتقل ٿيڻ لاءِ چيو ۽ موجوده تاريخي عمارت ۾ تاريخي علمي درسگاه جو آغاز ٿيو. انهي وقت تائين اسڪول جو ماهانا خرچ سڄي طرح مير صاحب پنهنجي کيسي مان ادا ڪندو هو. هاڻي اپريل 1924ع کان وٺي اسڪول ۽ هاسٽل جو خرچ هر مهيني انڊومينٽ فنڊ مان ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جي معرفت ادا ڪرڻ شروع ٿيو. ساليانو امتحان بہ تعليم کاتي جا آفيسر وٺندا هئا. ٽيون درجو پاس ڪندڙ غريب ۽ هوشيار شاگردن کي وڌيڪ پڙهائي لاءِ مير صاحب جي خرچ تي سنڌ مدرسي ڪراچي موڪليو ويندو هو. هاسٽل ۾ رهندڙ شاگردن جو تعداد بہ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪندو هو. جيڪڏهن شاگردن جو تعداد وڌي ويندو هو تہ ان جو ماهانا خرچ مير صاحب تعليم کاتي کي پنهنجي کيسي مان اضافي طور ادا ڪندو هو. غريب مسافر شاگردن کي ڪتاب ۽ ڪپڙا بہ مير صاحب وٽي ڏيندو هو.

1925ع ۾ مير صاحب چوٿين درجي لاءِ اجازت گهري جنهن لاءِ

اسڪول ۾ گريجوئيٽ هيڊ ماستر مقرر ڪرڻ جو شرط رکيو ويو. مير صاحب مسافر جهڙي شخصيت ڪي ڇڏڻ نہ پئي چاهيو مگر اسڪول ۽ شاگردن جي ڀلائي خاطر نہ چاهيندي بہ اهو شرط قبول ڪيو ۽ حيدرآباد جي هڪ وڪيل مسٽر عبدالرحيم ڪرمتي بلوچ بي. اي. ايل. بي کي هيڊ ماستر طور مقرر ڪيو. مسافر صاحب کي اسڪول جو F.A ۽ بورڊنگ هائوس جو مئنيجر مقرر ڪيو ويو. مسافر جي محنت جو نتيجو هو جو هن وقت پنجن شاگردن جو تعداد وڃي 150 تي پهتو ۽ استادن جو تعداد 7 هو. فري شپ حاصل ڪندڙ 72 شاگرد هئا. فيبروري 1927ع ۾ مسافر صاحب واپس سرڪاري ملازمت ۾ دخلڪار ٿيو.

1930ع ۾ مير صاحب هڪ انگريز آفيسر جي دعوت تي مهمان ٿي ويو. ان جي رهائش گاه تي ٺهيل ڊائيننگ روم ۾ مير صاحب ماني کائڻ وقت دل ئي دل ۾ سوچيو تہ جيڪڏهن هڪ انگريز آفيسر اهڙي ڊائننگ ۾ ڪاڏو ڪائي سگهي ٿو تہ منهنجو اولاد بہ اهڙي ئي ڊائننگ هال ۾ ڪاڏو ڪائي سگهي ٿو. مير صاحب کي هڪ نياڻي ڄائي، جيڪا ننڍي هوندي ئي وفات ڪري ويئي ۽ ڪيس ڪو بہ پٽ نہ هو. مير صاحب اسڪول جي شاگردن کي ئي پنهنجو اولاد سمجهندو هو. اتان کان واپسي تي ٽنڊي باگي پهچي رازن ۽ ڪاريگرن کي گهرائي ذهن ۾ رکيل نقشو کين سمجهايو ۽ 1930ع ۾ اهو ڊائننگ هال تعمير ڪرائي ان تي پنهنجي نالي بدران هڪ مائٽ نالي مير شاهہ محمد ٽالپر جو نالو رکيو. 12 فيبروري 1932ع ۾ لاڙ جو ابو سنڌ جو محسن ۽ سنڌ جو سير سيد احمد خان يعني خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر وفات ڪري راهہ رباني ڏانهن راهي ٿيو.

1932ع تائين اسڪول ۾ شاگردن جو تعداد 629 هو. مير صاحب جي وفات کان پوءِ سنڌ حڪومت اسڪول کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي باقاعده تعليم کاتي کي ڏنو ۽ ان پنهنجي انتظاميہ طرفان پهريون هيڊ ماسٽر جي. اي سومرو کي مقرر ڪيو. جنهن اسڪول جي تعليم ۽ انتظاميہ کي تمام بهتر نموني هلايو. ائين ئي اها لاٽ ٻرندي رهي ۽ ان جا ڪرڻا پري پري تائين ڪڪائن جهوپڙين کي روشن ڪندا رهيا.

1990ع ۾ سنڌ حڪومت طرفان اپگريڊ ڪري هائيرسيڪنڊري اسڪول جو درجو ڏنو جنهن جو پهريون پرنسپال مرحوم محمد عمر سمون مقرر ڪيو ويو. جيڪو پڻ سنڌ جو هڪ بهترين تعليمي ماهر ۽ منتظم هو. موجوده وقت ۾ هي راقم الحروف پرنسپال طور ڪم ڪري رهيو آهي. الله تعاليٰ شال مون کي مير صاحب جي قرض لاهڻ جي توفيق بخشي. آمين

هن اسڪول مان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ڇاڇرو، مٺي، اسلام ڪوٽ، سجاول، جاتي، مٽياري، هالا، ٽنڊو محمد خان، ٽنڊو الهيار، شهداد ڪوٽ، لاڙڪاڻو، نوشهروفيروز، نوابشاهه، شڪارپور، بدين ضلعي جي هر شهر ۽ ڳوٺ ڪانسواءِ سنڌ جي ٻين ڪيترن علائقن جي غريب ماروئڙن جو اولاد تعليم پرائي اعليٰ عهدن تي پهتو. انهن جا جيڪڏهن نالا لکيا وڃن ته انهيءَ لاءِ هڪ عليحده ڪتاب جي ضرورت آهي.

مون کي يقين آهي ته هيءَ خلوص جي نشاني سدائين قائم رهندي.

(نوٽ: هي مضمون 12 فيبروري 2010ع تي شايع ٿيل آهي. ان وقت ڊاڪٽر پروفيسر محمد اسماعيل ميمڻ هن اسڪول جا پرنسپال هئا ۽ هن وقت ڪوسڪي ۾ پنهنجا فرائض سرانجام ڏئي رهيا آهن).

⌘

# اسان جي آئندي جا انوکا ڪردار

**- خادم حُسين ٽالپر**

مير غلام محمد ٽالپر جو جنم 1876ع ۾ مير محمد خان ٽالپر جي گهر ۾ ٿيو. مير صاحب جيئن تہ سنڌ جي حاڪم خاندان جو اولاد هو. سندس پرورش تعيلم ۽ سياست بہ ان وقت جي سنڌ ۽ مشرق جي جاگيردار ڪلچر موجب ڪئي وئي. هي اهي ڏينهن آهن جڏهن سنڌ تي انگريزن ڪمشنر نمبر انون "سر وليم ميري ويدر" مقرر هو. سنڌ جي جاگيرداري کي مضبوط ڪرڻ. جاگيردارن کان تمام گهڻو جذبو حاصل ڪرڻ. سنڌ جي عوام کي وڏيڪ ڇڙوڇڙ، جاهل ڪمزور رکڻ لاءِ سنڌ جي تاريخ ۽ ڪلچر جو جائزو ورتو پي ويو. ۽ عملي طرح انگريز سامراج جي ڏاڍ کي وڏيڪ مضبوط ڪيو پي ويو.

سنڌ جي تاريخ سميٽڻ لاءِ "ميري ويدر" سنڌ جي هڪ عالم "خداد خان" کي حڪم ڪيو ويو تہ سنڌ جي تاريخ جي ماڳ مڪانن جهڙوڪ معصوم شاه جو منارو، بکر جو قلعو، رني ڪوٽ، مخدوم نوح هالائي، لاهوت لا مڪان، منگهو پير وغيره جي تاريخ لکي ڏي، خداد خان اهو ڪم هٿ ۾ ڪنيو "لب تاريخ سنڌ" نالي ڪتاب لکي هن پنهنجو ڪم مڪمل ڪيو.

مير غلام محمد 1883 کان 1890ع تائين پنهنجي گهر ۾ ئي قرآن شريف ۽ فارسي جا ڪتاب دهرايا. گلستان بوستان ۽ سنڌي الفابيٽ ۽ ڪجھ نصابي ڪتاب پڙهي ورتا. 1885ع ۾ ڪراچي ۾ سنڌ مدرسي ۽ ديارام ڪاليج جو بنياد پيو. انهن مدرسن ٺاهڻ ۾ انگريز سرڪار جو ڪوبہ هٿ نہ هو. پر اهي مدرسا مقامي ماڻهن دنيا ۾ تبديلي ٿيندڙ صورتحال کي محسوس ڪندي انهن ديني مدرسن بجاءِ دنيا جي جديد علم، خاص ڪري، جديد سائنسي علم جي تعيلم ڏيندڙ مدرسن جو بنياد وڌو. هونئن بہ

جديد تعليم ۾ مشرق خاص ڪري برصغير، يورپ ۽ مغربي ملڪن کان ڪافي پوئتي رهيو آهي. ڇو تہ برصغير تي ڪئين صديون جن حڪومت ڪئي اهي سڀ ٻاهريان لٽيرا ۽ ڌورو هئا. عربن، ڪان پوءِ چنگيز خان جو اولاد منگول جيڪي مغل سڏجن ٿا. انهن کي عوام ۾ جديد تعليم بابت سهولتون يا خيال پيدا ڪرڻ جي ڪابہ ضرورت محسوس ڪانہ ٿي. پر پوءِ عوام مان ڪن حساس طبيعت ماڻهن پنهنجي وطن واسين جو آئندو بهتر بنائڻ لاءِ، دنيا جي جديد علم جي اهميت ۽ ضرورت محسوس ڪئي. پهرين پنهنجا ڇوڪرا يورپ ۾ تعليم لاءِ موڪليا ۽ پوءِ پنهنجي ئي ملڪ ۾ انهي نوعيت جا اسڪول ۽ ڪاليج کولڻ شروع ڪيا.

مير غلام محمد ٽالپر جڏهن پيدا ٿيو (1876ع) تڏهن سنڌ ۾ جديد تعليم جو ڪوبہ مدرسو نہ هو مير صاحب جي گهر ۾ دنيا ۾ ايندڙ تبديلين ۽ ترقي بابت ڪيترين ئي ڳالهيون ٻوليون ٿينديون رهندو هيون.

اعجاز الحق قدوسي سنڌ جي تاريخ ۾ لکي ٿو تہ "1893ع ۾ جيمس (سنڌ جو 13 هون ڪمشنر) سکر اچي هڪ مهيني تائين ترسي پيو. ان وچ ۾ خيرپور جي پيسا وٺندڙ (وظيفي طور) ميرن کي گهرائي جيمس سندن مسئلا ٻڌا ۽ انهن سان گڏ حيدرآباد ۽ ميرپور جي ميرن جي حق ۾ هڪ تفصيلي رپورٽ ناهي، بمبئي جي حڪومت ڏانهن اماڻي جتان ميرن لاءِ تاحيات وظيفي سان گڏ ان ۾ واڌاري جو حڪم آيو. ان کان سواءِ مير حڪمرانن جي 15 سالن جي ڄمار جي اولاد کي سنڌ مدرسي ۾ داخل ڪرائڻ ۽ انهن جي کاڌ خوراڪ ۽ پوشاڪ جو ذمو حڪومت کنيو" (ص 566)

پر جيئن تہ ٽنڊي باگي جا مير هئا تہ جيتوڻيڪ حڪمران خاندان جو اولاد، پر هو سنڌ جي وڏن شهرن کان پري، رهيل هئا. انهيءَ ڪري انگريز سرڪار جي ڪيل نوازش کان مستفيض ڪونہ ٿي سگهيا. سو مير غلام محمد جي تعليم صرف مشرق ۾ پڙهائي ويندڙ علم انشا، علم اخلاقيات، عرضي نويسي تائين محدود رهي. 1907ع ۾ سال کن پوليس ۾ ڀرتي ٿيو پر جلد استعيفيٰ ڏئي اسٽيمپ وينڊر ٿي ويو ڇو تہ ان ڏينهن ۾ مير صاحب جو جاگير سرڪار وٽ گروي ٿيل هو. 1909ع ۾ جاگير سرڪار جي گروي

مان آزاد ٿيو تہ پاڻ اهو آباد ڪرائڻ شروع ڪيائين ان کان اڳ هڪ سال لاءِ پنهنجي گذر سفر لاءِ درخواستون وغيره بہ لکندو هو. انهن ڏينهن ۾ مير صاحب آس پاس جي عوام جي حالتن کان تمام گهڻو متاثر پيو ٿيندو هو. هڪ دفعي پاڻ ڪٿان گهر پي آيو تہ رستي ۾ انگريزن جي پوليس ٻن جوابدارن کي پڪڙيو پئي وئي جيڪي ٻئي پاڻ ۾ پيءُ پٽ هئا. پوليس ٻنهي پيءُ پٽ کي هڪ ٻي جي ٻي عزتي ڪرائيندي آئي. جيڪا صورتحال ڏسي مير صاحب کي تمام گهڻو افسوس ٿيو تہ هتي جي سماجي حالت جي بدتري جو بنيادي سبب اڻ ڄاڻائي آهي. اگر عوام کي جديد تعليم ملي وڃي تہ ڪر ماڻهو سماجي براين کان آزاد ٿي پون ۽ غربت مان بہ ڇوٽڪارو ملي پوين. سو مير صاحب فيصلو ڪيو تہ سڄي سنڌ جي سماجي ۽ طبقاتي صورتحال بدلائڻ لاءِ شروعات تعليم کان ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ هن اول سندس ماچوري جاگير ۾ لوڪل بورڊ جي پرائمري اسڪول کولڻ ۽ اتي غريبن جي ٻارن کي رهائڻ، مفت ۾ ماني کارائڻ جو انتظام شروع ڪيو. وري 1918ع ۾ ڪڏهري لڳ ڳوٺ نبي بخش رستماڻي ۾ بہ لوڪل بورڊ جو سنڌي پرائمري اسڪول ۽ بورڊنگ جو بندوبست ڪيائين ۽ 1920ع ۾ ٽنڊي باگي ۾ هاءِ اسڪول کولڻ جي شروعات ڪيائين. هن وقت هاءِ اسڪول کي پرائمري پاس ٻارڙن جي ضرورت هئي. پر جيئن تہ ان وقت ٽنڊي باگي جي آس پاس پرائمري اسڪول تمام ٿورا هئا. پر بدين ضلع ۾ ٿي پرائمري اسڪولن مان جيڪي ٻار صرف پرائمري جا چار درجہ پڙهي گهر ويهي ٿي رهيا. اهي انگريزي تعليم لاءِ ضرور بہ ضرور هن هاءِ اسڪول ڏانهن رخ ڪندا. ان لاءِ هن پنهنجي هاءِ اسڪول کي وقت جي حڪومت وٽ رجسٽر ڪرائڻ ۽ اسڪول ۾ ٻارن جي کاڌي پيتي ۽ رهائش جي انتظام ڪرڻ لاءِ هاسٽل ۽ بورڊنگ هائوس جو بندوبست ڪيائين. مير صاحب هاءِ اسڪول ۽ هاسٽل جي بلڊنگ پنهنجي خرچ مان ٺهرائي ۽ روزانہ ماني تي ايندڙ خرچ جو انتظام ڪيائين. بلڪ ڏگهي نظر رکندي پنهنجي حياتي ختم ٿئي تہ بہ اسڪول جي حياتي ختم نہ ٿئي ان لاءِ انڊروسمنٽ فنڊ قائم ڪري بہ لک روپيا روڪڙا

جمع ڪرائي ڇڏيائين. جيئن ان جي وياج مان شاگردن جي ميس جو خرچ هلندو رهي. جيئن تہ هاسٽل ۾ فري بورڊنگ (يعني مفت ۾ ماني لاءِ) 120 شاگردن لاءِ انتظام ڪيل هو. مير صاحب جي حياتي ڪان پوءِ دنيا ۾ تمام وڏيون تبديليون آيون. جهڙوڪ ٻي عالمگير جنگ لڳي. بر صغير جو ورهاڱو ٿيو. پاڪستان وجود ۾ آيو. لوڪل بورڊ بجاءِ, قومي اسيمبلي, صوبائي اسيمبلي ۽ لوڪل گورنمينٽ جو وجود پيو. سنڌ ۾ تہ تمام وڏي تباهي آئي. هتي هزارن سالن کان آباد غير مسلم واڻيا/ديوان. جيڪي عالم, فاضل, اديب, شاعر, سائنسدان, استاد, وڪيل, واپاري ۽ صنعت ڪار هئا. اهي سنڌ مان بي دخل ڪيا ويا. انهن جي جاءِ تي هندستان مان غير سنڌي, غير مهذب ماڻهو آڻي سنڌين مٿان اڇلايا ويا.

سنڌ تي غدار وڏيرا شاهي, ڊڪٽيٽر فوجي ۽ سول بيوروڪريسي, پنهنجي لاقانونيت ۽ جبر کي اسان مٿان مڙهيو. نتيجي ۾ سنڌي عوام جيڪا اڳ ۾ تعليم جي زيورن کان محروم هئي اها وڌيڪ پٺتي ڌڪجي وئي.

وري بہ مير غلام محمد ٽالپر جي هاءِ اسڪول مان پڙهي نڪتل لائق فرزند, سنڌ جي خدمت لاءِ پيش پيش ٿيڻ لڳا. مير غلام محمد جيڪي خيراتي ڪم ڪيا. اهي صرف ثواب لاءِ نہ پر سنڌي عوام جي دائمي بهتري لاءِ هئا. انهن ڪمن جو ٿورو ذڪر ڪجي.

(1) ڇوڪرن جي تعليم لاءِ تہ پرائمري ۽ هاءِ اسڪول کوليائين پر نياڻين جي تعليم لاءِ, ٽنڊي باگي ۾ ئي پهرين آگسٽ 1928 تي گرلس پرائمري اسڪول بہ کوليائين. مير صاحب کي خبر هئي تہ جيڪي ڇوڪرا پڙهندا. هو دنيا جي صورتحال کان واقف ٿيندا. اهي پنهنجي گهر ۾ پڙهيل زال جي ضرورت محسوس ڪندا. ٻيو تہ سماج ترقي ڪندو ئي تڏهين جڏهين مردن سان گڏ عورتون بہ پڙهيل هونديون. مير صاحب سنڌ جي ٻهراڙين ۾ عورتن کي تعليم ڏيارڻ جي شروعات ڪري هڪ نئون رواج شروع ڪيائين.

(2) مير صاحب ڏسندو هو تہ ڪيتريون عورتون صحيح علاج ۽

ڊاڪٽرياڻين جي مدد نہ ملڻ سبب ڊليوري/ويم ۾ گذاري ويندي هيون. نتيجي ۾ ان گذاري ويندڙ عورتن جا جيڪي پيدا ٿيل ٻارڙا هوندا هئا اهي ماءُ جي شفقت کان محروم ٿي يتيم ٿي ويندا هئا. مير صاحب انهي لاءِ 1931ع ۾ ٽنڊي باگي ۾ هڪ زنانہ اسپتال / ميٽرنٽي هوم ٺهرايو جيئن ان وقت جا پيا وسوارا ماڻهو بہ اهڙو ڪم ڪن. عورتن پنهنجي معصوم ٻارڙن کان جدا نہ ٿي سگهن.

(3) ٽنڊو باگو تن ڏينهن ۾، زمين رستي، جهڏو، ٽر، پنگريو ڪڇ ڏانهن ويندڙ شهرن، اولهہ طرف بدين، تلهار ۽ حيدرآباد ڏانهن ويندڙ مسافرن جي آماج گاهہ هوندو هو. اهي مسافر جڏهن ٽنڊي باگي کان گذرندا هئا تہ ضرور بہ ضرور پري جي مسافري ۽ ٿڪاوٽ سبب، رات جو ٽنڊي باگي ۾ رهي پوندا هئا اگر ڪنهن ماڻهو جو ڪو واقف ٽنڊي باگي ۾ رهندو هو تہ هُو ان وٽ اچي ترسندو هو نہ تہ ائين ميدان تي رات جو گذارو ڪري صبح جي هليا ويندا هئا. مير صاحب اهڙن مسافرن جي پريشاني محسوس ڪندي هن هڪ مسافر خانو ٺهرايو ان ۾ رات جو رهندڙ سمورن مسافرن کي مير صاحب جي گهران ماني ملندي هئي. ٽنڊي باگي ۾ رات رهڻ ۽ اتي جي حالتن کان واقفيت حاصل ڪندي، اهي ماڻهو هاءِ اسڪول ۾ هلندڙ تعليم بابت آگاهہ ٿيندا هئا. اهي ڳالهيون ۽ خبرون لاڙ ڪڇ جي پري پري جي علائقي تائين پيون پکڙنديون هيون. اتان کان شاگرد ڪهي اچي ٽنڊو باگو جي هاءِ اسڪول ۾ داخلا وٺندا هئا. اهڙي طرح روشني جا ڪرڻا پري پري تائين پکڙندا رهيا.

## مير غلام محمد ٽالپر جي تعليم جو سنڌ تي اثر

تقريبن هڪ سو سال اڳ سنڌ جنهن سماجي ۽ سياسي صورتحال جو شڪار هئي. انهيءَ جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ سنڌين جي

ڏارين خلاف نفرت ۽ بغاوت سبب، سنڌ جي صوبائي حيثيت ختم ڪري هن کي بمبئي صوبي سان ملايو ويو هو. سنڌ جا صوبائي فيصلا سڀ بمبئي ۾ ٿيندا هئا ٻي عالمگير جنگ کان اڳ سنڌ ۾ نوان جيل خانہ ٺاهيا ويا. مارشلائون لاڳو ڪيون ويون. هن تحريڪ کي ختم ڪرڻ جي بهاني سان قتل عام ڪيو ويو.

سنڌ ۾ 1931ع ۾ سکر بئريج ان ڪري ٺاهيو ويو تہ سنڌ جي زراعت ترقي ڪري. جيئن انگريز سامراج جي اپت ۾ وڌارو اچي. ان لاءِ هن سنڌ ۾ سکر بئريج ٺاهڻ سان ڏاريا ماڻهو لڏرائي اچي سنڌ ۾ آباد ڪيا. مقامي ماڻهن ۾ احساس محرومي پيدا ڪئي جاگيرداري ڪلچر کي ذوو وترايو ۽ زرعي سڌارا نہ آندا. زراعت جي شين جي اگهن ۾ ڪوبہ واڌاريو ڪونہ ڪيو. هارين ۽ مزدورن سان ظلم ڪيا ويا. سنڌ ۾ جاگيرداري ۽ قبائلي ڪلچر کي وڌائڻ، مذهبي ڌرين پيدا ڪرڻ لاءِ هنن ڪيترائي مسجد منزل گاهہ جهڙا واقعا ڪرايا. سنڌ جي الهبخش سومرو جهڙي وزير اعليٰ کي قتل ڪرايو ويو. مٽياري، ٺٽہ نصرپور جهڙن شهرن ۾ ملان ازم کي زور وترايو ويو جيئن مذهبي مت ڀيد ۾ واڌارو اچي.

انهن سمورين ڳالهين مان معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌ جي علمي، سماجي، سياسي ۽ شعوري ترقي کي تباهہ ڪيو ويو. اهڙي حالت ۾ سنڌي عوام جي پرجهلو صرف تعليم ئي هئي. جيڪا بہ سنڌ جا وڏيرا شاهي، پير ۽ مير روڪي رهيا هئا تہ سنڌين کي تعليم نہ ملي. ان هوندي بہ سنڌ جي ڪجهہ خير خواهن، مير غلام محمد ٽالپر، محمد ابراهيم ٽيبو الهڏنو شاهہ ۽ نور محمد وڪيل جهڙن ماڻهن ڪجهہ اسڪول کولرايا. عوام دشمنن پاران آندل طوفان جو مقابلو ڪيو تہ اهو تمام وڏو ڪارنامو آهي. ۽ سنڌ جو هاڻوڪو نسل انهن عظيم انسانن جو احسانمند آهي.

## آئنده ڇا ڪرڻ گهرجي

دنيا بدلجي وئي آهي. دنيا جون سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتون ۽ تقاضائون تبديل ٿي ويون آهن. سنڌ جو اج بہ وڏيرو حاڪم يا سياسي

اڳواڻ، عوام کي ڦري، لٽي دولت ٻاهرين ملڪن ڏانهن کڻي وڃي رهيو آهي. سنڌ اڄ بہ ڪنهن نہ ڪنهن غلامي جي قيد ۾ آهي. سنڌ روز بہ روز بدتر ٿيندي وڃي. بي روزگاري، غربت، جهالت، ڏارين جي آبادڪاري جهڙيون بيماريون وڌنديون آهن. انهي لاءِ ضروري آهي تہ ان صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ايماندارانہ ڪوششون ڪرڻ گهرجن. ان لاءِ تجويزون آهن تہ 1. هاءِ اسڪول ٽنڊو باگو ۽ سنڌ ۾ هلندڙ سمورن هاءِ اسڪولن ڪاليجن ۽ پرائمري اسڪولن جي مالڪي، عوام ڪري. ٻارڙن جي والدين خود اچي اهو ڏسن تہ اسڪول صحيح هلن ٿا يا نہ. اگر ڪوبہ اسڪول يا ڪلاس صحيح نہ هلندو هلي تہ ان لاءِ ذاتي طور پنهنجو اهم مسئلو سمجهي. ان کي حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ گهرجن.

2. هاءِ اسڪول ٽنڊو باگو جي هاسٽل هر حالت ۾ بحال ڪرڻ گهرجي ان لاءِ مخير حضرات سياسي سماجي تنظيمون، سياسي ليڊر حڪومت جا نمائندا، ذاتي دلچسپي وٺي هاسٽل بحال ڪرائن، غريب شاگردن جي رهائش ۽ ماني جو بندوبست ڪجي. ان سان گڏوگڏ هاسٽل ۾ رهڻ سان تعليم جو معيار بهتر ٿئي ٿو. ان جو جوڳو بندوبست ڪجي.
3. مير صاحب جي ورسي، صرف روايت برقرار رکڻ لاءِ نہ پر هڪ سنڌ جو بهترين تعليمي سيمينار ڪري ملهائجي، ان لاءِ سنڌ جي ڪنهن بہ يونيورسٽي ۾ اهڙو پروگرام ڪيو وڃي. ان ۾ عالمي ليول جا اسڪالر، تعليمدان ۽ مفڪر گهرائجن.
4. مير صاحب جي هن اسڪول ۾ هر مهيني جي تقريري مقابلا هم نصابي ڪمن ۾ مقابلا تعليمي، نصابي ڪمن ۾ مقابلا ڪرائجن، جيئن هوشيار شاگردن ۽ استادن ۾ حوصلو وڌي، پوزيشن کڻندڙ شاگردن کي سنڌ، ملڪ جو اسٽڊي ٽوئر ڪرائجي.
5. تعليم ڪاتي تي زور ڏجي تہ ٽنڊو باگو ۾ هو هر سال تعليمي ميلو ڪري جنهن ۾ سائنسي نمائش، جديد سائنسي اوزارن جي نمائش ڪتابن جي نمائش ڪئي وڃي.
6. مير صاحب جي هن هاءِ اسڪول کي فوري طور ڊگري ڪاليج

تائين ترقي وترائي وجي.

⌘

# محسنِ سنڌ

## - پروفيسر عبدالله ملاح

تاريخ جي عبادت ڪدي ۾ جلوه افروز هڪ شخص

ڪردار جي قد ڪاٺ جي ماپ تور جا ماپا ماڻهن انساني تاريخ جي ڪاتب وٽ ٻيا آهن ۽ دربارن جي ٽڪرن تي پيٽ پاليندڙن ابن غلام قاضين وٽ ماپ تور ٻي آهي. وقت جي حاڪمن جي دربارن جي درن تي نراڙ گسائيندڙن قاضين جي ڪتاب جا هيرا انساني تاريخ جي ٻي ريا ڪاتبن جي تاريخ ۾ انسان دشمن ۽ انساني حقن ۽ انساني پرامن تهذيبن جا غدار نڪتا.

جن ماڻهن تي پنهنجي دور ۾ قصيدا پڙهيا ويا . اهي سڀ تاج ڏٺي، انساني تاريخ جي ماپ تور ۾ ڪُتي پيا. انساني تقدس جي تاريخ جي تاج محلن جي چائنٺن تائين نه پهتا. تخت تاج محل ماڙيون سونا تخت طائوس تاريخ جي قبوليت جي ميلي ۾ پل پر قبول نه ڪرائي سگهيا. وقت جي دريا جي سيلابن سامهون صاحب ڪردار انسان جبلن جيان اڄ به قائم دائم آهن. مئي کان پوءِ سندن مقامن تان هوائون به هيٺ ڪنڌ ڪري احترام سان گذرن ٿيون. ميرباگي جي رت سان تعلق رکندڙ مير محمد خان ٽالپر جو پٽ مير غلام محمد ٽالپر انهن تاريخ جي ملوڪ مهاندبن راول راڻن مان هو پاڻ 1876ع ۾ ٽنڊي باگي جي شهر ۾ مير محمد خان ٽالپر جي گهر ۾ ڄائو. پاڻ ڄائو ته سندن زمين هند سرڪار وٽ گروي هئي سنڌ غلام هئي انگريزن جي بادشاهي جو زمانو هو. انگريزن 1843ع کان 1947ع تائين سنڌ تي بادشاهي ڪئي. ان سئو سالا تاريخ ۾ هنن هن سنڌ ۾ هڪ به ڪاليج قائم نه ڪيو هڪ به يونيورسٽي قائم نه ڪئي. هو سنڌ ۾ ۽ پوري هند ۾ اونداهي جا طلبگار هئا.

جبل مان گس جوڙي جيڪڏهن ٻي پار کان ڪنهن جو گهر لڀجي ته ان کي ترقي نه چئبو آهي. ريلوي رستا، پلون، هنن هند سنڌ مان گهر ڏٺين کان ڦريل ملڪيتون پنهنجي اصل گهر پهچائڻ لاءِ ٺاهيا ۽ هند سنڌ جي ماڻهن کي غلام رکڻ لاءِ گس گهڙيا. چور ڪاٺ هڻندا آهن پاڳئي جي گهر ۾ ٻتي نه ٻاريندا آهن.

هي لک مهربانيون چند علم پرور انسانن جون، جن هٿ علم جا به

چراغ ٻاريا ورنہ نسلن جا نسل جهالت ۽ لاعلمي جي غارن ۾ انڌن واريون هٿوراڙيون هڻي مري وڃن ها. مير غلام محمد ٽالپر انهن مهربانن سنڌ جي ضميرن مان هو. جن ٻر ۾ ٻرھہ جون ٻاهيون ٻاريون. سندس ڄائي ڄم کان سندن زمين گروي هئي پاڻ 1876ع کان 1909ع تائين عمر جا 34 سال پورهيا ڪيا. هر هلايا، ڪانٽيون ڪنيون، هرلا هلايا، عرضي نويسيون ڪيون، پوليس واري نوڪري ڪئي ۽ پوءِ جڏهن زمين تان گروي لٿي تہ ڊاڪٽر محمد يعقوب چواڻي تہ پاڙي جي زميندار کان 4000 هزار قرض کڻي ٻني آباد ڪئي فصل لٿا تہ نہ گاڏيون ورتيون نہ ٻنگلن مٿان بنگلا اڏايا محمد صديق مسافر کي حيدرآباد مان سرڪاري نوڪري تان موڪل وٺائي اچي 1920ع ۾ انگريزي اسڪول قائم ڪيو. محمد صديق مسافر چواڻي تہ ”مير صاحب پنهنجي بنگلي جون ڪرسيون کڻي اچي منهنجي حوالي ڪيون. چيائين تہ اسڪول هلائي. خرچ پڪي لاءِ مودي رکي ڏنائين. پگهار تي بورچي رکي ڏنائين، شاگردن جي رهائش، ڪتابن ۽ کاڌي پيتي جو خرچ پاڻ ڏيندو هو. 1922ع ۾ لارنس مدرسي جي هن عظيم عمارت جي تعمير ڪرائي. شاگردن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي لاءِ گبسن هاسٽل تعمير ڪرائي. اسڪول کي هلائڻ لاءِ سرڪاري گرانٽ ۽ پنهنجا اڍائي لک روپيہ ملائي انڊومينٽ فنڊ قائم ڪيو. جنهن جي اصل موڙي اڄ بہ قائم آهي. ان فنڊ جي وياج مان سندس جيئري ۽ مئي کان پوءِ هي اسڪول هليو اهيو فنڊ اڄ بہ قائم آهي. هو علم پرور شخص هو. هن نہ رڳو پنهنجي اسڪول ۾ ٻار پڙهايا پر سندس اسڪول مان پاس ٿي جيڪي شاگرد مسلم علي گڙھہ يونيورسٽي ۽ دهلي جي طبيہ ڪاليج ۾ پڙهڻ ويندا هئا انهن کي سندن پڙهائي جو خرچ پڪو ڏيندو هو. سنڌ جي وزيراعليٰ مير بنده علي ٽالپر کي ٻاهر پڙهڻ لاءِ ٽن سالن جي اسڪالرشپ ڏني. دائود پوٽو صاحب ڊاڪٽريٽ لاءِ ٻاهر ويو تہ ڪيس اسڪالرشپ ڏني. سنڌ ۾ ان وقت جيڪي اسڪول مدرسہ هلندا هئا انهن کي ماهوار وظيفو ڏيندو هو. ڊاڪٽر يعقوب مغل صاحب ڄاڻائي ٿو تہ عثمان ڍنڍيري ۽ مولوي حاجي احمد ملاح جي مدرسن کي ماهوار وظيفو مير صاحب ڏيندو هو. ڏيپلي واري هاءِ اسڪول کي ان وقت 5000 هزار ڏنائين 1927ع ۾ ٽنڊي ٻاگي م گرلس

اسڪول قائم ڪرايائين. اسڪول جي عمارت قائم ڪرائي لوڪل بورڊ حوالي ڪيائين گشتي دوا خانون قائم ڪرايائين. پنھنجي حاضري جي نوڪر جمع خاصخيلي جي پٽ قادربخش خاصخيلي کي لاھور ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جو خرچ ڏنائين. پنھنجي زمينن، ماچوري ۽ ڪڏاھري ۾ پنھنجي ھارين جي اولاد لاءِ پرائمري اسڪول قائم ڪرايائين. جيستائين جيئرو ھو انھن اسڪولن ۾ پڙھندڙ شاگردن جي ڪپڙي گندي، ماني ٽڪي ڪتابن جو خرچ پاڻ ڪندو ھو. مينھن وسندا ھئا بيماريون اچي منھن ڪنديون ھيون نہ سواريون نہ رستا نہ اسپتالون مسڪينن جو الله ڪان سواءِ ٻيو ڪير، مير صاحب ڊاڪٽر گھرائي پنھنجي ھڙان وڙان دوائون وٺي ٻھراڙي ۾ گشتي دواخاني ذريعي ماڻھن جا علاج ڪرائيندو ھو. گرلس اسڪول ۾ نياڻين کي ھنرمند بنائڻ لاءِ ھر مھيني ھرڪ ۽ بافتي جا ٻہ ٿان موڪليندو ھو تہ ڇوڪريون پرت پرڻ سکن. نہ رڳو ھن ٽنڊي باگي ۾ ويم گھر قائم ڪيو پر ان ويم گھر لاءِ دائين کي سکيا ڏياري. مڙس ٽڪو ڪونہ. رڻ ۾ علم جا شھر اڏي ڇڏيا. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، شيخ محمد سومار، ايم ايچ پنھور، حفيظ لغاري، ھن اسڪول مان پڙھيا. دلين جي سخاوت ۽ علم پروري جو جت بہ جڏھن بہ ذڪر ٿيندو تہ شروعات ھن سخي دل انسان جي نالي سان ٿيندي. روح جي سرن سان لارينس مدرسي جو ھن بنياد رکيو. ماڻھن جا سنگ مرمر جا محل مسار ٿي ويا. ھن عمارت جي چانٺ تي اڄ بہ حياتي جي آسمان جا چنڊ سجدي ۾ آھن. محل ڏٺين ملڪيتن تي ساھہ ڇڏيندڙن تخت ڏٺين جو ڪو نالو ونڻ وارو ڪونھي. ھن شخص جي ڪردار جي سونھن جا چراغ انساني تاريخ جي عبادت ڪدي ۾ جلوه افروز آھن جيستائين. انسانيت ۽ علم پروري ۾ نالو ھن دنيا ۾ باقي آھي ايستائين ھن سخي مڙس جي. انساني خدمتن جا قصہ ايرندڙ لھندڙ سج پيا ڳائيندا. خدا کيس جنت ۾ جايون ڏي، ھن جي مھربانين سان ھن پٽ جي پٽن اگھارن پورھيتن جي پٽن اڇا ڪپڙا پاتا.

⌘

# ایک فرشتہ جیسے انسان کی کتھا

**-ابو بکر شیخ**

تپتی اور خاموش دوپہروں میں جب کوئل بھی نہیں گاتی، میں امی کی گود میں سر رکھ کر لیٹا ہوتا تو امی آسمان سے آتے ہوئے فرشتوں کے متعلق باتیں سُناتی کہ، وہ اپنے ساتھ رحمتیں اور نوازشیں لیکر زمین پر آتے ہیں، میری امی نے کبھی کتابوں کا مطالع نہیں کیا، مطالع اسلئے نہیں کیا کہ وہ پڑھی لکھی نہیں تھی، ان دوپہروں میں امی کی شیرین باتیں سُن کر میری آنکھوں میں نیند بھر آتی اور میں اُس کی گود میں سو جاتا۔ جب بڑا ہوا تو "فرشتوں" کا لفظ جب بھی یاد پڑتا تو میں ڈھوںڈنے لگتا کہ کہیں کسی روپ میں دکھہ جائے۔۔ پر دکھا نہیں۔۔ کچھ لوگوں کے متعلق سُنا کہ فرشتوں جیسے ہیں۔۔ پر اُن سے ملنا نہ ہوا۔۔ پھر ایک دوست نے میر غُلام محمد تالپُور کا ذکر کیا جس کی کوئی اولاد نہیں تھی، پر سارے غریب بچوں کو وہ اپنی اولاد سمجھتا تھا، بغیر کسی تفریق کے، ویسے بھی اولاد میں کوئی بھی تفریق نہیں کرتا۔

بدین سے 27 کلومیٹر مشرق میں ایک چھوٹا سا شہر ہے "ٹنڈو باگو"، عجیب سا شہر ہے، جس جگہ کے متعلق پوچھو تو اُس جگہ سے ایک کہانی وابستہ ہے، شہر کے بیچوں بیچ جو نہر "باگو واہ" بہتی ہے اُس سے "میر باگو اور سندھ رانی" کی مشہور عشقیہ داستان وابستہ ہے، پھر آنکھوں کی وہ مشہور فلاحی ہسپتال بھی ہے جو ابھی تک لاکھوں بے نُور آنکھوں کو نُور لوٹا چکی ہے۔ پھر 1940ع کا بنا "صاحب محل" بھی ہے، جسے دیکھنے کیلئے سارے پاکستان سے لوگ آتے ہیں۔

1920ع کا وہ زمانہ تھا جب سادگی اور غُربت ساتھ ساتھ چلتی تھی، گورے کا راج تھا، موھن جو دڑو کی کھدائی نہیں ہوئی تھی، "جاگیریں"، "خان بہادُر"، "خان صاحب" کے لقب اور "آفرین نامے" بانٹنے کا زمانہ تھا۔ یہ وہ زمانہ تھا جب گندم کے چالیس کلو ایک روپے میں ملتے تھے، دیسی گھی چار آنے کلو کا بکتا۔ کراچی کی "الفنسٹن اسٹریٹ" کا نام ابھی "زیب النسا اسٹریٹ" نہیں پڑا تھا۔

میں 1932ع میں بن کر مُکمل ہونے والے، "لارینس مدرسہ" کے اُس "ڈائننگ ہال" کے سامنے کھڑا تھا، یہ اپنے وقت میں بڑی خوبصورت عمارت رہی ہوگی، جہاں کسی زمانے میں وہ بچے کھانا کھاتے تھے، جن کے گھر کچے اور کھانے کیلئے روکھی روٹی بھی مشکل سے ملتی تھی، اور اس ہال کے جنوب میں "گبسن بورڈنگ ہائوس" کی وہ خستہ عمارت ہے جس میں دُور دراز علائقوں سے آئے ہوئے بچے یہاں شب و روز گذارتے تھے۔۔اب اس ہاسٹل میں کوئی نہیں رہتا، بس تنہائی رہتی ہے۔۔اور دیواریں آپس میں ماضی کے خوبصورت دنوں کی یادیں آپس میں بانٹتی ہیں۔۔۔یہ 'ڈائننگ ہال' اور 'گبسن ہاسٹل'، لارینس مدرسہ (جو اب "گورنمنٹ ہائیر سیکنڈری اسکول" کے نام سے جانا جاتا ہے) کی اُس پُرشکوہ عمارت کا حصہ ہیں جو 1924ع میں بن کر مُکمل ہوا تھا۔۔اور اب تک 21,456 شاگرد اس اسکول سے تعلیم حاصل کر چکے ہیں۔

میں اسکول کی اس تاریخی اور خوبصورت عُمارت کو دیکھتا ہوں اور سوچتا ہوں کہ، کچھ لوگ ہی تاریخ بُنتے ہیں، اگر وقت اپنی سنگدلی پر آئے اور اپنی کوکھ سے ایسے انسانوں کو جنم دینا چھوڑ دے تو شائد یہ دُنیا رہنے کے قابل نہیں رہے گی۔

میر غلام محمد تالپور 'مانکانی میروں' کے خاندان سے تھے، ان کی جاگیر ہزاروں ایکرز پر پھیلی ہوئی تھی وہ یقینا ایک جاگیردار تھے، اُن کو 'خانبہادر' کا خطاب بھی ملا ہوا تھا، میں 'لارینس مدرسہ' کے موجودہ پرنسپل ڈاکٹر پروفیسر محمد اسماعیل میمن سے ملا، یہ صاحب خود بھی چند کتابوں کے مصنف ہیں۔ میر صاحب کے مُتعلق اُس نے جو باتیں کی اُن میں، میر صاحب کے متعلق احترام کی ایک خوشبُو تھی جو الفاظوں میں بستی تھی"۔ میں نے اس اسکول سے تعلیم حاصل کی ہے اور آج میں اسی اسکول کا پرنسپل ہوں، یہ سب میر صاحب کی وجہ سے۔ وہ فرشتہ تھے، ایک ایسے فرشتہ جس نے اپنے لئے کبھی کچھ نہیں سوچا، جب بھی سوچا غریب اور ناداروں کیلئے سوچا۔ 1914ع کی پہلی جنگ عظیم میں، میر صاحب نے، ہند سرکار کو ایک لاکھ روپیہ قرض دیا تھا جو اُنہوں نے بعد میں واپس کئے اور اس عمل کے بدلہ میں میر صاحب کو خانبہادر کا خطاب دیا۔ 1920ع میں، میر صاحب نے، محمد صدیق 'مسافر' جو یہاں کا تھا اور سندھی زبان میں بہت ساری کتابوں کا مصنف بھی رہا وہ اُس زمانے میں حیدرآباد میں ٹیچر تھا۔ میر غلام محمد نے اُس کو اسکول کہ مُتعلق اپنے خیالات بتائے، اور اس طرح اسی برس ایک کرایہ کی جگہ میں 'لارینس مدرسہ' کی ابتدا ہوئی۔۔اور دھیرے دھیرے ہاسٹل اور اسکول کی بلڈنگ 1924ع میں بن کر مکمل ہوئی۔"

یہ وہ زمانہ تھا جب علی گڑھ سے سرسید احمد خان نے 'تعلیمی تحریک' شروع کی تھی، جس کے زیر اثر کراچی میں 'سندھ مدرستہ السلام' چل رہا تھا۔

1932ع میں، گورنمنٹ سے ہائی اسکول کا درجہ حاصل کرنے والے اس اسکول کا پہلا 'مدرس اعلیٰ' مسٹر عبدالرحیم کرمتی بلوچ مقرر ہوا جو حیدرآباد میں وکیل تھا۔۔ گبسن ہاسٹل کو مسلسل چلانے کیلیئے میر صاحب نے، گوورنمنٹ کے Benevolent Fund میں تین لاکھ تراسی ہزار روپے ڈپازٹ کیئے، جس سے ماہانہ ملنے والے پئسوں سے ہاسٹل کا خرچہ چلتا تھا۔" "تو اب یہ ہاسٹل کیوں بند ہے۔؟" میں نے اسماعیل میمن صاحب سے پوچھا۔۔

"یہ 2004ع سے بند کردیا گیا ہے۔۔۔ کیونکہ ان جمع پئسوں سے، ہر ماہ اتنے کم پئسے ملتے ہیں کہ ہاسٹل کو چلانا ممکن نہیں ہے۔۔" میرے سوال کے بدلے جو جواب مُجھے ملا، وہ انتہائی مایوس کُن تھا۔۔ جھٹ سے مجھے میر صاحب کی یاد آئی، میں نے اُسے کبھی نہیں دیکھا۔۔ پر پھر بھی اُس کی بڑی یاد آئی۔

"1928ع میں ٹنڈو باگو کہ 'میر محلہ' میں، میر صاحب نے، عورتوں کے اسکول کیلیئے بلڈنگ بنوا کر مکمل کی اور 'لوکلبورڈ' کے حوالہ کی۔۔ مقامی طور پر کیونکہ ٹیچرز کا ملنا ممکن نہیں تھا، اسلیئے دوسرے شہروں سے اہتمام کیا گیا اور اچھے الائونس اور طعام و قیام کی سہولیت دے کر اسکول میں مقرر کیا گیا"۔۔۔ یہ اسکول ابھی تک اُس جگہ پر ہے، بس وہ بلڈنگ نہیں ہے جو میر صاحب نے بنوائی تھی، موجودہ گوورنمنٹ کی بنائی گئی عمارت میں 150 کے قریب بچیاں تعلیم حاصل کرتی ہیں۔۔

میر صاحب کی نیکیوں کا سفر یہاں پر ختم نہیں ہوتا۔۔ اُنہوں نے غریب، بے سہارا اور اپاہج مریضوں کیلیئے خاص وظیفے مقرر کیئے تھے جو اُن کو مالی مدد کرتے۔لوگوں کی غُربت دیکھ کر 1922ع میں "بولس شفاخانہ" کی بنیاد ڈالی، جہاں مُفت میں علاج ہوتا، اگر علاج طویل ہوجائے تو مریض کی رہائش، خوراک اور دوائوں کا مفت انتظام ہوتا۔۔

ڈاکٹر یعقوب مغل جو اس وقت "ڈاکٹر این۔اے۔ بلوچ ہیرتیج ریسرچ سینٹر" کے ڈائریکٹر ہیں، بہت عرصہ تُرکی میں بھی رہے، مغل صاحب نے بھی یہاں سے تعلیم حاصل کی ہے، وہ لکھتے ہیں:"۔ وہ عظیم انسان تھا، غریبوں کا دُکھ اُن سے سہا نہیں جاتا تھا۔۔ 1931ع میں، اُنہوں نے، عورتوں کیلیئے ہاسپٹل کھولی، اُس زمانے میں لیڈی ڈاکٹر ملنا ناممکن سا تھا، مگر میر صاحب نے بڑی جُستجو کے بعد ایک یورپین لیڈی ڈاکٹر، ہاسپٹل میں مقرر ہوئی اور شفا کے دروازے کُھل گئے ساتھ میں وہ ہی میر صاحب کی دریادلی اور شفقت کہ، علاج اور دوائیں مفت، رہائش اور کھانا بھی مُفت۔"

فقط یہ نہیں تھا، بہت سارے علم کے پیاسوں کو، میر صاحب نے انگلینڈ، دہلی، لاہور، ممبئ اور کراچی بھیجا، اُن کا سارا خرچہ میر صاحب نے بھرا، کوئی علم کا ڈاکٹر بن کر لوٹا، کوئی طب و جراحت کا سرٹیفکیٹ لے کر آیا، کوئی فاضل طب و جراحت کا اعزاز لے کر آیا۔ ہزاروں ایسے بڑے نام گنائے جاسکتے ہیں، جو ماضی و حال میں بڑے نامور نام ہیں اور وہ محض اسلیئے ہیں، کہ میر صاحب تھا۔۔ایک اندازہ کریں اس ہائی اسکول کو 1990ع میں اپ گریڈ کر کے ہائیر سیکنڈری کا درجہ دیا گیا، تب سے اب تک، انٹر پاس شاگردوں کی تعداد 4776 ہے۔

نتھومل موروانی جس نے اس اسکول میں بنیادی تعلیم حاصل کی، پھر یہاں آکر اُستاد ہوئے، وہ 1976ع میں چھپی ایک کتاب میں تحریر کرتے ہیں کہ:"۔ آج تک اسکول کے سینکڑوں شاگردوں کو ہاسٹل میں مفت کھانا اور رہائش ملتی ہے، اس اسکول سے آج تک ہزاروں طالب علم، تعلیم حاصل کر کے نکلے ہیں، جن میں سے بہت سارے اہم عہدوں پر فائز ہیں، بہترین سیاستدان، عالم، ادیب، مفکر، ڈاکٹر اور اُستاد اس اسکول کی دین ہیں۔"

میں ایک غُبار لیکر وہاں کے مقامی صحافی عُثمان راہو کڑو کے پاس پہنچا۔۔اور ان عمارتوں کی خستگی کے مُتعلق پوچھا، جواب جو ملا وہ آپ بھی پڑھ لیں۔" آپ خوشنصیب ہیں کہ یہ گرتی ہوئی دیواریں تو کم سے کم دیکھ رہے ہیں۔۔دس برسوں کے بعد شائد یہ بھی دیکھنے کو نہ ملیں، یہاں اثاثے سنبھالے نہیں جاتے بلکہ برباد کرنے کی روایت ہے۔۔۔ایک زمانے میں اسکول میں بہت بڑی لائبرری تھی، اب وہاں کچھ بھی نہیں ہے۔۔میر صاحب اس وقت اگر آجائیں تو خُون کے آنسو روئیں گے۔ میر صاحب بڑے انسان تھے، بہت بڑے۔ یہ اسکول 2003ع میں قومی لوک ورثہ کی لسٹ میں شامل ہے اور اس وقت جو اسکول کا نام ہے اُس میں میر صاحب کا نام تک شامل نہیں۔ میں اس بات کو مانتا ہوں کہ، میر غلام محمد نے اتنے سارے ادارے بنائے پر کسی پر بھی اپنا نام نہیں رکھا۔۔۔ یہ اُس کا بڑ کپن تھا پر اُس کے جانے کے بعد جب نیا نام رکھ رہے تھے تو کیا میر صاحب کا نام موزون نہیں تھا۔!!؟؟"

عُثمان راہو کڑو نے یہ بھی بتایا کہ، میر صاحب کا ایک گشتی شفاخانہ بھی تھا جو اونٹھوں اور بیل گاڑیوں پر ہوتا تھا اور دور دراز علائقوں میں جاکر علاج کی سہولیت فراہم کرتا، گائوں "ماچوری" اور "کھڈہرو" (ٹنڈو باگو) میں میر صاحب نے اسکول اور ہاسٹل بھی بنوائی تھی۔۔

میں نے ٹنڈو باگو میں اُس مسافر خانہ کی تلاش کی جو بھی میر صاحب نے بنوایا تھا کہ، مسافر آتے جاتے ہیں، دھوپ ہے، بارش اور سردیاں ہیں، چھوٹے چھوٹے بچے اور عورتیں کہاں جائیں

گے لیکن اُس مسافر خانہ کا مُجھے کوئی نشان تک نہیں ملا۔

ٹنڈو باگو کی گلیوں میں، نہ جانے کتنی باتیں ہیں جو میر صاحب کی شفقت کے گیت گاتی ہیں۔ کہتے ہیں، میر صاحب کا ایک خادم تھا، جمع خاصخیلی، میر صاحب نے اُس کے بیٹے کو اُس کی خواہش پر تعلیم حاصل کرنے کیلئے دہلی بھیجا، وہ جب اپنی تعلیم مکمل کر کے آیا تو لوگوں نے دیکھا کہ، جمع کا بیٹا قادر بخش، لارینس مدرسہ کا ہیڈ ماسٹر بنا۔ میر صاحب کے متعلق مجھے جتنی معلومات ملتی گئی وہ حیران کر دینے والی تھی۔ حیرت اور احترام کے بیج تھے جو میری روح کی زمین پر اُگتے جاتے۔

1928ع میں ایک تعلیمی کانفرنس ہونی تھی، جی۔ ایم۔ سید صاحب نے ایک دعوت کا خط میر صاحب کو بھیجا تھا۔ جس کا جواب میر صاحب نے تحریر کیا تھا، یہ انتہائی مختصر خط ہے، مگر تاریخی حقائق کے حوالے سے انتہائی اہم ہے۔۔ لکھتے ہیں:

"20 جنوری کا آپ کا نوازش نامہ موصول ہوا، میں بہت دُکھی ہوں۔ اپنے جو وسائل ہیں وہ بروئے کار لا کر جو ہو سکتا ہے وہ کر رہا ہوں۔۔ پر عام لوگوں کی جہالت، بیکاری اور غُربت دیکھ کر رو پڑتا ہوں۔ میں نے اپنی ساری ملکیت ان لوگوں کیلئے وقف کر دی ہے۔۔ پر میں اکیلا آدمی کیا کر سکتا ہوں؟ سندھ کے جاگیر دار، زمیندار، پیر اور مخدوموں کو غریبوں سے کوئی ہمدردی نہیں ہے۔ طبیعت ناساز ہے اسلئے شرکت نہیں کر سکوں گا۔ معافی کا طلبگار ہوں۔۔ خدا آپ کو ان کوششوں میں کامیاب کرے۔"

میر صاحب کی شخصیت میں اتني وسعت ہے کہ یہ تحریر اُس کا احاطہ نہیں کر سکتی۔ ایک تشنگی رہ جائے گی اور یہ تشنگی کسی تحقیقی تھیسز کے بعد ہی ختم ہو سکتی ہے۔

کہتے ہیں کہ، 1932ع کی سردیاں زیریں سندھ اور خاص کر ٹنڈو باگو کیلئے بہتر ثابت نہیں ہوئیں، پیار علی جعفری جو لارینس مدرسہ کا شاگرد تھا اور ان دنوں، کراچی میں اپنے شب و روز گذار رہا ہے، وہ اپنی تحریر میں لکھتے ہیں: "۔۔۔ سردیاں تھیں، 12 فروری 1932ع کو میں اسکول میں تھا اور ہم پڑھ رہے تھے، کہ اتنے میں میر صاحب کا ملازم چیختا پکارتا آیا۔ میر صاحب ہم کو چھوڑ گئے تھے، سارے لوگوں کو میں نے روتے پیٹتے دیکھا۔ ایک قیامت برپا تھی۔۔ جو سُنتا وہ سر پیٹنے لگتا۔"

میں نے 1932 کا کیلینڈر دیکھا، وہ جمع کا دن تھا۔

میں میر صاحب کی رہائش گاہ پر گیا، جہاں میر صاحب نے 1932ع، جمع کے دن اپنی گھر کی چھت کو آخری بار دیکھا تھا۔ میں نے بھی دیکھا۔۔ ایک ٹوٹی پھوٹی، سرخ اینٹوں کی چودیواری، چودیواری کے اندر ایک خستہ سے گھر کے اُجڑے ہوئے نشانات۔ خار دار جھاڑیاں اور خاموشی اب

اس عظیم انسان کے گھر کے آنگن میں اُگتی ہے۔ میں خاموش رہا۔۔ کہ میر صاحب کی رہائش کی یہ حالت دیکھنے کے بعد کہنے کیلیئے کچھ بچا ہی نہیں تھا۔

شام ہونے کو آئی تھی، اور مجھے واپس لوٹنا تھا۔ لیکن میں ٹنڈو باگو کو، اُس فرشتے جیسے انسان کی آخری آرامگاہ پر حاضری دینے سے پہلے چھوڑنا نہیں چاہتا تھا۔ میں نے دعا کیلیئے ہاتھ اُٹھائے۔ آنکھیں تر ہو گئیں۔ امی صحیح کہتی تھیں۔ آسمان سے نیکیاں کرنے فرشتے زمین پر آتے ہیں۔

# تاريخ جو اڻڏيندڙ ڪردار

**- ڊاڪٽر دودو مهيري**

انگريز بهادر سڄي برصغير کي پنهنجي حرفت ۽ چالاڪي، فني، فوجي، واپاري ۽ سياست جي نون طور طريقن سان فتح ڪري ڇڏيو.

تاريخ ۾ اڳي جيڪي بہ حڪمران، حملي آور ٿي آيا هئا انهن جي حڪمراني جو طور طريقو شهنشاهي، بادشاهي وارو هو جن وٽ عوام جي ڀلائي بجاءِ انهن جا شوق شڪار سان گڏ زندگي جا ٻيا مشغول پئي رهيا. جڏهن تہ انگريزن 16هين صدي کان آيل انقلابي تبديلي هيٺ نئين جهان جا وارث هئا. جن وٽ حڪمراني لاءِ باقاعدي هڪ سڌريل سياسي ڍانچو هو جنهن ۾ عوامي ادارا، عدالتون، سول انتظاميہ، فوجي طاقت سان گڏ ٻين ڪيترن ئي نون بنيادن تي حڪمراني ڪري رهيا هئا. اهو سبق هتي بہ کڻي آيا جنهن هيٺ جديد مواصلات، اريگيشن، ريلوي سسٽم، بئراج سسٽم هيٺ هن ستل دنيا کي جنجهوڙي اگهور ننڊ مان اٿاري هڪ ڀرپور زندگي سان روشناس ڪرايو.

اهڙي ريت سنڌ بہ انگريزن جي حڪمراني هيٺ هلي وئي جنهن سان سنڌ واسين کي نوان چئلينج سامهون آيا جنهن ۾ جديد تعليم جو اثر مسلمانن ۾ تمام دير سان آيو. ان لاءِ پهرين حسن علي آفندي سنڌ مدرسي جو بنياد رکيو. ان کانپوءِ مير غلام محمد خان ٽالپر ٽنڊي باگي جهڙي ننڍي ڳوٺ ۾ جديد تعليم لاءِ پنهنجي جائداد جو وڏو حصو وقف ڪري ڇڏيو جنهن ۾ عاليشان هاءِ اسڪول، هاسٽلون، ٻارن جي رهائش، مفت کاڌو پيتو اڄ ٿو وڃي. انهن هاسٽلن ۾ هڪ هاسٽل جو نالو "گبسن" بہ هو. جڏهن مير صاحب ان درسگاهہ لاءِ پنهنجي زمين وقف ڪري رهيو هو تہ ان محفل

۾ مير صاحب زمين ڪانسواءِ پنج لک روپيہ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. تڏهن انگريز عملدار بہ ان محفل ۾ هڪ لک روپيين جو اعلان ڪيو. ڏسو تہ سنڌ جو خيرخواهہ پنج لک ڏئي رهيو هو ۽ انگريز عملدار هڪ لک روپيہ ! جنهن جو انگريز سرڪار نوٽيس وٺي گبسن جو پچاڙو ڪيو.

مير صاحب کي ڪوبہ اولاد نہ هو. مير صاحب وڏو ماڻهو هو. ميراٽي ريت بجاءِ سڄي سنڌ جي ٻارن کي پنهنجو اولاد سمجهي انهن لاءِ پنهنجي ملڪيت وقف ڪري هزارين ٻارن کي ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ ٻين شعبن جي لاءِ اعليٰ تعليم يافتہ ٻار پيدا ڪري سنڌ جي تاريخ جي هڪ نئين روايت جو بنياد رکي ڇڏيو جنهن جو فيض صدين تائين سنڌ حاصل ڪندي رهندي.

اڃان هي مثال تہ ڏسو. هيڏي اداري جي وسيع اڱڻ تي مير صاحب ۽ سندس گهر واري جون ٻہ ننڍيون قبرون بہ سندس سخاوت، سادگي، عاجزي جو مثال ڏئي رهيون آهن.

مير صاحب تون واقعي تاريخ جي اڏيندڙن مان هڪ بيمثال ڪردار آهين.

⌘

# لاڙ جو سخي لال

**- راجا پون**

سنڌ ڌرتي ازل کان صوفين، درويشن، فقيرن، بزرگن، سماجي خدمتگارن، ڏاتارن جي، سخين جي ۽ پيار ڪندڙ ماڻھن جي ڌرتي رھي آھي. شايد اھو ئي سبب آھي جو سڄي دنيا جي ڪنڊ ڪُڙڇ منجھان محبت ۽ روحانيت جا متوالا سَنت ۽ مھاتما ھتي اچي سنڌ جي سونھن ۾ سمائجي ويا. جنھن ڪري سنڌ جي سونھن ويتر نکري آئي.

اھڙن ئي عظيم ڪردارن مان لاڙ جو لال مير غلام محمد خان ٽالپر بہ ھڪ ھو. جيڪو تمام وڏي جاگير جو مالڪ ھوندي بہ سادہ دل انسان، غريبن، مسڪينن ۽ يتيمن جو ھڏ ڏوکي ۽ مددگار ھو. جنھن علم جي روشني کي ئي غلامي مان نجات جو ذريعو سمجھي ان جاکوڙي قافلي سان راھي ٿيو. جن جي زندگي جو مقصد ئي انسانذات جي ڀلائي ۽ انھن جي خدمت لاءِ وقف ٿيندو رھيو. جنھن وقت سنڌ ۾ جھالت جو راڪاس تاري ھو ۽ لاڙ خطي جو ھڪ مال چاريندڙ ڌراڙ يا ڪو اتي لپ لاءِ واجھائيندڙ غريب مسڪين زمين ۾ ھارپو ڪندڙ علم جي ع کان بہ اڻ واقف ھو ۽ جڏھن وڏيراشاھي، جاگيرداري نظام پنھنجي عروج تي ھو ۽ ھر طرف جھالت ئي جھالت ھئي. اوندھہ ئي اوندھہ ھئي. ان اھڙي دؤر ۾ ھي لاڙ جو لال جنھن عِلم جو عَلم بلند ڪيو ۽ لاڙ ۾ ان غلاميءَ جي دؤر ۾ پنھنجي دانشمندي ۽ ڏاھپ سان سن 1920ع ۾ ٽنڊي باگي ۾ علم جي شمع روشن ڪئي. ساڳئي وقت سندس ھردلعزيز دوست ۽ وک وک تي سندس ساٿ نڀائيندڙ محمد صديق مسافر جھڙي عظيم انسان سان گڏجي لاڙ جي ھن پٽتي پيل علائقي جي ماڻھن کي علم جي دولت سان مالامال ڪيو.

مير صاحب انهي ڳالهه کان چڱي ريت واقف هو تہ پينگهي کان قبر تائين علم حاصل ڪريو جي فڪر کي گڏ ڪٽي هلڻ وارن عظيم انسانن ۾ عالمن شمس تبريز کان مؤلانا رومي تائين، شاه حسن کان بلهي شاهه تائين، قلندر لال شهباز کان لطيف سرڪار ۾ سچل سائين تائين علم حاصل ڪرڻ دنيا جي مڙني وڏي پايي جي عالمن ۾ درويشن دنيا جو ڳچ حصو پنهنجي پيرن هيٺان لتاڙيو هو ۾ ڪيس ان ڳالهه جي چڱي ريت ڄاڻ هئي. هتي جو لاڙ پٽ جو غريب، مسڪين، مال چارينڌڙ مارو ماڻهو علم جي روشني سان منور ٿي پنهنجي پيرن تي بيهي دنيا جي هر ظالم ۾ جابر اڳيان پنهنجو ڳاٽ فخر سان اوچو ڪري. غلاميءَ ۾ جهالت جي زنجيرن مان نجات حاصل ڪري. هن هر دل عزيز انسان کي لاڙ جو فرشتو ڪري چئجي تہ ڪو بہ وڌاءُ نہ ٿيندو. جنهن هر قسم جي متڀيد، ذات پات، اونچ، نيچ ۾ سيني مذهبن کان مٿانهون ٿي پنهنجي اندر ۾ صرف ئي صرف، پيار ۾ پنهجائپ جي سوچ کي ڏاري لاڙ جي مسڪين ماڻهن کي ئي پنهنجو اولاد سمجهي نہ صرف هن عظيم درسگاه جو بنياد رکيو پر هتان جي مسڪين ماڻهن لاءِ گشتي دواخانہ، مسافر خانہ، نياڻين جي تعليم لاءِ گرلس اسڪول، ميٽرنٽي هوم، غريب ۾ مستحق شاگردن کي وظيفا ڏئي ڪين اعليٰ تعليم لاءِ ولايت موڪلڻ جو بندوبست ڪرڻ، بيواه عورتن کي وظيفو ڏيڻ، ديني تعليم لاءِ مدرسن جي مالي مدد ڪرڻ بہ مير صاحب جي عمل جو حصو رهيا. ٿورو تصور ڪريون تہ گهُٽ، ٻُوسٽ، محرومي ۾ مايوسي واري ان دؤر ۾ علم جي لاٽ ٻارڻ ۾ بغير ڪنهن چندي يا ٻين کان مدد وٺڻ جي هي عاليشان درسگاهہ جوڙڻ سندن زندگي جو شاهوڪار عمل آهي.

مير صاحب عاشقِ علم تہ ضرور هو پر ان سان گڏوگڏ غريب نواز پڻ هو. جيڪو غريب ٻي پهچ شاگردن کي هاسٽل ۾ رهائي انهن جي کاڌ خوراڪ جو پڻ بندوبست ڪندو هو. لاڙ جي هن عظيم درسگاه مان ڪيترائي شاگرد تعليم حاصل ڪري اڄ بہ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پنهنجي زندگي جي مقصدن کي نہ صرف حاصل ڪيو پر اهي جتي اعليٰ مڪتبن تائين پهتا اتي انهن شاگردن هن عظيم انسان جي ڪيل ڪمن

کي ساراهيو ۽ دنيا ۾ مير صاحب جو نالو روشن ڪرايو.

اسان سميت سمورا اهي شاگرد جيڪي هن درسگاهه مان علم پرائي اڄ پنهنجي زندگي سٺي نموني گذاري رهيا آهن ۽ اڄ اسين اهو فخر سان چئي سگهون ٿا تہ اسين مير صاحب جي هن درسگاهه جا طالب رهيا آهيون.

هر انسان کي دعائن جي ضرورت هوندي آهي پر مير صاحب جو ڪردار ۽ سندن عمل ئي ساڻس قيامت تائين دعاگو رهندا ڇو تہ مير صاحب هتان جي غريبن، مسڪين ماڻهن سان ڀلائي ڪئي ۽ عوام جي خدمت ڪرڻ کي پنهنجي عبادت سمجهو. هن عظيم انسان تي بہ اکر لکڻ آئون پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهان ٿو ۽ اولڊ بوائز ايسوسيئيشن ٽنڊو باگو جي سموري ٽيم جس لهڻي، جنهن وڏين محنتن ۽ ڪاوشن سان هن ڪتاب کي سهيڙي سنڌ جي نوجوان نسل تائين مير صاحب جي ڪيل ڪمن ۽ زندگي بابت مڪمل ڄاڻ ڏيڻ لاءِ هي تاريخي ڪتاب ڇپرائي اهو ثابت ڪيو آهي تہ مير صاحب صديون گذرڻ باوجود بہ اسان سان گڏ آهي ۽ اسين پنهنجي محسن مير صاحب کي ڪيئن ٿا وساري سگهون؟

نابودي نيئي، عبد کي اعلىٰ ڪيو،
مورت ۾ مخفي ٿيا صورت پڻ سي ئي،
ڪبي اُت ڪيهي، ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي.
(شاهہ)

⌘

# تعليم لاءِ جاکوڙيندڙ مير

**- غفار کوسو**

ٽنڊوباگو ميرباگي ۽ سنڌ راڻي جي داستان، مشهور شاعر "خليفي نبي بخش لغاري" هاءِ اسڪول ٽنڊي باگي جي باني خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر ۽ اعليٰ تعليمي ماهر هن شهر ۽ علائقي جي شهرت، اهميت، سياسي ۽ سماجي حيثيت جي باري ۾ ڪجھ ٻيا بہ اهم واقعا آهن جن کي شمار ڪري سگھجي ٿو انهن مان هڪ اهم واقعو ٽنڊوباگو لڳ اڏوڙي ۾ خاڪسار تحريڪ جي ڪئمپ جو انعقاد هو جنهن ۾ لڳ ڀڳ 20000 خاڪسارن شرڪت ڪئي هئي. سن 1938ع ۾ منعقد ٿيندڙ ۽ ٽي ڏينهن هلندڙ ان ڪئمپ ۾ خاڪسار تحريڪ جي باني علامہ عنايت الله مشرقي پڻ شرڪت ڪئي هئي. هن ڪئمپ جو تفصيل رئيس ڪريم بخش نظاماڻي پنهنجي مشهور تصنيف "ڪيئي ڪتاب" ۾ ڏنو آهي، جنهن ۾ هو پاڻ هڪ خاڪسار جٿي جي اڳواڻ جي حيثيت ۾ شريڪ ٿيو هو. ان کان علاوه ٻيو هڪ تاريخي اهميت وارو واقعو سن 1953ع ۾ ٽنڊي باگي ۾ هاري ڪانفرنس جو انعقاد هو. ان ڪانفرنس جو ذڪر ڪامريڊ مير محمد ان ڪتاب ۾ اهو پڻ لکيو آهي تہ سنڌ جي ٽالپرن ۾ واحد خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر هو جنهن تعليم لاءِ جاکوڙ ڪئي ۽ ٽنڊي باگي ۾ هڪ عاليشان اداري جو قيام عمل ۾ آندو. پاڻ شمس العلماءَ دائودپوٽي کي پڻ وظيفو ڏئي اعليٰ تعليم لاءِ پرڏيھ موڪليائون.

ٽنڊي باگي جي هاءِ اسڪول ۾ هزارين غريب توڙي امير شاگردن تعليم حاصل ڪئي. هڪ شاندار هاسٽل ٺهيل هئي، جنهن ۾ سڀ بنيادي سهولتون ميسر هيون. ڏورانهن علائقن کان غريب شاگرد ان هاسٽل ۾ اچي

رھندا ھئا. ھاسٽل جو سمورو خرچ مير صاحب جي پئسن مان ھلندو ھو. آئون بہ پنھنجي زندگي جا پنج سال ڇھين ڪان ڏھين درجي تائين ھاسٽل ۾ رھيس. آئون انھن پنجن سالن کي پنھنجي زندگي جو تمام وڏو اثاثو سمجھان ٿو. ٽنڊي باگي ھاءِ اسڪول ۾ گذاريل پنج سال منھنجي زندگي جو ھڪ يادگار باب آھن. منھنجا محسن استاد ۽ منھنجا پيارا دوست اڄ بہ منھنجي ساھ ۾ سانديل آھن. آئون جڏھن يادگيرين جي ڪتاب جا ورق ورايان ٿو تہ ھاسٽل جي زندگي ھڪ پيڙھہ جو پٿر محسوس ٿئي ٿي جنھن ذريعي شاگردن جي ذھني واڌ ويجھ جي عمارت نھي تيار ٿيندي ھئي. ان زندگي جي وڏي سکيا نظم و ضبط Discipline ھو. چوويھ ڪلاڪن جو شيڊول ڪجھہ ھن طرح ھوندو ھو: جيئن ئي اسڪول جي موڪل ڪانپوءِ اسين پنھنجي ڪمرن تي پھچندا ھئاسين تہ ٻنھپھرن جي ماني لاءِ گھنٽي وڄندي ھئي. ڊائننگ ھال جي ڪشادي ۽ خوبصورت ھال ۾ ساديون ۽ صاف سٿريون بينچون ۽ ميزون رکيل ھونديون ھيون . جست جي پليٽن ۽ وٽين ۾ ھاسٽل جي مانيٽر جي نگراني ۾ کاڌو کائي سڀ شاگرد ڪمرن تي واپس ايندا ھئاسين. ڪلاڪ کن آرام ڪرڻ ڪانپوءِ ٽيوشن جي گھنٽي وڄندي ھئي. ھر شاگرد بہ ڪلاڪ خاموشي سان ويھي پڙھندو ھو. ٻن ڪلاڪن ڪانپوءِ ٽيوشن جي خاتمي جي گھنٽي وڄندي ھئي ۽ سڀ شاگرد پنھنجي پنھنجي دلچسپي ۽ شوق مطابق راند کيڏڻ ۽ ڏسڻ لاءِ ھليا ويندا ھئا. ڪرڪيٽ، فوٽ بال، والي بال، باسڪيٽ بال ۽ ٽيبل ٽينس وغيره. انھن رانڌين کان علاوه ڪڏھن ڪڏھن درين راند، ٻيلھاڙي ۽ ملھہ جا مقابلا پڻ ٿيندا ھئا. ھڪڙو ننڍڙو ٽي - وي ھال پڻ ھو جنھن ۾ شام جي وقت وڄي خبرون يا سنڌي ڊرامو ڏسندا ھئاسين. رات جي ماني ڪانپوءِ ٻيھر ٽيوشن جي گھنٽي وڄندي ھئي ۽ ٻن ڪلاڪن لاءِ سڀ شاگرد پڙھڻ ۽ ڪاپيون فيئر ڪرڻ کي لڳي ويندا ھئا. ٽيوشن جي ان عرصي دوران ھائوس ٽيچر اڪثر ڪمرن جي وزٽ ڪندا ھئا. ھفتي ۾ فقط ھڪ ڏينھن ٻن ڪلاڪن لاءِ شھر وڃڻ جي جازت ملندي ھئي. اسين ڪجھہ دوست گڏجي شھر لاءِ نڪرندا ھئاسين. اتي پنھنجي ھم جماعت شاگرد دوستن سان ضرور ملندا

هئاسين جيڪي شام جي وقت پنهنجن دڪانن تي ويهندا هئا. منهنجي دوست ليلارام وارن جو اسٽيشنري جو هڪ ننڍو دڪان هو. منور ڪٽي وارن جو ڪپڙي جو دڪان هو. راڌا ڪرشن ۽ مرحوم جهامنداس وارن جا ريزڪي دڪان هئا. ڪڏهن وري اسين ڪڏهري وارو رستو وٺي پنڌ ڪرڻ لاءِ نڪري ويندا هئاسين جتي ڳوٺاڻي زندگي، ٻنيون ٻارا، ڪمند سان ڀريل بيل گاڏيون، اُٺن، ٻڪرين ۽ مينهُن جا ڌڻ، ڏسندا هئاسين. ان رستي تي شهر جي ويجهو ئي ڪولهين جو هڪ ڳوٺ اوڪلو ڪولهي آهي، ان ڳوٺ ۾ اسان جو هڪ هم جماعت دوست ڪيولرام رهندو هو. ان ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول جي عمارت ڪچي هئي ۽ ڳوٺ جي وچ ۾ ٿهيل هڪ ننڍڙو مندر پري کان نظر ايندو هو. 2011ع واري ٻوڏ ڪانپوءِ آئون ان ڳوٺ ۾ ويس تہ مونکي گهڻو افسوس ٿيو ڇاڪاڻ تہ ان ڳوٺ جي غربت ۾ تمام گهڻو اضافو نظر آيو. انساني آبادي گهٽي وڌي وئي هئي پر اسڪول جي عمارت اها ئي ڪچي هڪ جهوپڙي تي مشتمل هئي. ڪڏهن ڪڏهن اسين وري باگي واهہ جو ڏاکٽيون ڪنارو وٺي وڃي قدرت جا نظارا ڏسندا هئاسين. تِن ڏينهن ۾ واهہ جي ڪناري تي ٻيرن، ٽالهي ۽ سرهيل جا وڏا وڏا وڻ هوندا هئا.

ٽنڊي باگي اسڪول جي يادگيرين جي جو سڀ کان اهم حوالو منهنجا اهي محسن استاد آهن جيڪي ماٺن جهڙا مهربان هئا. انهن مان ڪجهہ راهہ رباني وٺي روانا ٿي چڪا آهن، الله پروردگار کين جنت نصيب ڪري. جيڪي حال حيات آهن الله پاڪ انهن جي عمر دراز ڪري ۽ کين صحت عطا فرمائي. ڪيترائي استاد هئا جيڪي پنهنجو مٽ پاڻ هئا. مرحوم سائين قمرالدين قاضي صاحب، سائين علي بخش لغاري صاحب، محترم سائين بخش ٽالپر صاحب، سائين خدا بخش ٽالپر صاحب، محترم سائين نٿو مل موررواٽي صاحب، سائين سليمان ٽالپر صاحب، سائين محمد پريل انصاري صاحب، سائين بهاول زئور صاحب، سائين محمد ياسين جتوئي صاحب، سائين يار محمد خاصخيلي صاحب، سائين محمد صالح قمبراڻي صاحب، سائين الهڏنو عباسي صاحب ۽ سائين محمد اسماعيل

ميمڻ صاحب وغيره. اهي محترم استاد جن اسان کي پڙهايو، سڀ سون ۾ تورڻ جهڙا هئا. سائين نٿو مل موروواڻي صاحب جي باري ۾ مون هڪ مضمون اڳي لکيو آهي. ٻين محترم استادن جي شخصيتن بابت آئنده ضرور لکبو. هتي آئون منهنجن ٻن استادن جي باري ۾ چند الفاظ لکندس. انهن مان هڪ مرحوم سائين سليمان عرف "مير محبوب" ٽالپر صاحب هئا. پاڻ ستين درجي ۾ اسان جا ڪلاس ٽيچر هئا. ان کان علاوه اسان کي سماجي اڀياس، حساب ۽ سنڌي پڻ پڙهايائون. ڏاڍي محنت ڪندا هئا ۽ وڏي شوق سان پڙهائيندا هئا. سزا جي ڳالهه پري رهي پر ڪڏهن ڪؤڙو ٻه ڪونه ڳالهائيندا هئا. فري پيرڊ ۾ اڇي عالمي جنگين ۽ ٻين تاريخي واقعن بابت ڪهاڻين جي انداز ۾ تفصيل ٻڌائيندا هئا. سندن ساڄو هٿ ڪنهن سبب جي ڪري ڪم ڇڏي ويو هو. پاڻ کاٻي هٿ سان لکڻ جي هير وڌائون. موتين جهڙا سهڻا اکر لکندا هئا.

ٻيو ذڪر آئون مرحوم سائين الهڏني عباسي صاحب جو ڪرڻ چاهيندس. ڪين انگريزي ٻولي سان جنون جي حد تائين چاهه هو. نائين ۽ ڏهين درجي ۾ اسان جا ڪلاس ٽيچر هئا. انين درجي ۾ ٻه انگريزي گرامر پڙهائيندا هئا. سندن شخصيت رعبدار هئي. ڪنهن وقت ڏاڍي عجيب مرڪ سندن چپن تي ايندي هئي. ان مرڪ جي ذريعي هو ڪنهن شاگرد کي پنهنجي غلطي جو احساس ڏياريندا هئا. پاڻ 32 سال درس تدريس جو فرض انجام ڏنائون. پنجن ٻولين ۾ دنيا جي پهرين ڊڪشنري لکي اٿن جيڪا اڃان تائين اڻڇپيل آهي. انگريزي گرامر جو هڪ .... ڪتاب لکيائون جنهن جو فقط هڪ باب ڪتابي صورت ۾ ٻه دفعا شايع ٿيو آهي. ان ڪتاب جو نالو Learning English grammer, 23 tenses آهي. پاڻ انگريزي زبان جي وسيع مطالعي ۽ سيکارڻ جي تجربي جي بنياد تي انگريزي زبان جي مروج ٻارهن زمانن کان علاوه ٻيا ٻه مزيد يارهن زمان گڏ ڪري جملي جملي ٽيويهه زمان قاعدن، مثالي جملن، گردان، جوابي، سوالي، هاڪاري ۽ ناڪاري جملن ذريعي سمجهاڻي ڏني اٿن. سائين الهڏني عباسي جهڙا جفاڪش، پنهنجي پيشي سان سچا استاد هن دؤر ۾

تمام گھٽ آهن. سائين الھڏني عباسي سان آخري ڏينهن ۾ منهنجي ملاقات 2009ع ۾ ٿي. ان ملاقات ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ سائين مونکي ڪجهہ اهڙيون ڳالهيون بہ ٻڌايون جن مان چٽي طرح سرڪاري ادارن ۽ سياستدانن جي ٻي حسي جو اظهار ٿي ٿيو. پاڻ ٻڌايائون تہ ڪيترا پيرا هو پنجن ٻولين واري ڊڪشنري جي ڇپائي لاءِ مختلف با اختيار ادارن ۽ فردن سان وڃي مليا پر هر هنڌان ڪين مايوسي ئي ملي. هڪڙي بااختيار اداري جي اعليٰ شخصيت تہ ڪين اهو بہ چيو تہ توهان هڪ لک روپيہ وٺي ڊڪشنري جي مالڪاڻہ حقن ۽ ليکڪ واري دعويٰ تان هٿ کڻي وڃو. آخري وقت تائين سندن اها خواهش هئي تہ ڪنهن طرح سندن ڊڪشنري ڇپجي پر اُن آس کي سيني ۾ سانڍي پاڻ وڃي مٽي ماءُ حوالي ٿيا. پاڻ بيشڪ هڪ اعليٰ درجي جا فرض شناس استاد، تعليمي ماهر ۽ منتظم هئا. اهڙا استاد معاشري کي گھڻو ڪجهہ ڏين ٿا، معاشرو موٽ ۾ ڪين ڇا ٿو ڏي اهو بہ هڪ اهم سوال آهي.

مون زندگي ۾ ٿورو گھڻو جيڪو بہ لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ سکيو ان جي شروعات ٽنڊي باگي هاءِ اسڪول کان ٿي. مونکي اهو پهريون ڏينهن ياد آهي جڏهن آئون ستين ڪلاس ۾ هئس. خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر جي ورسي ۾ ٿيندڙ تقريري مقابلي ۾ مون کي پهريون انعام مليو هو. انعام ۾ 50 روپيہ، بہ نوٽ بڪ، ڪپڙن جو هڪ وڳو ۽ هڪ توليو شامل هئا. مرحوم مير شاهہ صدارت پئي ڪئي. سندن هٿان مون اهو انعام وصول ڪيو. ڪيترا ڏينهن خوشي ۾ نٿي ماپيس، مون پهريون مضمون ٽنڊي باگي هاءِ اسڪول ۾ ئي لکيو. سائين محمد پريل انصاري اسان جو سنڌي جو استاد هو. پاڻ اسان کي هڪ ڏينهن موضوع ڏنائون "صبح جو سويري باغ جو سير" ۽ چيائون تہ ٻي ڏينهن انهي موضوع تي مضمون لکي کڻي اچو. ٻي ڏينهن آئون عادت موجب فجر مهل اٿيس. مسجد ۾ وضو ڪري اذان ڏيڻ واري ڏڪي تي چڙهي اذان ڏنم (تن ڏينهن ۾ اذان اڪثر آئون ئي ڏيندو هئس). واپس ڪمري تي اچي ڪاپي ۽ قلم کڻي اسڪول واري باغيچي ۾ ويس. خاموش فضا هئي. ٿڌي هوا پئي لڳي. نِمُن ۽ انبن جا ڪجهہ وڻ ۽

گلن وارا ڪجھ ٻوٽا پوکيل هئا. باغيچي جي وچ تي هڪ ڦوهارو لڳل هو. باغيچي جو چڪر لڳائي اتي ئي ڇپر تي ويهي مضمون لکيم. فيئر ڪري وڃي سائين کي ڏنم. سائين کي اهو مضمون تمام وڻيو ۽ منهنجي گهڻي همت افزائي ڪيائين. اهڙي طرح مون ۾ لکڻ لاءِ اعتماد پيدا ٿيو.

منهنجي لاءِ ٽنڊوباگو هاءِ اسڪول ۽ هاسٽل جي يادگيري جو ٻيو هڪ اهم حوالو هي آهي تہ ان عرصي ۾ آئون روشن خيال ۽ ترقي پسند سوچ طرف راغب ٿيس. 04 مارچ 1980ع جو سج نئين روشني جا اهي ڪرڻا کڻي آيو جن مدي خارج روايتي سوچن واري اونده انڌوڪار کي منهنجي ذهن تان متائڻ جي شروعات ڪئي. ان روشني سماج ۾ حاوي نفرت، حقارت، ظلم ۽ جبر خلاف انحراف ۽ انڪار جو حوصلو ڏنو. ان ڏينهن کانپوءِ تعليم ۽ تربيت جو جيڪو سلسلو شروع ٿيو، تنهن جي ذريعي اسين انفرادي سوچ جي تنگ گلي مان نڪري اجتماعي خوشي لاءِ جاکوڙ واري شاهراه تي اچي چڙهياسين. اهڙو ادب، ناول، ڪهاڻيون ۽ شاعري وغيره پڙهڻ جو موقعو مليو جنهن ذريعي سمجھ ملي تہ دنيا جي سموري ترقي ۽ خوبصورتي بنيادي طور پورهيت ۽ هنرمند هٿن جي ذريعي ئي ٿي آهي ۽ اهو تہ دنيا جو عوام ئي تهذيبن ۽ تاريخن جو اصل اڏيندڙ آهي. انهن ڪتابن مان اهو شعور مليو تہ ڪڏهن بہ ڪنهن انسان سان رنگ، نسل، ذات پات، عقيدي، مذهب ۽ نظريي جو سهارو وٺي ٻي انسان کي ڪمتر ۽ حقير ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ان نئين سوچ جي معرفت ئي ڀٽائي گهوٽ جي شاعري کي نئين انداز ۾ سمجهڻ ۽ پرکڻ جو گس مليو.

منهن منجھ خليل، اندر آذر آهين
سُڏ مَر ڪر صحت جي، اجان تون عليل
نالو ناهي نفاق جو جتي رب جليل
منهن ۾ ملسمان تون، قلب تان قليل
والي جي وصال ۾، دُوئي ناهي دليل
الا! عبداللطيف چئي، سچو رکائج سيل

# قديم اکين جو جديد خواب
# پرنسيپل مير غلام محمد خان ٽالپر هائير سيڪنڊري اسڪول، ٽنڊوباگو

**- عبدالعزيز خواجہ**

جڳ مشهور دانشور پاولو فريئري چواڻي "تعليم جيئڻ تہ محبت جو هڪ عمل آهي ان ڪري بهادريءَ جو عمل بہ آهي". پنهنجي قوم سان اها محبت اهي انسان ئي ڪري سگهن ٿا جيڪي ٻين جي خاطر جيئن ٿا. پنهنجي ذات ۽ مفادن کان مٿانهون ٿي سوچين ٿا ۽ اهڙا انسان تاريخ ۾ بہ هميشہ زنده رهن ٿا.

خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر جو شمار بہ اهڙن ماڻهن ۾ ڪري سگهجي ٿو. سنڌ ۾ جاگيرداري جي انهيءَ عروج واري دؤر ۾ جڏهن سنڌ جو مٿيون طبقو ڌن، دولت ۽ مايا جي موهہ ۾ منڊجي چڪو هو، انهيءَ دؤر ۾ مير صاحب سنڌ جي انهيءَ مستقبل تي سوچي رهيو هو جيڪو نئين دؤر جي چيلينجن کي منهن ڏئي سگهي ۽ پنهنجي اعليٰ تعليمي معيار سان پنهنجي ڌرتي، پنهنجي ملڪ جو نالو روشن ڪري سگهي. مير صاحب پنهنجي انهيءَ سپني کي ساڀيان ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ عملي طور ڪوششون وٺڻ شروع ڪيون. مير صاحب کي اهو فڪر نہ هو تہ انهيءَ ڪم ۾ منهنجي ڪيتري دولت خرچ ٿيندي، مير صاحب کي بس اهو ئي فڪر هو تہ منهنجي انهيءَ دولت سان انهن غريب ماڻهن جا ٻار علم جي دولت سان مالامال ٿين، جيڪي معاشي مسئلن جي ڪري تعليم ڇا پرائي سگهن يا علم جي اهميت ۽ افاديت کان اڻواقف آهن. مير صاحب جي ڏُور رس نگاهن ۾ اهو هڪ اهڙو ڪم هو جيڪو ان وقت بہ اهميت جو حامل هو ۽ مستقبل ۾ بہ ان جا مثبت اثر پوڻا هئا، اهڙي ريت مير صاحب هڪ اهڙي درسگاهہ تعمير ڪري ڏيکاري جنهن نہ فقط هن لاڙ جي خطي ۾ علم جا ڏيئا روشن ڪيا پر آهستہ آهستہ اها روشني پوري سنڌ ۾ ڦهلجي ويئي ۽ مير

صاحب جي هن درسگاهہ مان اهڙا ڪيترائي شاگرد تعليم پرائي نڪتا جن اڳتي هلي هن سماج جي تبديلي لاءِ پنهنجو موثر ڪردار ادا ڪيو ۽ پنهنجي مثالي خدمتن ذريعي پنهنجو نالو بہ روشن ڪيو.

اسان جيڪڏهن ٻئي رخ سان ڏسون تہ ان وقت سنڌ ۾ ٻيون درسگاهون هيون پر انهن درسگاهن ۽ هن درسگاهہ ۾ فرق اهو آهي تہ اهي سرڪاري يا ٻين مخير ماڻهن جي تعاون سان هلي رهيون هيون جڏهن تہ هن درسگاهہ جي تعمير توڙي تعليمي سلسلي ۾ فقط مير صاحب جو ئي پئسو هو.

آئون سمجهان ٿو مير صاحب جو يقيناً اهو ئي مشن هوندو تہ اڳتي هلي هي درسگاهہ ائين يونيورسٽي جو درجو ماڻي جيئن سر سيد احمد خان جو علي ڳڙهہ ۾ قائم ڪيل اسڪول يونيورسٽي ۾ تبديل ٿيو. پر اها وقت جي ستم ظريفي ئي چئجي جو مير صاحب جو قائم ڪيل هي اسڪول يونيورسٽي جو درجو ناهي ماڻي سگهيو. اگر اسان کي مير صاحب جي مشن کي اڳتي وڌائڻو آهي تہ اسان تي اهو فرض ٿو عائد ٿئي تہ اسان پنهنجون ذاتي ڪوششون وٺي مير صاحب جي قائم ڪيل درسگاهہ کي هڪ اهڙي يونيورسٽي ۾ تبديل ڪرايون جيڪا جديد دؤر جي تعليمي معيار تي پوري لهي. سائنس، ٽيڪنالاجي، فلسفي توڙي ادب کان وٺي پنهنجي ٻولي، تهذيب ۽ ڪلچر کي هٿي وٺرائي دنيا جي بدليل نين حالتن ۽ سائنس جي هن عروج واري دؤر ۾ اسان پنهنجي ايندڙ نسل جو مستقبل فقط انهيءَ تعليم جي ذريعي ئي محفوظ ڪري سگهون ٿا ڇو تہ جيڪي بہ قومون تعليم جي ميدان ۾ ترقي ڪن ٿيون اهي ئي نہ فقط پنهنجو وجود بچائي سگهن ٿيون پر هڪ شاندار ۽ باوقار طريقي سان جديد دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلن ٿيون.

آئون جڏهن بہ مير صاحب جي زندگي تي نظر ڊوڙايان ٿو تہ مونکي ڪنهن انگريز شاعر جون هي سٽون ذهن تي تري اينديون آهن.

Lives of great men all reminds us,
We can make our lives sublime,
And departing leave behind us,
Foot-prints on the sands of time.

# هڪ عظيم علم دوست انسان

**- محب ڀيل**

ڌرتيءَ جي گولي تي ترقي جي ٻين ڪيترن ئي اهم سببن سان گڏ دنيا کي تيز ترين ترقي جي راھ تي گامزن ڪرڻ ۾ "علم" جو مکيہ ڪردار رهيو آهي. ڪائنات ۾ ارتقا کان هيستائين جي سفر ۾ "علم" هن دنيا جي جهالت کي ختم ڪري پڙهيل لکيل مهذب سماج اڏڻ ۽ ماڻهو کي نيم ماڻهو مان "انسان" بڻائڻ لاءِ نهايت ئي اهم بڻيل رهيو آهي. علم حيوانيت جو ضد آهي. قومن جي وجود جو بقاءَ هاڻ فقط علم سان ئي ممڪن آهي. قومن جو بُلند شعور، ادب، اخلاقيات، انسانيت جو درس، همدردي، مساوات، مهذبپڻو قوم جي علمي سگهہ سان وابسطہ آهن. ڪائنات کي بهتر ڊاڪٽر، انجنيئر، ملڪي فورسز وڪيل، جج، سياستدان، پائليٽ، صحافي، ليکڪ سميت ٻين سمورن مڪتب فڪر ۽ شعبن سان لاڳاپيل ماڻهو پنهنجن پنهنجن ادارن کي مضبوط ڪري قومن جي خدمت تڏهن ئي ڪري سگهن ٿا جڏهن علمي سگهہ ۽ تعليمي تربيت شاندار ٿيل هوندي. جنهن جي نتجي ۾ ئي فرد ادارا ۽ اڪيڊميون بڻجندا آهن.

پنهنجي شخصيت ۾ هڪ درسگاھ بڻيل شخص مير باگي خان ٽالپر جي نالي پويان اڏيل شهر ٽنڊوباگو ۾ جنم ورتو ٿو جنهن کي هن دنيا ۾ خان بهادر مير غلام محمد ٽالپر جي نالي سان نهايت ئي عقيدت ۽ احترام سان ياد ڪيو ويجي ٿو. جنهن جون علمي خدمتون سنڌ جي تاريخ ۾ وسارڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ناهي. ٽالپر خاندان ۾ ٻيا بہ ڪيترائي مال ملڪيت، جاگيردار، پاور ۽ پئسو رکندڙ "وڏا ماڻهو" پيدا ٿيا ۽ ڪي هن وقت موجود بہ آهن تہ ڪي وري هي جهان ڇڏي ويا آهن. پر انهن جو تاريخ ۾ ڪردار ڪهڙو آهي؟ اهي تاريخ ۾ ڪهڙي شناخت سان ياد ڪيا ويا آهن يا اهي تاريخ ۾ ڪٿي بيٺل هوندا؟ انهن کي ڪير ياد ڪري ٿو؟ پر مير صاحب ڪنهن کان وسرندو؟ سندس خدمتون ڪنهن کان وسرنديون؟ پڙهيل لکيل هڪڙو فرد ئي قومن جي تقدير کي انقلابي انداز سان بدلائي

ڇڏيندو آهي. مير صاحب جو جنم لاڙ جي مٽي تي هڪ معجزو هو. جنهن لاڙ سميت سنڌ جي ٻين علائقن ۾ به علم جي لاٽ سان اُنڌاهي ٻاٽ ۾ روشني پيدا ڪئي.

جِت نہ پکيءَ پير تِت تِمڪي باهڙي،
ٻيو ٻاريندو ڪير؟ ڪاهوڙڪي ڪير ري.

ان علمي خدمت جو قُل تہ سڄي سنڌ لاءِ هو. اڄ جي دؤر ۾ جڏهن پئسن جا پوڄاري سرمائيدار ماڻهو علم کي ڪاروبار بڻائي "پرائيوٽ اسڪولي نظام" تحت ڪروڙين روپيا ڪمائي علم جو سستو ذريعو ماڻهن کان کسڻ جي سازش ڪري رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ مير صاحب جهڙا عظيم انسان ياد اچن ٿا.

اڄ پڻ گهرجين تون ٻڌاماڻي پُنرا.

سنڌ جي پوئتي پيل ڳُٽتي جوڳي تعليمي صورتحال ۾ هن وقت مير صاحب جهڙن علم دوست انسانن جي ضرورت آهي جيڪي سنڌ ۾ علم جو انقلاب آڻي سگهن ٿا. ماڻهو پنهنجي ذات لاءِ جيئن ٿا، مال ملڪيت گڏ ڪن، ٻنيون، جاگيرون، محل، ماڙيون ۽ بنگلا جوڙين ٿا. يعني انهن جو جيئڻ پنهنجي جند لاءِ هوندو آهي پر مير صاحب جهڙن انسانن جو جيون انسان ذات لاءِ هو. اهو ئي جيون سڦل آهي جيڪو ٻين لاءِ هجي. مير صاحب پاران جوڙايل اسڪول، هاسٽل، مدرسي جو خرچ مير صاحب پنهنجي کيسي مان ڪندو هو. ڇا هن دؤر جي مالدار ماڻهن جي سوچ اهڙي ٿي سگهي ٿي؟ ۽ جيڪڏهن انهن مالدار ماڻهن جو تعليم بابت رويو مير صاحب جي تعليم دوستي جي چوٿائي جي سوين پتي جيترو هجي تڏهن بہ سنڌ هڪ نئين سنڌ بڻجي ويندي، جنهن سنڌ جي تعليمي شرح اسان لاءِ ترقين جا نوان گس ۽ راهون هموار ڪري سگهي ٿي. پنهنجي تعليم طرف غيرذميوارڻو رويو تعليمي تباهي جو ڪارڻ بڻيل آهي. سنڌ جي تعليمي ادارن کي اسين جيستائين پنهنجي درسگاهہ نہ سمجهنداسين تيستائين علم جي تباهہ ٿيل ٻيڙي ڪاميابي سان ڪناري تي پهچڻ تمام مشڪل عمل آهي.

⌘

# لاڙ جو ابو _ مير غلام محمد خان ٽالپر

**- محمد خان سمون**

سنڌ جي لوڪ داستان مير باگو ۽ سنڌ راڻي جي ڪردار مير باگو خان ٽالپر جي نالي سان قائم ٽنڊي باگي شهر جي سڃاڻپ مختلف حوالن سان رهندي آئي آهي . هتي خليفو نبي بخش لغاري بہ آهي جنهن ڪيڏارو لکيو ، 1947 ۾ مير خدا بخش ٽالپر پاران جوڙايل صاحبہ محل بہ هن علائقي جي سڃاڻپ رهيو آهي.ان ڪان علاوه هن علائقي جي جاگيردار پاران جوڙايل لارينس مدرسہ اسڪول سڄي سنڌ ۾ پنهنجي نمايان حيثيت رکندڙ اداري طور مڃيو وڃي ٿو. ڪلهوڙن ڪان حڪومت ڇڏائڻ وقت هڪ سپہ سالار حڪومت ۾ حصيدار ٿيڻ بدران سنڌ راڻي (سونيتي اڊيجڻ ) سان لانئون لهي قليلي واھ مان باگو واھ کوٽرائي ٽنڊو باگو شهر اڇي آباد ڪيو هو. 1806 ۾ سندس وڏي فرزند مير ولي خان ٽالپر ٽنڊي باگي ۾ جنهن هنڌ تي پنهنجي ڪوٽ ۽ ديري جي تعمير ڪرائي هئي تہ ڪيس کهڙي خبر تہ سوا سؤ سالن ڪان پوءِ سندس اينڌڙ نسل مان مير غلام محمد ٽالپر انهي جاء تي اسڪول قائم ڪندو 1876ع ۾ ٽالپرن جي ماڻڪاڻي پاڙي جي فرد مير محمد خان ٽالپر جي گهر ۾ جنم وٺندڙ مير غلام محمد خان ٽالپر پنهنجي ويهارو ڪن پائرن ۾ آخري ٻچي ويل پٽ هو جنهن کي ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان نپايو ويو هو.جاگيرداري قرض سبب سندس ڏاڏي مير ولي محمد خان ٽالپر جي سموري زمين مئينجري ڪاتي ۾ هلي ويئي. جيڪا 1909 ۾ واپس ٿي. انهي عرصي دوران مير صاحب پوليس ڪاتي ۾ سپاهي جي نوڪري بہ ڪئي ۽ پوءِ مختلف مجبورين سبب استعفيٰ ڏني ۽ اسٽئمپ وينڊري جو پيشو اختيار ڪيو.1911ع ۾ سندس والد جي وفات بعد اها جاگير سندس ورثي ۾ آئي ۽ ڪجھ قرض ڪٽي اهي زمينون آباد ڪيائين ۽ هڪ دفعو وري سندس ڳڻپ پنهنجي علائقي جي نالي وارن

جاگيردارن ۾ ٿيڻ لڳي. مسڪيني جي حالت کي پنهنجي اکين سان ڏسندڙ هن خدا ترس سخي انسان علائقي جي ٻين غريب ماڻهن جي درد کي سمجهندي انهن کي پاڻ پرو ڪرڻ واسطي اسڪول قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هي اهو دور هيو جڏهن پوري حيدرآباد ڊويزن ۾ فقط ٽي انگريزي اسڪول هلي رهيا هئا. انگريز سرڪار جي دور ۾ جڏهن صرف علائقي ۾ جاگيردار ئي سڀ ڪجهه هئا ۽ اهي فقط پنهنجي مفاد لاء سوچيندا هئا، مگر اهڙي دور ۾ جاگيردار ذهنيت کان هٽي ڪري، مير صاحب اهڙو ادارو قائم ڪري هن علائقي کي سموري سنڌ سان ڳنڍي ڇڏيو. انهي اسڪول قائم ٿيڻ پويان به ڪئين قصا شامل آهن. جڏهن مير صاحب اسڪول کولڻ جو ارادو ڪيو ته پوء حيدرآباد جي ٽيچرس ٽرينگ ڪاليج ۾ پڙهائيندڙ استاد محمد صديق مسافر کي بدلي ڪرائي ٽنڊي باگي وٺي آيو. کيس پنجاه روپيا پاڙي جا ڏيندي چيائين ته وڃ، پنهنجو حيدرآباد ۾ پيل سامان کڻي هتي اچي اسڪول شروع ڪر. ان کانپوء محمد صديق مسافر اٺ پاڙي ڪري ٽنڊي باگي کان ڏهه پنڌرنهن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي قائم هڪ ڳوٺ ٺهي ۾ پهچي ٿو جتي ميانجي محمد حسن خان لغاري جي مدرسي مان پنج شاگرد هٿ ڪري اچي ٿو ۽ ٽنڊي باگي جي شيدي پاڙي ۾ پهرين جنوري 1920ع ۾ هي اسڪول شروع ڪيو وڃي ٿو. مير صاحب جي خرچ تي انهن شاگردن جي لاء انگريزي جي پهرين درجي جا ڪتاب حيدرآباد مان گهرائجن ٿا. جڏهن پندرهن سورهن پرديسي شاگرد ٿي ٿا وڃن ته مير صاحب اسڪول پرسان هڪڙي ٻي جاء اسڪول جي بورڊنگ هائوس لاء مسواڙ تي وٺي ٿو ڏيئي، بورچي به ملي ٿو ۽ بورڊنگ جو خرچ به ملي ٿو. مير صاحب مسافر کي چيو هو ته خرچ منهنجو ،محنت تنهنجي، ڪڏهن به دل سست نه ڪجان. مارچ 1921ع ۾ ان وقت جو سنڌ جو ڪمشنر ريو صاحب جڏهن گشت ڪندي ٽنڊي باگي ۾ منزل انداز ٿيو ته ان کي هي اسڪول ڏيکاريو ويو. ڪمشنر صاحب سنڌي ٻولي سمجهندو به هو ۽ ڳالهائيندو به هو تنهن پنهنجي وزٽ نوٽ ۾ مير صاحب جي دريا دلي جي نهايت تعريف لکي ۽ لاڙ جهڙي پوئتي پيل علائقي ۾ اهڙي بندوبست ۽ انتظام سان انگريزي اسڪول شروع ٿيڻ تي نهايتي خوشي جو اظهار

ڪيائين. مير صاحب ڪيس هن اسڪول ڪي رجسٽر ڪرڻ لاء چيو جنهن ڪان پوء هن اسڪول ڪي باقائده رجسٽر ڪيو ويو. پهرين مها ياري لڙائي دوران مير صاحب هڪ لک روپيا جنگي قرض طور ان وقت جي سرڪار کي ڏنا هئا، سي واپس نہ ورتائين ۽ اهي منافعي سميت ايجوڪيشن انسپيڪٽر کي بورڊنگ هائوس ۽ اسڪول جي خرچ لاء ڏياريائين. 1922ع جي شروع ۾ مير صاحب اسڪول جي نئين بلڊنگ ٺهرائڻ شروع ڪئي. 1923ع ۾ موجوده اسڪول جي بلڊنگ، يعني پنج ڪلاس روم، هڪ هيڊ ماسٽر جي آفيس، ماسٽرس روم، بورڊنگ هائوس جي اتر طرف واري لائين، بورچيخانو، ڊائيننگ روم، جامع مسجد ۽ ٻين شهرن مان آيل استادن جي رهڻ جي لاءِ ڪوارٽر ٺهي چڪا هئا. مير صاحب اسڪول تي نالو ان وقت جي ڪمشنر لارينس جي نالي پٺيان رکيو ۽ بورڊنگ هائوس تي گبسن هائوس رکيائين، جيڪو پڻ حيدرآباد جو اڳوڻو ڪليڪٽر هو ۽ ٻئي سندس دوست هئا. 1924ع ۾ اسڪول نئين بلڊنگ ۾ منتقل ڪيو ويو ۽ مير صاحب نئين بلڊنگ جي تعمير لاء مليل گرانٽ بہ اسڪول جي انڊومينٽ فنڊ ۾ جمع ڪرائي ۽ هڪ لک روپيا نقد بہ ايجوڪيشن انسپيڪٽر جي روبرو ڪراچي ۾ ڏيئي انڊومينٽ فنڊ جي ڪل رقم اڍائي لک روپيا قائم ڪيائين. مير صاحب ان دور ۾ بہ ڇوڪرن جي تعليم سان گڏ نياڻين جي تعليم لاء پڻ ڪوشان رهيو. 1928ع ۾ ڇوڪرين جي اسڪول لاء پڻ پڪين سرن سان هڪ پڪي جاءِ ۾ تعمير ڪرايائين ۽ محمد صديق مسافر معرفت حيدرآباد جي ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فار وومين جي پرئڪٽسنگ اسڪول ۾ پڙهائيندڙ آپا ختو يوسفاڻي کي بدلي ڪرائي پهرين آگسٽ 1928ع ۾ ڇوڪرين جو اسڪول قائم ڪيو ۽ ماسترياڻي صاحبہ جو ڪٽنب سميت رهائش جو بندوبست پڻ ڪيو. مير صاحب ٽنڊي باگي تعلقي جي ماچوري ۽ ڪڏهرو ڳوٺ ۾ اسڪول پڻ قائم ڪرايا. 1931ع ۾ مير صاحب ٽنڊي باگي ۾ زناني اسپتال ۽ ويم گهر پڻ قائم ڪرايا. اتي موجود اسٽاف ۽ دوائن جو خرچ بہ مير صاحب پاڻ پريندو هو. مختلف ڳوٺن ۾ رهندڙ ماڻهن کي گهر ويٺي صحت جون سهولتون ڏيڻ واسطي هڪ گشتي دواخاني جو پڻ بندوبست ڪيو. ان وقت جي سرڪار

پاران مير صاحب کي آرڊر آف برٽش ائمپائر (او بي اي) جو خطاب پڻ مليل هو. مير صاحب اسڪول قائم ڪرڻ سان گڏوگڏ غريب ۽ هوشيارشاگردن کي پنهنجي خرچ تي سنڌ مدرسة السلام ڪراچي ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ وڌيڪ تعليم لاءِ موڪليندو هو. مير صاحب پاران قائم ڪيل تعليمي اداري مان جتي علائقي واسين کي فائدو ٿيو اتي ٻاهر جا بہ گهڻا شاگرد فيضياب ٿيا. سندن رهائش، کاڌو پيتو ڪپڙو لٽو مير صاحب جي ذمي هوندو هو. مير صاحب سنڌ جي شاگردن کي ٻاهرين ملڪن ۾ پڻ تعليم حاصل ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪئي. جن ۾ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو، مير بنده علي ٽالپر جيڪو سنڌ جو وزير اعليٰ پڻ رهي چڪو آهي وغيره شامل آهن. اڄ بہ بدين جي پي ايڇ ڊي شخصيتن توڙي اعليٰ عهدن تي رهندڙن جي اڪثريت هن درسگاهہ مان تعليم پرائي آهي. مير غلام محمد خان ٽالپر 12 فيبروري 1932ع تي وفات ڪئي. جيتوڻيڪ هن کي پنهنجو اولاد نہ هو پر هو سيني شاگردن کي پنهنجو اولاد سمجهندو هو. 1921ع ۾ ڪمشنر ريو سندس مهمان هو رات جو کاڌي جي ميز تي ڪمشنر کانئس پڇيو تہ مير صاحب توهان کي ڪيترو اولاد آهي، مير صاحب کيس چيو تہ آئون پنهنجي اولاد سان توهان کي صبح جو ملائيندس، صبح جو اسڪول جي وزٽ دوران اسيمبلي ۾ پهچي رات واري سوال جو جواب ڏيندي مير صاحب شاگردن ڏانهن اشارو ڪندي ڪمشنر کي ٻڌايو تہ هي آهي منهنجو اولاد. هڪ دفعي ڪنهن شاگرد کي ڪجهہ پئسن جي ضرورت هئي، هو مير صاحب وٽ آيو مير صاحب ڪجهہ رقم هن کي ڏني، جيڪا هن بي ترتيب انداز سان اتي مير صاحب کي واپس ڪئي. ڪچهري ۾ ويٺل ماڻهن کي حيراني ٿي، انهن سمجهيو تہ مير صاحب کي ڪاوڙ لڳي هوندي، مگر مير صاحب پيهر ان شاگرد کي اندر گهرائي شفقت سان سندس ضرورت موجب رقم ڏني. انهي تي موجود ماڻهن مير صاحب کي چيو تہ توهان تہ ويتر هنن کي خراب پيا ڪيو ان تي مير صاحب وراڻي ڏيندي چيو تہ هي سڀ منهنجو اولاد آهن ۽ اولاد جا انگل مائٽ نہ ڪٽندا تہ ٻيو ڪير ڪٽندو.!!!!

⌘

# پرين پٺائين گج جيئن
# مير غلام محمد خان ٽالپر کي پيٽا

**- منظور سمون**

شاعري ۽ موسيقي وانگر سدا امر پنهنجي ديس ۽ انسانذات جي تقدير بدلائيندڙ پيار جيان زندگيءَ کي خوب معنيٰ بخشيندڙ مير غلام محمد خان ٽالپر جو نالو ئي حُسن جو خواب جي علامت. جهالت جي خلاف سراپا بغاوت. پنهنجي ذات ۾ سخاوت ئي سخاوت. علم جي قافلي جي قيادت. حق ۽ انصاف جي عدالت. هن پرڳڻي جي خوبصورتي. روشني. دانائي جو هڪڙو الڳ باب. هڪڙي الڳ ٽلڳ تاريخ. هڪڙو ارڏو دور. هڪڙو اهڙو دور جنهن دور ۾ انگ اگهاڙي خزان جهالت جي سرءَ جهالت جي خزان جهنڪارن سان بي سُرائي وارا راڳ پئي ڳاتا. انڌيرا ئي انڌيرا هئا. جهالت جي بازن جا لامارا هئا. ڦيرا هئا. ماڻهو علم جي عين ڪان ئي واقف نہ هئا. هن مرد قلندر. روشنين جي رهبر اهي سڀ منظر متائڻ لاءِ سمونڊن جيان گرجندي گونجندي اٿي اهو چيو تہ اچو علم حاصل ڪريو. ڪيستائين توهان لُڪن ۽ جهولن ۾ پنهنجا پنا ڪاڙهيندا؟ اچو هن "وديا نگر" ۾ جاهلانہ تنگ نظري جي ريتن کي ٽڙي ڪڍي. مير صاحب بغاوتن جو باني ٿي طبقاتي تعصب جي سِر سِر اکوڙي علم جو اهو عَلم بلند ڪيو جنهن کي اڄ اسين سڀ سلام ڪريون ٿا.

ثقافت. ڌرتي ۽ ماءُ جي ٿڃ ۽ لطيف جي احساس جهڙو هڪڙو نئون ماحول اڀريندڙ مير صاحب جنهن هٿي جي ماڻهن سان بي پناه عشق ڪيو ۽ محبت جون سڀ ارڏيون ادائون قبول ڪري هڪڙي اهڙي تاريخ رقم ڪرائي. هڪڙو اهڙو نئون اتهاس ڏنو جنهن تي قومون فخر ڪنديون. هن فرسوده معاشري جي ديوار کي ڏڪي سان ڪيرائيندي هڪ عظمت جو

اتهاس ھي ماڻهو جنهن هڪ اهڙي اداري جو سنگِ بنياد وڌو جو اڄ اسين سڀ ماڻهو سندس حَسين خواب جهڙي اسڪول کي پنهنجي جند ۾ جان کان بہ عزيز رکڻ پنهنجو هڪ قومي فرض سمجهون ٿا.

بدين جي لوڪ ادب واري ھي لوڏياٽي سرزمين جتي سوين سرگرم وجود طويل تاريخ ارپي اٿيا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي پهرين شاعره مرڪان شيخڻ جي پڊن کان وٺي "خليفي نبي بخش قاسم" جي مرشد ۽ مريد هدوئي هيڪ ٿيا. جهڙي ڪيڏاري جي لافاني سٽن تائين کهڙيون اورنائون اورجن. ملاح جي شاعريءَ جي هنر جي گسن جون ڳالهيون ڪجن يا زندگيءَ جي گوناگون تخيل جي ٻين تحريرن ڏي وڃجي يا ڀاڳويان جي "گولي ويندي گجرين سڏبي دودل ڀيڻ" جهڙي آفاقي سِٽ ڏي وڃجي. عوامي زندگيءَ جي ڇهل پهل اها چرپر، حرڪت و نقل، مطلب تہ دل کي محبوب جي نگاهن سان ڏسندي، عشق جي ادائن سان گهمندي جڏهن مير باگي خان جي شهر ۾ ايندا سين تہ مير غلام محمد خان ٽالپر جو روح علم جي اُڄ جو علم ڪدو پيدا ڪري پنهنجي يادن جا سوين چنڊ، ڪهڪشائون، امرت جو تول اپاري نظر محمد شاه جي اڱڻ ۾ سمهي پيو آهي. سائين قادر بخش خاصخيلي جي صوفيانہ زندگيءَ جي آخري پهر جهڙي صبح ۾ اڄ جڏهن ڏسون پيا تہ حواس ٽائرن هيٺان چچريل آهن. جنت جا فڪر الڳ الڳ ٿي اپرن. هر ڪو پنهنجي خدا جو ڏيڻ بندوئي چئي ٿو ان وقت مير صاحب تنهنجي عظيم سيرت ۽ چاپهين ڏاڙهي واري صورت کي ياد ڪندي ڪنهن شاعر جي هنن سٽن جي شڪل تي سوچيندا آهيون تہ

وينو نہ پسان وٽن تي، پکي پکي پاس
اڄي پيو ڪو اوچتو هنجن منجهہ هراس
وٽن منجهان واس، ڪنين سوڏو ڪٽي ويا

پر وري ڪڏهن من ايئن بہ سوچيندو آهي تہ نہ ايئن بہ ڪونهي. جڏهن ڪنهن دور ۾ جڏهن جهالت جي مڇ، وري وري وار ٿي ڪيا تڏهن تون اياز جي لفظن ۾ تہ

مري مري مڇ، وري ٿو وار ڪري

وري وري رچ، گهاتن وڏو گهير ۾

نيٺ تہ تو ان جهالت جي مَچ کي ختم ڪيو جو اڄ هي هيڏو وڏو ڪم تنهنجي اداري جا معصوم ٻارڙن دنيا ۾ سنڌ سڄاڻپ جيان عيان ٿيا آهن.

سائين ايڇ ايم خواجہ، ڪنول لوهاڻي، طالب لوهار، عظيم تعليمي ماهر سائين نٿو مل موروواڻي جهڙن انهن سحر انگيز شخصيتن کي ياد ڪندي اڄ جي دوستن جي يعني موجوده اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جي باڊي جي ڪم کي ڏسي، اسٽيج پروگرامن کان علاوه تحريري عمل ۾ ان کي سهيڙڻ، يڪجاءِ ڪرڻ ڏاڍو بهترين عمل آهي.

صحتمند ذهنن جا مالڪ دوست لطيف جي هنن سٽن ۾ سوچيندي فخر محسوس ڪندا تہ

گوني ۾ گوني، پرين پٽائين گج جيئن
جي من مجوني سي ڪيئن وڃن وسري.
(شاهہ)

يا وري

ڪنين ڪنين ماڙهين ۾، گوندر وڏي وَٽ
ٻڌي گوڏي گرٿ، ساتو ڪجي سور جو.
(شاهہ)

⌘

# لاڙ جو سرواڻ مير

**- سليمان ”امر“ سمون**

انسان جي تخليق جو دارومدار بہ امتحان تي رکيل محسوس ٿئي ٿو. خالق ڪائنات انسان کي شرف صرف شعور وسيلي بخشيو آهي. صدين جي سيني هلندڙ آدم زادن پنهنجي پهچ ۽ ارادن آهر ڪڏهن انسان ذات لاءِ عظمتن جا گل اپاريا آهن تہ ڪڏهن وري ڪن حالتن تان هارجي يا پنهنجي نفس ۽ وجود کي پوڄيندي مخلوق لاءِ صرف سورن جا صليب سرجيا آهن. انيڪ آهون ٻڌڻ، موتين جهڙا لڙڪ ڏسڻ تي رهزني جو چانهون هيٺ راڄن جو راڄ پسڻ جا عادي رهيا آهن. هر ماڻهو جي من ۾ قدرت جي طرفان هڪ ماپو رکيل آهي، جنهن سان هو هر شيءِ ۽ هر احساس کي توريندو ۽ تڪيندو رهي ٿو. جنهن کي لفظن ۾ ضمير چيو وڃي ٿو. پوءِ اهو انهي خدا جي خليفي تي مبني آهي تہ هو برائي ۽ بدي جي پيرن تي ٿو ڪري يا چڱائي جي چانئٺ چمي، حقيقي واٽ ٿو وٺي.

تاريخ جو ڇوواٽن تي جيڪڏهن چنگيزيت جا سرن جا مينار جڙيل آهن تہ ماڻهن جي سمنڊ ۾ ڪڏهن مسيحائي ۽ ماڻهپي جا پيرا بہ چٽا پيا آهن. اهي پيرا جن وجودن جا آهن تن پنهنجي تن ۽ من جي جنگ جيتي، زماني جي سسئيءَ جي پنڌ کي پنهنجن پيرن ۽ پنبڻين سان جهاڳيو آهي. ڏاهڻ تہ آهي ئي سولو پر ٺاهڻ لاءِ حالتن جي پل صراط اورانگهي، روايتين ۽ رواجن جي زهر کي امرت ڪري پي ۽ روح جي رت کي تيل ڪري ٻارڻو ٿو پوي، پوءِ اهو اٽانگو سفر انهن ڪاهوڙين لاءِ ايترو سولو ٿيو پوي جيترو سهڻي کي ميار سسان ملڻ. سڪ ۽ محبت جي منزل انسان کي عظمت تي معراج تي پهچايو ڇڏي. پر اهي جيڪي حقيقي منزل ۽ زندگي جو ڏڳ سوچي وٺن، سي آدم جي اولاد کي آڪاش تي قطب تاري وانگر نظر ايندا

آهن ۽ ايندڙ نسلن جي چانئجندڙ اوڙهتين اونداهيءَ ۾ بہ منزل ماڻڻ شرط ٿي پوندا آهن.

ڪيلاش جي وادي مان ڪرٽن وسيلي پگهرجندڙ برف، ڏيهن جا سفر ڪندي هاڪڙي، پراڻ، نيري ۽ سنڌوءَ جي صورت ۾ سمنڊ ۾ ڪري ٿي تہ انهي ڪي الوداع ڪندڙ جوءِ ڪي ”لاڙ“ يا ”پڇاڙ“ سڏين. انهيءِ لاڙجي گهميل هوائن ۽ ڪلراٺي زمين جي ميلاپ رڳو ڏيپ، ليون ۽ لاٽا ڪونہ آپايا آهن، پر انهي مان اهڙا وهائو تارا بہ اڀريا آهن، جن پنهنجي سوچ، ڏانو ۽ ڏات سان پنهنجي تر ۽ شهر تہ ٺهيو پر ملڪن ۾ ماڻهپي جي مان ڪي مٿانهون ڪيو آهي. هن جوءِ ۾ سخاوت، فن ۽ فڪر ۽ شاعري ۽ شجاعت جا اهڙا رابيل بہ پوکيا آهن، جيڪي هن گهٽ ۽ ٻوسٽ واري سمي بہ سهڻا ۽ سرها پيا لڳن.

اهڙي ئي هڪ قطب تاري ”سنڌ راڻي ۽ مير باگي“ جي محبت جي ماڳ ۽ خاندان ۾ مير غلام محمد خان ٽالپر 1876ع ۾ مير محمد خان جي گهر ۾ پهريون دفعو اکيون کوليون. ڪلراٺي پون تي بانبڙا پائي وڏو ٿيو. هو تہ ماڻڪاٺي مير، پر سندس ڏاڏي مير ولي محمد خان ٽالپر جي جهوني ٽيڻ ڪري پوري جاگير انگريز سرڪار وٽ گروي ٿي وئي. تنهنڪري هن خوددار الله تعاليٰ جي طرفان ڏنل صلاحيتين تي ڀروسو رکندڙ مجاهد پيٽ گذارن لاءِ پوليس جهڙي پيشي کي بہ اختيار ڪيو پر ضمير جي آواز تي لبيڪ چوندي سپاهي مان هيڊ ڪانسٽيبل ٿيڻ جي باوجود انهي کي خيرباد چئي استامپ ويندري ڪئي. شايد اهي هي لمحا هئا جڏهن هن جون اهي اکيون کليون جن اکين جي انيڪ آسروند اکين کي آس هئي. اهي وقت جون گهڙيون ۽ انهن ڏينهن جا اهي عربي سمنڊ ۾ وچائجي ويندڙ سج جا گولا شاهد آهن تہ لاڙجي قسمت جي لڪير جي نئين تاريخ شروع ٿي. ميرن جي شجري جي پيشاني تي نہ ڪيترن ئي جرنيلن ۽ جوانن جي قربانين جا قصا اڪريل آهن، پر هي مير صرف مير نہ پر انسان ذات جي عظيم شجري جو اڻ مٽ ۽ چمڪندڙ نشان ٿي ويو.

بنيادي طرح هن پنهنجي جاگير قرض کٽي آجي ڪرائي. ڪوهن

تي پکڙيل هزارين ايڪڙن جا هاري، ڪمي ۽ ڪاسبي سندس شفقت، عدل ۽ انصاف جا مريد ٿي ويا ۽ مير صاحب کي پنهنجو شفيق پيءُ سمجهڻ لڳا. پر هن جي من ۾ ڪجهہ ٻيو هو. اهو ٻيو جيڪو انهن ايامن ۾ تصور ڪرڻ بہ بيوقوفي هئي. پر لاڙ جو هي دوارانديش سرواڻ شاهہ سائين جو اهو ڪاهوڙي ڪردار ٿي ويو، جنهن لاءِ سک سمهڻ يا موٽڻ مِٺو هو ۽ هن جو اهو خيال عظيم هو، جيڪو انسان کي خدا جي طرفان ڏنل ٻهرين تحفي کان وينديابد تائين اهڙو ئي روشن ۽ لازمي رهندو ۽ اهو هو علم.

ڪڏهن ڪن ماڻهن جي هڪڙي بہ نظر لکين سالن تائين نهاريندڙ نگاهن کان بہ وڌيڪ طاقتور ۽ تکي هوندي آهي. هونئن تہ مير صاحب قرآن پاڪ، عربي ۽ فارسي تائين پڙهيل هو ۽ پاڻ شاهہ جي رسالي جو مطالعو ۽ اخبارون پڻ پڙهندا هئا پر مشاهدي جي اک جي آسري ۾ ماضي، حال ۽ متعين ڪيل مستقبل جا عکس ايترا تہ چٽا ٻيهي رهيا جو دنيا جي سڄي تاريخ، سياست، نفسيات ۽ نظريہ نچوڙ بنجي سندس ڪردار جون ڪڙيون ٿي ويا.

انهن ڏينهن جي ڏنين ۽ زخمن تي جيڪر نظر وجهون تہ لاڙ جا گگدام نما ماڻهو جن جي ذهن ۾ صرف بہ ويلا ڪائي زندگي جي تپندڙ صحرا ۾ پيرين اگهاڙي پنڌ سان موت جي واديءَ ڏانهن سفر هو، جتي جڏهن ڪو ٻار ڄمندو هو تہ سندس هٿ ۾ ريڪائن ۾ ڪتن ڇڪڻ وارن رسن، ٻڪرين چارڻ واري لٺ، ٻير وڍڻ واري ڪهاڙي يا ڪرن پيرڻ وارن ڏانتن جي گانن جا نشان ڏسڻ ۾ ايندا هئا. جتي جيڪڏهن حوا جي ڌي حاملہ ٿيندي هئي تہ ريئي مان ٻارنهن آنا موت سان ملندي هئي. جيڪڏهن ڏنارن جي پيرن ۾ ڪو پراڻو ڪنڊو چيندو هو يا گهاءُ ڇڪندو هو تہ انهي جي انتها ناسور يا جهامري سان ٿيندي هئي. جتي انسانيت، بنيادي ضرورتون ۽ دنيا جي ترقي جو تصور گناهہ ڳڻيو ويندو هو. انهي موت جهڙي ماندڻ ۾ ڪو مسيحا بنجي ڪو صدين جي زخمن تي پيار ۽ اتساهہ جا پها رکي ۽ اهو بہ وري مير، اها اڻ ٽيڙي ڳالهہ ليکبي هئي. پر اهو سنجيده سرواڻ ۽ حقيقي جرنيل هو، جنهن پنهنجي گهڙي گهڙي کي قرض سمجهي فرض نڀايو. ارادي جي

ڪارونجهر انسانيت جي آواز سان ڪيترو نڀايو؟ اهو تہ انهي دور جي ڪجهہ بچيل ماڻهن جن اکين ڏٺو هو، کان معلوم ڪري سگهبو هو. پر چند منظر عام تي آيل مشاهدن ۾ هر ديني مدرسي ۽ مڪتب کي ساليانہ خرچ ڏيڻ، لاڙ جي بيواهن ۽ يتيمن کي ماهانہ وظيفا ڏيڻ، پهرين مهاڀاري جنگ لاءِ سرڪار کي هڪ لک روپيہ مدد ڏيڻ، ٽپاولي جي موسم ۾ گشتي شفاخانہ هلائڻ، خانبهادر جي لقب ۽ آنرري

مئجسٽريٽ جي اختيارن ملڻ سان رهزني جون پاڙون پٽڻ. پر سندس زندگي جو وڏو سپنو تڏهن ساڀيان ٿيو جڏهن آفريڪي نسل جي هڪ عظيم انسان، اديب ۽ شاعر شيدي محمد صديق "مسافر" جي مشوري سان 1920ع ۾ ٽنڊي باگي ۾ انگريزي اسڪول جو بنياد پوي ٿو، جيڪو 1923ع سندس ئي پونجي مان نهرايل لارينس مدرسہ ۽ گبسن هاسٽل ۾ تبديل ٿئي ٿو، جتي تر جا ، سندس هارين جا ۽ پوري سنڌ ما ن ايندڙ ٻار انگريزي ٻولي اڄارين ٿا.

انهي ئي سمي شهر ۽ پير پاسي ۾ نياڻن جا اسڪول کولي ٿو، غريب شاگردن کي ڪڏهن لاهور، ڪڏهن علي ڳڙه تہ ڪڏهن انگلينڊ موڪلي ٿو. انهي وقت جي ڏاڪي تي بيهي ٿورو تصور ڪجي ٿو تہ سنڌ مدرسةالسلام ڪراچي جو پوزيشن هولڊر علامہ عمر دائود پوٽو جڏهن ڪيسي ۾ ست نہ ساري ۽ نماڻيون نگاهون کڻي پوري سنڌ جي سخي سردارن ڏانهن نهاري ٿو تہ سندس دل صرف هن لاڙ جي ابي لاءِ گواهي ڏي ٿي ۽ هي مڻيادار مير خوش ٿي کيس ڪئمبرج موڪلي ٿو. مير بنده علي خان جي لياقت ۽ شوق جي ڪري کيس انگلستان ٿو موڪلي، جيتوڻيڪ مير بنده علي خان جي پيءُ جي لکين ايڪڙ زمين هئي. انهي وقت جا 3 لک ستاسي هزار رپيا "بينووولينٽ فنڊ" ۾ لڪائي غريب شاگرن لاءِ مستقل خرچ جو بندوبست ٿو ڪري.

سندس ڪهڙي نہ اڇي اُجري آشا هئي جو ڪنهن دفعي هاءِ اسڪول جي هيڊماستر کيس چيو تہ "مير صاحب توهان ايترو خرچ ڪري پڙهايو ٿا، پر توهان جي تر جا ڇوڪرا ٻہ ٽي درجا پڙهي وري وڃن ٿا هر ڪاهين."

تنهن تي سندس لفظ آهن، “سومرا صاحب، توهان منهنجي خيرات جي مقصد کي سمجهي نہ سگهيا آهيو. منهنجي اها ئي آس آهي تہ لاڙ جا ماڻهو جيڪڏهن هر بہ هڪلين تہ بہ کين ايتري انگريزي ايندڙ هجي تہ ڳاڙهين پٽڪين وارن آفيسرن کي بہ ٽي تڪا جملا انگريزي ۾ چئي ڪين تہ پنهنجي محنت سان پائيندس.”

هن ئي سخي مرد جي اڻ ٿڪ جدوجهد ۽ محنت سان اڄ لاڙ ۽ سنڌ جا هزارين خاندان جهالت جي اونهن کوهن مان نڪري روشني جي افق تي بيٺا آهن. هن مجاهد مير انهي اونداهي ۾ روشني جو اهڙو مينار کڙو ڪيو، جڏهن هڪ تيلي ٻارڻ بہ هڪ مشڪل ڪم هو. اهو ئي ساڳيو هاءِ اسڪول 70 سال گذرڻ کان پوءِ صرف هائير سيڪنڊري اسڪول جو درجو ماڻي سگهيو آهي. اها ڪوتاهي يا ڪم ظرفي نہ آهي؟ وفا فروشي ۽ ويساهہ گهاتي نہ آهي؟ اهو فيصلو هر ڪو پنهنجي اندر جي عدالت ۾ ڪري. پر هڪ سوچ وري بہ لچي ٿي تہ هي مير حلال جي ڪمائي مان جوڙايل علم جو آبشار انهن سيني کان اڳ بهترين يونيورسٽي ٿيڻ جو حقدار هو، جيڪي پن جي پئسن مان ٺهيا هئا.

اهو بہ فيصلو ڪريون تہ انهي قطب تاري جي سهاري اسان پنهنجي دڳ تي پهتا آهيون پر انسانيت جي منزل بہ ماڻي اٿئون يا نہ؟ مير صاحب جو روحاني اولاد سڏائڻ جو حقدار بہ آهيون بہ يا نہ؟ جڏهن تہ چئن شادين جي باوجود بہ کيس اولاد نہ هجڻ واري سوال تي اسڪول جي شاگردن ڏانهن سرهائي ۽ عجيب اميد سان نهاري چوندو هو تہ:

“هي منهنجو اولاد آهي.”

# تاريخي لارينس مدرسو

**- عثمان راھوڪڙو**

سنڌ جي لاڙ واري پٽي ۾ ٽنڊي باگي شھر ۾ مير غلام محمد خان ٽالپر زندگي جي اونداھن پيچرن تان ھلندي ھلندي اڄايل مسافر جيان جيڪي رڻ جھاڳيا. انھن زندگي جي تتل ڪاڙھن ھن کي جيڪو سبق سيکاريو. ان ۾ ھن جي اندر ۾ ان ڪري بہ صحتمند معاشرو اڏڻ جي خواھش ڪر موڙ جاڳندي رھي. چاڪاڻ جو ھي جاگيردار مير محمد خان جو پٽ ھو. مير محمد خان جي وفات کان پوءِ مير غلام محمد جي جاگير صغير ھجڻ سبب ڪوتا وارث رول تحت سرڪار جي تابع ٿي وئي. مير غلام محمد جو ننڍپڻ زندگي جي ڏکين پيچرن تي سفر ڪندي گذريو. ھن عملي زندگي جي شروعات اسٽامپ وينڊر ۽ پوليس ڪانسٽيبل رھي ڪئي. ان سمي سنڌس من ۾ مارن جي دردن ۽ ھن خطي ۾ ڪو جديد تعليمي مدرسو قائم ڪري، علم جا ڏيئا روشن ڪرڻ واري خواھش ڪر موڙي جاڳندي رھي ھئي. جڏھن ڪيس جاگير واپس ملي تہ ھن پنھنجي خوابن وارو مدرسو قائم ڪيو. صحت ۽ تعليم لاء ھن جيڪا ڪاوش ڪئي. تنھن کي زمانہ ياد ڪندا رھندا. سنڌس قائم ڪيل مدرسي ۾ پھريان شاگرد ڳوٺ ٿوھي لغاري ۾ محمد حسن لغاري جي ملان مڪتب مان نامياري استاد، شاعر ۽ ليکڪ محمد صديق مسافر آندل چار شاگردن ھرھڪ علي بخش، ولي محمد، عبدالله، غلام محمد کي داخل ڪري ڪين مسواڙ تي ورتل جڳھ ۾ پڙھائڻ شروع ڪيو. ۽ پوءِ 1921ع تائين مدرسي ۾ شاگردن جو تعداد 40 ٿي ويو. علم جا دروازا کلي ويا. ھن مدرسي ۾ لاڙ ٿر، ڪوھستان سميت سڄي سنڌ جي واھڻ ۽ وستين مان علم حاصل ڪرڻ لاءِ ايندڙ ٻارن کي بنا رنگ، نسل ۽ اوچ نيچ جو فرق رکڻ جي لارينس مدرسي ۾ داخلا ڏني پي

وئي. انهن جي ڪاڏي، ڪتابن ۽ رهائش جو بندوبست بہ مير غلام محمد پنهنجي هڙان پيءِ ڪيو. هي مدرسو رجسٽر ڪرڻ لاءِ جڏهن 1921ع دوران ٽنڊي باگي ۾ سنڌ جو ڪمشنر رويو آيو تہ ان کي مير غلام محمد ٽالپر پنهنجي قائم ڪيل مدرسي جو معائنو ڪرايو. ڪمشنر رويو مدرسي جو معائنو ڪري ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سرڪار کان منظوري لاءِ وزيٽر بڪ تي سفارشي نوٽ هنيو ۽ پوءِ انهي سال تعليم کاتي لارينس مدرسو منظور ڪيو. فرلو موڪل تي ٽنڊي باگي آيل محمد صديق مسافر جو جولاءِ 1921ع ۾ ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر سنڌ لينٽ تي آرڊر حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج مان ٽنڊي باگي جي لارينس مدرسو ۾ ڪيو. 1922ع کان 1924ع تائين انگريزي اکر E جي ڊزائين تي برصغير جي ماهر ڪاريگرن اڏوات جي نادر نموني طور شاندار عمارت جوڙي راس ڪئي. جڙيل عمارت تي مير غلام محمد ٽالپر پنهنجي نالي بجاءِ پنهنجي دوست انگريز آفيسرن ڪليڪٽر حيدرآباد لارينس جي نالي سان لارينس مدرسو منسوب ڪيو ۽ شاگردن لاءِ نهرايل هاسٽل ڪمشنر ڪراچي گبسن جي نالي سان منسوب ڪئي. گبسن هاسٽل جا بہ حصا هئا، جنهن مان هڪ حصي ۾ مسلمان شاگرد ۽ ٻي حصي ۾ هندو شاگرد رهندا هئا. استادن جي رهائش لاءِ جدا بنگلا، ماڙي ۽ ڪواٽر نهرايل هئا. جڏهن مير غلام محمد ٽالپر وائسراءِ هند جي ڪوٺايل هڪ تقريب ۾ شملا ويو تہ اتي وائسراءِ هند جي ڪاڏي لاءِ ناهيل ڊائنگ هال کان متاثر ٿيو. انهي نقشي تي شملا کان واپسي بعد هن ٽنڊي باگي جي لارينس مدرسي ۾ شاندار ڊائنگ هال نهرايو. جنهن ۾ جڏهن غريب شاگرد ماني کائيندا هئا تہ مير غلام محمد ٽالپر انهن شاگردن کي ڏسي مرڪندو هو. اها مرڪ جيڪا تاريخ جي مرڪ هئي. مير غلام محمد ٽالپر ان ڊائنگ هال کي بہ پنهنجي سئوٽ مير شاهہ محمد جي نالي منسوب ڪري ڇڏيو. 1920ع کان 1932ع تائين مير غلام محمد ٽنڊي باگي ۾ زنانو اسڪول، ويم گهر، مسافر خانو گرلس پرائمري اسڪول، هنري ڪلاسن سميت، گشتي دواخانو لارينس مدرسو ۾ لائبريري، باغيچو قائم ڪيا. سندس خدمتن بابت مشهور شاعر محمد

صديق مسافر پنهنجي نظم جي هڪ بند ۾ هيئين اپٽار ڪئي تہ:

صحت ۽ تعليم جو عاشق سچو صاحب سچي

خير خارڻ خلق جي قربان ڪيئين ڪيڏي رقم

انڊومينٽ فنڊ ۾ لکين رپيا مدرسو هلائڻ لاءِ سرڪاري اڪائونٽ ۾ رکيا ۽ سوين شاگردن جا ڪتاب، ڪپڙا ۽ ڪاڏو هو ڪارائيندو هو. درياءَ دلي جي حد تہ اها بہ هئي، جو مير پنهنجي حاضري جي غريب نوڪر جمعي خاصخيلي جي پٽ قادر بخش خاصخيلي کي پڙهائي، پنهنجي خرچ تي اعليٰ تعليم ڏيساور مان ڏياري. قادر بخش خاصخيلي پنهنجي دور جو مشهور تعليمي ماهر ٿي گذريو آهي. اتي مير غلام محمد سنڌ جي پهرين وڏي وزير مير بنده علي ٽالپر، عمر بن محمد دائودپوٽو اعليٰ تعليم لاءِ برطانيہ ۽ احمد علي شاهہ، سيد مرتضيٰ شاهہ کي لاهور جي طبيہ ڪاليج جي ڪورس لاءِ ٽن سالن لاءِ موڪليو ۽ مولوي حڪيم عبدالستار ميمڻ کي دهلي طبيہ ڪاليج ۾ طب جي چار سالن جي ڪورس لاءِ موڪليو. انهن نامور نالن ڪانسواءِ لارينس مدرسي ٽنڊي باگي مان ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل پڙهيو. جنهن ٽُرڪي ٻولي تي دسترس حاصل ڪئي. جنهن کي ڪيترائي ايوارڊ پڻ مليا. هن مدرسي مان شمشيرالحيدري، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو محمد خان جوڻيجو پنجن ٻولين ۾ ڊڪشنري لکندڙ الهڏنو عباسي، مشهور وڪيل ڊالو مل موتي، مشهور شاعرن ۾ پيون سنڌي، ڪنول لوهاڻو منظور سمون، فراق هاليپوٽو، غلام شبير لغاري، مقبول هاليپوٽو، شاهد حميد، الهبچايو راهوڪڙو، مرحوم سيشن جج نورالحق راهوڪڙو سيشن جج اقبال خواجا، ڏهس جو بادشاهہ شاعر طالب لوهار، ڊاڪٽر محمد اسماعيل ميمڻ، ڊاڪٽر عبدالحڪيم ملاح، سابق رجسٽرار سنڌ يونيورسٽي ۽ ماهر اقصاديات محمد حسن ٽُرڪ، سابق مرحوم ايم.پي.اي علي بهادر شاهہ، سابق صوبائي وزير مرحوم رئيس نبي بخش خان پرڳڙي، سابق ايم.پي.اي ۽ سابق صوبائي وزير سيد علي بخش شاهہ عرف پپو شاهہ، سيد مقبول شاهہ وهڻائي شريف، سابق ايم.پي.اي پير امجد شاهہ صديقي، مشهور حڪيم عبدالستار سميت هزارين شاگردن هن

مدرسي ۾ پڙھي پنھنجي پنھنجي علائقن اندر تعليمي سجاڳي پيدا ڪئي.
مير غلام محمد ٽالپر مختلف مدرسا ھلائڻ لاءِ مولوي حاجي احمد ملاح ۽
محمد عثمان ڍنڍيرو جي مدرسي سميت ٻين ڪيترن مدرسن کي ساليانو
گرانٽ پڻ ڏيندو ھو. ھن مدرسي جي جنرل رجسٽر تحت ھيل تائين
17063 شاگردن مئٽرڪ پاس ڪئي، ۽ جڏھن تہ 5276 شاگردن انٽر پاس
ڪئي آھي. اھو تعداد ھي مضمون ڇپجڻ تائين اڃان بہ وڌي ويندو. اھا
ڳھڙي اُج ھئي جو مير غلام محمد جانورن کي ڪاڙو ۽ پکين کي داڻو پڻ
ڪارائيندو ھو. پنھنجي دور جو وڏو جاگيردار ھجڻ جي باوجود انتھائي سادا
ڪپڙا، مٿي تي پٽڪو ۽ وڏو ڪوٽ پائي ھلندو ھو. ڪيس انگريز سرڪار
طرفان آنرري مئجسٽريٽ جا اختيار مليل ھئا، پر ھن ڪو بہ ناانصافي تي
ٻڌل فيصلو نہ ڪيو. ھو اھڙو عظيم انسان ھو جيڪو جيڪڏھن شاھہ
عبداللطيف ڀٽائي جي دور ۾ پيدا ٿئي ھا تہ:

"جڪرو جس ڪرو ،ٻيا مڙئي انيرا" جيان ئي شاھہ سائين ڀيٽا ڏي ھا، پر
ھي جنھن انڌيري ۾ پيدا ٿيو ۽ ھن پرھہ ڦٽڻ لاءِ علم جو ڏيئو ھٿ ۾ کڻي،
جيڪا روشن لاٽ ڪئي. اھا شمع اجھاڻي ڪونھي.

ھن مدرسي کي 1925ع ۾ ھاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو. پر ھن جو
خواب ھو تہ ٽنڊوباگو ۾ لارينس مدرسو کي يونيورسٽي جو درجو ملي. اھو
سندس خواب 12 فيبروري 1932ع ۾ سندس وفات سبب اڌورو رھجي ويو.
1947ع ۾ قيام پاڪستان بعد لارينس مدرسو تعليم کاتي سنڌ جي حوالي
ڪيو ويو. 1990ع ۾ شھيد بينظير ڀٽو ھن مدرسي کي ھائير سيڪنڊري
اسڪول جو درجو ڏنو. 2003ع ۾ لارينس مدرسو کي پاڪستان جي نيشنل
ھيريٽيج ۾ شامل ڪري زبون ٿيل مدرسي جي عمارت جي ريوليشن شروع
ڪئي وئي. 2012ع ۾ اڳوڻي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر فھميده مرزا ۽
اڳوڻي گھرو وزير ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جي ڪوشش سان ايران گورنمينٽ
جي ھڪ سماجي تنظيم ھائوسنگ سوسائٽي پاران ھاسٽل جي ٻن حصن
اولھندي ۽ ايرندي ونگن کي جديد طرز تي ٻہ منزلا خوبصورت عمارت
جوڙائي وئي آھي. پر بدقسمتي اھا آھي جو ڊائنگ ھال اجڙي کنڊر جو

ڏيک ڏيئي رهيو آهي. هندو شاگردن جي هاسٽل جو حصو ڀڃي ويو. مسجد زبون ٿي وئي آهي.

استادن لاءِ ٺهيل بنگلا، ڪواٽر ۽ گبسن هاسٽل جو هڪ حصو کنڊرن جو ڏيک ڏيئي رهيا آهن. جن کي ڏسڻ سان اکين ۾ لڙڪ لڙيو اچن ٿا.

مير غلام محمد ٽالپر نہ رڳو مدرسو ٺهرايو ۽ سماجي ڪم ڪيا. هن پنهنجو نالو لکين دلين جي اندر ۾ اوتي ڇڏيو ۽ پنهنجي ديس جي ماڻهن جي ٻارن کي هڪڙو اهڙو ادارو ڏنو جنهن مان هزارن جي تعداد ۾ علم جي اڃين اڃي، علم حاصل ڪري زندگي کي نوان نغما سُر ۽ نوان انداز ڏنا ۽ هن گلشن جي آبياري ڪندي، پنهنجو نالو بہ روشن ڪري ويا ۽ ڪن پيا. مير غلام محمد ٽالپر جي جي وفات تي سندس ياد ۾ محمد صديق مسافر کيس ذات جا گل نڇاور هيئن ڪيا تہ:

اي قلم! تحرير ڪرڻو توکي اڄ تازو الم
خان بهادر مير صاحب جو وسرڻو ناهہ غم

⌘

# علم جا ڏيئا روشن ڪندڙ ڪردار

**- نصرالله جروار**

سنڌ جي تاريخ جي ڪُڪ ڪڏهن بہ سرت ۽ ساڃاهہ رکندڙن ڪردارن کان خالي نہ رهي آهي، اهائي سنڌ جي تاريخ جي شاهوڪار هئڻ جي علامت رهي آهي. سنڌ جي تاريخ جا صفحا اهڙن ڪردارن جي جاکوڙي قدمن سان سنواريل آهن، جيڪي قدم انساني شعور کي سگهہ بخشڻ جي علامت رهيا آهن. اهڙن ڪردارن جي لاءِ سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙن ڪردارن جو عڪس چٽيندي چوي ٿو تہ،

ڪئين توکي ڪاري ٻاٽ ميان، ٿي ڪري چٽنگ چمڪاٽ اڃان،
آ ٽِمر ٽِمر ٽِمر لاٽ اڃان، جا جوڳي ڪالهہ جلائي ويا.

سنڌ جي اهڙن جاکوڙي ڪردارن ۾ لاڙ پٽ جو خان بهادر مير غلام محمد خان ٽالپر پڻ هيو جنهن جو ڪردار علم دوست رهيو ۽ ان ۾ عملي طور جاکوڙ بہ ڪئي جنهن جو ثبوت اڄ بہ ٽنڊو باگو ۾ سندس ٺئي پئسن سان جوڙايل هاءِ اسڪول جي عمارت سميت غريب ۽ پري جي شاگردن جي رهائش لاءِ هاسٽل ۽ هاسٽل ۾ رهندڙ شاگردن کي کاڌو کارائڻ لاءِ ڊائيننگ هال اڄ بہ موجود آهن، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ وقت جي حڪمرانن پاران هن عظيم انسان جي تعليم جي واڌاري لاءِ جوڙيل هن درسگاهہ کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. اسان جي اڄ جي حڪمرانن توڙي هتان جي چونڊيل نمائندن کي اجائي لٻاڙ ۽ ٻٽاڪ ڇڏي مير غلام محمد خان ٽالپر جي حيات زندگي مان سبق وٺي عوام جي ڀلي جي لاءِ سوچڻ گهرجي. مير غلام محمد خان ٽالپر ٽنڊو باگو شهر ۾ سندس والد مير محمد خان ٽالپر جي گهر ۾ 1876ع ڌاري جنم ورتو. سندس پڙ ڏاڏو مير غلام محمد خان جاگيردار ان وقت جي ٽالپر ميرن جي سپهہ سالار ۽ ٽنڊو باگو شهر جي اڏيندڙ مير باگي خان ٽالپر جو سڳو ڀائيٽو هو. مير باگو خان، مير مرزو خان ٽالپر ماڻڪاڻي

پيو نمبر پٽ هو. مير مرزي خان ٽالپر جي پونئيرن کي ماڻڪاڻي ٽالپر سڏيو ويندو آهي. سن 1781ع ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي وچ ۾ هالاڻي ۾ فيصلا ڪن جنگ لڳي، جنهن ۾ ڪلهوڙن هارايو ۽ ٽالپرن کي سوڀ حاصل ٿي. ان جنگ ۾ مير باگو خان ٽالپر پڻ حصو ورتو ۽ مير باگو خان ٽالپر پاڻ هڪ وڏو جرنيل هو ۽ سندس پنهنجو جدا لشڪر پڻ هو مير باگي خان ٽالپر ۽ سنڌ راڻي (عرف مريم) جي عشق ۽ سندن شادي ۽ وڇوڙي جي هڪ علحده ڪهاڻي آهي. ان عشق ۽ محبت جي طفيل ٽنڊي باگي شهر جو وجود پيو ۽ آخر ڪار مير غلام محمد خان ٽالپر جي روپ ۾ هن خطي جي ماڻهن لاءِ علم جو دروازو کلي ويو ۽ هن شهر ۾ علم جي جوت جرڪڻ لڳي. مير غلام محمد خان جي ڏاڏي مير ولي محمد خان تي آخري عمر ۾ لکين روپيا قرض چڙهي ويو هو. جنهن ڪري ان وقت کيس جاگير مئينجري ڪاتي ۾ ڏيڻي پئي، سندس ڏاڏو مير ولي محمد 1893ع ۾ 70 سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. ڏاڏي جي وفات کان 1909ع تائين يعني جاگير ڇٽڻ تائين مير غلام محمد خان کي هڪ آزمائشي دور مان گذرڻو پيو. مالي مشڪلاتن ڪري کيس هٿن سان ڪوڙرون هٽي پوک ڪرڻي پئي ۽ هر هڪلڻا پيا، پوليس ۾ ڪنسٽيبل ٿي نوڪري ڪرڻي پئي پر پوليس ۾ پاڻ ذهني طور مطمئن نہ ٿي استعفا ڏئي عريضي نويس(اسٽامپ وينڊر) ٿيو. انهن هڙن ئي مشڪلاتن باوجود مير غلام محمد حالتن اڳيان نہ جهڪيو پر ڏکي وقت سان مرد ٿي مقابلو ڪيائين. 1909ع ۾ جڏهن جاگير مئينجري مان آزاد ٿي، تڏهن سندس والد مير محمد خان اڃان حال حيات هو. تنهن هوندي بہ جاگير جي سنڀال مير غلام محمد خان جي حوالي ڪئي، مير غلام محمد هڪ واقف زميندار کان چار هزار روپيا اوڌارا وٺي جاگير کي آباد ڪيائين ۽ سال جي آخر ۾ فصل لهڻ تي اوڌارا ورتل چار هزار روپيا موٽائي ڏنائين. مير غلام محمد خان پنهنجي جاگير جي ڪمدارن تي ڪڙي نظر رکندو هو جيئن ڪنهن هاري ناري تي ظلم ۽ ڏاڍ نہ ٿئي. مير پنهنجي جاگير ۾ چوري چڪاري ٿيڻ نہ ڏيندا هئا. ان ڪوشش جو اهو نتيجو نڪتو جو ٽنڊو باگو ۽ ان جي آس پاس ۽ سندس جاگير ۾ غريب غربي سک جو ساه پٽيو. 1914ع واري مها ياري لڙائي وقت مير غلام محمد هند سرڪار کي هڪ لک روپيا قرض طور ڏنا. هند سرڪار خوش ٿي کيس خانبهادر جو لقب ۽

او بي اي جو خطاب ڏنو. هن جو سڀ کان وڏو ڪارنامو ٽنڊو باگو شهر ۾ انگريزي اسڪول جو بنياد وجهڻ آهي، جيئن ته مير غلام محمد پنهنجي حياتي جي تجربي مان گهڻو ڪجھ پرايو هو. مٿس اها ڳالھ واضح ٿي وئي ته تعليم جي واڌاري کانسواءِ ماڻهن ۾ سڌارو اچي نه سگهندو. ان جي لاءِ هن دل ۾ خيال ڪيو ته ٽنڊو باگو ۾ هڪ هاءِ اسڪول کولائجي، جتي نه فقط لاڙ جا ڇوڪرا تعليم وٺن بلڪ سڄي سنڌ جا شاگرد هتان تعليم جهڙي زيور سان فيضياب ٿين. انهي پنهنجي تعليمي رٿا کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ هتان جي اديب، شاعر ۽ استاد ماستر محمد صديق مسافر سان صلاح مشورو ڪري 1920ع ڌاري ميمڻ پاڙي ۾ هڪ جڳھ مسواڙ تي ورتي، جتي انگريزي ڪلاس محمد صديق مسافر جي نگراني هيٺ شروع ڪيا ويا. ان انگريزي اسڪول سان گڏ بورڊنگ هائوس(هاسٽل) پڻ کوليو ويو. جتي ٻاهريان شاگرد رهڻ لڳا. جن جي کاڌي پيتي، ڪپڙي ۽ ڪتابن وغيره جو خرچ پڻ هي پنهنجي هڙان ڏيندو هو. شروعات ۾ شاگردن جو تعداد 5 هو پر سال اندر شاگردن جو تعداد وڌي 40 ٿيو. انهي عرصي دوران ٽنڊو باگو شهر جي اوڀر طرف ڏني واري کاڻ جي ڪپ تي هڪ هاءِ اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جي عمارت هن پنهنجي خرچ سان تعمير ڪرائي ورتي، انگريز حڪومت جو تعاون حاصل ڪرڻ لاءِ هاءِ اسڪول جو نالو لارينس مدرسو رکيو ويو ۽ بورڊنگ هائوس (هاسٽل) جو نالو گبسن بورڊنگ هائوس نالو رکيو ويو. شاگردن جي سهولت لاءِ بورڊنگ هائوس جي پير ۾ هڪ عاليشان مسجد پڻ تعمير ڪرائي وئي. 1923ع ۾ هن نئين ٺهيل هاءِ اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس ۾ شاگرد اچي رهيا. سن 1924ع ڌاري هن هاءِ اسڪول جو پهريون هيڊ ماستر مسٽر عبدالرحيم ڪلمتي بلوچ بي.اي، ايل.ايل.بي مقرر ٿيو جيڪو حيدرآباد جو وڪيل هو. مير غلام محمد هاءِ اسڪول ۽ هاسٽل کي هلائڻ جي لاءِ سرڪار وٽ 3 لک 87 هزار روپيا ان وقت ڊپازٽ (Benevolent fund) طور رکيا ته جيئن انهن پئسن جي منافعي مان هاسٽل ۽ اسڪول جو خرچ هلندو رهي، اهي پئسا اڄ ڏينهن تائين محفوظ آهن. مير غلام محمد خان ٽالپران وقت جڏهن وائيسراءِ هند جي دعوت تي شملا ويو ۽ وائيسراءِ هند جڏهن هن کي سندس پنهنجي خوبصورت ڊائيننگ هال ۾ ماني کارائي ان وقت مير غلام محمد خان کي

خيال آيو تہ هند جو وائيسراءِ ۽ ٻيا انگريز گورا آفيسر اهڙن خوبصورت ڊائيننگ هالن ۾ ماني کائي سگهن ٿا تہ منهنجي اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگرد اهڙن خوبصورت ڊائيننگ هالن ۾ ماني ڇو نہ ٿا کائي سگهن؟ شملا مان واپس اچي سنڌ جا خاص ڪاريگر گهرائي هن 1930ع ۾ سندس مرحوم سئوٽ مير شاه ٽالپر جي نالي سان هاءِ اسڪول ۾ شاگردن کي ماني کارائڻ جي لاءِ هڪ خوبصورت وائيسراءِ هند جهڙي ڊائيننگ هال جهڙو هال تعمير ڪرايو. هن ڊائيننگ هال جي ڇت تي لڳل ٽائيلس ان وقت جرمني مان گهرايو ويو هو. اڄ ڏينهن تائين انهن ٽائيلس تي ميڊ ان جرمني جو اسٽيمپ لڳل آهي. سندس سئوٽ مير شاه محمد ٽالپر جو پڻ تعليم دوست ڪردار هو. ان کان علاوه مير صاحب ٽنڊو باگو ۾ نياڻين جي تعليم لاءِ گرلس پرائمري اسڪول تعمير ڪرايو. ٽنڊو باگو شهر ۾ عورتن جي ويم لاءِ ميٽرنٽي هوم ۽ زناني اسپتال ٽنڊو باگو شهر ۾ پنهنجي ئي پئسن سان تعمير ڪرائي، اسپتال جو خرچ ۽ دوائن جو خرچ پاڻ ادا ڪندو هو. مردن جي لاءِ جدا اسپتال تعمير ڪرائي جتي پڻ غريبن جو مفت ۾ علاج ٿيندو هو. هن ٽنڊو باگو ۽ ان جي آس پاس ٻهراڙي لاءِ مڇرن جي موسم ۾ مليريا جي علاج ڪرڻ لاءِ هڪ گشتي دواخانو پڻ ٺهرايو جتي پڻ مليريا جي بيمار ماڻهن جو مفت ۾ علاج ٿيندو هو. ان کان علاوه ٻهراڙي جي ڳوٺن ڪڏهرو ۽ ماچوري ۾ پڻ پرائمري اسڪول ۽ شاگردن جي مفت رهائش لاءِ هاسٽل پڻ ٺهرائي هئي، جتي هارين ۽ پورهيتن جا ٻار مفت ۾ تعليم پرائيندا هئا. مير غلام محمد شاگردن کي اعليٰ تعليم لاءِ سندس ئي خرچ تي ٻاهر موڪليندو هو. طب ۽ جراحت جي تعليم لاءِ ٻن شاگردن پير احمد شاه ۽ سيد غلام مرتضيٰ کي ٽن سالن جي ڪورس لاءِ لاهور پنهنجي خرچ تي پڙهايو. حڪيم مولوي عبدالستار ميمڻ کي 4 سالن جي ڪورس ڪرڻ لاءِ دهلي جي جليہ ڪاليج پنهنجي خرچ تي موڪليو. تعليم جي سلسلي ۾ مير بنده علي خان ٽالپر ٽنڊي غلام علي واري کي پنهنجي خرچ تي اعليٰ تعليم لاءِ انگلينڊ (لنڊن) ٽن سالن لاءِ موڪليو. عليگڙه يونيورسٽي ۾ پنهنجي حاضري جي نوڪر جمع خاصخيلي جي پٽ قادر بخش خاصخيلي کي اعليٰ تعليم لاءِ موڪليو. جيڪو بعد ۾ ٽنڊو باگو هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر ٿي رهيو. شمس العماءُ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود

پوٽو ڪي پڻ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي خرچ تي ٻاهر روانو ڪيو. مير پنهنجي حياتي ۾ اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگردن جو خاص خيال رکندو هو. هڪ دفعي ڪنهن انگريز آفيسر سندس دعوت ۾ چيو تہ مير صاحب توهان جا پٽ ملايو جنهن تي مير چيو تہ حاضر صبح جو توهان کي ملائيندس. صبح ٿيڻ تي مير پاڻ ان انگريز آفيسر کي وٺي اسڪول آيو ۽ ڪلاسن ۾ پڙهندڙ شاگردن ڏانهن اشارو ڪري چيائين تہ هيءَ منهنجو اولاد آهي ۽ هيءَ ئي منهنجا ٻچا آهن. اڄ هن مير غلام محمد جو جوڙايل اسڪول هن وقت تعليم ايمرجنسي ۾ بہ ننڍڙڪو آهي ۽ اسڪول جي گبسن هاسٽل جي تاريخي عمارت جي ڇت ڊهي پٽ پئجي وئي آهي، مير شاه محمد ٽالپر ڊائيننگ هال پڻ زبون آهي ۽ اسڪول جي تاريخي عمارت پڻ زبون آهي، 2003ع ۾ سنڌ حڪومت هن اسڪول جي تاريخي عمارت سميت مير شاه محمد ڊائيننگ هال ۽ گبسن هاسٽل کي نيشنل هيريٽيج اسڪيم ۾ آڻي پرزرويشن آف هسٽاريڪل انسٽيٽيوشنس ۾ ڪڻي انهن تاريخي عمارتن جي اڳوڻي طرز تي مرمت ڪرڻي هئي، پر اسڪول جا صرف 4 ڪمرا مرمت ٿي سگهيا. ماٺ ميٺ ۾ سنڌ حڪومت جي اها اسڪيم اوچتو گم ٿي وئي نتيجي ۾ هن اسڪول جون تاريخي عمارتون زبون ٿي پچندي ۽ پرندي سنڌ حڪومت هتان جي چونڊيل نمائندن ۽ لاڳاپيل ڪامورن جي نطر اندازي واري روش تي بي حسي جو ماتم ڪري رهيون آهن، پر هر سال 12 فيبروري تي مير جي ورسي جيڪا اولڊ بوائز ايسوسيئيشن پاران ملهائي ويندي آهي ان ورسي واري تقريب جا ڪيترائي صدارت ڪندڙ ۽ مهمان خاص جن ۾ وزير اعليٰ ڪان وٺي وزير ۽ چونڊيل نمائندا شامل هوندا آهن. پنهنجي وقتن تي رڳو خالي سکڻا اعلان ڪندا آهن پر عمل اڄ ڏينهن تائين نہ ٿي سگهيو آهي. آئون هن تاريخي درسگاه جي زبون حال عمارتن کي ڏسي سنڌ جي هن عظيم انسان مير غلام محمد خان ٽالپر جي عمل تي سوچيان ٿو جنهن پنهنجي هڙان هيترو ڪجهہ ڪيو پر اسان جا حڪمران حڪومت جون اربن روپين ۾ بجيٽون هوندي ۽ وسيلا هوندي بہ هن عظيم انسان جي هڪ سيڪڙي جيترو بہ ڪم نہ ڪري سگهيا، ايتري ۾ منهنجي ذهن تي مرشد لطيف جون هن عظيم انسان کي پيتا ڏيڻ لاءِ هي سٽون دستڪ ڏين ٿيون.

پنيءَ ٿيون پڙڪن باھيون بيراڳين جون،
ھلو تہ سيڪيون ھٿڙا، مٿي تن مچن،
سي ڪئين وسامن، جيڪي لاھوتي لاھي ويا،

✦

# مايا جي موھ کان پري بيٺل مير

**- سيد جڙيل شاھ بخاري**

انسان پنھنجي عظمت جي شناس رکڻ لاء دنيا جي اندر جيڪڏھن ھمٿ ۽ ثابت قدمي سان زندگي جي مقصد جو تعين ڪري وڃي ٿو تہ پوءِ ھن جي موجودگي کي زمانا محسوس ڪن ٿا اھڙو تدبر رکندڙ مٽيا جي خوشبوء سان مهڪي پوي ٿو اھڙو ماڻھو ٻڙجي چانو ۽ جهڙو گهرو ۽ چنڊ جي روشني وانگر اميد افزا ٿي پوندو آهي سنڌ جو وجود ان حوالي سان ايترو زرخيز رهيو آهي جو تاريخ ان جي گواهي ڏيندي فخر سان شرسار ٿي وڃي ٿي. سنڌ جي قديم مهذب قدرن جي ساک ڏيندي رگويد جي اشلوڪن ۾ لکيل آهي تہ آرين جڏھن سنڌجي دراوڙ سنڌين کي شڪست ڏيڻ جو سوچيو تہ کين حيرت ٿي جو دراوڙ سنڌين پنھنجي وجود جي بچاء لاءِ علم ۽ ھنر کي ڍال بنائي مقابلو ڪيو. ان تاريخ ساز قومي تشخص جي پاسداري سنڌ جي غيور سنڌين هميشہ پي ڪئي آهي. مير غلام محمد خان ٽالپر سنڌجي ان بهادري واري تسلسل جو ناميارو ڪردار ھو جنهن علم جي روشني جي ڦهلاء سان سامراجي تسلط کي ختم ڪرڻ جي حڪمت عملي کي هٿ ۾ ڪنيو جڏھن انگريزن برصغير کي غلامي جي طوق ۾ جڪڙي رکيو ھو ڪروڙين انسانن کان سياسي، سماجي ۽ معاشي جياپو کسي ورتو ھو محڪوميت جي زنجيرن ۾ سوگهي عوام جي آجپي کي موٽائڻ لاءِ ۽ عوام کي متحد ڪرڻ لاء علم ۽ صرف علم جي مشعل جو داعي بڻائڻو ھو ان سلسلي ۾ جتي سرسيد احمد خان علي ڳڙھ يونيورسٽي، ٽئگور شانتي نڪيتن، سيد الهندو شاھ ڊيري وارو مدرسو، نور محمد وڪيل نور محمد اسڪول قائم ڪري گوري سامرج کي پڇاڙڻ لاء جدوجهد شروع

ڪئي انهن حالتن ۾ مير غلام محمد خان ٽالپر لاڙپٽ جي علائقي مان آواز علم ٿي اڀريو سامراجي وحشت جي ان دور ۾ لاڙ واسين سنڌين کي جهالت جي هولناڪين مان ڪڍڻ لاءِ ميرغلام محمد خان ٽالپر ٽنڊوباگو جي ڀونءِ مان سندرو ٻڌي هڪ مدرسو قائم ڪيو. انگريز حڪمرانن جي شهريت واري ٻڪ جي مد نظر توڙي جو مير صاحب مدرسي جو نالو حڪمت علي تحت مدرسه لارينس رکيو ليڪن ان مدرسي جنهن تعليمي درسگاهه جو روپ ورتو ان جي علمي اڃ رکندڙ مظلوم سنڌين کي شعور جا خزانه ميسر ڪيا مير صاحب کي نه فقط لاڙ جي نئين نسل کي علم ۽ ساڃهه سان سرفراز ڪرڻو هو ان مشن ۾هو ڪامياب وڃي رهيو هو هن پنهنجي آدرشوادي ڪردار جو اهڃاڻ ٻڌجندي پنهنجي ملڪيت کي مدرسي جي واڌاري ۽شاگردن جي تعليمي گهرجن لاءِ وقف ڪرڻ شروع ڪيو. اهو 1923ع جو زمانو هو جڏهن سنڌ ۾ لاڙ پٽ تي گبسن انگريز جي اختيارن جو عروج هو. گبسن حيران هو ته مير غلام محمد خان جهڙو هڪ وڏو زميندرا پنهنجي ذاتي دولت غريبن جي ڀلائي لاءِ ۽ علم جي واڌاري لاءِ ارپي ٿو مير صاحب جي اهڙي ڪردار کان انگريز حڪمران متاثر ٿي کيس سر خانبهادر جو لقب ڏنائين اهڙي طرح مدرسه لارينس جنهن ۾ لاڙ پٽ ڪانسواءِ سنڌ جي ٻين علائقن مان شاگرد تعليم پرائڻ لاءِ اچڻ لڳا شاگردن جي سهولت لاءِ مير غلامحمد ٽالپر هڪ هاسٽل تعمير ڪرائي ان ۾ رهندڙ سوين شاگردن جي خوراڪ، علاج معالج جو بندوست ڪيائين. هن مرد مجاهد شاگردن لاءِ هاسٽل ۽ اسڪول جي نالي بينڪ ۾ تي لک ستاسي هزار جي رقم سهائتا فنڊ طور رکيائين اهڙي طرح هي مدرسو تعليمي نتيجن جي حوالي سان نمايان ٿيڻ لڳو علامه دائود پوٽو اڳوڻو وزيراعظم پاڪستان محمد خان جوڻيجو ايچ ايم خواجه، سيد پيپو شاهه، ڏالو مل ايڊوڪيٽ، جمن قمبراڻي وڪيل سميت ڪيترا اهم انسان ٽنڊو باگو جي علمي درسگاهه مدرسه لارينس مان تعليم پرائي چڪا آهن. مشهور سياسي قومپرست رهنما ڊاڪٽر دودو مهيري ۽ ڪاهوڙي اديب شاعر ۽ ڊرامه نويس مرحوم شمشير الحيدري پڻ هن درسگاهه مان فيضياب ٿيا. قيام پاڪستان

ڪانپوءِ اميد هئي تہ هن عظيم درسگاه جي تاريخي اهميت جو قدر ڪندي ان جي ترقي لاءِ ڌيان ڏنو ويندو پر ڪيترن ڏهاڪن بعد 1995ع ۾ فقط هن ڪي هائير سيڪنڊري اسڪول جو درجو ڏنو ويو باقي نہ تہ خستہ حال هاسٽل جي مرمت ۾ فنڪشنل ٿيڻ طرف ڌيان ڏنو ويو ۽ نہ وري اسڪول جي مرمت ۾ استادن جي ڪوٽ جو پورائو ڪيو ويو. عجيب بي حسي آهي جو صدي گذرڻ ڪانپوءِ حڪومت هن مادرِ علمي جي لاءِ مخيرانہ طور تي ايران حڪومت طرفان توڙي جو نئين سري سان مرمت ڪرائي پر هن درسگاهہ جي حيثيت وقت جي حڪمرانن سامهون سواليہ نشان بڻيل آهي. اجان اها هاسٽل جتان خان بهادر مير غلام محمد ٽالپر جي سهائتا سان هزارين شاگرد سهولتياب هئا اڄ اها هاسٽل ويران ۽ عدم توجہ جي ور چڙهيل آهي. تعليمي اختيارين ۽ سنڌ حڪومت هن اداري کي نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي. جنهن کي مير غلام محمد ٽالپر غلامي ۽جهالت واري دور ۾ پنهنجي ميڙي پونجي سان وجود ۾ آڻي لاڙ جي اندر هڪ تعليمي انقلاب آندو. هن انگريز سرڪار جي اڳيان ذاتي مراعتن لاءِ سجده ريز ٿيندڙ وڏيرن وانگر سنڌ جو سودو نہ ڪيو پر هن پنهنجي خواهشن کي تياڳي ذلت واري دور ۾ سنڌ جي آجپي لاءِ مشهور ڏاهي والتيئر جي لفظن ۾ ائين چيو تہ ڇا ٿيو مون وٽ لٺ نہ آهي مون وٽ قلم تہ آهي. مير صاحب تعليم جي حوالي سان ايترو قدر شناس هو جو هن قابل استادن کي هن درسگاهہ ۾ رکي انهن جي بہ مالي مدد ڪندو هو. هن محمد صديق مسافر جهڙي زيرڪ استاد کي مدرسہ لارينس ۾ مقرر ڪيو جنهن علمي ۽ ادبي شعور سان شاگردن کي مالامال ڪيو. غلام محمد ٽالپر هڪ وڏو سماجي خدمتگار پڻ هو. ڏتڙيل ۽ بيمارين ۾مبتلا لاڙ واسين جي علاج لاءِ لاڙ ۾ صحت مرڪزن جو ٻهراڙين تائين ڄار وڇايائين. هي حساس دل انسان علاج لاءِ پنهنجي خرچ تي ڊاڪٽرن جون ٽيمون موڪليندو هو جيڪي غريبن جو مفت علاج ڪندا هئا. ان وقت بيمارين وگهي ماڻهو لقمہءِ اجل بڻجي رهيا هئا، سرڪاري طرح صحت جو شعبو ناڪاره بڻيل هو عورتن جي موت جي شرح علاج جي اڻهوند سبب وڌيل هئي، ويم جي دوران علاج

نہ ڏيڻ ڪري عورتون تڙپي تڙپي زندگي جي جنگ هارائي ٿي ويون. اهڙي ماحول ۾ مير صاحب ٽنڊو باگو ۾ ويم گهر تعمير ڪرايو ان جو خرچ پاڻ برداشت ڪندو هو. ٽنڊي باگي جي ڳوٺن ۾ پرائمري اسڪول قائم ڪرايائين. جتي معصوم شاگردن کي ڪتاب مفت فراهم ڪيائين. اهي قربانيون هن اهڙي دور ۾ ڏنيون جڏهن سنڌ جا اقتدار پرست وڏيرا انگريزن جي حضوري ڪري پنهنجا مفاد حاصل ڪري رهيا هئا. هن وڏيرن جيتري حيثيت هوندي بہ هڪ باشعور سماج سڌارڪ ۽ تعليمدان واري عملي واٽور تي شاعر جي لفظن ۾ چيائين تہ.

آئون نہ مايا ميڙڻ وارو
مان هان علم پکيڙڻ وارو
مونکي ڪو ڏنوان نہ ڪوٺي
مير وڏيرو خان نہ ڪوٺي

هي مانجهي مرد 12 فيبروري 1932ع ۾ اسان کان هميشہ لاءِ موڪلائي مالڪِ حقيقي سان وڃي مليو ۽ ٽنڊي باگي جي جيلاني قبرستان ۾ مدفون آهي.

هن عظيم انسان جي سادي قبر تي گل رکي ميڊيا تي شهرت لاءِ واجهائڻ بجاءِ مرحوم خانبهادر غلام محمد ٽالپر جي پنهنجي هٿن سان اڏيل تعليمي اداري جي ترقي لاءِ ڪاوشون ڪندڙ اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جي دوستن دانش لوهاڻو فيض اديجو منظور سمون. فراق هاليپوٽو شاهجهان سمون ۽ ٻيا جيڪي اڄ بہ مير صاحب جي مشعل کڻي ثابت قدم نظر اچن ٿا. سي سڀ جس لهڻا.

⌘

# لاڙ جو ابو خانبهادر

## - ڊاڪٽر دوست محمد چانڊيو

لاڙ جنهن بابت اها راءِ آهي تہ هتي سومرن جي دور دليري کان وٺي مدد خان جي ڌاڙ مڙسي تائين مزاحمتي بہ رهي آهي تہ مفاهمتي بہ رهي آهي. لاڙ جي محبتن سان ثبوت سنڌ جي سرموڙ شاعر پٺائي گهوٽ جي آستانن جا ثبوت بڙ جي ڍوري ۽ لنواري شريف. وهڻائي شريف لڳ ڏاتو فقير جي ڪاڻ ۽ اوليا خانشاھ وٽان ملن ٿا تہ لطيف سائين هتي اچي محبتن جو مشاهدو ڪيو ان وقت هتي اهل علم ۽ اهل قلم موجود هئا. ان وقت کان وٺي هيستائين اهڙين عظيم هستين مان ٽنڊي باگي جو ڄائو خان بهادر مير غلام محمد خان ٽالپر بہ هو 1876ع ۾ ماڻڪاڻي ميرن جي قبيلي جي مير محمد خان جي گهر ۾ غلام محمد خان اک کولي، ان وقت سندن گهر جو وڏو مير محمد خان ٽالپر جو والد صاحب مير ولي محمد خان ٽالپر هو. جنهن جي باري ۾ ٻڌايو وڃي ٿو تہ هو هٺ جو تمام سخي مرد هو سندس اوطاق هجڻ سان گڏ وڏو مهمان نواز ماڻهو هو. انهي خرچن ۾ سندس زمين مئينجر وٽ گروي ٿي ويئي. 1893ع ۾ مير ولي محمد خان ٽالپر وفات ڪري ويو. 1909ع ڪانپوءِ غلام محمد ٽالپر جي لاءِ ڏک ڀريو وقت آيو هو ڇو تہ مير محمد خان ٽالپر جي ڄايل اولاد ۾ 20 ٻارن ۾ صرف هڪ ئي ٻار هو باقي ڀائر ۽ ڀينرون ننڍي عمر ۾ ئي وفات ڪري ويا هئا جنهن ڪري غلام محمد ٽالپرماڻن جوڊادلو پٽ هو ۽ دادلي ٻارکي ڏکيا ڏينهن اچن تہ اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هن تان ڇا گذري هوندي؟ انهي حالتن کي مير غلام محمد خان مڙس ماڻهو ٿي منهن ڏنو ۽ جاگيردار خاندان جي فرد پوليس ۾ ڀرتي ٿي هڪ سپاهي جي نوڪري ڪئي، جيڪا سندس مزاج

جي ابتڙ هئي، انهي ڪري هن استعيفيٰ ڏئي ڇڏي ۽ مير صاحب اسٽئمپ وينڊر جو ڪم ڪري گهر جو گاڏو هلايو. انهي ڪان اڳ ميرغلامحمد خان هاري ٿي هر بہ هلايو ۽ پورهئي ڪان ڪابہ عار نہ محسوس نہ ڪئي. محنت ۾ عظمت سمجهي. انهي دوران ڪيس امير مان غريب ٿيڻ جو احساس بہ دل ۾ آيو جنهن ڪري هن جي دل ۾ اهو احساس اڳيان هلي غريبن جي مدد ڪرڻ جو سبب ٿيو. انهي دوران سندس مائٽاڻي جاگير بہ آجي ٿي ويئي. اهڙي ريت مير صاحب هڪ دفعو وري غريبي مان اميراڻي دور ۾ اچي ويو پرسندس دل غريبن جي مدد لاءِ وقف ٿي وئي. جڏهن ٻي مهاڀاري جنگ لڳي تہ ان وقت جي حڪومت هند کي مير صاحب هڪ لک قرض طور ڏنا جنهن جي ڪري حڪومت کيس خان صاحب جو لقب ڏنو. 1920ع ۾ مير صاحب کي دل ۾ خيال آيو تہ ڇو نہ غريب ٻارن لاءِ ڪو اسڪول کولجي ۽ انهي دور ۾ سنڌ ۾ صرف نوشهروفيروز ۾ سيد الهندي شاھ جو اسڪول ۽ ڪراچي ۾ سنڌ مدرسة السلام ڪانپوءِ ڪوبہ انهي طرز جواسڪول نہ هلندڙ هو. شروعاتي ڏينهن ۾ تعليم لاءِ ميمڻ محلي ۾ مير صاحب پنهنجي خرچ تي اسڪول کوليو جنهن ۾ 5 شاگردن کي تعليم ڏني پئي وئي جنهن کان پوءِ شاگردن جي تعداد وڌڻ جي ڪري ۽ سندن رهائش لاءِ موجوده اسڪول واري جاءِ تي اسڪول نهرايو ويو. اسڪول جو پهريون استاد محمد صديق مسافر هو. 1923ع ۾ اسڪول جي لاءِ بورڊنگ هائوس ٺاهيو ويو ۽ اسڪول جي بورڊنگ هائوس لاءِ مير صاحب طرفان ان وقت تي لک ستاسي هزار 387000 روپيہ بئنڪ ۾ رکيا ويا تہ ان مان ملندڙ منافعي تي اسڪولي شاگردن کي کاڌ خوراڪ ڏني وڃي ۽ هاسٽل ۾ رهندڙ شاگردن کي وظيفو بہ ڏنو وڃي. جنهن ٽائيم ميرصاحب شاگردن لاءِ اها رقم ڏني هئي تہ ان وقت سون جو تولو 10ڏھ روپيا هو. هو بئنڪ آفيسر جي چوڻ موجب تہ انهي حساب سان اها رقم اڄ جي رقم 80 اسي ڪروڙ روپين کان مٿي آهي. هي ميرصاحب جي دل هئي جنهن تعليم لاءِ ايڏي وڏي رقم سان گڏ پنهنجي جاگير مان اسڪول لاءِ زمين بہ ڏني جيڪا هن وقت بہ 20 ويهارو ايڪڙن کان مٿي جي ايراضي تي آهي ۽ ٿلهي ليکي اها زمين هينئر جي حساب

سان ڪربين روپين جو پلاٽ آهي پر اها زمين اجا تائين اسڪول جي ملڪيت آهي. جنھن وقت هند ۽ سنڌ ۾ پنھنجي محبوبائن جي ياد ۾ يادگار اڏيا پئي ويا اهڙي طرح هن مرد مجاهد غريبن جي تعليم لاءِ يادگار طور اڳوڻي لارنيس مدرسہ ۽ هاڻوڪو خان بهادر مير غلام محمد خان ٽالپر هائيرسيڪنڊري اسڪول اڏي پنھنجي محبت جو يادگار اڏي ڏيکاريو. اهڙي ريت 1932ع ۾ هن اسڪول جو شمار بهترين اسڪولن ۾ ٿيڻ لڳو. شاگردن جو خرچو پگهار، ڪاڏي پيتي جو بندوبست بہ هن اسڪول ۾ مفت ۾ هو. ميرصاحب نہ رڳو ٽنڊي باڳي ۾ پر ماڇوري واري اسڪول ۽ ڪڏهري واري اسڪول ۽ لائبريري ۾ بہ خرچ ڏيندوهو. انهي ڪانپوءِ اها ڳالھہ بہ ميرصاحب جي اعليٰ خدمت جو مثال هئي تہ هن ٽنڊي باڳي شهر ۾ ايندڙ مسافرن لاءِ مسافرخانو بہ ٺهرايو جتي ديسي ۽ پرديسي مسافر رات جو اچي رهندا هئا. کين ڪاڏي سان گڏ هنڌ ۽ بسترا بہ مفت ملندا هئا. انهي ڪان علاوه اتي جي ملازمن جو خرچ بہ مير صاحب پنھنجي کيسي مان ڏيندوهو. اهڙي ريت هن مرد مجاهد پنھنجي ڪم ڪي اڳتي وڌائيندي عورتن لاءِ هڪ ويم گھر ميٽرنٽي هوم ٺهرايو جتي حيدرآباد ڪان هڪ ڊاڪٽرياڻي ڪي هفتي ۾ هڪ دفعو گهرايو ويندو هو جيڪا عورتن جي بيمارين جو معائنو ڪندي هئي ۽ مير صاحب جي خرچ تي مفت علاج ڪندي هئي ۽ مختلف هنڌن ڪان آيل هوشيار عورتن کي دائپي جي سکيا ملندي رهي. خان بهادر مير غلام محمد خان ٽالپر12.2.1932ع تي وفات ڪري ويو. سندس ٺهرايل اسڪول جي هاسٽل ڪي 1990ع ۾ بند ڪيو ويو. 1980ع ڌاري ويم گهر بہ بند ڪيو تي ويو پر2000ع ۾ ٻيهر ميٽرنٽي هوم کوليو ويو جيڪو اجا تائين ڪم ڪري رهيو آهي. خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر هائير سيڪينڊري اسڪول مان 20 ويھہ هزارڪان وڌيڪ شاگرد تعليم حاصل ڪري چڪا آهن. جن مان ڪافي وڏين نوڪرين تي رهيا جن ۾ وڪيل، جج، ڊاڪٽر ۽ پوليس آفيسر شامل آهن. تازو ايراني حڪومت جي سهڪار سان بہ هن ۾ آڊيٽوريم هال ۽ ٻيون عمارتون ٺهرايون ويون آهن. هن اسڪول ۾ هن وقت بہ ٻہ هزارڪان وڌيڪ شاگرد ۽

شاگرديائٽيون تعليم حاصل ڪري رهيون آهن. پرهاٽي حڪومت کي گهرجي تہ خان بهادر مير غلام محمد خان ٽالپر جي خدمتن عيوض يا تہ ڪو سٺو ايوارڊ ڏنو وڃي ۽ گڏوگڏ هن هائير سيڪنڊري اسڪول کي يونيورسٽي جو درجو ڏنو وڃي. مير غلام محمد صاحب کي خانبهادر جي لقب کان سواءِ لاڙجي ابي جي لقب سان سجاتو وڃي ٿو ۽ سندن ڏنل تعليم لاءِ خدمتون تاريخ جي ورقن ۾ هميشہ ياد رهنديون. خانبهادر مير غلام محمد ٽالپرکي اولاد نہ ٿيو جنهن ڪري هو پنهنجي شاگردن کي اولاد سمجهندو هو. جيڪي بہ ڪيس ابي طور ياد ڪندا آهن انهي سان گڏ هن اسڪول جو پهريون استاد محمد صديق مسافر هو جنهن جو تعليم لاءِ ڪردار الڳ هو.

⌘

# روشنين جي قافلي جو سرواڻ

- غلام شبير لغاري

وقت جي درياءَ جو وهڪرو ڪڏهن بہ ناهي گهٽيو نہ وري هن جي رواني ۾ مست ڇولين اڳيان ڪو بند ٻڌي سگهيو آهي، نہ ڪنهن ٻڏندڙ سهڻي جي دانهن تي ڪُنن جا ڪڙڪات گهٽيا آهن. وقت جي لهرن سامهون ڪو جتاءُ ناهي ڪري سگهيو. وقت جي واچوڙن انهن مسند نشينن جا پيرا بہ لٽي ڇڏيا، جن ڇيو ٿي تہ سندن اشاري بنا پن بہ نٿو ڇُري سگهي. وقت پنهنجي پاڪر ۾ ڪئين خان ڪٽي ڪپائي ڇڏيا. دنيا فاني مان سڀني انسانن کي وڃڻو آهي، هر نفس کي موت جو ذائقو چکڻو آهي، پر جيڪي انسان پنهنجي زندگي جا پل مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن جا اهنج گهٽائڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيندا آهن. اهي پنهنجي اعليٰ ڪردار سبب تاريخ جي ورقن ۽ دلين ۾ ڌڙڪندا رهندا آهن. انهن محبوب هستين کي مئل چئي نٿو سگهجي. وسيع تر انساني ڀلائي لاءِ ڪيل ڪاوشن ۾ بهترين عملن سبب سندن نالو لوڪ گيتن جيان پيو ڳائبو آهي، سنڌ جي معصوم مرڪ جهڙي لاڙ جي مدهوش هوائن ۾ مينهن ڪڻين وسڻ کان پوءِ مٽيءَ جي خماريل خوشبو جهڙي خطي ۾ اهڙن عظيم هستين جو جنم پي ٿيو آهي، جن کي موتي، ماڻڪ، هيرن سميت مختلف تشبيهن سان پيٽ ڏيئي کين خراج پيش ڪيو وڃي ٿو. جڏهن بہ تنبدي باگي جو نالو ونجي ٿو تہ اسان جي ذهن جي ڪينواس تي ڪنهن مصور جي شاهڪار وانگر لاڙ جي ابي خانبهادر مير غلام محمد ٽالپر جي شخصيت جو عڪس چٽجي وڃي ٿو. جنهن جي انساني جذبي تحت ڪيل ڪارنامن تي نظر وجهجي ٿي تہ مير صاحب لاءِ محبت ۽ عقيدت جا سوين گل دل جي بستان ۾ ٽڙي

پون ٽا. جاگيردار گھراڻي ۾ مير محمد خان جي گھر ۾ جنم وٺندڙ مير غلام محمد ٽالپر جو ڪردار ڪير جيان اڇو ۽ پويتر آهي. هن جي زندگي ۾ جهاتي پائي ٻالڪپڻ ڏي نظر ڪجي ٿي تہ امير گھراڻي جي لاڏلي ٻار جي زندگي ڏکن ۽ سکن جو هڪ سنگم هئي. ٻالڪپڻ جي ڪچڙي وهيءَ کان. جواني ۽ پيري تائين جي جيون سفر ۾ هن امير گھراڻي سان تعلق رکندڙ دل جي امير انسان مايوسي جي ڏنڌ ۾ گم ٿي وڃڻ بجاءِ حالتن جي سنگينن سان سينو ساهيو. سرڪار جي جوڙيل قانون جي ڪتاب جي تحت سندس مائٽاڻي جاگير سرڪار جي حوالي ٿي تہ مير صاحب ڏکين گھڙين جي طوفان سان سينو سپر ڪري سوين مشڪلاتن ۽ تڪليفن جي تيرن کي سهي بہ مڙس ٿي حالتن سان مهاڏو اٽڪايو. ڇو تہ هو وڏي دل رکندڙ هو. استامپ وينڊري کان پوليس جي ڏکئي ڪمن تائين هن صبر جو دامن پڪڙي حالتن سان مقابلو ڪيو. سندس جذبن ۽ احساسن ۾ انسانيت جي لاءِ درد سمايل هو پاڻ ڏکن کي سکن جي سُونهن سمجھي هر لمحو محنت ۽ جدوجهد ۾ گذاريو علم سان هن کي عشق هو. سندس اندر ۾ خلق خدا جي خدمت جو جذبو هو. هن جا خيال ۽ سوچون ٻين جاگيردارن ۽ اميرن کان مختلف هيون. هو شعور جي شمع جلائڻ ۽ جهالت جي اونداهين کي مات ڏيڻ جا حوصلا رکندڙ هو. جاگير جي واپسي کان پوءِ مير صاحب اهي عملي ڪم ڪري ڏيکاريا جن جو ڪنهن کي تصور ئي نہ هو. سال 1920ع ۾ ٽنڊي باگي ۾ علم جو اهڙو چراغ روشن ڪيو جنهن جي روشني اڄ تائين ڪيترن ئي علم جي مسافرن کي پنهنجي منزل جا گس ڏسي ڪين ان مقام تي پهچايو جتي شايد سندن تصور بہ نہ هجي. مير صاحب لارينس مدرسو جو بنياد رکي. هڪ ڪرائي تي ورتل جڳھہ ۾ ٽنڊي باگي کان ڪجھہ ڪلوميٽر پري ڳوٺ ٿوهي لغاري ۾ هلندڙ ميانجي محمد حسن لغاري جي ملان مڪتب مان پنج شاگرد وٺي مدرسي ۾ تدريسي عمل شروع ڪيو اهڙي وقت ۾ مدرسو هلائڻ ڏاڍو اوکو ڪم هو. ان راهہ جي منزل تہ خوبصورت هئي پر سفر تمام اڙانگو هو. پر مير صاحب جي اٽل ارادن اڳيان ڪو ڪم مشڪل نہ هو. سنڌ جي وڏي اديب. شاعر ۽ قابل استاد محمد

صديق مسافر جي ساٿ سان علم جي لاٽ جرڪي پئي، شعور ڏانهن سفر جون واٽون نڪري پيون، علم جي هبڪار پکڙي تہ پوپٽن جهڙا ٻار علمي باغ لارينس مدرسي ۾ گڏ ٿيندا ويا. 1921ع ۾ ڪمشنر رويو پاران معائني ۽ تعليم کاتي پاران منظوري کان پوءِ تعليم جي لڳايل هن ٻوٽي جي وڏيڪ آبياري ٿي، مير صاحب جي خوابن جي منزل اجان اڳتي هئي، مير صاحب جي دل ۾ ڀلائي ڪرڻ واري جذبي جو طوفان سمايل هو لارينس مدرسي جي خوبصورت عمارت 1924ع ۾ جڙي، جنهن جي ڊزائين ۽ نقشو ڪاريگري سان تمام سهڻو تيار ڪيو ويو مدرسي جو ڊائنگ هال ۽ گبسن هاسٽل جي عمارت ڏسڻ وٽان هئي، هاسٽل ۾ پري جا شاگرد اچي رهندا هئا، جتي کين مفت ۾ کاڌو کارائڻ سميت مير صاحب شاگردن لاءِ سموري ضروريات جو جوڳو بندوبست هو. مير غلام محمد جي انساني ڀلائي لاءِ ڪيل ڪاوشن تي نظر وجهجي تہ اهي غير معمولي ۽ بنهہ وڏا ڪم آهن. هن بي سهارا ۽ مسڪين ماڻهن جي لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي. سندس ڳالهيون ٻڌي ۽ پڙهي بي اختيار مير صاحب لاءِ دل اندر لکين عقيدت جا گل ٽڙي پون ٿا. انهن معصوم ٻارڙن جي تعليم جو ۽ انهن جي روشن مستقبل جي تعمير لاءِ ماڻٽن کان وڌيڪ مير صاحب کي اونو رهندو هو. لارينس مدرسي جي تعمير، ڊليوري دؤران اذيتن ۾ سورن کي منهن ڏيندڙ عورتن جي لاءِ بہ مير صاحب کي همدردي جو ويم گهر نهرائي، ٻاهران ڊاڪٽرياڻي گهرائي اسپتال هلرائڻ. بيمار مريضن جي لاءِ بہ مير صاحب جي دل ڏکاري ٿي، انهن لاءِ گشتي شفاخانو نياڻين تعليم لاءِ گرلس اسڪول جو قيام، مسافرن لاءِ بہ هن مرد مانجهي جو من بيقرار ٿيو مسافرخانو نهراياڻين. جڻ سڄي زندگي انساني ڀلائي لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئائين، هن زندگي جو مقصد عوامي ڀلائي ۽ خلق خدا جي خدمت ٻڌائي ورتو هو دنيا تہ فاني آهي هن ۾ ڪو دم جيئڻ دوران ڪي نيڪيون ڪبيون تہ اهي پيون ڳائبيون، مولوي حاجي احمد ملاح جي هنن سٽن وانگي تہ :

"دم ڪو آهيون يا نہ آهيون خواب آهي يا خيال "

هن خواب مثل حياتي کي اجايو نہ وڃايو هن اهو ڪجهه ڪري ڏيکاريو جيڪو وڏا جاگيردار ۽ وقت جا حاڪم نہ ڪري سگهيا.

سنڌ ڌرتي جو هي سپوت پٽ، غريبن جو پرجهلو، مسڪينن جو ساٿي، علم جي روشني ڏي سفر جي قافلي جو سرواڻ خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر 12 فيبروري 1932ع تي جمع جي ڏينهن هميشہ لاءِ وڇڙي ويو. اولڊ بوائز ايسوسيئيشن طرفان هر سال 12 فيبروري تي مير صاحب جي ورسي ملهائي ويجي ٿي. مير صاحب کي سندس بهترين ۽ شاندار ڪمن تي جيترو خراج پيش ڪجي اهو گهٽ آهي، سندس نالو تاريخ جي سونهري ورقن ۾ سدائين ياد رکيو ويندو. استاد بخاري جي سٽن وانگر تہ:

جو قوم جياري اهو جيئندو رهندو.
جو عام اجاري اهو جيئندو رهندو.
مونکي تاريخ ۽ تقدير ڏني پڪ آ،
جو سنڌ سنواري، اهو جيئندو رهندو.

# علم جو ڏيئو ٻاريندڙ خان بهادر

**- فقير سليمان لغاري**

خوشنصيب قومن ۾ خان بهادر مير غلام محمد ٽالپر جهڙا عظيم انسان پيدا ٿيندا آهن. جيڪي شاهڪار صلاحيتن، نيڪ نيتي، سچائي ۽ پنهنجي علم دوست ڪردار سبب قومن کي پنهنجي خدمتن عيوض قرضي ڪري ويندا آهن. خان بهادر مير غلام محمد ٽالپر جهڙن علم دوست انسانن جون تعليمي ڪاوشون وطن جي مسڪين، مظوم ۽ اٻوجهه ماڻهن جي تقديرن کي انقلابي انداز سان بدلائڻ جي شاندار سگهه رکن ٿيون. علمي انقلاب جا ڪارناما سرانجام ڏيندڙ خان بهادر مير غلام محمد ٽالپر سنڌ جي شعور، علم ۽ ادب لاءِ سموري حياتي مستقل مزاجي سان جاکوڙ ڪري جاڳرتا پيدا ڪئي. سندس قائم ڪيل اسڪول اسان جي ديس جا هزارين ماڻهو علم جو فيض حاصل ڪري وطن ۽ قوم جي خدمت ڪري رهيا آهن. تعليمي معامري ۾ بدين تہ سنڌ جو پوئتي پيل ضلعو رهيو آهي. لاڙ پٽي جا سادڙا ۽ سٻاجها ماڻهو تعليم جي اهميت کان اڻ واقف هئا. تنهنڪري تعليم بابت انهن جي عدم دلچسپي ان وقت علم جي شرح مان پڌري ٿئي ٿي. ان زماني ۾ گهٽي پٽ ۾ نالو لکڻ يا آيل خط پڙهڻ لاءِ پڙهيو لکيو ماڻهو ملڻ ملڻ مشڪل هو. يعني گهٽي آبادي اڻ پڙهيل هُئي. جهالت ترقي جي وڏي دشمن آهي. لاڙ جي ماڻهن بہ زمانن تائين جهالت جو عذاب ڀوڳيو. پر لاڙ جي ماڻهن جا ڀلا ڀاڳ جو اُتي خان بهادر مير غلام محمد ٽالپر، ميانجي محمد حسن لغاري ۽ محمد صديق "مسافر" جهڙا مرد مجاهد پيدا ٿيا. جن علمي ميدان ۾ لاڙ کي سرخرو ڪيو پر بعد ۾ سندن علمي ڪاوشن ۽ خدمتن مان سڄي سنڌ فيضاب ٿي.

لاڙ جي علمي شخصيت خان بهادر مير غلام محمد ٽالپر پاران تعليم کي هٿي ڏيڻ خاطر لارينس مدرسو قائم ڪيو. سندس اها خدمت سنڌ جي تاريخ ۾ سنهري باب تصور ڪئي وڃي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ لاڙ ۽ لاڙ جي پاڙيسري ضلعن جي ماڻهن پنهنجا ٻار خان بهادر مير غلام محمد ٽالپر جي درسگاهہ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ڪرايا. لارينس مدرسي ۾ قائم ڪيل گبسن

هاسٽل ۾ شاگردن کي خان بهادر مير غلام محمد ٽالپر جي ذاتي خرچ تي ماني ۽ رهائش جو بندوبست ٿيل هو. جنهن ۾ شاگردن جو تعداد ڏينهون وڌندو ويو. ان دؤر ۾ اهڙي ڪوشش کي جس لائق عمل چئبو. شاگردن جي ماني کائڻ لاءِ خان بهادر مير غلام محمد ٽالپر هاسٽل ۾ هڪ زبردست ڊائننگ هال ٺهرايو هو. جنهن ۾ اسڪول جا شاگرد گڏجي ماني کائيندا هئا. خان بهادر مير غلام محمد ٽالپر پاران قائم ڪيل اسڪول کان اڳ سندس ئي پاڙيسري ميانجي محمد حسن لغاري پاران ٽنڊوباگو ويجهو ٿوهي ۾ به سئو شاگردن جو مدرسو قائم ڪيو ويو هو. جنهن کي ميانجي محمد حسن لغاري پنهنجي مدد پاڻ تحت هلائيندو هو. جڏهن خان بهادر مير غلام محمد ٽالپر ٽنڊي باگي ۾ پنهنجي خرچ تي درسگاهه جو بنياد رکيو ته ان پڙهڻ لاءِ آيل پهريان شاگرد پڻ ميانجي محمد حسن لغاري جي ٿوهي واري مدرسي جا هئا، انهن هوشيار ۽ ذهين شاگردن کي ڏسي خان بهادر مير غلام محمد ٽالپر تمام گهڻو خوش ٿيو هو. خان بهادر مير غلام محمد ٽالپر پاران ان زماني ۾ فقط تعليمي خدمتن لاءِ اسڪول ئي نه پر گشتي دواخانو پڻ هلايو ويندو هو. جنهن ۾ هڪ ڍڳي گاڏي ۾ دوائون ۽ ڊاڪٽر ٻهراڙي ۾ گشتي ٽيم جي صورت ۾ شهرن کان دور ڳوٺ، گام، واهڻ ۽ وستين ۾ موڪليا ويندا هئا. جنهن مان ٻهراڙي جا ماڻهو تمام گهڻو فائدو حاصل ڪندا هئا.

خان بهادر مير غلام محمد ٽالپر پاران سفري مشڪلاتن سبب دربدر ٿيندڙ مسافر ماڻهن لاءِ ٽنڊوباگو ۾ مسافر خانو جوڙايو ويو هو، جتي مهمانن لاءِ بنان ڪنهن فرق جي کاڌي ۽ رهائش جو جوڳو بندوبست ٿيل هوندو هو. تعليمي سفر ۾ خان بهادر مير غلام محمد ٽالپر سان گڏ محمد صديق مسافر جو ڪردار به ساراهه لائق آهي. محمد صديق مسافر جهڙي مايا ناز اديب ۽ شاعر جون لارينس مدرسي لاءِ شاهڪار عملي علمي خدمتون، ڪوششون ۽ ڪاوشون خانبهادر مير غلام محمد ٽالپر جي همت افزائي جو سبب بڻيون، جنهن بعد مير صاحب ان ڪم ۾ پهرين کان به وڌيڪ دلچسپي وٺڻ لڳو. جنهن ڪري لاڙ ۾ تعليم جي صورتحال بهتري طرف وڌڻ لڳي هئي. اڄ به جيڪي شاگرد لارينس مدرسي مان پڙهي ويا آهن انهن جون پنهنجي وطن لاءِ خدمتون تاريخ ۾ يادگار آهن.

# مانجھي مرد

**- عبدالعظيم (نين سمون)**

سنڌ ڌرتي جتي قدرتي خزانن سان مالامال آهي تہ اتي سنڌ ڌرتي جي ڪُک سورهين سرويچن کي بہ جنم ڏنو آهي. جن ماڻهن پنهنجي ڌرتي جي حفاظت خاطر پنهنجا سر ڪپايا پر ڌرتي جو تحفظ ڪيو تہ وري سخين جي سرزمين سنڌ اهڙا نيڪ سخي مرد بہ پيدا ڪيا آهن جن جو مثال تاريخ ۾ نٿو ملي پوءِ اهي ماڻهو سخاوت ۾ ڪي اشرف ٽيپو جهڙا نيڪ مرد هئا تہ ڪي وري اهي ماڻهو جن پنهنجي قوم جي شعور جا ڏيئا روشن ڪيا. اهڙن ئي سخي مردن مان مير غلام محمد خان ٽالپر جنهن پنهنجي سنڌ ۾ لاڙ جي ماڻهن لاءِ پنهنجي سخاوت جو در کوليو تہ جيئن هتان جا غريب مسڪين ماڻهو علم پرائي سڌي وات تي هلي سگهن.

مير غلام محمد خان ٽالپر 1923ع ۾ هي اسڪول جوڙايو. هن اسڪول جي غريب شاگردن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو مفت بندوبست پڻ ڪيو. شاگردن جي اعليٰ تعليم جو مير صاحب کي وڏو فڪر هوندو هو ۽ ان لاءِ هن غريب شاگردن لاءِ اسڪالرشپ جهڙا موقعا پڻ فراهم ڪيا.

مير صاحب بنا ڪنهن رنگ نسل جي هر ماڻهو جي لاءِ هي تعليمي ادارو جوڙايو تہ جيئن هر ٻار مفت تعليم حاصل ڪري سگهي. مير صاحب نہ فقط هي اسڪول جوڙايو پر ان سان گڏوگڏ پنهنجي ماڻهن لاءِ مسافرخانہ،گشتي شفاخانہ، عورتن لاءِ ميٽرنٽي هوم ۽ نياڻين لاءِ الگ اسڪول جوڙايو.

مير صاحب جي سخاوت کي لفظن ۾ بيان ئي نٿو ڪري سگهجي. سندس سخاوت کي زمانا پيا ياد ڪندا.اهڙا ڪردار اسان جي سجاڻپ آهن.

مونکي پنهنجي محسن مير غلام محمد خان ٽالپر لاءِ ڀٽائي جون هي سٽون پيون ياد اچن تہ:

مونکي جياريو پرينءَ جي ڳالھ ڪري
ڏنو اج اڏيو هينئڙو ڪوٽ ٻُرج جيئن.

# مير غلام محمد تالپر، محمد صديق مسافر ۽ اڄ جي سنڌ جو وڏيرو

**- يوسف سنڌي**

هينئر سنڌ ۾ ”وڏيرو“، رئيس، پير، مير، سردار ۽ جاگيردار جي معنيٰ ئي بدلجي وئي آهي، هاڻي اهي لفظ پنهنجي پويان اهو پسمنظر ڪونہ ٿا رکن، جيڪو صدي سوا صدي اڳ هو. ائين بہ ڪونهي تہ ان وقت بہ وڏيرو ابن الوقت، وقت جي حاڪمن جو گولو ۽ خدمتگار نہ هو. جيتوڻيڪ ان وقت بہ سنڌ جي وڏيري، رئيس، مير، پير ۽ جاگيردار جو ڪردار ايترو ساراهہ لائق ڪونہ هو. هو وقت جي حاڪم جو سلامي ٿي خانبهادر وغيره جا لقب وٺندو رهيو هو. پر سندس ٻيو پهلو اهو هو تہ هو پنهنجي راڄ ڀاڳ ۽ ڳوٺ وارن جي لاءِ ڇپر ڇانوَ ۽ پرجهلو بہ رهندو هو. سندن ننگن ۽ انگن جي حفاظت هو ائين ڪندو هو. ڄڻ اهي سندن ڪٽنب جا ڀاتي هجن. ڳوٺ راڄ جون نياڻيون سياڻيون ۽ عزتون ڄڻ هن جون پنهنجون نياڻيون ۽ عزتون هونديون هيون. وسنئون ڪنهن لُنب لُوفر کي اها مجال ئي نہ ٿيندي هئي تہ هو انهن ڏانهن ميري اک سان ڏسي سگهي.

انهن مان ڪي اهڙا بہ هئا، جن ڪيترن ئي ميدانن ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون. خاص ڪري تعليم جي سلسلي ۾، سنڌ ۾ هندن تہ ورهاڱي کان اڳ پنهنجي ڪميونٽيءَ کي تعليم يافتہ بڻائڻ ۾ هر ممڪن

ڪوشش ڪئي، جنھن جي نتيجي ۾ ڪيترائي تعليمي ادارا قائم ٿيا، جن ۾ نالي ماتر مسلمان ٻارن کي بہ داخلا ڏني ويندي ھئي، تعليم جي ميدان ۾ ٿورن مسلمان اڳواڻن بہ ڪردار ادا ڪيو جن ۾ حسن علي آفندي ۽ الھ بخش ابوجھو جا نالا تہ آسمان جا جرڪندڙ تارا آھن، جن سنڌ مدرسہ الاسلام قائم ڪيو. تنھن ڪانسواءِ سيد الھ آندي شاھ دربيلي وارو ۽ نور محمد وڪيل حيدرآباد وارو بہ سدائين ياد رھندا. ان سلسلي ۾ لاڙ پٽ جي مير غلام محمد ٽالپر جون پنھنجي ڳوٺ ۽ ضلعي وارن لاءِ ڪيل خدمتون وسارڻ جوڳيون نہ آھن، مير صاحب ھڪ وڏو جاگيردار ھو پر ھن تعليم جي حوالي سان جيڪا شمع روشن ڪئي، اھا وسارڻ جھڙي ڪونھي، اڄ بہ ٽنڊي باگي ۾ 'مير غلام محمد خان ٽالپر ھاءِ اسڪول' سندس پاران جاري ڪيل صدقہ جاريہ آھي.

ٽنڊي باگي ۾ اسڪول قائم ڪرڻ جي خواھش ۽ پوءِ مير صاحب طرفان ورتل ڪوششن جون پيرائتو احوال اسان جي مرحوم ليکڪ محمد صديق مسافر پنھنجي آتم ڪھاڻي "منازل مسافر" ۾ بيان ڪيو آھي، مسافر مرحوم جي آتم ڪھاڻيءَ ۾ مير صاحب جي ڪوششن ۽ خدمتن جو احوال پڙھي مونکي اُن نيڪ مرد جي لاءِ دل ۾ بي حد احترام وارا جذبا ٿيا ۽ مون ڪنڌ جھڪائي کيس سلام ڪيو.

مير غلام محمد خان ٽالپر، مرحيات محمد صديق مسافر کي ڳوٺ ۾ ٻارن کي انگريزي پاڙھڻ جي لاءِ سرڪاري نوڪريءَ تان موڪل وٺرائي اُستاد مقرر ڪيو ۽ مير صاحب، مسافر جي پاڙي ۾ ئي ھڪ جاءِ مسواڙ تي ورتي ۽ ڪاٺ جون نيون بئنچون بہ ٺھرايون، ميز ڪرسيون پنھنجي بنگلي تان ڪٽي ڏنائين ۽ اُن ڪانسواءِ ٻي سامان سڙي وٺڻ لاءِ مسافر مرحوم کي پئسا ڏنائين، اھو اسڪول جيڪو پھرين جنوري 1920ع کان شروع ٿيو ان ۾ پھرين پنج شاگرد داخل ٿيا، انھن شاگردن جي ڪتابن ۽ ڪاتي پيتي جو خرچ مير صاحب ڏيندو ھو ائين ھوريان ھوريان شاگردن جو تعداد وڌندو ويو جڏھن پندرھن سورھن پرديسي شاگرد اچي گڏيا تہ مير صاحب اسڪول جي پرسان ھڪ ٻي وڏي جاءِ بورڊنگ جي لاءِ وٺي ڏني ۽ ھڪ

بورچي رکي ڏنائين ۽ بورڊنگ هائوس جي سيڏي سامان لاءِ مودي رکي ڏنائين. مرحوم مسافر لکي ٿو تہ: ”مير صاحب جو وقت بوقت اهو ٿي چوڻ هوندو هو تہ خرچ منهنجو ۽ محنت ۽ ايمانداري ٿُنهنجي، ڪڏهن بہ دل سُست نہ ڪج.“

پوءِ جڏهن اسڪول ۾ ٻارن جو تعداد وڏيو تہ هڪ ٻي استاد ڪي بہ مدد واسطي مقر ڪيو ويو ائين اهو اسڪول مَچندو وڌندو ويو ۽ پوءِ هڪ ڀيري جڏهن سنڌ جو ڪمشنر ’ريو صاحب‘ گشت ڪندي ٽنڊي باگي ۾ منزل انداز ٿيو تہ خانبهادر مير صاحب ڪيس اهو اسڪول وزٽ ڪرايو. ڪمشنر صاحب کي اسڪول جي ڪارڪردگي ڏاڍي وڻي ۽ هن واڪاڻ ۾ وزيٽر نوٽ لکيو تہ خانبهادر ڪمشنر صاحب جي اڳيان ٽي گذارشون رکيون تہ اسڪول رجسٽرڊ ٿئي، ماستر محمد صديق گورنمينٽ سرونٽ آهي، ان جي سروس باقاعده سان اسڪول لاءِ لينٺ ٿي ملي ۽ آئون خاصي رقم تعليم کاتي ۾ ايڊومينٽ طور رکان، ان ايڊومينٽ جي وياج مان ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جو خرچ هلائي.

مير صاحب جو ٽئي گهرون منظور ڪيون ويون ۽ مير صاحب ان دور ۾ اڍائي لک رپيا ’ايڊومينٽ فنڊ‘ ۾ رکيا ۽ پوءِ ان رقم جي وياج مان اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جو خرچ هلندو رهيو. ان وقت يعني 22-1921ع ۾ اڍائي لک رپين جو ڪاٿو اڄ جي اڍائي ڪروڙن کان بہ وڌيڪ هو. منهنجي خيال ۾ اها رقم اڄ بہ اسڪول جي ايڊومينٽ فنڊ ۾ موجود آهي، اڳتي هلي اهو اسڪول هاءِ اسڪول ٿيو ۽ سرڪار پاران ان جي بلڊنگ بہ ٺهي، خانبهادر مير صاحب اسڪول تي نالو ”لارينس مدرسو“ ۽ بورڊنگ هائوس جو نالو ”گبسن بورڊنگ هائوس“ رکيو. لارينس ڪنهن زماني ۾ سنڌ جو ڪمشنر هو ۽ گبسن ڪنهن زماني ۾ حيدرآباد جو ڪليڪٽر هو ۽ ٻئي مير صاحب جا دوست هئا، اڳتي هلي مير غلام محمد ٽالپر مرحوم جي جهان ڇڏڻ کان پوءِ اسڪول جو نالو بدلائي ’مير غلام محمد خان ٽالپر هاءِ اسڪول‘ رکيو ويو. جيڪو هڪ سنو قدم هو.

مرحوم محمد صديق مسافر جي آتم ڪهاڻي ”منازل مسافر“ جي ڇهين منزل ان اسڪول جي برپا ٿيڻ ۽ ان لاءِ مير صاحب جي ڪوشش جي داستان تي ٻڌل آهي. ”منازل مسافر“ ڪافي اڳ ڇپيو هو ۽ هاڻي ڪن اسڪولن جي لائبريرين ۾ ته موجود آهي، پر مارڪيٽ ۾ موجود ڪونهي، جيڪڏهن سنڌ جو ڪو به پبلشر اهو ڇپائي ته اسان جو نئون نسل گهٽين شين کان واقف ٿي پوندو. خود اسان جي محمد صديق مسافر جي زندگيءَ به اُتساهه جو سبب آهي. سندس وڏا زنجبار [جيڪو هاڻي آفريقا کنڊ جي هڪ زمبيا ۾ شامل آهي] مان غلام ٿي آيا. پهرين هو نئي ۾ غلام ٿي رهيا ۽ پوءِ آزاد ٿي ٽنڊي باگي ۾ اچي رهيا. مرحوم محمد صديق مسافر پڙهيو ته هن نه رڳو علم ۽ ادب جي وڏي خدمت ڪئي، پر شيدي برادريءَ ۾ سجاڳي آڻڻ ۽ انجي اصلاح ۽ بهبود جي لاءِ پڻ وڏي جاکوڙ ڪيائين. مٿس مقامي شيدي برادريءَ جي پٽيل جي پڳ به هئي. مرحوم مسافر سٺ کان به وڌيڪ ڪتاب لکيا. جيڪي ڪيترن ئي موضوعن تي آهن ۽ انهن مان ڪي ته هينئر وري به ڇپيا آهن. سندس هڪ ڪتاب ”شيدين جي غلامي ۽ آزادي جا عبرتناڪ ڪرشما“ ته منهنجي پسند جي ڪتابن مان آهي ۽ اُن ڪتاب کي آئون آمريڪي شيدي ليکڪ ’اليڪس هيلي‘ جي ڪتاب ”روٽس“ سان ڀيٽيندو آهيان.

پاڻ اخبار تعليم جو ايڊيٽر به رهيو ۽ ان دوران پاڻ جيڪي اخبارن تعليم ۾ مضمون لکيائين. اهي هاڻي اسان جي دوست محترم عبدالجبار قاسم نظاماڻيءَ سهيڙي ”سنڌي ادبي بورڊ“ کي ڏنا آهن. جيڪو ڪتاب انشاءَ الله اتان جلد ڇپجي پڌرو ٿيندو. عبدالجبار نظاماڻي مسافر مرحوم بابت لکيل ليک به هڪ ڪتاب جي صورت ۾ ”محمد صديق مسافر: هڪ مطالعو“ جي عنوان سان ڇپائي پڌرا ڪيا آهن ۽ پاڻ مرحوم محمد صديق مسافر تي پي ايڇ ڊي به ڪري رهيا آهن. تنهن کان سواءِ جناب عبدالجبار نظاماڻي، مرحوم محمد صديق مسافر پاران ’شاهه جي رسالي‘ جي مختلف سُرن جي ننڍين ننڍين ڪتابن کي به سهيڙي هڪ جلد ۾ آڻي رهيو آهي، جيڪا هڪ وڏي خدمت ٿيندي.

⌘

# مير غلام محمد خان ٽالپر (يادگار فٽ بال ڪلب)

**- شفيع محمد شيدي**

باگي واھ جي ڪنڌي جو ھي خوبصورت شھر جنھن جي بيمثال تاريخ آھي، پر اُن تاريخ ڪي جڏھن اسان گھرائي سان ڏسنداسين تہ ھن شھر ۾ ھڪ خوبصورت عمارت نظر ايندي، اھا عمارت نہ صرف ٽنڊو باگو پر سنڌ جي بھترين اسڪولن مان ھڪ اسڪول جي عمارت آھي. ھا! لاڙ جي ابي ۽ سنڌ جي محسن مير غلام محمد خان ٽالپر طرفان ٺھرايل ھي عظيم عمارت مير غلام محمد خان ٽالپر ھائير سيڪنڊري اسڪول جي آھي، جنھن جي تاريخي درسگاھ مان نہ صرف ھتان جا غريب توڙي امير ٻار تعليم جي زيور سان مالامال ٿيا پر ھن اسڪول جي تاريخي گرائونڊ تي مختلف قسمن جون رانديون پڻ ٿينديون ھيون جن ۾ ھاڪي، والي بال، بيڊمنٽن، ٽيبل ٽينس، ھاءِ جمپ، وار بيل، نيزا بازي، ٽرپل جمپ، ونجھ وٽي، ڪٻڏي وغيره جن جو سامان اسڪول ۾ شايد ھاڻي موجود بہ ھوندو ۽ ان سان گڏ دفاعي ٽريننگ پڻ ڏني ويندي ھئي. انھن سڀني رانڌين جي ٽريننگ نور محمد نالي پنجابي استاد ڏيندو ھو. اھي رانديون ھن وقت زوال پذير ٿي چڪيون آھن. ٽنڊي باگي جي تاريخ تي نظر ڦيرائينداسين تہ مير غلام محمد خان ٽالپر جي نالي سان ھلندڙ فٽبال جي راند جنھن ۾ ماضي جا بھترين رانديگر جيڪي بھترين ڪارڪردگي ڏيکاري ھن اداري جي اڏيندڙ خانبھادر جو نالو ھر جڳھ تي مشھور ڪيو. ھن وقت بہ فٽبال مير غلام محمد خان ٽالپر جي ٽيم نہ صرف سنڌ پر پاڪستان جي مختلف شھرن ۾ راند ۾ بھترين مظاھرو ڪري ھن عظيم انسان جو نالو روشن ڪري پاڻ مڃرايو آھي.

ڏسون ٿا تہ جڏھن دنيا بارود جي ڍير تي بيٺل ھجي ۽ ھٿيارن جا انبار

آسمان سان ڳالهيون پيا ڪن. معاشري ۾ مختلف قسمن جون سماجي برايون موجود هجن. اسانجي ايندڙ نسل جا ٻارڙا ۽ نوجوان نشي آور شين ۾ مبتلا ٿيندي نظر اچن. جنهنجو هڪ ئي سبب آهي. اسان جي سماج مان راندين جو خاتمو. احساسِ محرومي جو شڪار اهي ٻارڙا جن لاءِ هن قسم جا گرائونڊ هجڻ گهرجن پر تيز رفتار دؤر سان مقابلو ڪندڙ اج بہ هتي جا شاگرد ۽ اهي ڇوڪرا جن فٽبال جي راند ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاري اسان جو ڳاٽ اوچو ڪيو آهي.فٽبال ٽيم جا پراڻا رانديگر جن جو ذڪر پڻ لازمي آهي انهن ۾ عرفات احمد عرف واه واه. انيس شاه بخاري. اڪبر شاه. فاروق قمبراڻي. فرهاد قمبراڻي. غلام رباني پنجابي. فضل بهلاڻي. غلام محمد لوهار. ابراهيم مڪراني. اسلم ڪڇي. اقبال ڪڇي. ابراهيم مڪراني. غلام علي خاصخيلي. بابو خاصخيلي. احمد قمبراڻي. استاد وڪيو شيدي. سائين عباس علي. ذوالفقار جمالي. شبير خاصخيلي. سليم ڪڇي. ابراهيم قمبراڻي. منور حُسين (منو قمبراڻي). فتح علي قمبراڻي. عبدالحفيظ قمبراڻي. سليمان سمون. خالد بلوچ. سائين نبي بخش (نبو). هيرو ماستر اسلم قمبراڻي. وڏيرو صالح دل. نظام الدين قمبراڻي. آصف جٽ. غلام رضا ڪلهوڙو نظير حسين خاصخيلي. سليمان خاصخيلي. جميل احمد خاصخيلي ۽ اجان بہ ڪجھ اهڙا نالا جيڪي شايد ياد نہ ايندا هجن.

موجوده وقت ۾ ايم.جِي.ايم MGM فٽبال ڪلب طرفان ڪجھ يادگار فٽبال ٽورناميٽ منعقد ڪرايا ويا جن ۾ پهريون صوفي ونود ڪمار آل سنڌ فٽبال ٽورناميٽ. ٻيو نريش ڪمار سوني فٽبال ٽورناميٽ. ٽيون حاجي عبدالله خاصخيلي فٽبال ٽورناميٽ. چوٿون آل سنڌ فٽبال ٽنڊوالهيار. پنجون آل سنڌ فٽبال ڪُنري. ڇهون عبدالستار ايڌي فٽبال ڊسٽرڪٽ چئمپين شپ. آل سنڌ فٽبال نوابشاھ. هي ڪجھ يادگار ٽورناميٽ جن جو ذڪر ڪيوسين. آل سنڌ ريفري ڪورس جنهن جا بهترين رانديگرن ۾ شمار ٿيندڙ غلام الله (ينگ بلوچ). شجاعت علي.آل سنڌ ريفري ڪورس بدين (جيڪو هن وقت بہ هلندڙ آهي) ان ٽيم جا

بهترين رانديگر جن ۾ مير عمار محبوب ٽالپر، اشتياق خاصخيلي، شجاعت علي قمبراڻي ۽ غلام الله (ينگ بلوچ) آهن.

مير غلام محمد خان ٽالپر فٽبال ڪلب جنهن جو ڊسٽرڪٽ پريزيڊنٽ محترم غلام قاسم خاصخيلي، جنرل سيڪريٽري يار محمد خاصخيلي، مير تنوير خاصخيلي ۽ ٻيا عهديدار جيڪي هيل تائين بہ هن ٽيم کي بهترين انداز ۾ هلائي رهيا آهن.

مير غلام محمد خان ٽالپر فٽبال ڪلب جي سپورٽ ڪندڙ جن ۾ مير ڪاشف ٽالپر (وائيس چيئرمين يوسي ٽنڊوياگو)، مير محمد بخش ٽالپر (پ پ اڳواڻ)، ابراهيم مڪراني، صابر رستماڻي، شفيع محمد قمبراڻي، چاچا عبدالواحد، مُنور لوهاڻو عرفات احمد خاصخيلي، غلام علي خاصخيلي ۽ طارق پرڳڙي آهن جيڪي دوست پنهنجي ذاتي ڪوشش سان هن ٽيم جو ڀرپور سهڪار ڪري رهيا آهن.

مير غلام محمد خان ٽالپر فٽبال ڪلب جي ٽيم جا موجوده رانديگرجن ۾ سمير بلوچ، غلام الله (ينگ بلوچ)، رحمان بلوچ، احسان بلوچ، شجاعت علي قمبراڻي، ابوذر قمبراڻي، خضر قمبراڻي، مير شهزاد، مير عمار محبوب ٽالپر، جنيد جميل، عرفان ڪلهوڙو وقار خاصخيلي، شاهنواز خاصخيلي، شاهنوار (جو جو خاصخيلي)، مجاهد رستماڻي، نعمان خاصخيلي، شان علي قمبراڻي، عرفان ڪڇي، سجاد علي قمبراڻي ۽ چاچا عمران ڪلهوڙو شامل آهن جيڪي هن وقت آل پاڪستان فٽبال راند ۾ بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪري رهيا آهن.

⌘

# حصو ٽيو

# تاثرات

# مير جي مهانتا

**- نامعلوم**

انگريزي پڙهڻ لاءِ پهرين آئون نور محمد هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو هوس. مگر جلدي معلوم ٿيو تہ ٽنڊي باگي واري مدرسي جو انتظام ۽ پڙهائي بهتر آهي. تنهنڪري منهنجي وڏي ڀاءُ فتح الله سان گڏجي لارينس مدرسہ ۽ هاءِ اسڪول ٽنڊي باگي ۾ داخلا ورتم، جتي واقعي پڙهائي ۽ انتظام نهايت عمده هو. مدرسي جو باني قبلہ مير صاحب جن تازو فوت ٿي ويل هئا، تنهنڪري سندن يادون مدرسي وارن لاءِ تازيون هيون.

اسانکي ٻڌايو ويو تہ هڪ ڀيري شام جو مير صاحب هاسٽل ۾ آيو ۽ هڪڙي مئٽرڪ جي شاگرد کان پڇيائين تہ "مئٽرڪ جي امتحان جي في جو ڪونہ پياري هئي؟" شاگرد جواب ڏنو تہ "پئسا ڪونہ هئا." مير صاحب کيس چيو تہ "بابا تعليم جو خرچ مفت ۽ معاف آهي، پر امتحان جي في تہ ڀريو. پئسا ناهن تہ ڪو ٿِهہ گروي رکي پئسا ڪٽي اچ." شاگرد چيو تہ "سائين! مئٽرڪ پڙهي، هاڻي غيرت ٿي اچيم تہ امان جو ڪو اپرو سپرو ٿِهہ وڃي گروي ۾ رکان." انهي جواب ٻڌڻ سان مير صاحب ڏاڍو خوش ٿي چيو تہ "هي سڀ خرچ انهي ڪري تہ ڪيا هئم تہ من ڪو اهڙو جواب ملي. منهنجو خرچ سجايو ويو آهي، توکي شاباس هجي پٽ." پوءِ مير صاحب ان شاگرد کي 15 رپيا في لاءِ 15 روپيا خرچ لاءِ ۽ 15 رپيا موزون جواب ڏيڻ جي ڪري انعام طور ڏنا.

ٻيو ٻڌوسون تہ هڪ ڀيرو ڪنهن شاگرد ڏنو تہ ٻنپهرن جي ٻوڙ واري ديڳ مان مک نڪتي. وني گوڙ ٿيو ۽ شاگردن ماني کائڻ کان اسٽرائيڪ ڪئي. مير صاحب کي خبر پيئي. پڇا تي هيڊ ماستر صاحب، شاگردن کي ڏوهي ٺهرايو ۽ چيو تہ "ڇوڪرن جو من وڏي ويو آهي. گهر ۾ لسي بہ ڪانہ

اٿن، هتي خيراتي ماني تي وني ايترو گوڙ ڪيو اٿن. ٻوڙ مان هڪڙي مک نڪتي تہ ڇا ٿيو؟“ مير صاحب چيو تہ ”قوم جي من وڏائڻ لاءِ شاگردن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ لازمي آهي تہ سندن گهرجون پوريون ڪجن. ٻوڙ جي ديڳ مون ڏي موڪليو. منهنجي خرچ تي، ٻيو ٻوڙ رڌائي ٻارن کي کارايو.“ اسان جي استاد جناب لکي ملڪاڻي ٻڌايو تہ تازو ڪاليج مان گريجوئيٽ ٿيو هجان. ٽنڊي باگي ۾ نوڪري ملي، وڃي نڪتس. پهچڻ تي سڏو مير صاحب سان ملڻ خاطر، بنگلي تي ويس. نهايت عاليشان بنگلو هو. ٻاهر، الهندي طرف منجي تي هڪڙو سفيد پوش ڳوناٺو ويٺل نظر آيو. سنڌي جُتي، ڪپڙ جا ڪپڙا. ڪانئس مير صاحب جو پڇيم. هن هڪدم ٻئي ماٿهو کي اشارو ڪري بنگلي مان هڪڙي عمده آرام ڪرسي گهرائي ۽ مونکي ويهڻ لاءِ چيو. جنهن کي مون ڳوناٺو سمجهو هو، تنهن لاءِ معلوم ٿيم تہ مير صاحب پاڻ آهي. مونکي عمده قسم جي ولائتي ڪشميري جو فل سوٽ پيل هو. مير صاحب جن ڏسي ان سوٽ جي گهڻي تعريف ڪئي. مگر وڏيڪ چيائين تہ ”ادا اسان بہ گرم ڪوٽ ٺهرايو آهي، اوهانکي ڏيکاريون ٿا.“ نوڪر هڪڙي هڙ ۾ ٻڌل ڪوٽ ڪڍي آيو. ڪوٽ ڇا هو جهڙو ڏاس جو ڪٿو. مير صاحب جن اٿي اهو ڪوٽ پاتو ۽ چيائين تہ ”ماستر صاحب! ٽنڊي باگي ۾ رڍن جي پشم ڪترائي ٽنڊي باگي جي باگي واهہ ۾ ڌوئاري، هتي جي ڪورين کان ڪتائي، هتان، ٽنڊي باگي مان ئي اڻائي، ٽنڊي باگي جي درزي کان سبايو اٿم ۽ هاڻي پايو بہ ويٺو آهي ٽنڊي باگي جو ماڻهو. مدرسي جو بورچي ڏاڏو برادي چوندو هو هو تہ ”مير صاحب مقرر ڪري ويو آهي ۽ جيتوڻيڪ پوڙهو بہ ٿي ويو آهيان ۽ بيمار بہ گذاريان ٿو مگر پاڻ واعدو ورتو هئائين تہ ”برادي! شاگرد منهنجا ٻچا آهن، توڙ تائين انهن کي رڌي پچائي کارائجان.“ تنهنڪري وڏي چاهہ ۽ ايمانداري سان رڌڻو سنڀاليندو هو. هڪڙي رات سياري ۾ مدرسي ۾ ٻرامو تي رهيو هو. ڏاڍو بيمار هو. چانهہ ڪاڙيندي مري ويو. مير سان ڪيل واعدو جان ڏيئي بہ پاري ويو.

مدرسي جي ڪهڙي ڳالھ ڪجي؟ گهڻو ڪري استاد سڀ قابل. هيڊ ماستر غلام حسين سومرو بلا جو منتظم ۽ خوددار! ڪڏهن بہ مدرسي کان ٻاهر وڃي ڪنهن وزير يا ڪليڪٽر سان ڪونہ مليو. جڏهن بہ ڪنهن موقعي تي ڪو وزير يا آفيسر اسڪول ۾ آيو تہ پاڻ ڏگهو ڪوٽ پائي پيو ان سان هلندو هو تہ ائين نظر ايندو هو ڄڻ تہ جارج پنجون اچي ويو آهي.

استادن ۾ اعليٰ درجي جا صاحب لکي ملڪاڻي، نيڻو گدواڻي، ٻئاڻي سائنس ٽيچر، پنهنجي فرض ادائي جا ايڏا تہ پختا ۽ وفادار، جو اجان ڪونہ وسريا آهن. استاد قادر بخش خاصخيلي تہ پڙهايو ئي هو. مير صاحب. استاد غلام محمد ڪولاچي، استاد غوث بخش قريشي شڪارپور وارو، شفيع محمد ۽ خير محمد آرائين، سڀ جا سڀ ڪلاسن ۾ باقائده پڙهائڻ وارا، ٽيوشن ۾ سنڀاليندڙ. ڊرائنگ ماستر مسٽر هدايت الله تہ وري شاگردن جو ڪوآپريٽو اسٽور هلائيندو هو.مولوي احسان علي لغاري بورڊنگ هائوس جو ليکو رکندو هو. راندين ۽ غيرنصابي سرگرمين ۾ تہ سڄي سنڌ ۾ مدرسو برک هو. شاگردن جي لياقت ۽ اخلاق جو عمل جاري رهندو هو. گهڻو ڪري ڪو بہ مدرسي جو شاگرد نہ ٽڙيو هوندو ۽ نہ بگڙيو هوندو.

## خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر جا ڪيل نيڪ ڪم

### 1- لاڙ ۾ هاءِ اسڪول کولڻ

مرحوم خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر، سنڌ جي پنتي پيل علائقي لاڙ خطي جي ٽنڊو باگو شهر ۾ پنهنجا لکين رپيا خرچ ڪري غريبن ۽ مسڪينن جي تعليم لاءِ سال 1920ع ۾ هڪ عاليشان مدرسو تعمير ڪرايو جيڪو سنڌ ۾ ”لارينس مدرسہ“ جي ۽ مير غلام محمد خان ٽالپر (هاڻي) ”گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٽنڊو باگو“ جي نالي سان مشهور آهي ۽ سنڌ جي قديم درسگاهن مان هڪ آهي.

### 2- عاليشان هاسٽل ۽ بورڊنگ هائوس

سنڌ جي ڏورانهن علائقن کان تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن جي رهائش ۽ کاڌ خوراڪ لاءِ هڪ عاليشان بورڊنگ هائوس ٺهرائي، جيڪا اڄ تائين "گبسن هاسٽل" جي نالي سان مشهور آهي. جتي اڄا تائين غريب شاگردن کي مفت کاڌو ۽ رهائش مهيا ڪئي وڃي ٿي.

## 3- هاءِ اسڪول جي ڀلائي لاءِ ٽي لک ستاسي هزار رپيا ڊپازٽ

مرحوم مير صاحب هاءِ اسڪول ۽ هاسٽل کي هلائڻ لاءِ ٽي لک روپيا گورنمينٽ وٽ ڊپازٽ طور رکيا، جيڪي اڄ تائين محفوظ آهن ۽ فقط انهن جي وياج مان هاسٽل ۽ بورڊنگ هائوس جو خرچ هلي رهيو آهي.

## 4- نياڻين جي تعليم لاءِ زنانو اسڪول ٺهرائڻ

مرحوم مير صاحب زناني تعليم لاءِ هڪ عاليشان "گرلس پرائمري اسڪول" شهر ٽنڊو باگو ۾ ذاتي خرچ سان ٺهرايو جتي اڄ ڏينهن تائين شهر جو ڇوڪريون تعليم حاصل ڪري رهيون آهن.

## 5- عورتن جي علاج لاءِ ميٽرنٽي هوم ۽ زناني اسپتال

مرحوم مير صاحب عورتن جي علاج لاءِ ميٽرنٽي هوم ۽ زناني اسپتال ٽنڊوباگو شهر ۾ ٺهرائي، اسپتال ۽ دوائن جو خرچ پاڻ ادا ڪندا هئا.

مردن لاءِ جدا "بولس دواخانو" کولايو هئائين، جتي غريبن ۽ بيمارن جو مفت علاج ٿيندو هو.

## 6. گشتي دواخانو

مرحوم مير صاحب لاڙ جي غريب عوام لاءِ هڪ گشتي دواخانو پڻ ٺهرايو هو جيڪو ڀراڙين ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي بيمار ماڻهن جو مفت دوا درمل ڪندو هو.

## 7. ڀراڙين ۾ پرائمري اسڪول کولائڻ

ڳوٺ ڪڏهرو ۽ ماڇوري ۾ مرحوم مير صاحب پرائمري اسڪول ۽ شاگردن جي رهائش ۽ کاڌ خوراڪ لاءِ هاسٽل ٺهرائي هئي، جتي هارين ۽ مزورن جا ٻار بہ مفت تعليم حاصل ڪندا هئا. اسڪولي شاگردن لاءِ ڪتاب ۽ ڪپڙن وغيره جو خرچ مير صاحب خود ڀريندو هو.

## 8- ديني تعليمي لاءِ مدرسن کي گرانٽ

مدرسہ ٺوهي ڳوٺ حاجي ولي محمد لغاري کي مرحوم مير صاحب طرفان هر ماه گرانٽ ملندي هئي. مدرسہ مولوي محمد عثمان ڀنڀرو ڳوٺ شادي پلي ضلعہ ٿرپارڪر کي پڻ ساليانی گرانٽ مير صاحب طرفان ملندي رهندي هئي.

## 9- غريب شاگردن کي اعليٰ تعليم لاءِ ولايت موڪلڻ

غريب ۽ مستحق شاگردن کي اعليٰ تعليم لاءِ اسڪالرشپون مير صاحب طرفان ڏنيون وينديون هيون، ۽ ڪن شاگردن کي اعليٰ تعليم لاءِ پنهنجي خرچ سان ملڪ کان ٻاهر موڪليندو هو.

## 10- بيواهن ۽ يتيمن لاءِ وظيفو

مرحوم خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر، لاڙ جي غريب بيواهہ ۽ يتيمن عورتن کي ماهوار وظيفو ڏيندو هو.

۽ پڻ ٻيا خير جا ڪم مير صاحب ڪيا، جن جا انگ اکر ملي نہ سگهيا آهن.

ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج.
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.
(شاه)

# ھو جي ويا ھليا

**- يون سنڌي**

ماڻھو ھڪ سينگاريل تابوت تي ھڪ رکيل لاش کي انسان جي آخري آرامگاھ ڏانھن کڻي وڃي رھيا ھئا. جيستائين نظر ٿي پيئي، ماڻھو ئي ماڻھو ٿي ڏسڻ ۾ آيا. مون ھيستائين گھڻن ماڻھن جو موت اکين ڏٺو ھو پر ايترو ماڻھن جو انبوھ، برجنسي ماتم، رڙيون ۽ ڪوڪون، ۽ دل ڏاريندڙ نظارو مون پھرين دفعو ڏٺو ھو. ٻارن انھي ڏينھن ڏکو نہ کاڌو ھو عورتن ۽ مردن جي ورلاپن آسمان ٿي ڏاريو. سينگاريل تابوت تي مير غلام محمد خان ٽالپر صاحب جو لاش رکيل ھو. آئون ڪجھ دير لاءِ ماضي جي يادن جي وادين ۾ ھليو ويس.

ھي اھو وقت ھو جڏھن انگريز سامراج جي حڪومت زور تي ھئي. ھر ھنڌ، ھر گھٽي ڏاڍ جو ڏھڪاءُ ھو. ان وقت جي مدبرن، قومي درد رکندڙن ۽ آزادي جي متوالن پنھنجو ڇوٽڪارو تعليم ۽ صرف تعليم مان ٿي سمجھيو. انھن جي خيالن ۾ تہ ھي قوم تيستائين آزادي ماڻي نہ سگھندي، جيستائين ماڻھن ۾ جھالت جو ذرو بہ باقي آھي، ھر فرد جي خوشحالي ھنن تعليم سان ڄاتي ٿي. ان وقت ۾ سواءِ چند جي، سڀ مٿين طبقي وارا پنھنجي دولت وڏائڻ ۽ ظاھري ناموس وڌائڻ لاءِ خوشي سان پنھنجي پيرن ۾ غلامي جون زنجيرون وڌيڪ مضبوط ڪندي ٿي ويا. انھي وقت ۾ اھڙا مانجھي مرد بہ ھئا جن کي قوم جي ھن حالت تي نہ صرف دل ۾ درد ھو پر ڪجھ عملي طرح ڪم ڪرڻ جو جذبو بہ ھو. اھڙن ھي مٿير مردن مان سنڌڙي جي لاڙ جي ڀاڳي جو سپوت مير غلام محمد خان ٽالپر صاحب بہ ھڪ ھو. مير صاحب ڄاتو ٿي تہ جيستائين ماڻھن ۾ علم جي روشني نہ

ڦهلائبي تيستائين قوم ۾ سجاڳي ۽ معاشري جي خوشحالي ئي نہ سگهندي. انهي ڪري پاڻ پنهنجي سموري جاگير ۽ اڪيچار دولت ان نيڪ ڪم لڳائي علم جو مينار جوڙيائون. پاڻ صاف دل ۽ انسانيت جا علمبردار هئا. ڪانئن جڏهن پڇيو هو تہ "توهانجو اولاد ڪهڙو آهي؟" تہ اسڪول جي ٻارن ڏانهن اشارو ڪري چوندا هئا "هي سڀ منهنجو اولاد آهن." اهڙا ڪئين مثال آهن، جن کي هتي ويهي لفظن جي صورت وٺائي وڃي تہ هوند جدا ڪتاب جڙي پوي. ٿورن لفظن ۾ ڪٺي چئجي تہ مير صاحب جن عظيم انسان هئا. مير صاحب پنهنجي سموري زندگي اڀوجهہ غريبن ۽ سڀاجهڙن سانگين جي لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. ڀلا اهڙي مهاپُرش لاءِ ڪير نہ رئندو؟ ڪير پنهنجي رفيق ۽ سڄڻ جو وڇوڙو برداشت ڪري سگهندو؟ ڪهڙي اک مان اهڙي عظيم انسان کي ياد ڪري ڳوڙها نہ ڳڙهندا؟ ماڻهن تہ ڇا پر انهي ڏينهن گگدام جانور بہ رنو هو.

تابوت آخري آرامگاھ منجهہ پهچي چڪو هو. هر ڪو دل ڏاريندڙ ورلاپ ڪري رهيو هو. مون ڏٺو سينگاريل ڪائي مان هڪ لاٽ نڪتي جا مٿي وڌندي ويئي. آئون هيٺان زمين تي لاٽ جي پوبان ڀوڙندو رهيس. لاٽ اڳتي وڌندي اسڪول منجهان ٿيندي آسمان ڏانهن مٿي ڪڄندي ويئي. مون مٿي نهاريو ڇڻ تہ سوال ڪري رهيو هجان؟ "او عظيم انسان! آئون تنهنجي عظمت جا ڪهڙي طريقي سان ڳڻ ڳائي سگهان ٿو؟ موٽ ۾ آواز آيو "علم جي جوت گهر گهر جلائي ۽ پنهنجو جيون ٻين لاءِ ارپي ڇڏ!!"

لاٽ هاڻي منهنجي نظرن کان اوجهل ٿي چڪي هئي. مون هيٺ ڪنڌ ڪٽي سامهون نهاريو. منهنجي چوگرد اسڪول هو!

⌘

# ڏور بہ اوڏا سپرين

**- خواجہ پيار علي**

“پٽ اڄ اسڪول مان ڇو دير سان آيو آهين؟”

“بابا سائين! اڄ انهي ڪري دير ٿي ويئي جو اسڪول ۾ خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر جي 24 ورسي ملهائجي رهي هئي.” پٽ وراڻيو “بابا انهي موقعي تي ڪافي استادن، بزرگن ۽ ٻاهران آيل مهمانن مير صاحب جي متعلق اهڙيون تہ نيون نيون ڳالهيون ٻڌايون جي مون اڳ ڪڏهن بہ ڪونہ ٻڌيون هيون. چين ٿي تہ مير صاحب هن اسڪول کان سواءِ ٻين درسگاهن کي پڻ مالي مدد ڏيندو هو. مير صاحب هڙان وڙان غريبن جي هر طرح مدد ڪندو هو، انهن لاءِ مسافر خانہ کوليائين، اسپتالون هلايائين.”

“ها پٽ” پيءُ وراڻيو. “مير جهڙا ماڻهو ڪٿي؟ اهڙا انسان تہ ورلي ڄمندا آهن”. “بابا! ڇا توهان مير صاحب کي اکين ڏٺو هو؟” پٽ سوال ڪيو.

“هائو پٽ! منهنجون ساڻس بہ ملاقاتون ٿيون هيون”. پيءُ ورندي ڏني. “پهرين ملاقات تڏهن ٿي، جڏهن مير صاحب ڪن انگريزن آفيسرن سان گڏ اسڪول ۾ آيو هو ڪين اسان ڏانهن اشارو ڪندي چيو هئائين تہ “منهنجي جاگير، منهنجو اولاد، منهجو سرمايو هي ننڍڙا پتڪڙا معصوم ٻارڙا آهن.” مون کي سندس اهي الفاظ عمر ڀر ياد رهندا.”

“بابا ۽ ٻي ملاقات ڪڏهن ٿي؟” ڇوڪر بيتاب ٿيندي پڇيو.

“ٻي ملاقات” سندس پيءُ سڏڪا ڀريندي وراڻيو.

“ٻي ملاقات زندگي جو عظيم سانحو هئي. ڪاش 12 فيبروري 1932 جو سج نہ اڀري ها! آسمان تي ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا. ائين

محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ آسمان ڪنهنجي غم ۾ ڪارو ويس ڍڪي ماتم جون تياريون پيو ڪري. گهر جي ديوار تي هڪ ڪانءُ ڪان ڪان ڪري رهيو هو جنهن جي آواز تي منهنجي ڏاڏي کي تمام گهڻي ڪاوڙ لڳي ۽ کيس اڏائيندي چيائين “مئا! ڪهڙي ٽر ٽر اچي لاتي اٿئي”. مونکي ڏاڏي جي انهي ڪاوڙ تي حيرت لڳي ته پکي جو ڪهڙو قصور! پکي جو آواز منحوس ڪيئن ٿيو؟ دل ٿي ته سبب پُڇان. پر وڏي جي ادب ڪرڻ جي اصول سبب خاموش رهيس. اسڪول وڃڻ جو تياريون ڪيم. ڪلاس روم پهتس، جتي هيڊماستر صاحب پڙهائي رهيو هو. ٿوري دير بعد مير صاحب جو نوڪر روئيندو پٽيندو اندر گهڙيو ۽ ٻڌايائين ته مير غلام محمد گذاري ويو. اهو ٻڌي اسان جي مٿان ڄڻ ڇپ ڪري پئي، اکيون بي اختيار ڳوڙها ڳاڙڻ لڳيون، هوش ٺڪاڻي نه رهيو. هيڊ ماستر اسڪول بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو. اسان جو 40-50 شاگردن، استادن ۽ ٻين ملازمن تي مشتمل جلوس چپ چاپ پنهنجي مقدر تي ڳوڙها ڳاڙهيندو بازار مان گذريو. بازار سنسان نظر آئي، ڄڻ ڪو راڪاس گهمي ويو هجي. ٽالپر محلي مان ٿيندو، اسان جو جلوس اچي مير جي بنگلي تي پهتو. ڇا ڏسان، هزارين اکيون اشڪبار آهن، هرڪا دلڙي گهايل هئي، هرڪو من ويڳاڻو نظر آيو. مون کي پنهنجي والد تي به ايترو ڏک نه ٿيو جيترو اڄ ٿيم.

ٻڌندو هوس ته مير جو اوتارو ٻاروهي وسندو هو، خوشيون هونديون هيون، غريبن جا ڏک دور ٿيندا هئا. اها رونق ته ڏسي نه سگهيس، پر اڄ اتي اداس دليون هيون. منهنجي بنگلي تي پهرين آمد هئي ۽ اها آمد ڪيڏي نه دل ڏکوئيندڙ هئي. ڪنهن پنهنجي محسن جا احسان ساري پئي رنو ته ڪنهن سندس ڳڻ ڳائي پي سڏڪيون پريون. منهنجي ذهن تي بي اختيار شاه جو بيت تري آيو.

اڄ پڻ اڪرين، سڄڻ پنهنجا ساريا.

رئندي رئندي اکيون رت ٿي ويون، پر ماٺ نه آئي ماڻهن کي. مير اجرڪ اوڍي اگهور ننڊ ۾ آرامي هو. اهو مير صاحب جيڪو سدائين ماڻهن مٿان پيو ساھ ڇڏيندو هو، اڄ خاموش هو. اڄ اهي نونهال جيڪي سندس

سرمايو هئا سي روئي روئي لڙڪ هاري رهيا هئا پر سندن ڪو لڙڪ اگهڻ وارو نہ هو.

هاري ناري، دوست احباب، مٽ مائٽ، مسڪين ۽ غريب روئي رهيا هئا، اقبال ۽ جمن شيدي، جيڪي مير جا ڪنهن وقت خاص خادم هئا، زار و قطار روئي پار ڪڍي رهيا هئا ۽ سندس مهربانين جا داستان دهرائي رهيا هئا. اقبال شيدي جي زباني معلوم ٿيو تہ هو مير صاحب جو نوڪر هو. ڏينهن جي تپش ۽ گرمي سبب جڏهن مير صاحب هندوري ۾ لڏندو هو تہ اقبال نوڙي جهلي سامهون ٿلهي تي ويهي ڪيس لوڏيندو هو. هڪ دفعي مير صاحب کي اچڻ ۾ دير ٿي وئي سو اقبال خيال ڪيو تہ مير صاحب تہ اجان دير سان ايندو، ڇو نہ آئون هندوري ۾ لڏي مزو وٺي ڏسان. اقبال هندوري ۾ ليٽي پيو ۽ ٿوري دير ۾ ننڊ ديوي پنهنجي آغوش ۾ ڪٽي ورتس. ڪافي دير کان پوءِ اوچتو اک کليس، جان ڪٽي ڏسي تہ مير صاحب پاڻ ساڳين ٿلهي تي ويهي نوڙي هٿ ۾ جهلي ڪيس لوڏي رهيا آهن. اهو ڏسندي هي سندس ساهہ سڪي ويو. ايتري ۾ مير صاحب جو سباجهڙو ۽ منڙو آواز سندس ڪنن تي پيو. ”پٽ! سچي چمار تون مون کي لوڏيو آهي، جي ڪجهہ ساعت لاءِ توکي مون لوڏيو تہ ڇا ٿي پيو؟ آخر تون بہ هڪ انسان آهين!“ پلا اهڙي شفيق پيءُ لاءِ ڪير نہ روئيندو.

ايتري ۾ مير صاحب جي لاءِ آخري پوشاڪ جي تياري ٿي چڪي هئي. جڏهن مير صاحب کي سجائي سينگاري آندو ويو تہ هرڪا اک آلي هئي. مير صاحب جو آخري ديدار ڪرڻ لاءِ سوين ماڻهو شهرن توڙي ٻهراڙين کان آيل هئا. مٿانئس سوين اجرڪون پاتيون ويون هيون. آخري ديدار جي رسم چالو ٿي. هر طرف کان دانهون ڪيڪون ٻڌجي رهيون هيون ۽ هرڪو پنهنجي محسن جو آخري دفعو ديدار ڪري ڪانئس موڪلائي رهيو هو. بزرگن کان هر وقت سڪون جي تلقين ٿي رهي هئي پر ماٺ ۽ شانت ڪٿي ٿي ٿئي. منهنجي دل بہ درد پريل هئي، ڏاڍي مشڪل سان مير صاحب جي قريب پهتس. بي حال اکيون مير صاحب جي ديدار لاءِ پياسي هيون. منهنجي پاسي ۾ ان وقت اسڪول جا شاگرد بيٺل هئا جن ۾

هڪ محمد طالب لوهار هو. جيڪو منھنجو پاڙيسري هو ۽ پڻ روئي رهيو هو. مان روئيندي روئيندي اڳيان وڌيس. مير صاحب گهور ننڊ ۾ هو. هيڏو روج راڙو ۽ ورلاپ مير صاحب کي اٿاري نہ سگهيا. سندس چپڙن تي هلڪي مرڪ هئي. مون کي ساڻس پهرين ملاقات ياد آئي. ”منھنجي جاگير، منھنجو سرمايو هي قوم جو نونهال آهن.“ هڪدم منھنجون اکيون آسمان ڏانهن کڄي ويون ۽ محسوس ٿيو ڄڻ اهي ساڳيا لفظ مير جي زباني ٻڌي رهيو آهيان. تمام گهڻي رش هئڻ سبب منھنجو تسلسل ٽٽي پيو ۽ پنھنجي محسن کي روئيندي روئيندي الوداع ڪيم.

پٽ! 24 سال گذري ويا آهن، پر اڄ بہ اهو مير صاحب جو آواز منھنجي ڪنن ۾ گونجي رهيو آهي. جيتوڻيڪ اڄ مير زنده نہ آهي، پر تڏهن بہ منھنجي ذهن تي سندس سڀاجهڙي ۽ من مهڻي صورت ۽ سندس اعليٰ شخصيت نقش ٿيل آهي ۽ اهي نقش ڪڏهن بہ ڊهڻ جا ناهن.

⌘

# اي لاڙ جا سخي

**- ڊالو مل "موتي"**

اي لاڙ جا سخي! تون انسان نہ پر فرشتو آهين.

تنهنجا نيڪ ڪم ٻڌي ۽ ڏسي آئون تعجب جي عميق ۾ غرق ٿي ٿو وڃان تہ اتي بہ تنهنجي چڱاين کي ڏسان ٿو.

اي غريبن، مٺي اگهاڙن، اٻوجهن ۽ يتيمن جا غمخوار ۽ مددگار تون ماڻهو جي روپ ۾ فرشتو آهين. منهنجون اکيون جڏهن تنهنجي روشن مينار تي پون ٿيون، منهنجون نظرون جڏهن گرلس اسڪول تي پون ٿيون، مون کي جڏهن تصور ۾ اهي گشتي شفا خانہ اچن ٿا جيڪي تپاولي جي موسم ۾ بيمارن جي دوا درمل لاءِ گشت ڪندا هئا، تڏهن بي اختيار منهنجي زبان مان نڪريو وڃي تہ "اي لاڙ جا حاتم! لاڙ جا سخي!! لاڙ جا حڪيم!!! تون انسان نہ پر فرشتو آهين." هي "موتي" توتي عقيدت جا گل چاڙهي ٿو ۽ تنهنجي عظمت آڏو سر جهڪائي ٿو.

⌘

# منهنجا محسن!

**- محمد عثمان شيخ**

منهنجو مؤدبانه سلام قبول ڪر. توتي ڪيئن لکان، ڇا لکان، من ۾ مونجهه آهي، ڪجهه نٿو سجهيم. ڪٿان شروع ڪريان ۽ ڇا جو ڇا جو ذڪر ڪريان. تنهنجي سادگي جو ذڪر ڪريان يا سخاوت جو ذڪر ڪريان. تنهنجي همدردي فياضي جي باري ۾ لکان يا محبت ۽ شفقت جي باري ۾. تنهنجي ڪهڙي پهلو تي لکان ۽ ڪهڙي کي نظر انداز ڪريان. مون وٽ تنهنجي زندگي کي بيان ڪرڻ لاءِ لفظ نه آهن. تون فيض جو درياهه، تون مسڪينن، يتيمن ۽ لاڙ واسين جي دلين جو فرمانروا، تون رواداري جو آبشار. مون توکي اکين سان ڏٺو. جيڪي چند لمحا مون توسان بسر ڪيا اهي منهنجي زندگي جو قيمتي سرمايو آهن. مون کي خبر آهي ته تو اوائلي ڏينهن مصيبتن ۽ تڪليفن ۾ گذاريا. تنهنجي محنت ۽ اڻٿڪ جدوجهد سبب ڪاميابي تنهنجا قدم چميا. دولت تنهنجي گهر جي ٻانهي ٿي، مگر تو پنهنجو طور طريقو نه بدليو سو نه بدليو. اهي ئي سادا ڪپڙا، اها ئي سنڌي جُتي، اهو ئي پٽڪو. منهنجا محسن! مون کي اها به خبر آهي ته بنگلي هوندي به تنهنجي رهائشگاه اها ئي ڪڪائين لانڍي هوندي هئي ۽ اها لانڍي سدائين ان بنگلي کي چيڙائيندي محسوس ٿيندي هئي. مون کي اها به خبر آهي ته تو هڪ جوابدار کي سزا محض انهي ڪري ڏني هئي جو هو تنهنجي هڪ دل گهري دوست جي سفارش کڻي آيو هو.

ها مون کي خبر آھي. پيرمرد جلباڻي وارو قصو بہ معلوم آھي، جنھنجون ٻڪريون ديوان ليکراج ڏڪ ۾ وجھايون ھيون ۽ پوءِ نيلام ٿيون ھيون ۽ جنھنکي تو پنھنجي سپ کان پلي مينھن ھميشہ ھميشہ لاءِ ڏئي ڇڏي ھئي ۽ کيس پنھنجي جاگير ۾ گھر نھرائي رھايو ھوئي. آخر کار سندس خواھش تي سفر خرچ ڏئي حج روانو ڪيو ھوئي. ھا سائين مونکي اھا بہ خبر آھي تہ ٻڪري جا ميرن توکي تحفي طور ڏني ھئي ۽ جنھن تي تنھنجو وڏو راز ھو سا جڏھن ھڪ ميربحر واتھڙو کھي کائي ڇڏي تڏھن تو نہ صرف ھن کي معاف ڪيو مگر بہ وڳا ڪپڙن جا ۽ ھڪ سؤ روپيا روڪڙا ڏيئي کيس ڳوٺ روانو ڪيو.

منھنجا سائين! تو تہ خير جا ڪم ڪيا مگر تنھنجا اھي پٽ جن مان ڪيترا اعليٰ عھدن تي فائز آھن، زميندار آھن، ڪارخانيدار آھن، تنھنجي تعليم کي فراموش ڪري ڇڏيو اٿن. تو پنھنجي دولت قوم لاءِ وقف ڪري ڇڏي ۽ تنھنجو اولاد دولت تي نانگ بڻيو وينو آھي.

اھي بيواہ، يتيم جيڪي تنھنجي ھوندي ھٿ نہ ڊگھيريندا ھئا، اڄ آسئاتيون اکيون ڪٽي نھارين ٿا پر التجائن سڻڻ وارو ڪو ڪونہ آھي تو تہ اسان کي پٽ سڏڻ ۾ فخر ٿي محسوس ڪيو مگر اسين کھڙي منھن سان توکي ابو چئون. تنھنجي اھا درسگاھ جنھن ۾ مسلمان، ھندو، ڪولھي، ڀيل، ميگھواڙ ۽ سِک تعليم حاصل ڪندا ھئا، اڄ بري حالت ۾ آھي.

مونکي اھو منحوس ڏينھن بہ ياد آھي، جنھن ڏينھن تون اسان کان ھميشہ لاءِ جدا ٿي وئين. تنھنجي موت جي ڪري اسان کي جيڪو نقصان پھتو اھو ناقابلِ تلافي آھي. اڄ بہ جڏھن تنھنجيون شفقتون ٿيون ياد پون تہ اکيون آليون ٿيو پون ۽ جڏھن تنھنجي جدائي جو واقعو ٿو ياد پوي تہ وڏ ڦڙو وسيو پوي!!

# ڊائري جا ورق
# ”عقيدت جا آنسو“

**- قادر بخش خاصخيلي ”ناشاد“**

(جن شاگردن کي مير صاحب اعليٰ تعليم لاءِ سنڌ کان ٻاهر موڪليو، انهن مان قادر بخش خاصخيلي (سابق هيڊ ماستر) بہ هڪ آهي. مرحوم مير جي وفات سندس دل تي گهرا گهاو ڇڏيا. هتي اسين سندس ذاتي بياض مان ڪجهہ ٽڪرا پيش ڪري رهيا آهيون).

(1)

راتيون ختم ٿينديون ٿيون وڃن، ڏينهن گذرندا ٿا وڃن، مگر هاءِ پياري پياري صورت اکين کان اوجهل ٿي ويئي ۽ ڪِلمُک ڇهرو قبر ۾ وڃي سمايو. ها شمع وسامي ويئي آهي، ليڪن دونهن دکي رهيو آهي. گل ڪومائجي ويو آهي مگر خوشبوءِ اڃا موجود آهي. هاءِ! ٽنڊي باگي جي سر زمين! تنهنجو سهاڳ اجڙي ويو مگر تنهنجي انهي رنيڻ ۾ اڄ بہ انهي چنڊ جهڙي سهڻي صورت جا نشان موجود آهن.

(2)

تون دور ماضي کي دور جهالت سڏين، يا دور ظلمت، ليڪن وضعداري جو شاداب ٻوٽن ۾، خوشتعلقات جا اهي سدا بهادر ڦول ٽڙيل هئا، جي ٽنڊي باگي جا باشندا هزار سر ڦوڙين، مگر اهو رنگ هرگز نيست و نابود نہ ٿيندو. خلوص جي ديوي جي صاف ۽ شفاف کير جي نهر ٽنڊي باگي جي گهٽين مان وهندڙ هئي. جواني جي سر تي انسانيت جو سهرو ٻڌل هو.

(3)

خوش نصيب اي ٽنڊ باگي جي سرزمين! تنھنجي خاڪ مان اھو گل ڦٽو جنھن کي خزان اج تائين مرجھائي نہ سگھي آھي ۽ نہ سگھندي. ٽنڊي باگي جي هستي جا نظر محمد اولياءَ جي ايوان ۾ آرام ڪري رهي آهي ان جا نيڪ عمل، ان جون روز رهاڻيون ۽ رات جون مجلسون اج بہ هُن کي هِنن اکين اڳيان حيات نو بخشي رهيون آهن.

(4)

هي اکيون تنھنجي منور صورت جي تلاش ۾ رهن ٿيون. هي ڪن تنھنجي سخن جي ٻڌڻ لاءِ واجهائي رهيا آهن. هي دل تنھنجي وصال لاءِ تڙپي رهي آهي. اي گهري ننڊ ۾ سمھڻ وارا مير! عقيدت جا هي چند قول ادب سان پيش ڪريان ٿو.

(5)

*بنگلي تي هلو!! هاءِ بنگلي جو نالو وٺندي ڪليجو گھٽجيو وڃي. زبان خشڪ ٿيو وڃي. هاءِ اھو بنگلو ۽ اهي ڏينھن ڪيڏانھن ويا. مگر نہ، سڀ ڪجھہ آهي. جو اڳي هو سو هاڻ بہ آهي. بنگلو بہ اهو آهي، ساز ۽ سامان بہ اهو آهي. ڏينھن بہ اهي آهن ۽ راتيون بہ اهي آهن. فقط هڪ شئي گم آهي. خلوص! خلوص!! انسان اهو ئي آهي، دل بہ اها ئي آهي مگر صداقت دلين مان رخصت وٺي ويئي، محبت جي جڳھہ نفرت ورتي. ايثار جي بدلي خود غرضي موجود ٿي ۽ سچائي، مڪر ۽ دغا جي پوشاڪ پهري.

(6)

اي دل اٿ! اٿي ڪڙي ٿي!! خيالستان جي سر زمين تي هڪ جنازه ۾ شريڪ ٿي. جنھن هن جھنگل کي منگل بنايو.

(7)

اي ناشاد پنھنجي جگر جو ناسور ھين کي ڏيکاري، انھن کي پريشان ڇو ٿو ڪرين.

⌘

---

* بنگلي مان مراد اهو بنگلو آهي جنھن ۾ مير صاحب پاڻ رهندا هئا

# ڳالهيون نہ وسرڻ جهڙيون

**- نامعلوم**

هڪ دفعو هاءِ اسڪول جي هيڊ ماستر غلام حسين سومرو، مير صاحب کي لکي موڪليو تہ، "توهان جي محنت ۽ خيرات تہ رائگان پئي وڃي، ڇاڪاڻ تہ توهان جي راڄ جا ڇوڪرا صرف ٻہ ٽي انگريزي درجا پڙهيو وريو وڃيو هر ڪاهين." جنهن جي جواب ۾ مير صاحب لکيو تہ، "سومرا صاحب، توهان منهنجي هن خيرات ۽ محنت جو مقصد شايد سمجهي نہ سگهيا آهيو. منهنجي اها خواهش رهي آهي تہ هتي جا ماڻهو پلي هر ڇو نہ هڪلين، پر ڪين ايتري انگريزي ايندڙ هجي جو سرڪار جي ڳاڙهين پٽڪين وارن ڪامورن کي ٻہ چار تکا جملا چون، سي بہ انگريزيءَ ۾ چون."

(1)

هڪ ڀيري مير صاحب هاسٽل ۾ آيو ۽ هڪڙي مئٽرڪ جي شاگرد کان پڇيائين تہ، " مئٽرڪ جي امتحان جي في ڇو ڪونہ ڀياري اٿئي؟" شاگرد جواب ڏنو تہ "پئسا موجود ڪونہ هئا." ان تي مير صاحب وراڻيو تہ بابا تعليم جو خرچ مفت ۽ معاف آهي، پر امتحان جي في تہ ڀريو؟ پئسہ ناهن تہ ڪو ڪجهہ گروي رکي پئسہ ڪٽي اچ. شاگرد جواب ڏنو سائين! مئٽرڪ پڙهي هاڻ غيرت ٿي اچيم تہ ڪو اپرو سپرو ڪجهہ گروي رکان. انهي جواب ٻڌڻ سان مير صاحب ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين. "هي خرچ انهيءَ لاءِ تہ ڪيا اٿم تہ من ڪو اهڙو جواب ملي. منهنجو خرچ سجايو ويو آهي. توکي شاباس هجي پٽ." پوءِ مير صاحب ان شاگرد کي 15 روپيہ في لاءِ ۽ 15 روپيہ موزون جواب ڏيڻ جي ڪري انعام طور ڏنا.

(2)

هاڻ اسڪول ٽنڊي باگي جي پراڻي استاد محترم لکي ملڪاڻي ٻڌايو ته، تازو ڪاليج مان گريجوئيٽ ٿيو هجان... ٽنڊي باگي ۾ نوڪري ملي، وڃي نڪتس. پهچڻ تي سڌو مير صاحب سان ملڻ خاطر بنگلي تي ويس. نهايت عاليشان بنگلو هو. ٻاهر الهندي طرف منجي تي هڪڙو سفيد پوش ڳوٺاڻو ويٺل نظر آيو. سنڌي جُتي، کدڙ جا ڪپڙا، ڪانئس مير صاحب جو پڇيم. هن هڪدم ٻئي ماڻهو کي اشارو ڪري بنگلي مان عمدي آرام ڪرسي گهرائي ۽ مونکي ويهڻ لاءِ چيو. جنهنکي مون ڳوٺاڻو سمجهو هو. تنهن لاءِ معلوم ٿيم ته مير صاحب پاڻ آهي. مونکي عمدي قسم جي ولايتي ڪشميري جو فل سوٽ پيل هو. مير صاحب جن ڏسي ان سوٽ جي گهڻي تعريف ڪئي. مگر وڏيڪ چيائين ته "ادا! اسان به گرم ڪوٽ ٺهرايو آهي. اوهان کي ڏيکاريون ٿا." نوڪر هڪڙي هٿ ۾ ٻڌل ڪوٽ کڻي آيو. ڪوٽ ڇا هو جهڙو ڏاس جو ڪٿو. مير صاحب جن اٿي اهو ڪوٽ پاتو ۽ چيائين ته، "ماستر صاحب! ٽنڊي باگي ۾ رڍن جي اُن ڪترائي، ٽنڊي باگي جي واهه ۾ ڌوئاري، هتي جي ڪورين کان ڪتائي ۽ هتان ٽنڊي باگي مان ئي اُڻائي، ٽنڊي باگي جي درزي کان سبايو اٿم ۽ هاڻي پايو به ويٺو آهي ٽنڊي باگي جو ماڻهو."

(3)

هڪ ڀيرو ڪنهن شاگرد ڏنو ته ٻنپهرن جي ٻوڙ واري ديڳ مان مک نڪتي. وني گوڙ ٿيو ۽ شاگردن ماني کائڻ کان اسٽرائيڪ ڪئي. مير صاحب کي خبر پئي. پڇا تي هيڊ ماستر صاحب، شاگردن کي ڏوهي ٺهرايو ۽ چيو ته، "ڇوڪرن جو من وڏي ويو آهي. گهر ۾ لسي به ڪانه اٿن، هتي خيراتي ماني تي وني ايترو گوڙ ڪيو اٿن. ٻوڙ مان هڪڙي مک نڪتي ته ڇا ٿيو؟ مير صاحب چيو ته، قوم جي من وڌائڻ لاءِ ۽ شاگردن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ لازمي آهي ته، سندن گهرجون پوريون ڪجن. ٻوڙ جي ديڳ مون ڏانهن موڪليو. منهنجي خرچ تي ٻيو ٻوڙ رڌائي ٻارن کي کارايو."

(4)

هڪ ڀيري هن ئي تر جي هڪ وڏي جاگيردار مير صاحب جن کي چيو ته، "ٻڌو اٿم ته توهان صاحبن هتي انگريزي اسڪول قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي." مير صاحب هاڪار ۾ جواب ڏنو. ان وڏيري چيو ته، "پوءِ

اهي هاري جيڪي اسان جي سامهون ڪنڌ کڻي ڳالهائڻ جي جرئت ئي نٿا رکن، انهن جو اولاد پڙهي اسان کي تہ ڏاڙهين مان جهليندو.“ مير صاحب وراڻيو تہ، ”منهنجي اها خواهش آهي تہ انهن غريبن ۽ مسڪينن جي اولاد ۾ ايتري خودداري ۽ جرئت پيدا ٿئي، جو اهي اسان کي ڏاڙهين مان جهلي پنهنجا حق وصول ڪن.“

(5)

خاصخيلي مرحوم محمد عثمان ڪينال ڪان روايت آهي تہ: مونکي مير صاحب مئٽرڪ ڪرائڻ لاءِ سنڌ مدرسة اسلام ڪراچي موڪليو. جتي مونکي مير صاحب طرفان 65 روپيا ماهوار مني آرڊر وسيلي ملندا هئا. هڪ ڀيري مني آرڊر ۾ دير ٿي. تنهنڪري آئون واپس ٽنڊي باگي پهتس. اسڪول ۾ معلوم ٿيو تہ مير صاحب هيڊ ماستر آفيس ۾ تشريف فرما ٿيا آهن. سو آئون بہ هاسيڪار وڃي دروازي اڳيان لنگهيس. مير صاحب جي جڏهن مون تي نظر پئي تہ يڪدم گهرائي پڇيائين تہ، ” بابا تون هتي ڪيئن؟“ مير صاحب جي لاڏ ۽ پيار اسان جو ايڏو تہ دماغ خراب ڪري ڇڏيو هو جو مون نهايت ئي اڏنگي نموني سان وراڻيو تہ، ”پئسا موڪليا اٿئي جو پڇين ٿو تہ هتي ڇو پيو هلين.“ مير صاحب اهو جواب ٻڌي هڪدم مسڪرائي ڏنو ۽ پنهنجي کيسي ۾ هٿ وجهي 37 چانديءَ جا روپيا ڪڍي اهي مونکي ڏئي چيائين تہ، ”هي کڻي وڃ باقي پئسا مني آرڊر ڪري موڪليان ٿو.“ آئون جيڪو اڳي ئي مير جي بي انتها پيار جي ڪري ڪري ڇڪو هوس، سو اهي پئسا کڻي مير جي منهن تي اڇلائي هنيم. پر هي فرشتہ صفت انسان ذري برابر بہ ناراض نہ ٿيو بلڪ اٿي اهي پئسا پٽ تان چونڊي ۽ وڏيڪ هيڊ ماستر ڪان اڌارا کڻي مونکي پورا 65 روپيہ ڪري ڏنائين ۽ چيائين تہ، ”بابا هاڻي پئسن موڪلڻ ۾ ڪڏهن دير ڪونہ ڪندس.“ اڄ جڏهن وڏو ٿي ويو آهيان تہ سوچيان ٿو تہ مرحوم مير تي علم حاصل ڪندڙ شاگردن سان ڪيتري نہ محبت هئي. ايڏي محبت ڪنهن پيءُ کي توڙي پنهنجي سڳي اولاد سان شايد ئي هجي.

⌘

# ورسين جي تقريرن مان اقتباسات
# ڪو ڪو ماڻهو موتي داڻو

(هتي اسين اولڊ بوائز ائسوسيئيشن طرفان ملهايل ورسين مان صرف ٻن ورسين 1974 ۽ 1975) جي ڪاروائي مان اقتباسات پيش ڪري رهيا آهيون جن جا ٽيپ اسان وٽ موجود آهن. اسين انهن دوستن ۽ رفيقن کان معذرت چاهيون ٿا جن صاحبن جا رايا اسان ٽيپ ۾ محفوظ ڪري نہ سگهيا آهيون.

– (ادارو)

## "74 هين ورسي مان اقتباسات"

مير هي اسڪول انهي ڪري قائم ڪيو جيئن لاڙ جي خطي مان جهالت ختم ٿئي.

**- محمد حسين ميمڻ**

ماڻهو ماڻهن جهڙا پر ڪي مرد مٿيو
سوير ۽ اوير، رکن الڪو لوڪ جتو.
مهڙن ئي مانجهي مردن مان مير صاحب هڪ هو.

**- پون سنڌي**

مير صاحب جو مقصد هو تہ لاڙ ۾ بهتر تعليم جي لاءِ اچو تہ گڏ ٿيون.

**- محمد يعقوب ٽيٻو**

اي لاڙجا سخي! تون انسان نہ پر فرشتو آهين.

**- “ڏالو مل موتي”**

مير پاڻ کي وڏو ماڻهو نہ سمجهندو هو.

**- خواجہ پيار علي**

## ”75 هين ورسي مان اقتباسات“

مان مرحوم کي چڱي طرح سڃاڻان. هو هڪ درويش صفت انسان هو. هن جو ضمير روشن هو. هو هڪ اعليٰ خاندان جو فرد هو پر هن کي ڪڏهن بہ دل ۾ اهو خيال نہ ٿيو تہ هو هڪ وڏي جاگيردار جو فرد آهي.

مونکي سندس اهي لفظ ياد آهن تہ مان هن اسڪول کي عليڳڙهہ يونيورسٽي ڪندس. بدقسمتي سان هن کي موت اسان کان جدا ڪري ويو. ٻي دفعي چيائين هي جيڪو اسڪول مون ٺاهيو آهي. ان لاءِ هڪ ڊونيشن ڇڏي ٿو وڃان جيئن غريب هتي مفت پڙهي سگهن ۽ هي اسڪول قائم ۽ دائم رهي سگهي. مان نهايت فخر سان چوندس تہ مون جيڪو نوابشاهہ ۾ ڪم ڪيو آهي. اهو سڀ مرحوم مير جي ۽ “مسافر” جي طفيل ٿيو آهي.

**- ايچ- ايم خواجہ**

مير جهالت سان جا جنگ جوٽي آهي. ان جا شعلا هاڻ پڙڪي اٿيا آهن ۽ لاڙ ۾ سندس جاڳايل جوت ٻرندي رهندي.

**- ڏانو مهراج**

1922 جي زماني ۾ ههڙي عمارت (اسڪول) کي قائم ڪرڻ ڪانسواءِ ساڍا ٽي لک روڪڙ ڏيڻ ڪير ڪري سگهيو ٿي؟. مير جا اسان تي نہ پر سڄي لاڙ تي احسان آهن.

**- خواجہ پيار علي**

..... مير صاحب جو مرتبو اسانجي تحرير ۽ تقرير کان تمام گهڻو مٿانهون آهي.

**- ڪنول لهاڻو**

علم هڪ اها نيڪي آهي جيڪا ڪڏهن بہ برباد نٿي ٿئي ۽ اهي نيڪ انسان جيڪي نيڪي جا ڪم ڪن ٿا سي سدائين زنده رهندا. مير صاحب انهن مان هڪ هو.

**- مقبول احمد خان**

مسڪينن جو ساٿي، سڀاجهو سدا تون
يتيمن سندا يار، اي مير مانجهي.

**- سيتلداس "صبر"**

مير ايماندار ۽ رحمدل انسان هو.

**- عبدلواحد آٿيلو**

مرحوم خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر اهو باهمت انسان هو جنهن هتان جي غريب ۽ ڏتڙيل انسانن جي ضرورتن کي محسوس ڪيو.

**- شمس الدين ميمڻ**

مير صاحب سادگي پسند ۽ امن پسند هئا. مير صاحب صرف اسانکي تعليم نہ ڏني مير صاحب اسان کي علم ۽ هنر ڏنو. صاحب اسانکي اخلاق ۽ پيار ڏنو ميرصاحب اسان تي جيڪي بہ احسان ڪيا آهن تن کي اسان ڪڏهن نہ وساري نٿا سگهون مير صاحب جون هن قوم تي لک لک ٿلايون آهن.

**- ڊاڪٽر ٿانورداس**

مير صاحب جو اسان تي وڏو احسان آهي.

**- احمد ڪان پرڳڙي**

مرحوم جيتوڻيڪ جاگيردار خاندان جو فرد هو انهي جي باوجود مرحوم انسان ذات جي ڀلائي ۽ بهبود، انسان جي سجاڳي لاءِ انهي دور ۾ علم جي روشني جو نور منور ڪيو جنهن وقت هن لاڙ جي علائقي ۾ جهالت جو دور دورو هو.

**- صديق ويڙهو**

مير غلام محمد خان ٽالپر لاڙ خطي مان جهالت کي تڙي هتي جي ماڻهن کي علم جي روشني سان منور ڪيو. سندس اهو احسان صدين تائين ياد رهندو.

**- نور احمد سني خاصخيلي**

مير غلام محمد خان ٽالپر ڀاڳ ۾ لاٽ هو.

**- فهد خاصخيلي**

مير غلام محمد خان ٽالپر تاريخ جو بي مثال باب آهي.

**- جاويد اختر آٽيلو**

# اسڪول جي عمارت جو سنگ بنياد رکندڙ جناب خانبهادر ايس ڊي ڪنٽريڪٽر ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر جو اسڪول ۾ معائنو

تاريخ 9 ڊسمبر 1935ع اٽڪل هڪ بجي جناب مسٽر ڊبليو ڪريو صاحب ڊائريڪٽر او پبلڪ انسٽرڪشن پونا، جناب خانبهادر ايس ڊي ڪنٽريڪٽر ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب سان گڏجي لارينس مدرسہ ۽ هاءِ اسڪول (جنهنجو بنيادي پٿر 1923 ۾ پڻ وڏو هڻائون) ۾ تشريف فرما ٿيا. اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جي عمارتن کي جھنڊين سان خوب سينگاريو ويو هو.

صاحب ممدوح جي تشريح آوري وقت مدرسہ جي هڪ اسڪائوٽ ٽروپ ڪيس شاندار نمونہ ۾ گارڊ آف آنر ڏنو. انهيءَ بعد هيڊ ماستر صاحب مسٽر غلام حسين سموري بورڊ جي ميمبرن جو صاحب جن سان تعارف ڪرايو. پوءِ صاحب جن هيڊ ماستر ۽ ٻين سان گڏ اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جو معائنو فرمايو. سائنس هال، ڊرائنگ هال، مدرسہ ميوزيم، اسڪول لئبريري ۽ بورڊنگ هائوس جي ڪوشش، سنائي ۽ صفائي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو.

تنهن کان پوءِ سڀ اچي اسڪول جي پورٽيڪي هيٺ گڏ ٿيا، جتي شاگردن مرحبا جو راڳ ڳايو، هار وڌا ۽ گلن جي ورکا ڪئي. اتي صاحب جن نوازش فرمائي ڇوڪرن جي حوصلہ افزائي لاءِ هيٺيان الفاظ ڇوڙ فرمايائون:

مير صاحب، ماستر صاحب ۽ شاگردو! اوهان جيڪي ڪجھ منهنجي باري ۾ چيو آهي، تنهن لاءِ آئون اوهان جو شڪر گذار آهيان. 13 سالن کان پوءِ هتي اچي هي عاليشان اسڪول جي عمارت، هي ڪشادو راند جو ميدان ۽ وٽندڙ بورڊنگ هائوس ڏسي مونکي نهايت خوشي حاصل ٿي آهي ۽ هيءَ موقعو منهنجي حياتي ۾ خوشي جو هڪ يادگار رهندو.

اسڪول جي ترقي ڏسي آءُ خوش ٿيو آهيان. آئون هتي اچي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان، ڇاڪاڻ تہ "مان بہ سنڌي آهيان".

حوالو: اخبار تعليم نمبر 10 جنوري 1936ع.

# تاريخي اسڪول ۾ انعامي جلسي جي ڪاروائي ۽ گبسن جو خطاب

لارينس مدرسہ ۽ هاءِ اسڪول جو ساليانو انعامي جلسو تاريخ 10 ڊسمبر 1936ع جي ڏاڍي ڌام ڌوم سان ملهايو ويو. جناب اعليٰ مسٽر گبسن صاحب ڪمشنر سنڌ سان نوازش فرمائي. موقعي جي صدارت قبولي انعام شاگردن ۾ تقسيم ڪيا. گبسن بورڊنگ هائوس جي شاگردن مدرسہ ڪي صاحب ممدوح جي تشريف آوري جي موقعي تي رنگين، جهندن سان خوب سينگاريو. پوري چار بجي شام جو صاحب جن تشريف فرما ٿيا. بروقت پوليس بئنڊ جا خاص موقعي تي حيدرآباد مان گهرائي وئي هئي. تنهن صدر صاحب کي سلامي ڏني. انهيءَ بعد مدرسہ جي اسڪائوٽ ٽروپ شاندار نموني ۾ ”گارڊ آف آنر“ پيش ڪيو. صاحب جن نوازش فرمائي هيڊماسٽر صاحب ۽ اسڪول جي عملي سان گڏ فوٽو پڻ ڪڍايا. فوٽو بعد هيڊماسٽر صاحب کين مير حاجي شاهہ محمد خان ميموريل هال ۾ وٺي ويو، جتي مدسہ جي انميچورڊ ڊرئميٽڪ سوسائٽي جي طرفان ورائٽي اينٽر ٽينمنٽ شو جو بندوبست خاص صاحب ممدوح جي تشريف آوري لاءِ ڪيو ويو. مدرسہ جي لاڙ جي جاگيردارن، زميندارن کي دعوت نامہ هن موقعي تي شريڪ ٿيڻ لاءِ موڪليا ويا هئا، اٽڪل 200 کان 300 صاحب هال ۾ موجود هئا. شاگردن جي هن ناٽڪ جي تماشي ۾ خاص ڪري ٻن ڪوسن شاگردن جي ائڪٽنگ صاحب ممدوح ۽ ٻين حاضرين صاحبن کي تمام گهڻو وندرايو. ان وقت هيڊماسٽر صاحب مسٽر غلام حسين سومري هڪ موزون تقرير ڪئي، جنهن مدرسہ جي مختصر تاريخ اول کان وٺي ٻچ ڏينهن تائين صدر صاحب جي اڳيان پيش ڪئي ۽ صاحب ممدوح پڻ ان جي جواب ۾ هڪ اعليٰ تقرير سنڌي زبان ۾ حاضرين جي هدايت لاءِ ڪئي جنهن جو اختصار هيٺ ڏجي ٿو.

هيڊماستر صاحب ۽ ٻيا معزز صاحبو! اسين توهان جا احسان مند آهيون هن لاءِ ته اوهان اسان جي هن وڻندڙ موقعي تي مرحبا ڪئي آهي ۽ خاص ڪري اسان جي تعريف ڪئي آهي ۽ لارينس مدرسه لاءِ جيڪي ڪجهه ٿورو اسان ڪري سگهيا آهيون ان جو ذڪر ڪيو آهي. مرحوم خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر او بي اي اسان جو خاص دوست هو. سندس اها هڪ وڏي خواهش هئي ته خاص سندس ملڪ جي باشندن مان بي علمي دور ٿئي. مير صاحب اسان ڪان موڪلائي ويو آهي. مگر سندس چڱو ڪم قائم آهي. هيڊماستر صاحب، اسين اوهان کي، اوهان جي عملي ۽ اوهان جي شاگردن کي اوهان جي عمدن نتيجن تي مبارڪباد ٿا ڏيون ۽ اميد ٿا رکون ته اوهين، اوهان جو عملو ۽ شاگرد ۽ اوهان سڀني جا انهن ٿنهي حيثيتن جاءِ نشين هن فراخ ۽ نرم دل صاحب جنهن جي سخاوت سببان هي اسڪول جاري ٿيو ۽ وڌيو آهي انهي جي يادگيري هميشه لاءِ قائم رکندا ايندا. اوهان جي راندين، ڪو آپريٽو اسٽور ۽ ٻين نرالن ڪم جي ڪاميابي لاءِ اسين اوهان کي مبارڪ ٿا ڏيون. خاص ڪري اوهان جي اسڪائوٽ ٽروپ ۽ جونيئر ريڊڪرلس ٽروپ واڪاڻ جوڳا آهن. جيتري قدر هيتري عرصي گذرڻ بعد اسين ياد ڪري سگهون ٿا ته مير صاحب جي مراد هئي ته هنن ڳوناٽن ڇوڪرن کي اهڙي تعليم ڏجي، جنهن جي ذريعي نه رڳو سرڪاري نوڪريءَ ۾ ڪلارڪي ڪري سگهن پر سندن خيالات ڪشادا ٿين ۽ ترقي ڪن. سندن مراد هئي ته ٻهراڙيءَ جي ماڻهن کي لائق ڪجي ته هو پنهنجا ڪم ڪار سنيالي سگهن. پنهنجا حساب ڪتاب رکي سگهن ۽ پنهنجي رواجي زراعتي زندگي جي نموني تي اهڙي ذهن جو اثر وجهن جنهن مان سندن حالت ۾ سمجهه وڌي ۽ سچي پچي آبادگاري جي روزاني ڪم ۽ زراعتي گهرجن ۾ نوان سڌارا ڪن. هن جي اها مراد هئي ته ڳوٺن ۾ وڌيڪ ڪشادي ۽ آزاد زندگي پيدا ڪجي يعني ته ڳوٺن ۾ رهندڙن کي وڌيڪ لائق جي ته هو ضرورتون محسوس ڪن ۽ عمل ۾ آڻين جي اڄ ڪلهه جي چوڻ موجب ڳوٺ جي بهبودي ۽ زراعتي ترقي جو بنياد آهن.

پنهنجي تقرير ختم ڪرڻ بعد صاحب ممدوح شاگردن ۾ انعام تقسيم ڪيا ۽ صاحب جن سڀني جي عزت افزائي ڪئي پوءِ جلسو خير سان ختم ڪيو ويو.

حوالو: اخبار تعليم نومبر 10 جنوري 1936ع

نوٽ: محترم عبدالجبار نظاماڻي صاحب جي مهرباني سان حاصل ٿيو.

# اخبار الوحيد سنڌ آزاد نمبر 1936ع جو ايڊيٽوريل

خان بهادر مير غلام محمد خان ٽالپر او- بي- اي ٽنڊو باگو جو مشهور مخير هڪ وڏو زميندار ۽ مسلمانن جي ترقي لاءِ درد رکندڙ بزرگ هو. شروعاتي زندگي ۾ هن تڪليفون بہ ڏٺيون، پر پوءِ جڏهن سندس اونچ ۽ اقبال جو زمانو آيو تڏهن پنهنجي دولت کي صحيح نموني ۾ خرچ ڪرڻ جي توفيق نصيب ٿيس.

مرحوم مير صاحب کي سڀ کان وڌيڪ مسلمان ٻارن جي تعليم جي ڳڻتي هوندي هئي جنهن لاء هن ٽنڊي باگي ۾ اي- وي اسڪول کوليو ۽ اهو سندس ئي حياتي ۾ ترقي ڪري هاءِ اسڪول جي درجي تي آيو ۽ ان تي سمورو خرچ پنهنجي هڙان ڪندو رهيو. ان کان پوءِ ڇوڪرين لاء گرلس اسڪول قائم ڪيا ۽ زالن جي علاج لاءِ ويم گهر کولايائين. ويم گهر سان گڏ زالن کي دائپي سيکارڻ جي فن جو ڪلاس بہ هو جتي ڪيتريون زالون انهي فن ۾ مهارت حاصل ڪري لاڙ ملڪ ۾ عورتن جي خدمت ڪنديون رهيون. مير صاحب جون مخفي اسڪالرشپون نہ فقط مسلمان شاگردن لاء وقف هونديون هيون پر بعض حالتن ۾ مسڪين هندو شاگرن کي بہ تعليمي وظيفن سان مدد ڪندو هو.

مليريا جي موسم ۾ گشتي ڊاڪٽر مقرر ڪري غريبن جي علاج سان پرگهور لهندو هو. مير صاحب جي سخاوت گهڻو ڪري مخفي هوندي هئي. سندس خرچ سان ڪيترا شاگرد طبيہ ڪاليج دهلي مان سندون حاصل ڪري پنهنجي روزگار سان گڏ خلق خدا جي خدمت ڪري رهيا آهن. مير صاحب مرحوم جو الوحيد سان خاص تعلق ۽ خاص محبت هئي. ڪيترن ڏکين وقتن تي الوحيد جي امداد فرمائي. هن بزرگ هن قومي امانت جي حفاظت فرمائي.

مرحوم مير صاحب جي شخصيت سنڌ جي مسلمانن لاءِ عموماً ۽ لاڙ ملڪ وارن لاءِ خصوصاً هڪ عظيم الشان نعمت هئي جنهن جو نظير زميندار طبقہ ۾ ملڻ بلڪل محال آهي. رهڻي جو تمام سادو ۽ غريبن سان گڏجي گذاريندڙ سادو کائيندڙ ۽ سادو هنڍيندڙ رلڻو ملڻو نيڪ نمازي ۽ تمام خوش اخلاق انسان هو.

سنڌ جو هي سخي مرد 12 فيبروري 1933ع ۾ هن دنيا فاني مان نرينہ اولاد ڇڏڻ کانسواءِ وفات ڪري ويو.

“ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب جي ٿورن سان مليل”

# سيڪريٽري ايجوڪيشن عبدالعزيز عقيلي صاحب جو مير غلام محمد خان ٽالپر گورنمنٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ٽنڊوباگو جو دؤرو

**- دانش ڪمار لوهاڻہ**

26 آگسٽ 2017ع ڇنڇر جي ڏينهن سيڪريٽري ايجوڪيشن عبدالعزيز عقيلي صاحب مير غلام محمد خان ٽالپر گورنمنٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ٽنڊوباگو جو تفصيلي دؤرو ڪيو. ان دؤري دؤران سيڪريٽري صاحب هن اسڪول جي عمارت جي مختلف مسئلن تي اولڊ بوائز ايسوسيئشن جي سموري ٽيم سان ملاقات پڻ ڪئي. ان ملاقات دؤران اولڊ بوائز جي ٽيم ڪيس هيٺين مسئلن کان آگاهہ ڪيو ۽ ڪانئس انهن جي تڪميل جو واعدو پڻ ورتو.

1. هن اسڪول جي تاريخي زبون حال ڊائننگ هال جي نئين سر مرمت ڪرائي ڏني وڃي.
2. اسڪول جي پراڻي هاسٽل جنهن جا پهرين 3 ڪمرا ڊهيل هئا, انهن جي نئين سر ساڳي ڊزائين تحت ڪنسٽرڪشن ڪرائي ڏني وڃي.
3. اسڪول ۾ 2200 شاگردن جي لاءِ ليٽرين (باٿ روم) جي قلت تي پڻ زور ڏنو ويو.
4. هن اسڪول جو نالو سرڪاري سطح تي هن عظيم انسان جي نالي پٺيان مير غلام محمد خان ٽالپر هائير سيڪنڊري اسڪول ئي رکيو وڃي.
5. لاڙ جي هن عظيم انسان جي ڪيل خدمتن عيوض سندس نالي سان هڪ مضمون (سبق) سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جي نصاب ۾ شامل ڪيو وڃي تہ جيئن ايندڙ نسل کي هن عظيم انسان جي ڪردار جي خبر پئجي سگهي.

6. هن عظيم درسگاهہ ۾ 2200 شاگردن کي پڙهائڻ جي لاءِ صرف 39 استاد مقرر ڪيل آهن جيڪي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. جڏهن تہ وڌيڪ استادن جي ضرورت آهي. ان کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون وڃن.

مٿين سڀني ڳالهين کي مدِنظر رکندي عقيلي صاحب سمورين ڳالهين ۽ مسئلن کي حل ڪرائڻ جي خاطري پڻ ڪرائي.

غور ويچار ڪانپوءِ اها تاريخي ڳالهہ سامهون رکي وئي تہ هن اسڪول جو بنياد مير صاحب ان دؤر ۾ رکيو جنهن دؤر ۾ هر طرف جهالت هئي. 1920ع ۾ مير صاحب اهو ئي سوچي ڪري هن اسڪول جو بنياد رکيو تہ جيڪڏهن اسان جو ملڪ آزاد ٿي وڃي ۽ اسان جو ماڻهو غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هجي تہ هو آزاد ٿي بہ آزادي جهڙي نعمت کان محروم رهندو. ان وقت ۾ هڪ سر سيد احمد خان هو جنهن سنڌ ۾ سنڌ مدرسة الاسلام جو بنياد وڌو. انهي سلسلي کي جاري رکندي مير صاحب جي سوچ ۾ بہ اها ئي ڳالهہ هئي تہ اسان جي لاڙ جا ماڻهو تعليم کان محروم ڇو هجن؟ جنهن ڳالهہ جي ڪري هن عظيم درسگاهہ جو بنياد وڌو مطلب تہ هن عظيم انسان نہ صرف لاڙ خطي پر پوري سنڌ جي ماڻهن لاءِ هي علم ڪدو ڪوليو جنهن مان ڪيترائي شاگرد علم حاصل ڪري دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مير صاحب جو نالو روشن ڪري رهيا آهن.

آئون اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جي صدر جي حيثيت ۾ هن اسڪول جي مختلف مسئلن لاءِ هر وقت پنهنجي ڀرپور ڪوشش سان مسئلن جي حل لاءِ مير صاحب جي ڇڏيل مشن کي اڳتي هلائڻ لاءِ دل ۽ جان سان محنت ڪري رهيو آهيان ۽ آئون سيڪريٽري ايجوڪيشن جناب عقيلي صاحب کي هي سڀ مسئلا ٻڌائڻ ڪانپوءِ ان حد تائين مطمئن آهيان تہ عقيلي صاحب جي ڪرسي تي جيڪو بہ اهلِ دل انسان ايندو تہ اهو بہ پنهنجي روح جي سچاين سان هن سخي انسان جي درسگاهہ جي ڇاٽايل مسئلن جي حل لاءِ پنهنجون ڀرپور ڪوششون ضرور وٺندو تہ جيئن اسان جي ايندڙ نسل هن درسگاهہ مان فائدو وٺي سگهي.

⌘

# قادر بخش خاصخيلي جي ياد روئاڙيو وجهي

**- عثمان راهوڪڙو**

قادر بخش خاصخيلي پنهنجي وقت جو ماهر استاد هو. مختلف ٻولين تي ڪيس عبور هو. هو شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جو پارکو هجڻ سميت سنڌي ٻولي ۽ انگريزي ۾ ليڪچر ڏيڻ ۾ جيڪا ڪيس مهارت هئي سا ورلي ڪنهن ۾ هجي ٿي.

هن جي زندگي ڪي غربت جي انڌيرن مان روشني ڏياري وئي. هو جنهن گهر ۾ پيدا ٿيو اهو گهر هڪ دربان جو گهر هو جتي جي زندگي آٺين ۽ چاڙهين واري هئي. سندس والد محمد جمن وٽ نه دولت هئي نه مال هو نه زمين هئي، هو بس لاڙ جي ان عظيم جاگيردار جي بنگلي جو دربان هو، جنهن جي سوچ جاگيردارڻي نه هئي. وٽس عزت وارا ۽ احترام لائق انسان هاري پورهيت ۽ غريب هئا. جن جي هو بنا رنگ ۽ نسل جي فرق جي خدمت ڪندو هو. ڪيس اولاد نه هئي. ان ڪري ۽ انگريز راڄ ۾ تعليم جو جديد ڏيئو روشن ڪرڻ لاءِ هن ٽنڊي باگي ۾ هڪ انگريز لارينس جي نالي سان جديد تعليمي مدرسو قائم ڪيو هو. جڏهن سندس دربان محمد جمن کي پٽ ڄائو ته ڪيس پهرين مبارڪ ان عظيم انسان مير غلام محمد خان ٽالپر ڏني ته محمد جمن جا مڪ ٽڙي پيا. نينگر جو نالو قادر بخش رکيو ويو. ننڍڙو قادر بخش جڏهن پنجن سالن جو ٿيو ته ڪيس اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو، جتي عشق ۽ علم جي گهٽين ۾ ڪيس مسافر سبق ڏنا. هي ٻالڪ سنڌ راڻي ۽ مير باگي جي محبتي ماڳ واري گهٽين ۾ راند ڪندو هو. جتان ڪڏهن وقت جي عاشق مير باگي ۽ سنڌراڻي جو گذر به ٿيندو هو ته انهن ئي گهٽين مان مسافر ۽ مير غلام محمد خان ٽالپر شمع روشن ڪئي هئي. اهي گهٽيون، نيري درياءُ جا ٽٽي ويل ڪپر ۽ غربت هن جي ننڍپڻ جا ساٿي

هئا. هن جڏهن پرائمري پاس ڪئي تہ مير غلام محمد خان ٽالپر ڪيس پنهنجي خرچ تي بمبئي اعليٰ تعليم پرائڻ لاءِ روانو ڪيو. هو بمبئي اٺن گهوڙن ۽ ٻيڙن ذريعي ايندو ۽ ويندو هو. هن ٽرن، برن، بحرن ۽ رڻن جا سفر انهن سوارين ذريعي ڪيا. مبمئي جي رنگين راتين ڪي شمعدانن جي روشني ۾ هن ويجهي ڪان ڏٺو. 19 صدي جي پهرين ڏهاڪي ڪان ستين ڏهاڪي تائين برصغير ۾ ٿيل سموري اوٿل ۽ پوٿل هن ماهر تعليم ۽ حساس دل انسان جي دل تي ڪيئي اثر ڇڏيا. هن پهرين مهاڀاري لڙائي، ٻي جنگ عظيم ۾ بيگناهه مارجي ويل ڪروڙين انسان جا چچريل لاش اخبارن ۽ رسالن ۾ ڏٺا. هن جديد ڪان جديد ڪتاب پڙهيا. جناح ۽ گانڌي سان هليو. سندس ئي ڳوٺ ٽنڊي باگي ۾ حر تحريڪ هلچل دوران جڏهن پير صبغت الله شاهه راشدي ڪي انگريز سرڪار گرفتار ڪري شهيد ڪيو تہ ٽنڊي باگي جي صحافي مگهن لال پنهنجي اخبار ۾ شهيد سورهيہ بادشاهه جي شهادت ۽ حرن تي ٿيندڙ ظلم خلاف آواز بلند ڪيو تہ ڪيس بہ انگريز سرڪار گرفتار ڪري گم ڪرائي ڇڏيو. ٽنڊو باگو لڳ مير و فقير نظاماڻي ڪي شهيد ڪيو ويو. 1947ع جي ورهاڱي دوران سندس استاد ۽ دوست وطن جا وڻ ڇڏڻ تي مجبور ٿيا ۽ نئين ملڪ پاڪستان ۾ جڏهن ون يونٽ ٿيو تہ بہ هن جي دل دانهن ڪئي. گلن ۽ ٻارن سان محبت ڪندڙ قادر بخش خاصخيلي محمد صديق مسافر ۽ مير غلام محمد خان ٽالپر ڪان ننڍپڻ ڪان جيڪي سبق سکيا ۽ غربت جي انڌلني رنگن ۾ پليل هي ماڻهو جڏهن مئٽرڪ ۽ بي ٽي ڪري سنڌ آيو تہ هن ڪي تعليم کاتي ۾ استاد جو پيشو اختيار ڪرايو ويو. قادر بخش تعليمي آبڪاري ۾ ٽنڊو جان محمد ۾ جيڪا تعليمي خدمت ڪئي ۽ ٽنڊي باگي ۾ محمد صديق مسافر بعد هڪڙو يادگار باب آهي، پاڻ بدين، حيدرآباد جي اسڪولن ۾ بہ پڙهايو. پنهنجي پوري زندگي سکڻ، سيکارڻ، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ صرف ڪندڙ هن تعليم جي ماهر استاد جي خواهش هئي تہ تعليم ذريعي لاڙ ۽ سنڌ ۾ تبديلي اچي. فل سوٽ پائي هلندڙ قادر بخش اندر جو اجرو هو. روزا رکندو ۽ نماز پابندي سان پڙهندو هو. انگريزي، سنڌي ۽ اردو اخبارون، رسالا ۽

ڪتاب پڙهندو هو. پنهنجي پوري زندگي غريبن، هارين ۽ پورهيتن جي ٻارن کي ڪتاب، ٻريسون ۽ هاسٽلن جي في ڏئي پڙهائڻ واري عمل ذريعي گذاريائين. ڪڏهن به مومل جي فريبي ڪاڪ تي اٽ نه جهڪائين، هو زندگي جي فريبي درياءَ واري ڪپ تي اچيو ئي رهيو. ڪڏهن به مايا جي پويان نه لڳو. ڪيس مايا نفرت هئي سندس ڪل دولت سڪڻ ۽ سيکارڻ هئي. پاڻ شفيق استاد سان گڏ شفيق انسان به هو. ڪنهن سان به زندگي ۾ ٻاڙو نه ٻوليائين. 12 فيبروري 1970ع ڊاري دل جو دوري پوڻ سبب وفات ڪيائين. سندس به پيرا خاصخيلي جماعت طرفان ورسيون ملهايون ويون. سندس قبر/ مزار ٽنڊي باگي جي بڪردار قبرستان ۾ زبون حالي جو شڪار ٿيل آهي. تعليم کاتي ڪيس مڪمل طور تي نظرانداز ڪري ڇڏيو. سندس هزارين شاگردن به ڪيس ڪڏهن ڪنهن زندگي جي گهڙي ۾ ياد نه ڪيو. سندس پٽ محمد جمن جمعون ۽ ڏي صابل حيات آهن. جيڪي سندس اڏيل لانڍي نما گهر ۾ رهن ٿا. پاڻ شاعري ڪندا هئا. سندس ڪهڙا دوست هئا. انهن بابت ڄاڻ ملي نه سگهي آهي. سندس زندگي جا روشن صبح ممبئي ۽ ٽنڊو جان محمد ۾ گذريا پر اڄ به ٽنڊي باگي جو اهي اداس گهٽيون جتان ڪڏهن سنڌ راڻي، مير باگي، محمد صديق مسافر ۽ مير غلام محمد خان ٽالپر جو گذر ٿيڻ بعد سندس گذر ٿيندو هو. تن مان گذرندي سندس ياد الاجي ڇو روئاڙيو وجهي!

⌘

# مير غلام محمد خان ٽالپر جي باغيچي جو هڪ گل

**- عبدالعزيز خواجہ**

مير غلام محمد خان ٽالپر جي مدرسي مان ڪيترائي اهڙا عالم، فاضل، فلاسافر، دانشور، شاعر، اديب ۽ تعليمي ماهر پيدا ٿيا جيڪي نہ فقط سنڌ پر پاڪستان ۾ مشهور ٿيا. اهڙن عالمن، فاضلن ۽ تعليمي ماهرن مان اسانجي اسڪول جو هڪ اهڙو گل جنهن جي خوشبوءِ جو فائدو ضلع نوابشاهہ جي ماڻهن حاصل ڪيو. ان شخصيت جو نالو ايچ ايم خواجا هو.

هي سنڌ ضلع بدين تعلقي ٽنڊي باگي ۾ 8 آڪٽوبر 1907ع تي مهر علي خواجا جي گهر ۾ پيدا ٿيو. سندس ابتدائي تعليم استاد محمد صديق "مسافر" جي زير تربيت ٿي. سندن نالو "لارينس مدرسہ" جي جنرل رجسٽر ۾ 7 نومبر تي درج ٿيو .اپريل 1921ع ۾ داخل ٿيو جتان 1926ع ۾ اسٽينڊرڊ جو امتحان پاس ڪيائين. پاڻ انهيءَ دوران مير غلام محمد خان ٽالپر جي شخصيت کان تمام گهڻو متاثر ٿيا. خواجا صاحب مير غلام محمد خان ٽالپر جي زندگي ۽ ان جي شخصيت کي ويجهي کان ڏٺو ۽ تمام گهڻو متاثر ٿيا. اهو هي سبب هيو جو اڳتي هلي جڏهن خواجا صاحب عملي زندگي ۾ پير پاتو تہ انهي شخصيت ۾ مير صاحب جي مشنن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پهريائين حيدرآباد ۽ پوءِ ڪراچي جي ڊي جي سنڌ ڪاليج مان حاصل ڪري استاد جو پيشو اختيار ڪيائين. 1932ع ۾ خواجا صاحب پهريائين لاڙڪاڻي ۽ پوءِ 36-1935 ۾ سنڌ يونيورسٽي مان بي ٽي جو امتحان پاس ڪري ميرپورخاص ۾ استاد مقرر ٿيا. انهي ڏينهن ۾ سنڌ جي اندر مسلمان تعليم جي ميدان ۾ پٺتي هئا. نوابشاهہ شهر جي ڪن هڏ ڏوڪين هڪ تنظيم ناهي هڪ

اسڪول 1936ع ۾ کولرايو. جنهن کي اڳتي هلي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي تحويل ۾ وٺي مڊل اسڪول قائم ڪيو. هتي جي عوامي نمائندن جي نظر ايڇ ايم خواجا صاحب جن جي اعليٰ ڪردار ۽ ذهانت تي پئي ۽ کين اسڪول ۾ ملازمت ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو. پاڻ سرڪاري نوڪري ڇڏي 1936ع ۾ لوڪل بورڊ مڊل اسڪول نوابشاھ جا هيڊماستر ٿيا. هن پنهنجي زندگي اسڪول لاءِ وقف ڪري ڇڏي. اهو اسڪول 1940ع ۾ هاءِ اسڪول ٿيو.

خواجا صاحب مير غلام محمد ۽ محمد صديق مسافر کان جيڪو ڪجھ حاصل ڪيو انهيءَ تجربي ۽ تربيت جو پورو فائدو هن نوابشاھ جي ماڻهن لاءِ صرف ڪيو. جيڪو مشن لاڙ خطي لاءِ مير غلام محمد خان ٽالپر صاحب جن رکندا هئا. انهيءَ طرز تي خواجا صاحب پنهنجي زندگي نوابشاھ جي ماڻهن لاءِ وقف ڪئي. جهڙي ريت لاڙ ۽ سنڌ جا ماڻهو تعليم لاءِ ڪيل خدمتن عيوض مير صاحب کي لاڙ جو ابو سڏين ٿا اهڙي ريت نوابشاھ جا ماڻهو حاجي خواجا صاحب جن کي پڻ ياد ڪن ٿا.

مير غلام محمد خان ٽالپر وانگر حاجي خواجا جي بہ اها خواهش هوندي هئي تہ ڀهراڙين جي غريب خاندانن سان تعلق رکندڙ ذهين شاگردن کي فري بورڊنگ، فري ڪپڙا ۽ ڪتاب ڏئي کين تعليم جي زيور سان سينگاريو وڃي ۽ هو انهيءَ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ ڪيترن غريب شاگردن فائدو حاصل ڪيو ۽ اڄ ملڪ جي اعليٰ عهدن تي فائز آهن. جيڪي ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ جاکوڙي رهيا آهن.

ايڇ ايم خواجا صاحب نوابشاھ جهڙي علائقي ۾ زناني تعليم ڏانهن پڻ توجہ ڏني ۽ هڪ گرلس اسڪول کولرايو بهرحال تعليم جي ميدان ۾ خواجا صاحب جن جون تمام گهڻيون خدمتون آهن. جن جي طفيل کين صدر پاڪستان فيلڊ مارشل ايوب خان تمغہءِ خدمت سان نوازيو. پاڻ بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪينڊري ايجوڪيشن حيدرآباد جا 1972 کان 1979 تائين چيئرمين رهيا.

خواجا صاحب جي انهي تعليمي سفر ۾ سندن رهنمائي شروعاتي دور ۾ محمد صديق مسسافر جن ڪندا رهندا هئا. سندن شاگردن جو وڏو حلقو موجود آهي. جيڪي سائين جن کي پنهنجو مرشد ڪري مڃين ٿا. سندن ئي ڪوشش سان ٽنڊو باگو شهر ۾ ٽيليفون سروس 1973ع ۾ شروع ٿي. اڳوڻو نگران وزيراعظم غلام مصطفيٰ جتوئي بہ انهن شاگردن ۾ شامل هو جيڪو تمام گهڻي عزت ڪندو هو.

مير غلام محمد خان ٽالپر جي جلايل جوت مان ٻرندڙ هي ڏيئو 20 سيپٽيمبر 1999ع تي اجهامي ويو. سندن آخري آرامگاھ حيدرآباد ۾ واقع آهي.

⌘

# سپاسنامون 1976ع

اج پڻ اکڙين سڄڻ پنھنجا ساريا،
ڳلن تان ڳوڙھن جون بوندون بس نہ ڪن،
سندي سڪ پرين لوڪ ڏٺي نہ لھي. (شاھ)

جناب مير مجلس مانوارا ايچ ـ ايم خواجہ صاحب
عزت ماب جناب ڊپٽي ڪمشنر صاحب بدين
جناب ڊائريڪٽر صاحب تعليم حيدرآباد سنڌ
۽ منھنجا ڀاھران آيل ساٿيو ـ معزز حضرات اسلام عليڪم!

عزيزو آئون اولڊ بوائز ائسوسئيشن جي صدر جي حيثيت سان توھان صاحبن جو دل جي گھرائين سان استقبال ڪريان ٿو. جو توھان صاحب باوجود مصروفتين جي ڪشالا ڪيي ڏورانھن ھنڌن کان ھن اوکي ھنڌ تي پنھنجي محسن کي نذرانہ عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا آھيون. تنھن لاءِ مان سيني صاحبن جو دلي شڪريو ادا ڪريان ٿو.

دوستو اسان جي ھي ننڍڙي جماعت ھن اسڪول جي پراڻن شاگردن سان وابستہ آھي. انھيءَ اسڪول جو اڏيندڙ اسان جو محسن خانبھادر مير غلام محمد خان ٽالپر ھو. جيڪو ھتي جي ماڻڪاڻي ٽالپرن جي خاندان جو ھڪ معزز شخص ھو. تنھنڪري اسان پنھنجي ايسوسئيشن جو نالو ھن اسڪول جي باني پنيان "مير غلام محمد خان ٽالپر ھاءِ اسڪول اولڊ بوائز ايسوسئيشن ٽنڊو باگو" رکيو آھي. ان لاءِ ضروري آھي تہ پھريائين مان انھي عظيم انسان جو ذڪر ڪريان، جنھن جا اسان تي ھزارين احسان آھن.

ساٿيو! برصغير ۾ ڪيترن ئي علم دوست حضراتن سوين درسگاهون ۽ علمي ادارا قائم ڪيا. اهي سڀ پاڻ ملهائي ويا ۽ عزت جا لائق آهن. پر انهن صاحبن ڪي ڪيترن ئي سخي مردن دل کولي دان ڏنا. ليڪن مير صاحب هن خير جي ڪم ۾ ڪنهن کان پائي بہ نہ پني. هن ميدان ۾ سندس خدمتن جي برابري ڪوبہ ڪري نٿو سگهي. مان دعويٰ سان چوان ٿو. توهين خود اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ 1923ع جي زماني ۾ ههڙي عظيم عمارت قائم ڪرڻ ڪانسواءِ ساڍا ٽي لک رپيا روڪڙا ڏيڻ، ڪير ڪري سگهيو ٿي. ان زماني ۾ هئي ڪنهن جي مجال؟ ان ڪان سواءِ ٻيا بہ سوين سندس خير جا ڪم هئا. جيڪي اسان جي هن ڪئلينڊر ۾ درج آهن، توهان خود مطالعو ڪري سگهو ٿا. هاڻ مان ڪجهہ ايسوسئيشن بابت عرض ڪندس:-

دوستو! اسان اهو محسوس ڪيو تہ مير صاحب جيڪا جوت جلائي آهي، ان مان اسان ڪي روشني جي جهلڪ ملي آهي. تنهنڪري اسان هن اداري مان تعليم ورتلن تي اهو فرض عائد ٿئي ٿو تہ اسان سندس جلايل جوت ڪي دائمي روشن رکون ۽ اهڙي محسن جي قربانين جو ورنن دنيا وارن ڪي ٻڌايون ۽ سندس چڏيل پونجي ڪي سپوت پٽن وانگر سنڀاليون. ڇاڪاڻ تہ مير صاحب اسان جو ابو هو. صرف اسان جو نہ پر پوري اهل لاڙ ۽ سنڌ جو ابو هو. ڇاڪاڻ تہ هن سيني سنڌواسين ڪي بنان ڪنهن امتياز جي پيءُ وانگر پاڙهيو ۽ سنڀاليو.ان مقصد تحت ئي اسان جماعت قائم ڪئي. ڇاڪاڻ تہ هڪ صالح پٽ جو فرض آهي تہ هو پنهنجي پيءُ جي ڇڏيل پونجي ڪي سهڻي نموني سنڀالي. هن ايسوسئيشن جي هوندڻ تہ تاريخ تمام پراڻي آهي ڇاڪاڻ تہ ڪافي دفعا دوستن ڪوششون ڪيون. پر جئين تہ اهي دوست ٽنڊي باڳي ڪان ٻاهر سان تعلق رکندا هئا، تنهنڪري اهي عملي ميدان ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهيا. اسان جي موجوده ايسوسئيشن سال 1969ع ۾ وجود ۾ آندي ويئي آهي. جيڪا هتي اسان مقامي دوستن سان گڏجي قائم ڪئي. جنهن جي ائڊهاڪ ڪاميٽي جو چيئرمين مسٽر الهڏنو-ايم-عباسي صاحب هو. جنهن صاحب جي

ڪوشش جو ئي هي نتيجو آهي جو ايسوسئيشن اڄ هن مقام تي مير صاحب جي ورسي نهايت عقيدت سان ملهائي رهي آهي.

هاڻ اوهان جي آڏو ائون اسان جي اداري کي درپيش چند تڪليفون پيش ڪريان ٿو. هي اسڪول سنڌ جي ٿن پراڻن هاءِ اسڪولن مان هڪ آهي. ڪيترا صاحب هن اداري مان علم حاصل ڪري صاحب عظمت بنيا ملڪ جي اهم عهدن تي رهي بهترين خدمتون ڏنائون. ڪي ناميارا سياستدان پيدا ٿيا، ڪي عالم ۽ عظيم استاد ۽ تعليمي ماهر پيدا ٿيا. ان بابت توهان کي اسان جو مهمان خصوصي جناب ايڇ-ايم-خواجہ صاحب ۽ ٻيا اسان جا پراڻا دوست ٻڌائيندا، جيڪي ڪثير تعداد ۾ هن ورسي ۾ آيا آهن آئون صرف ايترو عرض ڪندس تہ ايترين خدمتن جي باوجود بہ هن اسڪول کي ڪا ترقي نہ ملي آهي. مير صاحب جي وفات کانپوءِ ڪو بہ واڌارو نہ ٿيو آهي. ٻين هنڌن تي جتي گهٽو پوءِ اسڪول کليا اتي اڄ ڊگري ڪاليج آهن. ليڪن شاه صاحب جي شعر وانگر تہ "پاڻي مٿي جهوپڙا مورک اڄ مرن" اڄ اهو ٽنڊو باگو ويران آهي. علمي طرح پوئتي آهن. جتان علم جي روشني پهرين پهرين ڦٽي. جنهن شمع مان ٻيون ڪيتريون شمعون روشن ٿيون. افسوس! سا شمع اڄ جهڪي ٿيندي پئي وڃي. تنهنڪري هن اسڪول جا پراڻا شاگرد جيڪي هن اسڪول جي طفيل ملڪ جي اهم عهدن تي آهن، صاحب حيثيت آهن، هلندي پڄندي وارا آهن، تن تي فرض آهي تہ هو هن عظيم اداري جي ڀلائي ۽ ترقي لاءِ دل و جان سان ڪوشش ڪن. ڇاڪاڻ تہ لائق فرزندن جو فرض آهي تہ ابي جي ڇڏيل پونجي کي برباد ٿيڻ کان بچائن. تڏهن هو صحيح معنيٰ ۾ پنهنجي محسن جي روح کي ثواب پهچائي سگهن ٿا.

هاڻ آئون چند گهرجن جو ذڪر ڪريان ٿو جيڪي هن اداري جي ڀلائي لاءِ لازمي آهن.

(1) اقتصادي طرح هي خطو پوئتي پيل آهي. تعليم کان پوءِ روزگار جا ذريعا گهٽ آهن. غريب هئڻ ڪري هتي جا شاگرد وڏيڪ تعليم جاري رکي نٿا سگهن. تنهن ڪري اسان جو اهو عرض آهي تہ هن لحاظ کان هن اسڪول

۾ انڊسٽريل آرٽس ۾ ٽيڪنيڪل ڪلاس کوليا وڃن. جيئن تعليم ختم ڪرڻ کان پوءِ ھتي جا شاگرد ذريعہ معاش حاصل ڪري سگھن.

(2) ھن اسڪول ۾ جلدي جلدي استادن جون بدليون ڪيون ٿيون وڃن. ڇاڪاڻ تہ گھڻي ڀاڱي استاد دور دراز علائقن جا رکيا وڃن ٿا. جيڪي دوري ۾ پنھنجين مجبورين جي ڪري ھميشہ بدلين جي چڪر ۾ رھن ٿا. تنھن ڪري اسان جناب ڊائريڪٽر صاحب کي اھو عرض ڪنداسين تہ اسان جي ھن شھر ۾ خطي جا ڪافي اھڙا نوجوان استاد جيڪي ٽرينڊ بہ آھن تن کي پروموشن ڏيئي ھن ھاءِ اسڪول ۾ رکيو وڃي. جيئن ھن اسڪول ۾ تعليمي معيار برقرار رھي سگھي. بدلين جو چڪر ۾ استادن جي کوٽ جو مسئلو ھميشہ لاءِ ختم ٿي وڃي.

(3) اھڙي عظيم بلڊنگ جيڪا مير صاحب پنھنجو رت ست ڏئي قائم ڪئي سا افسوس! اڄ اھڙي حالت ۾ آھي. 1970 کان وٺي ان جي مرمت نہ ٿي آھي. ۽ پڻ اسڪول جي ڪمپائونڊ بہ سالم حالت ۾ نہ آھي. ڀھريائين ڪمپائونڊ نہ ھئڻ ڪري اسان کي ڪيترو ئي ھن اداري جي پلاٽ وڃائڻو پيو. تنھن ڪري اسان جو جناب ڊائريڪٽر کي عرض آھي تہ ھن اسڪول ۾ ھاسٽل جي مرمت ۾ ڪمپائونڊ وال لاءِ ترت قدم کنيا وڃن. ٻڌو ويو آھي تہ اسڪول جي مرمت لاءِ 15 ھزار رپيا منظور ٿيا آھن. اسان جو ڊائريڪٽر صاحب ۽ ڊي اي او کي عرض آھي تہ مھرباني ڪري عمارت جو معائنو ڪري ڏسن تہ اھي 15 ھزار ڪھڙي ڪم ۾ استعمال ٿيندا.

(4) مير صاحب جي رکيل امانت 3 لک 87 ھزار تي ان وقت جو مقرر ٿيل وياج اٽڪل ساڍا ٽي سيڪڙو جي حساب مان 15 ھزار ساليانو ملي ٿو. جيئن تہ ھن وقت مھنگائي ان زماني کان سوين دفعا وڌيڪ آھي. تنھن ڪري 15 ھزار بلڪل ناڪافي آھن ۽ ھن وقت بئنڪ جا ريٽ 8 يا 9 سيڪڙو آھن. تنھن ڪري جناب ڊي سي صاحب کي عرض آھي تہ اسان کي وياج جو ريٽ وڌرائي ڏنو وڃي. جيئن ھاسٽل جي خرچ کي آساني سان منھن ڏيئي سگھجي.

(5) ھن اسڪول جي گبسن بورڊنگ ھائوس جي بورڊ جو وجود ھوئڻ تہ ڪاغذي طرح قائم آھي ليڪن عملي طرح ان جو ڪم وغيره ڪوبہ

ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. تنهن ڪري اسان جو ڊي سي صاحب کي عرض آهي تہ هن بورڊ تي ايسوسئيشن جا نمائندا ڪنيا وڃن، جيئن بورڊ عملي طرح ڪم ڪري سگهي.

(6) هن اسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪان پوءِ غربت جي ڪري شاگرد وڏيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ٻاهر خرچ برداشت ڪري نٿا سگهن. تنهن ڪري اسان جو عرض آهي تہ مير صاحب جي خدمتن جي صلي ۾ ان جي نالي هڪ انٽرميڊيئيٽ ڪاليج قائم ڪيو وڃي.

(7) شهر ٽنڊي باگي ۾ نياڻين جي تعليم لاءِ فقط هڪ مڊل اسڪول آهي. ايسوسئيشن جي ڪوشش ڪري، موجوده ڊائريڪٽر تعليم جي مهرباني سان هن سال ڏهين ڪلاس جي اجازت ورتي آهي. ان لاءِ عرض آهي تہ هتي گرلس هاءِ اسڪول منظور ڪيو وڃي ۽ پڻ اها بہ گذارش ڪجي ٿي تہ عطيہ طور پلاٽ تحويل ۾ ورتو وڃي ورنہ قبضي ٿيڻ جو انديشو آهي.

(8) ڊسٽرڪٽ ڪائونسل حيدرآباد جي ساليانو گرانٽ جيڪا اٽڪل ڏھ هزار هن اسڪول کي ملندي هئي سا پوري طرح ڪونہ ٿي ملي. ڪڏهن گهٽ تہ ڪڏهن بلڪل نہ. گذريل سال جناب نبي بخش پرڳڙي ايم پي اي جي ڪوشش سان 5 هزار مليا هئا. تنهن لاءِ عرض آهي تہ گرانٽ باقائده وٺرائي ڏني وڃي.

(9) پرائمري اسڪول جي بلڊنگ ناموزون ۽ اڻ پوري آهي. ۽ پڻ اسڪول جي تفريح گاھ تي ناجائز قبضا ڪيا ويا آهن، ان لاءِ عرض آهي تہ اسڪول جي بلڊنگ کي سڌاريو ۽ وڌايو وڃي. ۽ پڻ تفريح گاھ تان قبضا هٽائي ان کي دوباره تعمير ڪرايو وڃي.

(10) مير صاحب جي نالي تي قائم ٿيندڙ لائبريري ۽ مطالع گاھ لاءِ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٽائون ڪاميٽي طرفان ساليانو گرانٽ ڏياري وڃي. اميد تہ اسان جي ڪيل جائز گهرن لاءِ بالا حڪام، صاحب حيثيت ۽ پهچ وارا صاحب دل و جان سان ڪوشش ڪندا. جيئن مير صاحب جو هي عظيم ادارو اوچي ڳاٽ رهي.

آئون جناب ايچ-ايم- خواجہ صاحب جو تهدل سان شڪر گذار آهيان جو صاحب پنهنجو قيمتي وقت سيڙائي هن ورسي ۾ شريڪ ٿيو

آهي. آئون ڊي سي صاحب بدين جو بہ شڪريو ادا ڪريان ٿو. جيڪو صاحب ايڏي دلچسپي وٺي اسان جي دعوت تي هتي تشريف فرما ٿيو آهي. آئون ڊائريڪٽر صاحب تعليم جو ممنون آهيان. آئون جناب مير نياز حسين جو بہ شڪريو ادا ڪريان ٿو. جيڪو صاحب هر وقت اسان سان تعاون ڪندو رهيو آهي.

⌘

# سپاس نامون 2017ع

چا تہ ھو سخي ماڻھو ھو ڏئي تعليم جو ويو زيور
آھي ھر ڪنھن زبان تي مير صاحب جو ذڪر.

جناب صدر

چيئرمين ٽائون ڪميٽي ٽنڊو باگو۔ خان صاحب جمالي صاحب

وائيس چيئرمين:۔ مير ڪاشف حُسين ٽالپر صاحب

پرنسپل ميرغلام محمد خان ٽالپر ھائير سيڪينڊري اسڪول:۔ عبدالعزيز خواجہ صاحب

مير صاحب جي خاندان جا چشم چراغ ۽ ٽنڊو باگو شھر جي اھم شخصيت مير محمد حسن حاجن صاحب

مختلف ادارن جا سربراھ ۔ معزز مھمان، استادن صاحبان ۔ شھر واسيو ۽ پري کان گھي آيل دوستو ۽ ھن اسڪول جا شاگردو.......... (اسلام عليڪم)

لاڙ جي ابي ۽ سنڌ جي محسن خان بھادر مير غلام محمد خان ٽالپر جي 85 ھين ورسي جي موقعي تي ھن عظيم درسگاھ ۾ اچڻ تي اولڊ بوائز ايسوسيئيشن مير غلام محمد خان ٽالپر جي طرفان ڀليڪار چئون ٿا.

تاريخ تي جڏھن نظر ڦيرائينداسين تہ ھڪڙو اھڙو دور جنھن ۾ جھالت جو راڪاس رقص ڪري رھيو ھو ھر طرف اونده ھئي، ھر طرف غلامين جا طوق انسانن جي ڳلي ۾ ھئا. اُن اھڙي دور ۾ ھڪ مرد قلندر پيدا ٿيو جنھن ٽنڊي باگي تہ ڇا پر سموري سنڌ ۾ شعور جي نور جا نظرانا ڪيا.

اج کان 98 سال پھرين ھن سنڌ ۽ لاڙ جي محسن ھي عظيم درسگاھ پنھنجي ذاتي خرچ مان جوڙائي ۽ شاگردن لاءِ ھاسٽل نھرائي ۽ سنڌن کاڌ خوراڪ جو پڻ بندوبست ڪيو. ھن درسگاھ مان ھزارين شاگرد علم جي روشني سان منور ٿيا. انھي کانسواءِ مير صاحب جا ٻيا بہ ڪيترائي ڀلائي جا ڪم جھڙوڪ:۔

- نياڻين جي تعليم لاء الڳ اسڪول کولڻ.
- ڀهراڙي ۾ پرائمري اسڪول کولڻ
- ديني مدرسن جي مالي مدد ڪرڻ.
- اعليٰ تعليم لاءِ شاگردن کي ٻاهر موڪلڻ.
- بيواهہ ۽ يتيمن کي وظيفا ڏيڻ.
- گشتي دواخانہ قائم ڪرڻ.
- زناني اسپتال ۽ ميٽرنيٽي هوم ٺهرائڻ.

سندن عظيم ڪارنامن مان ٽنڊي باگي جي تاريخ ۾ مير صاحب مسافرن جي سهولر لاءِ هڪ عاليشان مسافر خانو پڻ ٺهرايو جيڪو هن وقت ڦتل حالت ۾ بس اسٽاپ وٽ موجود آهي. سندس فڪر سوچ ۽ فلسفو ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي هنن سٽن ۾ اڄ بہ زنده آهي.

موت نہ توکي ماري سگهندو.

توئي تہ موت کي ماريو آ. (آڪاش انصاري)

جناب صدر:۔ ڊاڪٽر محمود مغل صاحب

اسين توهانجا انتهائي مشڪور آهيون جو توهان پنهنجي مصروف ۽ قيمتي وقت مان ڪجهہ پل ڪڍي هن پروگرام ۾ شرڪت ڪئي.

چئيرمين صاحب:۔ خان صاحب جمالي صاحب

اسان اوهانجا انتهائي شڪر گذار آهيون جو توهان بہ اسان جي سڏ تي هن درسگاهہ ۾ اسان سان گڏ آهيو.

منهنجي شهر جا معزز شهر واسيو ۽ پري کان آيل منهنجا پيارا دوستو، اسين توهان جا بہ ٿورائتا آهيون،

اولڊ بوائز ايسوسيئيشن هڪ پراڻي رجسٽر ٿيل تنظيم آهي جنهنجو مقصد مير صاحب جي جوڙايل تاريخي عمارت جو تحفظ ڪرڻ ۽ مير صاحب ڪيل ڪمن کي اڳيان وڌائڻ، جنهن لاءِ اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جا دوست هر دور ۾ هر وقت پيش پيش رهيا آهن.

غريب شاگردن جي مالي مدد ڪرڻ، تعليمي معيار کي بهتر ڪان بهتر ڪرڻ، تعليمي سجاڳي لاءِ سيمينار ڪرائڻ، صحت بابت ڄاڻ ڏيڻ لاءِ سيمينار ڪرائڻ پر خاطر خواه فنڊ نه هجڻ سبب اولڊ بوائز ايسوسيئيشن گهربل ڪاميابي نه ماڻي سگهي آهي. هي عظيم درسگاهه جيڪا مير صاحب پنهنجي ذاتي خرچ مان قائم ڪرائي، هن ۾ ڪيترائي مسئلا موجود آهن جن جو ذڪر تفضيل سان پيش ڪجي ٿو. اسين اميد ٿا ڪريون ته ڄاڻايل مسئلا حل ڪيا ويندا ته جيئن ايندڙ تاريخ ۾ يادگار بنجي سگهن. اسين هڪ دفعو ٻيهر اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جي طرفان هن پروگرام ۾ شريڪ ٿيڻ تي ٿورائتا آهيون جو توهان پروگرام ۾ شريڪ ٿي اسان جو مان مٿاهون ڪيو.

**اولڊ بوائز ايسوسئيشن جي طرفان هيٺيان جائز مطالبا پيش ڪجن ٿا جيڪي دل جي ڪنن سان ٻڌي حل ڪرڻ جي عنايت ڪندا:-**

- هن اسڪول ۾ استادن جي ڪوٽ کي پورو ڪرڻ لاء SNE ڪرائي ڏني وڃي.
- ٻنهي مين گيٽن کان CC بلاڪ روڊ ٺهرائي ڏنو وڃي.
- هن اسڪول جي ساليانه اسڪالرشپ منظور ڪئي وڃي.
- هن اسڪول جو نالو سرڪاري سطح مير غلام محمد خان ٽالپر لکيو ۽ پڙهيو وڃي.
- هن اسڪول جي تاريخي ڊائننگ هال جي نئين سرمرمت ڪرائي وڃي.
- مير غلام محمد خان ٽالپر هائير سيڪينڊري اسڪول کي ڊگري ڪاليج جو درجو ڏنو وڃي.
- هن هاءِ اسڪول ۾ موجود ڪمپيوٽر ليب کي سرڪاري سطح تي فعال ڪيو وڃي.

- ٽائون ڪاميٽي ٽنڊو باگو جي طرفان ۽ شهر جي وس وارن جي طرفان هر سال ڪيترن ئي غريب ۽ مستحق شاگردن کي جيڪي پنهنجون ڪاپيون بہ نٿا وٺي سگهن جيڪي پيرن اگهاڙا تعليم پرائڻ تي مجبور آهن انهن جي مالي سهائتا ڪئي وڃي.
- هن اسڪول جي عمارت ۾ 2260 شاگرد ۽ شاگردياڻيون تعليم حاصل ڪري رهيون آهن جن جي لاءِ صرف 8 باٿ روم استعمال لائق آهن جڏهن تہ 36 باٿرومن جي ضرورت آهي جيڪي ٺهرائي ڏنا وڃن.
- 18 ڊسمبر 2007ع ۾ جسٽس رٽائرڊ عبدالقادر هاليپوٽو صاحب جيڪو ان وقت جو نگران وزيرِاعليٰ سنڌ هو. جنهن بدين ۾ شاهہ قادري جي درگاهہ جي بلڪل سامهون مير غلام محمد خان ٽالپر انجنيئرنگ ڪاليج جو سنگِ بنياد رکيو هو. جڏهن تہ ان جاءِ تي صرف سنگِ بنياد ئي لڳل آهي جيڪو بہ هاڻي ختم ٿي چڪو آهي ۽ ان جاٽايل پلاٽ تي ڪا بہ شي ٺهرايل نہ آهي اسين گورنمينٽ آف سنڌ ۽ سنڌ جي تعليم جي منسٽر کان اهو مطالبو ڪريون ٿا تہ اهو مير غلام محمد خان ٽالپر انجنيئرنگ ڪاليج کي ٽنڊو باگو ۾ شفٽ ڪيو وڃي.
- مونو ٽيڪنڪل ڪاليج جنهن ۾ صرف اليڪٽريڪل شعبو هلي رهيو آهي جڏهن تہ هن ڪاليج کي پولي ٽيڪنيڪل ڪاليج جو درجو ڏئي مختلف شعبا هلايا وڃن.
- مين پرائمري اسڪول جي بلڊنگ جيڪا بلڪل ختم ٿي چڪي آهي اها بلڊنگ نئين سر تعمير ڪري محمد صديق مسافر جو نالو رکيو وڃي.

- گورنمينٽ گرلس اسڪول خواجہ محلہ عمارت ختم ٿيڻ سبب اسڪول کي مير محلہ اسڪول ۾ شفٽ ڪيو ويو آهي جنهن سبب نياڻين کي اچ وڃ ۾ مشڪل پيش اچي ٿي، انهي اسڪول جي عمارت ٺهرائي ڏني وڃي.
- هن اسڪول ۾ ڪمپيوٽر جي ڄاڻ ڏيڻ لاء ڪمپيوٽر ٽيچر جي ڪوٽ کي پورو ڪيو وڃي.
- اولڊ بوائز ايسوسيئيشن کي پنهنجون سرگرميون جاري رکڻ لاءِ گرانٽ منظور ڪئي وڃي تہ جيئن اولڊ بوائز ايسوسيئيشن پنهنجون سرگرميون وڌيڪ جاري رکي سگهي.
- اسان جي ڄاڻايل مطالبن جي حل لاء اسان جا آيل سيٺي معززين پنهنجي ذاتي ڪوشش سان جيترو ٿي سگهي تہ اسان سان سهڪار ڪندا تہ جيئن ايندڙ صبح جي روشن سج جيان ايندڙ نسل اياز جي هنن سٽُن وانگر جديد دور ۾ پنهنجو ڳاٽ اوچو ڪري سگهن.

اجان رُج مان رڙ اچي ٿي اچي ٿي،
متا ائين سمجهين، مُئا مور سارا.
(اياز)

توهان جا سيني جا لک لائق
مهرباني
الله حافظ

⌘

# حصو چوٿون
# اولڊ بوائز ايسوسيئيشن
# جو سفر

# اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جو تعارف

(اولڊ بوائز ايسوسيئيشن مير غلام محمد خان ٽالپر هاءِ اسڪول ٽنڊوباگو)

**- ڪريم بخش پنهور**

جڏهن اسان هندستان جي تاريخ تي ورهاڱي کان اڳ واري زماني تي نظر وجهون ٿا تہ اسان کي پتو پوي ٿو تہ آزاديءَ جي جدوجهد ۾ جتي انگريز سامراج کي شڪست ڏيڻ ۾ بهادر جرنيلن، اڏول انسانن، سرويچن، سورمن ۽ آزاديءَ جي متوالن، غلامي جي زنجيرن کي ٽوڙڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو، اتي انهن تعليمي ماهرن، جهالت سان جنگ جوٽيندڙن، علم جي جوت جلائيندڙن، ابوجهن، مسڪينن ۽ يتيمن جي خوشحاليءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندڙن جي قرباني ۽ جذبي کي پڻ وساري نٿو سگهجي، انهن عزت ۽ احترام لائق هستين مان خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر جو نالو قابلِ تعريف آهي، جنهن پنهنجي تن، من ۽ ڌن کي عام ماڻهن جي ڀلائي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو.

مير صاحب جو اهو نصب العين هو تہ جيستائين جهالت جو خاتمو نہ ٿيندو، جيستائين ماڻهو علم جي نور سان منور نہ ٿيندا، تيستائين ڪا بہ قوم وڏي ويجهي ۽ خوشحال ٿي نہ سگهندي. ڪين غريبن ۽مسڪينن جي سقيم ۽ ابتر حالت ڏسي سخت پيڙا ٿيندي هئي ۽ اها ئي پيڙا هئي جنهن سندس اندر ۾ اڏما جاڳايا ۽ اهي اڏما عمل جو روپ اختيار ڪري ويا ۽ پنهنجي سموري زندگي ڀلائي ۽ نيڪي جي ڪمن ۾ صرف ڪري ڇڏيائون. مير صاحب پنهنجي سموري جائداد ۽ ملڪيت خيراتي ڪمن، جهڙوڪ: اسڪول قائم ڪرڻ، شفاخانا هلائڻ، مسافر خانہ تعمير ڪرائڻ،

نياڻين جا اسڪول کولائڻ ۽ عورتن جي ڀلائي لاءِ ويمر گهر قائم ڪرڻ ۾ صرف ڪئي.

مير هڪ اعليٰ ۽ عظيم انسان هو. مير جهڙا انسان تاريخ ۾ تمام ٿورڙا ۽ ورلي پيدا ٿيندا، جيڪي هڪ نئين سماج جي پيڙهه رکندا. ان ڪري پنهنجي مقصد جي تڪميل لاءِ هن مرد مجاهد ٽنڊي باگي شهر ۾ سال 1920ع ۾ هڪ عاليشان اسڪول قائم ڪرايو. سندس خواب هو ته هي ادارو علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ وانگر يونيورسٽيءَ جو درجو حاصل ڪري، پر حياتي ساڻس وفا نه ڪئي ۽ مير صاحب 1932ع ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

ڪافي عرصي گذرڻ کانپوءِ، ڪجهه پراڻن شاگردن جو خيال ٿيو ته مير صاحب جي نصب العين کي پايہ تڪميل تي پهچائجي. انهن دوستن پاڻ ۾ صلاح مشورا ڪيا، آخرڪار هو هڪ نتيجي تي پهتا ۽ اهڙيءَ طرح "اولڊ بوائز ائسوسيئيشن" جو بنياد پيو.

1970ع ۾ باقاعده اولڊ بوائز ايسوسيئشن مير غلام محمد خان ٽالپر هاءِ اسڪول ٽنڊوباگو جو اعلان ٿيو جنهن جا هيٺيان اغراض و مقاصد طئي ڪيا ويا.

- مرحوم مير غلام محمد خان ٽالپر کي سنڌ جي سچڻ ۽ گهڻ گهري جي حيثيت ۾ واقف ڪرائڻ ۽ سندس نالو روشن ڪرائڻ.
- اسڪول ۽ هاسٽل جي بهتري ۽ سڌاري لاءِ ڪم ڪرڻ.
- غريب ۽ مستحق شاگردن جي مالي مدد ڪرڻ.
- اسڪول جي بيروزگار شاگردن کي روزگار ونرائي ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ.
- مرحوم مير صاحب جي نالي شهر ٽنڊوباگو ۾ هڪ عاليشان پبلڪ لائبريري ۽ فري ريڊنگ روم کولڻ.
- اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جي قائم ٿيڻ کانپوءِ، ڪيترين ئي چوندبيل باڊيز ڪم ڪيو آهي ۽ تمام گهڻي جدوجهد ڪري، اسڪول ۽ هاسٽل جا ڪيترائي مسئلا حل ڪرايا آهن ۽

پنھنجي پنھنجي وقت ۾ وس آھر ڪوششون ونيون مير صاحب جي مقصد سان سچائيءَ جو ثبوت ڏنو آھي.

موجوده باڊي 28 اپريل 1940ع تي ٿيندڙ باقاعده اليڪشن ۾ ووٽن جو وڏو انگ حاصل ڪري ڪاميابي حاصل ڪئي. جنھن ۾ ھيٺيان عھديدار چونڊيا ويا.

1. ڪريم بخش پنھور (صدر)
2. دولت. ايم (وڪيل) (نائب صدر)
3. آفتاب عالم کتري (جنرل سيڪريٽري)
4. شامون مل لوھاڻہ (جوائنٽ سيڪريٽري)
5. جاويد اسلم ميمڻ (خزانچي)

## ميمبر ايگزيڪيوٽو ڪميٽي

6. سڪندر اعظم قاضي
7. شاھد احمد رستماڻي
8. غلام مصطفيٰ ميمڻ
9. بشير احمد خاصخيلي
10. امتياز احمد پرھڙي
11. عبدالسميع قمبراڻي

- موجوده باڊي اليڪشن کٽڻ ڪانپوءِ انتھائي جانفشاني ۽ لگن سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو آھي ۽ ڏينھن رات اسڪول، ھاسٽل ۽ ايسوسيئيشن جي ڀلائي ۽ واڌاري لاءِ پاڻ پتوڙي رھي آھي تہ جيئن مير صاحب جي خواب کي تڪميل تي پھچائڻ لاءِ وڌ کان وڌ ڪوشش ڪجي. موجوده چونڊيل عھديدارن ھيٺيان ڪم ترت ھٿ ۾ کنيا آھن ۽ آئنده لاءِ پڻ لائحہ عمل طئي ڪري رھيا آھن.

- خانبهار مير غلام محمد خان ٽالپر جي نالي تي لاڙ ۾ ”لاڙ يونيورسٽي“ قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون.
- سنڌ گورنمينٽ طرفان منظور ڪيل گرلس ڪاليج کي ترت قائم ڪرائڻ ۽ باقاعده هلائڻ لاءِ ڪوششون ورتيون.
- مير صاحب جي نالي تي هلندڙ لائبريري ۽ فري ريڊنگ روم لاءِ هڪ بهترين ۽ عاليشان عمارت تعمير ڪرائڻ، جنهن لاءِ مير صاحب جو ٺهرايل مسافر خانو پراڻي ڪورٽ بلڊنگ، جناب ڊپٽي ڪمشنر بدين محترم عبدالسبحان ميمڻ طرفان الاٽ ڪري ڏني وئي آهي، ان لاءِ ڪوشش وٺي بهترين لائبريري ٺهرائڻ ۽ لائبريري لاءِ نوان ڪتاب گڏ ڪرڻ ۽ غريب شاگردن لاءِ بڪ بئنڪ قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون.
- سنڌ گورنمينٽ طرفان منظور ڪيل مونو ٽيڪنيڪل اداري جي تعمير لاءِ ڪوششون وٺي جلد از جلد تعمير ڪرائڻ.
- ڊپٽي ڪمشنر بدين طرفان 100 ايڪڙ زمين ڏيڻ واري واعدي کي پورو ڪرائي، زمين اسڪول ۽ هاسٽل جي نالي ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ورتيون. ان کان علاوه 12 فيبروري 1995 تي ڊپٽي ڪمشنر بدين طرفان اعلان ڪيل 5 لک روپين جي خصوصي گرانٽ مان رهيل 4 لک روپين جي رقم وصول ڪري اسڪول ۽ هاسٽل جي مرمت جو ڪم شروع ڪرائڻ.
- اولڊ بوائز ايسوسيئيشن هيستائين اسڪول ۽ هاسٽل تائين محدود هئي، جڏهن تہ مير صاحب زندگي جي هر شعبي ۾ خيراتي ڪم ڪرايا ۽ انساني همدردي جا اعليٰ نمونا قائم ڪيا. ان ڪري انهن مقصدن کي وڌيڪ ترقي ڏيارڻ لاءِ، موجوده باڊي، ايسوسيئيشن جو دائرو وڌائڻ جو فيصلو ڪيو آهي تہ جيئن هتي جي ڏکويل انسانيت جي هر شعبي جهڙوڪ: سماجي، معاشي، صحت ۽ بيروزگاري جي ميدانن ۾ خدمت ڪري سگهجي.

- جيتوڻيڪ ايسوسيئيشن وٽ آمدني جا بلڪل محدود ذريعا آهن تنهن هوندي به ايسوسيئيشن جاعهديدار ۽ ميمبر رات ڏينهن محنت ۽ مشقت ڪري فنڊز جمع ڪرڻ ۾ مصروف آهن. هن عظيم مقصد ۾ ٽنڊي باگي شهر جي رهواسين، صحافي، مخير حضرات، واپارين ۽ ضلع جي مختلف آفيسرن جو تعاون برابر ايسوسيئيشن سان شامل حال آهي.
- ٿوري عرصي ۾ ايسوسيئيشن جي موجوده باڊي جيڪي ڪجھ ڪيو آهي، اهو دوستن جي اڳيان آهي. اسان جيڪي ڪجھ ڪيو آهي ان ۾ ڪنهن به هڪ جو حصو ڪونهي. انهيءَ ۾ سيني دوستن جو حصو آهي، انهي ۾ جتي پراڻن شاگردن جي محنت آهي، اتي انهن ٻين رفيقن ۽ ساٿين جو تعاون به شامل آهي، جيڪي جيتوڻيڪ اسان جي اسڪول جا پراڻا شاگرد نه آهن، تنهن هوندي به انهن سيني پراڻن شاگردن، ٽنڊي باگي جي شهرين ۽ ٻين مددگارن، گهٽگهرن، دوستن ۽ سڄڻن جي ٿورائتي آهي، جن صاحبن ايسوسيئيشن سان هر وقت سڏ ۾ سڏ ملايو آهي ۽ وقت سر مالي ۽ ٻي هر ڪا مدد پئي ڪئي آهي. ايسوسيئيشن نوجوان ليڪچرر مسٽر ضرار رستماڻي ۽ سليمان سمون جي ٿورائتي آهي، جن صاحبن هي ڪتابچو شايع ڪرائڻ ۾ اسان جي تمام گهڻي مدد ڪئي آهي.

## اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جا اغراض و مقاصد

1 ـ مرحوم مير غلام محمد خان ٽالپر کي سنڌ جو سڄڻ ۽ گهٽگهري جي حيثيت ۾ واقف ڪرائڻ ۽ سندس نالو روشن ڪرڻ.

2 ـ اسڪول ۽ هاسٽل جي بهتري ۽ سڌاري لاءِ ڪم ڪرڻ.

3 ـ غريب ۽ مستحق شاگردن جي مالي مدد ڪرڻ.

4۔ اسڪول جي بيروزگار شاگردن کي روزگار وٺائي ڏيڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

5۔ مرحوم مير صاحب جي شهر ٽنڊو باگو ۾ عاليشان پبلڪ لئبريري ۽ فري ريڊنگ روم کولڻ.

## خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر لائبريري ۽ فري ريڊنگ روم ٽنڊوباگو جا مستقل سهڪاري

لائبريري جي لاءِ ڪمرو ڊونيٽ ڪندڙ: شمس الدين خواجه

| | |
|---|---|
| 1. روزنامه “ڊان” ڪراچي | لائبريري روم |
| 2. روزنامه “جنگ” ڪراچي | ڊاڪٽر ذوالفقار علي خواجه |
| 3. روزنامه “عبرت” حيدرآباد | ڊالو مل موتي وڪيل |
| 4. روزنامه “هلال پاڪستان” حيدرآباد | فتح محمد ملاح |
| 5. روزنامه “جاڳو” ڪراچي | جهامنداس لوهاڻو |
| 6. روزنامه “عوامي آواز” ڪراچي | امتياز علي خواجه |
| 7. روزنامه “سرواڻ” حيدرآباد | ربڏنو خاصخيلي “راهي” |
| 8. روزنامه “آفتاب” حيدرآباد | سيٺ ڪرشن ڪمار لوهاڻو |
| 9. روزنامه “ڪاوش” حيدرآباد | امتياز علي خواجه |
| 10. روزنامه “برسات” ڪراچي | منور احمد ڪتري |
| 11. روزنامه “پڪار” ڪراچي | محمد سليمان جروار |
| 12. روزنامه “سنڌ ٽربيون” ڪراچي | سيٺ شفقت خواجه |
| 13. روزنامه “حق جو هوڪو” ڪراچي | امتياز احمد سمون |
| 14. پندرنهن روزه “عبرت مئگزين” حيدرآباد | ويرو مل موتي |
| 15. پندرنهن روزه “فيملي مئگزين” حيدرآباد | غلام اڪبر خواجه |
| 16. ماهوار سوجهرو رسالو | فراق هاليپوٽو |

# اولڊ بوائز ايسوسيئيشن
## مير غلام محمد خان ٽالپر هاءِ اسڪول جو ابتدائي احوال

**- اي.ايم.عباسي**

سر زمين سنڌ جي چند پراڻين درسگاهن مان لاڙ جي پسمانده علائقي جو هي هڪ پراڻو درسگاه 1921ع ۾ وجود ۾ آيو. هن اسڪول جو باني مرحوم خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر باگائي ميرن جي خاندان جو چشم و چراغ هو. مرحوم کي لاڙ جو ابو ۽ محسنِ لاڙ جي نالن سان سڏيو ويندو تہ بہ درست ٿيندو. هن عظيم ۽ عالي وقار شخصيت پنهنجي دانائي وارين دور رس نگاهن سان جيڪي لافاني ۽ بي لوث خدمتون ۽ قربانيون ڏنيون آهن, انهن کي ڏسندي ميڄڻو پوندو تہ هن مرد مجاهد جي ذات ڪنهن بہ تعارف جي محتاج نہ آهي. مرحوم مير صاحب جي ڪارنامن جا يادگار, هاءِ اسڪول, گبسن هاسٽل, پرائمري, بوائز ۽ گرلس اسڪول, زنانا ۽ مردانا اسپتالون, مسافر خانا ۽ گبسن بورڊنگ هائوس, جيڪي سڀ پنهنجي خرچ تي ٺهرايا هئائين, اڄ بہ ٽنڊوباگو ۾ موجود آهن. نہ فقط ايترو پر غريب شاگردن کي مفت ڪاڏي ملڻ ۽ اسڪول جي بنان رنڊڪ جي هلڻ لاءِ اٽڪل 387000 روپيين جيتري رقم انگريزي سرڪار وٽ چيريٽيبل انڊومينٽز فنڊ ۾ امانت رکي ويو جنهنجي وياج مان اسڪول هلي ٿو ۽ غريب شاگردن جي رهائش ۽ ماني جو خرچ نڪري ٿو. هتي جي مفلس ۽ اڻوجهہ عوام کي علم جي زيور سان آراستہ ڪرڻ وارو هي انسانيت جو علمبردار برصغير هند و پاڪ جي تاريخ ۾ لافاني ۽ نمايان حيثيت جو مالڪ آهي ۽ رهندو.

آئون پنهنجي مضمون کي مختصر ڪندي مقصد ڏانهن موٽڻ کان اڳ ياد ڏيارڻ چاهيان ٿو تہ هي سنڌ جو سڄڻ, پنهنجي سمورن نامڪمل سپنن سميت اسان کان 1932ع ۾ هميشہ لاءِ الوداع چئي دارالبقا ڏانهن

هليو ويو. هن هاءِ اسڪول جو ڪنٽرول 1940ع ۾ حڪومت پنهنجي حوالي ڪيو ۽ هاسٽل ۾ رهندڙ شاگردن جو خرچ اڄ تائين مرحوم مير صاحب جي رکيل مخصوص رقم جي وياج مان هلندو پيو اچي.

سن 1956ع ۾ مون ميٽرڪ پاس ڪرڻ بعد فيبروري 1957ع کان هن اسڪول ۾ ملازمت اختيار ڪئي. انهي وقت جي هيڊ ماستر، مسٽر ڪريم بخش بلوچ بابت ٻڌم تہ هن اسڪول ۽ هاسٽل جي رقم مان اٽڪل 50000 رپين جو ڏاڙو هنيو آهي، تڏهن ڏاڍو افسوس ٿيم ۽ آخرڪار پنهنجي چند دوستن جن ۾ مرحوم آدم کتري جيڪو ساڳئي وقت، مون سان گڏ هن اسڪول ۾ ملازم بہ هو سان خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي رهي. آخرڪار اسان اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جي اهميت کي محسوس ڪندي مرحوم مير صاحب جي نالي پنيان شهر ۾ هڪ ننڍي لئبريري قائم ڪئي. جيئن تہ اسان جي مالي حالت ڪمزور هئي تنهنڪري اولڊ بوائز ايسوسيئيشن قائم ڪرڻ واري خيال ڏانهن هڪدم اڳتي وڌڻ بجاءِ الٽو لئبرري بند ڪرڻي پئي.

جيتو ٽيڪ 1962ع تائين ساڳئي مهم کي مختلف نمونن ذريعي آزمايو ويو پر اسان لاءِ حالتون بدستور سازگار نہ رهيون. سال جي آخري عرصي دوران مرحوم آدم هارون کتري کي ترقي ملي جيڪو بطور ليڪچرار سائنس ڪاليج ٺٽي ۾ مقرر ٿيو ۽ مونکي ترقي ملڻ تي حيدرآباد لاءِ تنبڊياگو کي خير آباد چوڻو پئجي ويو.

1963ع جي شروعات ۾ اسانجي چند پراڻن شاگردن تي مشتمل هي محدود اولڊ بوائز ايسوسيئيشن پنهنجي مخلص ۽ بنيادي ڪارڪن آدم کتري کان محروم ٿي ويئي. هن هاءِ اسڪول جي پراڻن شاگردن طرف اسڪول جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ممڪن آهي تہ ڪن پاڻ پتوڙيو هجي جن جي مونکي وڌيڪ خبر ڪانهي. مون 1957 کان پوءِ جڏهن سائين اي- ايم چٽا صاحب هيڊ ماستر هو تہ مسٽر علي احمد پاٽولي بابت اسڪول سان وابستہ معاملات ۾ گهري دلچسپي ۽ جفاڪشي بابت ٻڌو هوم. دوست کان وڌيڪ معلوم ٿيم تہ پاٽولي صاحب بہ مون وانگر ساڳيو جنون رکندو

ھو. مون پنھنجي لائحہ عمل جو دائرو پھرين فقط مقامي دوستن جي تعاون تائين محدود ڪندي، پروگرام تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو. انهي ۾ ڪاميابي جو يقين مونکي انهي ڏينهن محسوس ٿيو جڏهن اسين اٽڪل 30_35 پراڻا شاگرد دوست گڏجي هڪ غريب شيدي، ميانجي ڦوٽي جي گھر عذر خواهي لاءِ ويا هئاسون. هن حوصلي ۽ همت افزائي، منهنجي ارادن ۽ عزم کي تقويت بخشي. مونکي منزل مقصود ويجهي هئڻ جو پورو يقين ٿي ويو.

وقت جي ستم ظريفين، هن پراڻي درسگاھ کي ڪاليج بنجڻ بجاءِ پنهنجي اسڪولي حيثيت ۾ ڏسڻ جا ارادا پختا ڪندي، مرحوم مير صاحب کي سندس ديرينہ خواهش جي تڪميل ڪان اڳ اسان ڪان ڏارڪري ڇڏيو هو. هاڻي اسان پراڻن شاگردن تي لازم هو تہ اسين سندس روح کي تسڪين پهچائڻ خاطر اسڪول ۽ هاسٽل جي بهتري ۽ سڌاري لاءِ ڪم ڪريون.

مون هڪ دفعو مقامي دوستن کي، گڏ ڪرڻ جي جرئت ڪئي تاريخ 4 جون 1970ع تي اسان جي پھرين ميٽنگ مدراسي هوٽل لڳ مسافر خانو شهر ٽنڊو باگو ۾ ٿي، جنهن ۾ مون سميت ڪل نون پراڻن شاگردن پڻ شرڪت ڪئي..... پھرين ميٽنگ ۾ هن تنظيم جو نالو اولڊ بوائز ايسوسيئيشن مير غلام محمد خان ٽالپر هاءِ اسڪول يڪراءِ بحال ڪيو ويو. مون بحيثيت چيئرمين ائڊهاڪ ڪاميٽي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ هيٺين دوستن کي شروعاتي ورڪنگ ڪاميٽي تي بطور ميمبر چونڊيو ويو. (1) مسٽر ڏالو مل موتي (2) مسٽر علي محمد ڪتري (3) مسٽر محمد شريف ڀهلاني (4) مسٽر محمد حسن ميمڻ (5) مير زاهد احمد (6) مسٽر رسول بخش همير خواجہ. اهڙي طرح هن اولڊ بوائز ايسوسيئيشن کي ترقي ڏانهن وڌائڻ جو سلسلو درجي بہ درجي جاري رهيو. ميٽينگون ڪڏهن اوطاقن ۾، تہ ڪڏهن هوٽلن ۾ ۽ وري ڪڏهن ٽائون ڪميٽي هال ۾ سڏايون ويندون هيون. ميمبرن جي تعداد وڌائڻ لاءِ اخبارن ۾ اشتهارن ڪان ڪم وٺندي پراڻن شاگردن کي مرحوم مير صاحب جي ورسي ۾ شامل ٿيڻ جي

استدعا ڪئي ويندي هئي. آخرڪار 1973ع ۾ اولڊ بوائز ايسوسيئيشن طرفان مرحوم مير صاحب جي ورسي ننڍي پيماني تي باقائدي پهريون دفعو ملهائي ويئي. انهي بعد جلد هڪ تقريب تاريخ 15.4.73 تي ٿي جنهن جي صدارت لاءِ مرحوم مير ولي محمد ٽالپر کي عرض ڪيو ويو. جنهن صاحب شرڪت فرمائي. ساڳئي وقت هن ميٽينگ ۾ ايسوسيئيشن کي چندو بطور امداد به مليو. هن تقريب جي موقعي تي اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جا هيٺيان اغراض و مقاصد چيئرمين ائڊهاڪ ڪاميٽي پڙهي ٻڌايا جيڪي هن طرح هئا.

(1) مرحوم مير غلام محمد خان ٽالپر کي سنڌ جي سچڻ ۽ گهٽگهري جي حيثيت ۾ واقف ڪرائڻ ۽ سندس نالو روشن ڪرڻ.

(2) اسڪول ۽ هاسٽل جي بهتري ۽ سڌاري لاءِ ڪم ڪرڻ.

(3) غريب ۽ مستحق شاگرد جي مالي مدد ڪرڻ.

(4) اسڪول جي بي روزگار شاگردن کي روزگار وٺائي ڏيڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

(5) مرحوم مير صاحب جي نالي تي شهر ۾ عاليشان پبلڪ لئبرري ۽ فري ريڊنگ روم کولڻ.

هن دفعي واري ورسي جي تقريب ۾ ڪافي پراڻا شاگرد شامل ٿيا هئا، جن کي باقاعدي ميمبر جي حيثيت سان ايسوسيئيشن ۾ کنيو ويو ۽ سيني پراڻن شاگردن ايسوسيئيشن جي مقاصد جي حصول لاءِ ڀرپور تعاون جو واعدو ڪيو. هاڻي پراڻن شاگردن جي هن جماعت جو ننڍڙو قافلو دوستن طرفان ٿيندڙ حمايت، تعاون ۽ آجيان جي مدِ نظر منزل جي طرفان وڌندو رهيو.

12 فيبروري 1974ع واري مرحوم صاحب جي ورسي جي موقعي تي ايسوسيئيشن جي ڪارڪردگي واري ساليانې رپورٽ پيش ڪندي ڪيل ڪمن بابت ٻڌايو ويو ته: سال 1974 کان مرحوم مير صاحب جي مزار مٿان چوڪنڊي تعمير ڪرائي ويئي آهي. ٽنڊوباگو شهر جي مکيه رستن جا نالا، هرهڪ مير غلام محمد خان ٽالپر روڊ ۽ مسافر روڊ رکيا ويا آهن ۽ انهن جي نالن جا پٽر سيمينٽ بلاڪ سان لڳايا ويا آهن. (3) سال 1974 جو

ڪيلينڊر ھاڻ اسڪول ۾ مير صاحب جي تصوير سان شايع ڪيو ويو آھي. (4) گرلس مڊل اسڪول ٽنڊو باگو ۾ ميٽرڪ جا ڪلاس جاري ڪرايا ويا آھن.

جيئن تہ تاريخ 12 فيبروري 1974 تي اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جون نيون چونڊون ٿي رهيون هيون. مون پنهنجي دوستن کي هٿ ۾ ڪنيل نيڪ مقصد لاءِ نهايت دلچسپي سان ڪم ڪندو ڏسي، هر وقت تعاون جو واعدو ڪري، اجازت وٺي بحيثيت ميمبر، خدمت ڪندو رهڻ لاءِ يقين ڏنو.

آئون هن اسڪول مان مستفيض ٿيل سيني پراڻن شاگردن کي عموماً ۽ اعليٰ عهدن تي فائز دوستن کي خصوصاً اها اپيل ڪندس تہ مرحوم مير صاحب جنهن پنهنجي زندگي ۾ اوهانکي پنهنجو اولاد سمجهي، پوري خلوص سان، هڪ شفيق پيءُ جي حيثيت ۾ خدمت ڪئي ۽ توهان کي موجوده عزت ۽ اعزاز جي قابل بنائڻ لاءِ، ڇا ڇا نہ ڪيو آهي؟ سندس اڌوري خواب جي تڪميل ٿيندو نہ ڏسي سندس تشنہ روح جڏهن هن اسڪول جي در و ديوار جي ڪسمپرسي واري حالت ڏسندو هوندو تہ ڇا سوچيندو هوندو؟. مونکي اميد آهي تہ منهنجا، دوست پنهنجي پراڻي اسڪول کي درپيش مسائل طرف متوجہ ٿي پنهنجي مڪمل اتحاد ۽ محبت جو عملي ثبوت ڏيئي، مرحوم مير صاحب جي روح کي تسڪين پهچائڻ لاءِ ميدان عمل ۾ ايندا، ۽ مير جي نصب العين کي پايہ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ جدوجهد ڪندا.

آئون آخر ۾ انهن سيني دوستن جو شڪر گذار آهيان، جن هن مقدس مقصد واري ڪارج ۾ پاڻ ملهايو. آئون خاص طور تي استاد محترم قاضي قمرالدين جو شڪر گذار آهيان، جنهن منهنجي وقت سر رهنمائي پئي ڪئي آهي.

⌘

# اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جو پوءِ وارو احوال

**- موروائي نٿو مل**

مرحوم مير صاحب جي وفات ڪري لاڙ يتيم ٿي ويو. شاگردن مٿان پدري شفقت جو هٿ ڪڇي ويو. هن خطي ۾ تعليمي ميدان ۾ اٿيل طوفان، في الحال مانو ٿي ويو. پر جيئن تہ بيراڳين جون باهيون اجهاڻيون ناهن. سوال صرف اهو آهي تہ وارث صالح هجن ۽ صحيح رکوالي ڪري سگهن. پڄاڻ ۾ اچي ٿو تہ ان باغ جي ڪن رکوالن کي رکوالي جو خيال جاڳيو. شايد اهو 1940ع جو مقدس سال هو جنهن ۾ هن اسڪول مان فيضياب ٿيل ڪن شاگردن ڪنهن حد تائين اولڊ بوائز ايسوسيئيشن برپا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ورتي. ان جو روح روان جناب محمد حسين ترڪ، سابق رجسٽرار سنڌ يونيورسٽي هو. ان ايسوسيئيشن جو ڇا ٿيو، وڌيڪ معلوم نہ ٿي سگهيو. ان سلسي ۾ وڌيڪ ڪوششون جيڪي درجي بدرجي ٿينديون آيون آهن، انهن جو سهرو ڊاڪٽر يعقوب مغل، مرحوم آدم کتري، ايڊوڪيٽ علي احمد پاتولي، پيار علي خواجہ، محترم الهڏنہ عباسي ۽ ٻين جي سر سونهي ٿو. ايسوسيئيشن جو صحيح بنياد 4 جون 1970ع تي پيو، جڏهن ڪم هلائڻ لاءِ ايڊهاڪ ڪاميٽي چونڊجي آئي. جئن تہ منهنجي مضمون جو واسطو ايڊهاڪ ڪاميٽي جي برخواست ٿيڻ ۽ ايگزيڪيوٽو باڊي جي چونڊجڻ ڪانپوءِ سان آهي. تنهنڪري انهي ڳالهہ کي اتي ڇڏيندي پنهنجي مقصد طرف اچان ٿو.

(ايڊهاڪ ڪاميٽي جي مڪمل ڪارگذاري جي ڄاڻ لاءِ محترم اي.ايم.عباسي جي مضمون جو مطالعو ڪندا.)

ايڊھاڪ ڪاميٽي 6 جنوري 1974 تي آئين مڪمل ڪيو جنھن تحت 12 فيبروري 1974 تي پھرين ايگزيڪيوٽو باڊي جي چونڊ ٿيڻي ھئي. جنھن جون ذميداريون مسٽر قمرالدين قاضي جي حوالي ڪيون ويون جيڪو صاحب اسڪول جو ھيڊ ماسٽر ھئڻ ڪري خود بخود ايگزيڪيوٽو باڊي جو ميمبر ٿي ويو. 2 فيبروري فارمن ڀرڻ جي آخري تاريخ ھئي. مٿان 12 فيبروري ويجھي ھئي. ان لاءِ زور شور سان تياريون شروع ٿيون. اخبارن، پوسٽورن ۽ ريڊئي رستي ورسي جو اطلاع، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڏنو ويو. ڪئلينڊر پڻ اسڪول ۽ مير صاحب جي فوٽو سان ڇپرائي ڀڏرو ڪيو ويو. 11 فيبروري کان اسٽيج جو ڪم شروع ٿيو. ويھڻ جو انتظام ڊائننگ ھال ۾ ڪيو ويو. ھن ڏس ۾ محترم علي نواز روستماڻي نمايان ڪم ڪيو. 12 فيبروري تي صبح کان ماڻھو اچڻ ٿيا. ھيل تائين ملھايل ورسين ۾ ھي پھرين ورسي ھئي جنھن ۾ ھيتري تعداد ۾ ماڻھو اچڻ شروع ٿيا ھئا. مير جي مزار تان حاضري ڏيئي سڌو ڊائننگ ھال پھتاسين. ڪاروائي قرآن پاڪ جي تلاوت سان شروع ٿي، ماڻھو اجان بہ اچي رھيا ھئا. اندر تر ڇنڊڻ جي بہ جاءِ ڪانہ ھئي. مير نور حسين خان صدارت ڪري رھيو ھو ۽ مھمان خصوصي جناب نبي بخش ڀرڳڙي ايم.پي.اي ھو. پوري ماحول تي سناٽو ڇانيل ھو ويتر شاگردن، اديبن، شاعرن ۽ علم دوست حضراتن جي تقريرن ۽ شعرن ماحول کي اجا بہ غمزده ڪري ڇڏيو. وسريل ورق دھرايا ويا. ايئن پئي محسوس ٿيو ڄڻ لاڙ جي ابي 42 سال اڳ نہ بلڪ اڄ فاني دنيا کي الوداع ڪيو آھي. سيني عھد ڪيو تہ مير جا شمع روشن ڪئي آھي انکي اجھامڻ نہ ڏنو ويندو. ھن ورسي ۾ ڊالو مل موتي جنرل سيڪريٽري ائڊھاڪ ڪاميٽي ڇئن سالن جي ڪاڪردگي تي تفصيل سان روشني وڌي. ان کان پوءِ اسٽيج سيڪريٽري راقم الحروف انھن عھديدارن جا نالا ظاھر ڪيا جيڪي ايگزيڪيوٽو باڊي تي چونڊجي آيا. سڀ عھديدار بنان مقابلي چونڊجي آيا.

(1) خواجہ پيارعلي. صدر

(2) ڊالو مل موتي جنرل سيڪريٽري

(3) محمد حسن ميمڻ نائب صدر

(4) نٿو مل موروواڻي جوائنٽ سيڪريٽري

(5) علي محمد ڪتري خزاچي

(6) علي نواز رستماڻي ميمبر

(7) محمد اقبال ميمبر

(8) پون داس جي راماڻي ميمبر

(9) غلام مصطفيٰ ميمڻ ميمبر

(10) الهر ڪيو ميمڻ ميمبر

(11) محمد طالب لوهار ميمبر

مهمان خصوصي چونڊيل عهديدارن کي بيج هنيا ۽ ڪائنن قسم کڻايا. عهديدارن عزم ڪيو تہ هو ڪنيل مقصد کي پايہ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ هر ممڪن جدوجهد ڪندا. آيل دوستن کي مير جي ماني کارائي ويئي ۽ اهڙي طرح هي پروقار تقريب اختتام تي پهتي.

وقت بہ وقت ايگزيڪيوٽو باڊي جا ميمبر ۽ عهديدار پاڻ ۾ ملندا رهيا. ائسوسئيشن جي واڌاري ۽ هٿ ۾ ڪنيل مقدس مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ مشورا ڏيندا رهيا. هن ڏس ۾ سڀ کان اڳ انهن ڪمن کي هٿ ۾ ڪنيو ويو جن جي شروعات اڳ ئي ٿي چڪي هئي. ائسوسئيشن کي رجسٽر ڪرائڻ لاءِ اپاءُ ورتا ويا ۽ ائسوسئيشن کي رجسٽر ڪرايو ويو. جن صاحبن هن ڪم ۾ موڪيو انهن ۾ نمايان نالا جناب قمرالدين قاضي ۽ پيار علي خواجہ صاحب جا ڳڻي سگهجن ٿا. استادن جي ڪوٽ ۽ مقامي استادن کي آڻڻ لاءِ موثر اپاءُ ورتا ويا. هن ڏس ۾ ڊائريڪٽر تعليم ۽ وزير تعليم جناب پيار علي الانہ سان مختلف وقتن تي ملاقاتون ڪري سندن ڌيان تعليمي مسئلن ڏانهن ڇڪايو ويو. انهن ڪوشش جو اهو نتيجو نڪتو جو ڊائريڪٽر تعليم جناب حبيب الله ميمڻ پاڻ روبرو اچي حالتن جو جائزو ورتو. هنن ڪوشش جي نتيجي ۾ اسان گرلس مڊل اسڪول کي ان آفيشلي هاءِ اسڪول منظور ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين ۽ پڻ مقامي استادن هڪ محترم الهڏنہ عباسي کي نندي شهر مان بدلي ڪري ٽنڊي باگي هاءِ

اسڪول تي رکيو ويو ۽ پڻ راقم الحروف کي امن آباد مان ٽنڊي باگي هاءِ اسڪول ۾ ڊيپوٽيشن تي رکيو ويو. هن سموري ڪوشش ۾ جن صاحبن پنهنجو پورهيو ڏنو تن ۾ جناب پيار علي خواجہ، ڏالو مل موتي، راقم الحروف، قاضي قمرالدين، ۽ طالب لوهار جا نالا قابل ذڪر آهن. ان ڪانسواءِ ائسوسئيشن ٻين معاملن ۾ بہ خاموش نہ رهي، جهڙوڪ مير صاحب جي زندگي تي ڪتاب شايع ڪرڻ، لائبريري کولڻ، ٽنڊو باگو ۾ ڪاليج قائم ڪرڻ وغيره. انهن ڪمن کي پايہ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ ڪاميٽيون ٺاهيون ويون ليڪن اهي ڪاميٽيون ائسوسئيشن جي ڪم کي بر ثواب ڪري نہ سگهيون. انهي جو سبب يا تہ ڪاميٽي ميمبرن جي خيالن ۾ هڪجهڙائي نہ هئڻ يا تہ ذميواري جي سلسلي ۾ ڪوتاهي سندن ناڪامي جو باعث بني.

12 فيبروري 1975ع بہ مٿان اچي پهتي. ويتر مالي پريشاني بہ پريشان ڪري ڇڏيو. ان وچ ۾ گروناڪ لائبريري بہ ڪن مشڪلاتن سبب بند ٿي چڪي هئي جنهن ڪري ائسوسئيشن لاءِ آفيس جو مسئلو بہ پيدا ٿي چڪو جو اڳي اتي ائسوسئيشن جي آفيس قائم هئي. اسڪول جي هيڊماستر جناب قاضي قمرالدين هن ڏس ۾ ائسوسئيشن جي مدد ڪئي ۽ هاسٽل جو هڪ ڪمرو بطور آفيس جي استعمال لاءِ ڏيئي زنده دلي جو ثبوت ڏنو. مالي مسئلو اجان بہ درپيش هو..... هن ڏس ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ انهي مسئلي جي حل لاءِ ٻاهر جو تفصيلي دورو ڪجي ۽ پڻ هر پراڻي شاگرد کان 10 رپيہ ساليانو چندو وٺي مسئلي کي مانيٽو ڪجي. انهي ڪم لاءِ مسٽر علي محمد ڪتري کي مقرر ڪيو ويو جنهن صاحب تمام وڏي محنت ڪري چندا وصول ڪيا. ٻاهر جي ڪم جو ذمون پيار علي خواجہ ۽ راقم الحروف تي رکيو ويو. اسان پنهنجي مدد لاءِ ٽي شاگرد، غلامي مجتبيٰ قاضي، محمد اسماعيل ميمڻ، سپاف ٽنڊو باگو جو صدر ۽ گلاب راءِ صوفي ساڻ ڪري روانا ٿياسين. جس هجي انهن شاگردن کي جن بکون ۽ اجون ڪاٽيون پر همت نہ هاريائون. سندن بي لوث خدمت جو اسان کي اعتراف آهي. اسان تعاون جي سلسلي ۾ ڏيئي، پنگريو نندو شهر، تلهار بدين، اچ ۽

ٻين شهرواسين جون خدمتون پڻ نتا وساري سگهون جن صاحبن ائسوسئيشن جي مالي مدد ڪري دريا دلي جو مثال پيش ڪيو. جڏهن اسين واپس موٽياسين تہ اسان وٽ پنج هزار روپيہ هٿ ۾ هئا ۽ هاڻي ائسوسئيشن کي ڪوبہ مالي مسئلو درپيش نہ هو. پويان جناب قمرالدين قاضي ۽ جناب علي نواز رستماڻي صاحب ورسي جا انتظام مڪمل ڪري چڪا هئا. ورسي هاڻي بند ڪمري بجاءِ کلي پنڊال ۾ ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. وڏا پوسٽر ڇپرايا ويا. اخبارن رستي سنڌي عوام کي ورسي جو اطلاع ڏنو ويو. آئين جو ڪاپيون سنڌي ۽ انگريزي ۾ ڇپرايون ويون. ڪارڪن وڏي اتساه سان ڪم ڪري رهيا هئا. اسڪول جي احاطي ۾ اسٽيج ٺاهي ويئي، وڏا شاميانا لڳايا ويا. نيٺ تيارين ڪندي، اهو ڏينهن بہ اچي ويو جنهنجو انتظار هو. صبح کان ئي ٻاهرين دوستن، شهرين ۽ شاعرن، اديبن ۽ علم دوست حضراتن جي اچڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو. هن ورسي جي اها خصوصيت هئي جو پراڻا شاگرد جن مير کي اکين ڏٺو هو وڏي وڏي تعداد ۾ آيل هئا. اسڪول جي پراڻي شاگرد ايچ ايم خواجہ جو انتظار هو. بهرحال پوري مدرسي ۾ گهماگهمي هئي. اسڪول جو پراڻو شاگرد نورمحمد خواجہ ٽائيم فوٽو وارو بہ اچي چڪو هو. ايتري ۾ خواجہ صاحب جي ڪار هارون وڃائيندي اسڪول جو گيٽ پار ڪري اندر داخل ٿي. حاضرين خواجہ صاحب سان ملڻ لاءِ اڳتي وڌيا. خواجہ صاحب سڀني سان گلي لائي، ڀاڪر پائي مليو. سڀ اتان مرحوم مير جي مزار تي هليا. عظيم محسن تي گلن جي ورڪا ڪئي ويئي. اتان ٿي قافلو مسافر جي آخري آرامگاه تي پهتو. مسافر جي قبر بہ مسافر وانگر سماج جي بي قدري سبب اجڙيل هئي. حاضري پري اسڪول پهتاسين. جتي خواجہ صاحب اسٽال جو معائنو ڪيو جتي مير صاحب جا فوٽو، آئين جون ڪاپيون، ڪئلينڊر ۽ ائسوسيئشن جا ميمبرشپ فارم رکيل هئا. خواجہ صاحب پاڻ ميمبرشپ فارم ڀريو ڪيس ان ڏينهن جو اخبارون پڻ پيش ڪيون ويون جن ۾ مير جي زندگي تي مضمون شايع ٿيا هئا. ورسي شروع ٿي، صدارت جا فرائض مير صاحب جي خاندان جو چشم و چراغ مير نياز حسين سر انجام

ڏيئي رهيو هو ۽ مهمان خصوصي جي ڪرسي تي خواجہ صاحب براجمان هو. هن ورسي ۾ لاڙ جون ناميارين سياسي شخصيتون آيل هيون. جن ۾ جناب پير علي بهادر شاه، جناب نبي بخش پرڳڙي، جناب سيد مقبول احمد شاه جا نالا قابل ذڪر آهن. ان ڪانسواءِ اخباري نمائندا، فوٽو گرافر، اديب، شاعر جن ۾ جناب منشي ابراهيم، مجذوب لاشاري، غلام احمد بيدم، بشير سيتائي، ڪنول لهاڻو، محمد صديق مرهم، پون سنڌي، چرياڻ خاصخيلي، ميوو خان لاشاري، محمد هاشم خادم ۽ ٻيا علم دوست حضرات وڏي تعداد ۾ آيل هئا. پوري ماحول تي خاموشي طاري هئي. مرحوم مير کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو ويو. هن ورسي ۾ بہ نوان عهد و انجام دهرايا ويا. تعليمي آفيسرن جي سرد مهري ۽ اسڪول جي زبون حالت تي ماتم ڪيو ويو. پراڻن شاگردن جي بيوفائي کي ورجايو ويو. جيڪي هينئر وڏن عهدن تي فائز آهن، پر اسڪول لاءِ ڪجھ نہ ڪيو اٿن. ورسي جي اختتام کان پوءِ مير جي ماني تي ۽ هرڪو پنهنجي ماڳ ڏانهن روانو ٿيو.

ائسوسئيشن طرفان سال 1975ع لاءِ ڪجھ واعدا ڪيا ويا. انهن جي حصول لاءِ وري بہ دستوري ۽ هنگامي ميٽنگون ٿينديون رهيون. اسڪول جي عمارت جيئن تہ گهڻي وقت کان مرمت نہ هئڻ سبب زبون حال ٿي ويئي هئي. شاگرد آسمان جي هيٺ وڻن جي سهاري تعليم وٺڻ لڳا. دليون تڙپي اٿيون، ڏاڍو ڏک ٿيو. تعليم کاتي جي آفيسرن کي اخبارن رستي، تارن رستي پڪارون ڪيون ويون. ڊائريڪٽر صاحب پهتو پر افسوس جو ڊائريڪٽر صاحب بہ عمارت وانگر پنهنجي بي وسي جو احساس ڏياري هليو ويو. زبون عمارت جا فوٽو ورتاسين ۽ اجان بہ مٿي بالا اختياري وارن ڏانهن راهي ٿياسين. وزير تعليم سان ملياسين ڪيس روبرو حقيقتون ٻڌايونسين ۽ فوٽو پڻ پيش ڪياسين. ان ڪانسواءِ انڊوومينٽ فنڊ جيڪو مير صاحب اسڪول جي سڌاري ۽ هلائڻ لاءِ سرڪار وٽ رکيو هو ٽن سالن کان جنهنجو وياج نہ مليو هو. ان جي ملڻ لاءِ عرض ڪيوسين. جنهن لاءِ وزير تعليم صاحب اسان کي اڪائونٽنٽ جنرل ڏانهن لکي ڏنو جتان ڪاغذ مڪمل ڪراياسين ۽ وياج نئين سر جاري ٿيو. اسڪول جي

خستہ حالي لاءِ وزير تعليم صاحب ڊائريڪٽر ڏانھن لکي ڏنو. ڊائريڪٽر صاحب سان حيدرآباد ۾ ڳالھيون ڪيونسين. وڌيڪ ڳالھين ڪرڻ لاءِ ڊائريڪٽر صاحب ٽنڊي باگي اچڻ جو واعدو پڻ ڪيو ليڪن نوڪري سندس وڌيڪ ساٿ ڏئي نہ سگھيءِ سندس جاءِ تي جناب مراد علي نظاماڻي مقرر ٿي آيو. اسانجون ڳالھيون اڌ ۾ رھيون وري بہ وفد پيار علي الانہ صاحب سان ملڻ لاءِ روانو ٿيو ۽ ڪيس مسئلن کان واقف ڪيو. جنھنجي نتيجي ۾ نئون ڊائريڪٽر ٽنڊي باگي آيو ۽ خود حالتن جو جائزو ورتائين. مرمت جو ڪم جيڪو اڳ شروع ٿيو ھو ۽ بند ٿي چڪو ھو. تنھن کي وري نئين سر چالو ڪرايو ويو. ھن ڪم ۾ جن صاحبن مدد ڪئي ۽ ڪراچي تائين وفدن جي صورت ۾ ھليا تن ۾ جناب پيار علي خواجہ، ايڊوڪيٽ علي احمد پاتولي، جناب منظور علي لاکاڻي ايڊمنسٽريٽر ٽنڊو باگو ٽائون ڪاميٽي، جناب محمد حسين ميمڻ ۽ راقم الحروف جا نالا قابل ذڪر آھن.

ھن بعد ائسوسئيشن کي ٻي بہ هڪ معاملي کي منھن ڏيڻو ھو جيڪو ھو گبسن بورڊنگ ھائوس کي نئين سر منظوم ڪرائڻ. جنھن جي ميٽنگ 1967 کان ٿي نہ سگھي ھئي، ھن ڏس ۾ ھيڊ ماسترن بہ پنھنجي وقت ۾ ڪوششون جاري رکيون. ائسوسئيشن ھن معاملي کي، منظم نموني ھٿ ۾ کنيو. گبسن بورڊنگ ھائوس جو چيئرمين ڊپٽي ڪمشنر ھوندو آھي ۽ ھن بورڊ جو مقصد اسڪول جي فلاح ۽ بھبود لاءِ سوچڻ ۽ رٿائون ٺاھڻ ھوندو آھي. ائسوسئيشن بدين ضلعي جي پھرئين، ۽ لاڙ جي ھر دلعزيز ڊپٽي ڪمشنر جناب غياث الدين جوڻيجي صاحب کي ھن معاملي ۾ عرض ڪيو. جنھن صاحب دلي تعاون ڪيو ۽ بورڊ کي نئين سر منظم ڪري ڏنو. ازانسواءِ ائسوسئيشن پنھنجو ھڪ نمائندو پڻ بورڊ تي کڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي ۽ اھڙي طرح ھي سالن جو رھيل مسئلو بہ حل ڪيو ويو. ھن ڏس ۾ پيار علي خواجہ جي خدمتن کي داد ڏيندي نٿا رھي سگھون.

ان کانسواءِ ائسوسئيشن کي مير صاحب جي نالي لائبريري ۽ آفيس قائم ڪرڻ، سال 1976 جو ڪئلينڊر ڇپائڻ، ۽ پڻ مرحوم مير جي سوانح

حيات کي ڪتاب جي صورت ۾ ڇپائي عوام جي آڏو پڌرو ڪرڻ جو ڪم پڻ آڏو هو. جنهن ته انهن ڪمن لاءِ ڪيترين ئي ڪاميٽيون ٺهيون ۽ ڀڃيون هيون ۽ ڪم ٿي نه سگهيو هو. تنهن ڪري فيصلو ڪيو ويو ته ڪاميٽين جي جاءِ تي هر هڪ ڪم لاءِ هڪ ماڻهو منتخب ڪيو وڃي. راقم الحروف کي لائبرري ۽ آفيس جي ڪم لاءِ مقرر ڪيو ويو. مون اهو سمورو ڪم مڪمل ڪيو ۽ دفتر کي اسڪول مان منتقل ڪري نئين آفيس ۾ منتقل ڪيو ويو.

سال 1976 جي ڪئلينڊر جو ڪم جناب ڏالو مل بخوبي انجام ڏنو. ڪتاب لاءِ محترم پون سنڌي کي مرتب مقرر ڪيو ويو. جنهن صاحب ڪوشش ڪري ڪتاب جو مواد وغيره گڏ ڪري، ان کي ترتيب ڏيئي ڇپايو جيڪو توهانجي هٿن ۾ آهي. اهڙي ريت ائسوسئيشن 12 فيبروري 1975 تي جيڪي واعده ڪيا هئا، سي خير خوبي سان پورا ڪيا.

⌘

# نوجوان اتحاد جو سفر اولڊ بوائز ايسوسيئيشن تائين

## - علي اورنگزيب سمون

تمام گهڻي گرمي هئي، موبائل جي رنگ وڄڻ شروع ٿي.

هيلو- سائين- ڇا حال آهن؟

ادا بهتر! دعا آهي. توهان جي!

ادا علي سمون : ڳالهہ ٻڌ پنهنجي شهر جا روڊ رستا سڀ ختم آهن. ٻيو تہ شهر ۾ اها حالت آهي جو بجلي جي ڏگهي لوڊشيڊنگ ، هنن سڀني مسئلن لاءِ ڇا ڪجي؟ ڪنهنکي ڇئجي؟

اڙي يار درپن، چوين تہ صحيح ٿو پر ڇا ڪجي وارو جملو هاڻي ختم ٿيڻ گهرجي ۽ هاڻي ڪجهہ ڪرڻ گهرجي.

يار درپن! ٻي ڳالهہ تہ هي پنهنجو تاريخي شهر آهي، هن شهر جي پنهنجي الڳ هڪ تاريخي حيثيت بہ آهي، جڏهن تہ هن شهر جي مين روڊ تلهار کان ٽنڊوباگو تائين جيڪا حالت آهي! اصل ڳالهہ ئي نہ پڇ. 20 منٽن جو پنڌ آهي پر خبر ائٿي مسلسل ڏيڊ ڪلاڪ جو سفر سڀ ڪجهہ هضم ڪريو ڇڏي.

منهنجي خيال ۾ هن قسم جو روڊ صحت لاءِ سهي آهي.

درپن! نہ يار علي ارونگزيب منهنجي چوڻ جو مطلب اهو آهي تہ هي هيترا سارا دور گذريا پر ڪنهن بہ ڌيان نہ ڏنو. علي، يار درپن هي حڪمران ايترا هوشيار آهن اگر تلهار واري روڊ ڪي زبان هجي ۽ سندس ڪهاڻي ٻڌائي تہ بہ وچي ست خير ٿيا!

درپن ۔ اڄ مون سوچيو آھي تہ پاڻ ڪجھہ دوست سوشل ميڊيا جي ذريعي جدوجھد ڪريون ۽ ھن نظرانداز ٿيل روڊ جي ترقي لاءِ ڀلا پاڻ تہ ڪجھہ ڪري سگھون ٿا.

علي ۔ ھا يار ڇو نہ ! ھي تہ پنھنجو جائز مسئلو آھي. سوشل ميڊيا ڇو پاڻ ھنن ڀوتارن جي اڳيان ھلي رباب وڄائيندا سين، اگر پاڻ ڪجھہ نہ ڪيوسين تہ ٻيو ڪير ڪندو؟

درپن علي دانش بہ مون سان گڏ آھي. توھان ڏسو تہ دانش جي اندر ۾ جيڪا تڙپ آھي، اصل وس ھلي تہ خبر ناھي ڇا ڪري، بھرحال دانش سان ڳالھاءِ.

دانش ۔ ھيلو علي! يار درپن جي ڳالھہ نہ صرف دل سان لڳي پر آئون سمجھان ٿو تہ پاڻ شام جو گڏ ٿيون ۽ ڪا حڪمت عملي جوڙيون. او.ڪي

شام جي ٽائيم اسين سڀ روبرو ملياسين. ساڳي موضوع تي بحث. نيٺ اسان جي ڳالھين کي فقط ڳالھين ۽ ڪچھري جي حد ۾ رھڻ کان بھتر ايئن آھي تہ سڀ کان پھرين تلھار روڊ جي تعمير لاءِ جدوجھد ڪجي ۽ باقاعده تحريڪ ھلائجي. ان حوالي سان دوستن جي نالن تي غور ڪيوسين ۽ رابطہ مھم جي شروعات لاءِ ڪپيل ديو سوني جي اسپيئر پارٽس جي دڪان تي آياسين اتفاق سان اتي شاھجھان سمون بہ ھڪيو ٽڪيو ويٺو ھو. اسان پنھنجي سوچيل پلاننگ ۽ جدوجھد جي حوالي سان ذڪر ڪيوسين ۽ پوءِ ٽن مان وڌي پنج ٿياسين ھاڻي اھا ڳالھہ وڌيڪ مضبوط ۽ اثرائتي ٿي وئي. اميد جي ڪرڻ مان عامر کتري، رشيد احمد ميمڻ، محمد عمر سمون، راجا سھيل احمد ميمڻ، مرتضيٰ ميمڻ، اشتياق کتري، منظور سمون، ھي سمورا دوست گڏ ٿي وياسين ۽ پھرين احتجاج جي لاءِ اسان سيني گڏجي شھر جي معزز حضراتن، سياسي، سماجي، واپارين، ٽرانسپورٽن ۽ شھرين جي در در وڃي تلھار روڊ جي نئين سر تعمير لاءِ احتجاج ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت عرض رکيسين. مطلب تہ بھترين موٽ ملي ۽ اسان جي دوستن جي گڏيل فيصلي تحت جيڪو پھريون گروپ ناھيو نوجوان اتحاد جي نالي سان. بھرحال اسان دوستن جي گڏيل ساٿ ۽ سھڪار سان ٽنڊوباگو شھر ۾ سي.اين.جي پمپ کان نزا بيڪري واري

چوڪ ۾ پريس ڪلب تائين ڀرپور ريلي ڪڍيسين. شھرين جي شرڪت، سياسي، سماجي، مذھبي ڌرين جي اڳواڻن سائين محمد عثمان غني جمعيت علماءِ اسلام جي طرفان خصوصي شرڪت ڪئي. مطلب تہ ھاڻي اسان کي بہ اھا پڪ ٿي وئي تہ ھي تلھار جو روڊ آھي پر جيڪڏھن اسين سڀ ائين ئي منظم رھياسين تہ اسين پنھنجا حق ڇني بہ وٺي سگھون ٿا.

دوستن جي تقريرن جو اھو ئي موضوع تہ اسان ٽنڊوباگو کان تلھار تائين روڊ ٺھرائي ڏيڻ تائين خاموش نہ ويھنداسين. احتجاج جي لاءِ ٻي حڪمت عملي ۾ جيڪا اسانجي دوست دانش صلاح ڏني، ھڪ ڪپ ٺھرائجي جنھنجي چئني حصن تي ھن روڊ جون اڪثريل تصويرون ۽ اھا التجا ھجي تہ خدارا ھي روڊ ٺھرائي ڏيو پر اھي ڪپ اسان کي ھتان جي چونڊيل ايم.پي.اي، ايم.اين.اي، ڊي.سي، مختيارڪار مطلب تہ حڪومتي ڌر جي ھر ڪرتا ڌرتا ماڻھو تائين ھي احتجاج رڪارڊ ڪرائجي.

ھاڻي سائين ڪپ ٺھرائڻ جي لاءِ بہ دوست پنھنجي وس آھر راضي ٿيا. ڪپ اسان جي ھٽ ۾ اچڻ ڪانپوءِ ان ڳالھہ جو بہ ھو تہ ھاڻي ھي ھڪ خاموش تحريڪ آھي ان لاءِ پريس جي سھاري جي بہ وڏي ضرورت محسوس ٿي.

سائين منھنجا عجيب ڳالھہ اھا ٿي جو تقريباً ٻن ڏينھن ڪانپوءِ ادا فيض کوسو (ڪي.ٽي.اين جو رپورٽر) سائين ضرار رستماڻي وٽ اچڻو ھو ۽ اسان جي ڪوشش ھئي تہ ادا فيض کوسو کي عرض ڪجي تہ ھن ڪپ مھم جي حوالي سان اسان جو ساٿ ڏي.

بھرحال خبر پئي تہ فيض کوسو سائين ضرار رستماڻي وٽ وينو آھي. سو اسان بہ وڃي ان اتي نڪتاسين. فيض سان ملاقات ڪري سڄي ماجرا ٻڌائيسين تہ فيص جيڪو خود بہ ان ڏينھن تلھار کان ٽنڊوباگو تائين بيحال ٿي پھتو ھو سو ھڪدم چيائين تہ توھان ڪھڙي تحريڪ ھلايو پيا ۽ ڪھڙي حڪمت عملي آھي؟ اسان فيض کي اھي ڪپ پيش ڪياسين تہ فيض کوسو تمام گھڻو متاثر ٿيو ۽ بس اتان اٿي اسين سڀ دوست احتجاجي جلوس ۾ اچي باگو واھہ جي پل تي گڏ ٿياسي ۽ پوءِ ادا فيض کوسو جي مھرباني سان اسان جو آواز ۽ اسان جو احتجاج اعليٰ اختيارين

وٺ ڪي.ٽي.اين جي ذريعي رڪارڊ ٿيو. نتيجي ۾ هن روڊ جي مرمت لاءِ 80 لک ڪن منظور ٿيا جيڪي هن روڊ تي خرچ تہ ٿيا پر اسان جي اڃان اها بہ ڪوشش هئي تہ خاموش ويٺاسين تہ اهو ڪم بہ ڪونہ ٿيندو ۽ پوءِ اسانجو اهو ڪپ اهو احتجاج, اهي اسين. هر ماڻهو جي اڳيان ساڳي ڳالهہ تہ بابا تلهار - ٽنڊوباگو روڊ ڪپي. ان سڄي تحريڪ ۾ شهر جي هر ماڻهو اسان سان سهڪار ڪيو ۽ اسان جي احتجاج وڏيڪ سگهہ ۽ قوت تڏهن محسوس ڪئي جو اسان جا صحافي دوست جيڪي بہ هن احتجاج جو باقاعده حصو ٿي ويا. عثمان راهوڪڙو, نصرالله جروار, محمد يوسف ميراڻي, اسحاق ميمڻ, حاجي سليم ميمڻ, حنيف سمون, علي اڪبر ڪولاچي, غلام رسول ٻان, ڊاڪٽر دوست محمد چانڊيو, سائين جڙيل شاهہ, رفاقت جروار, انور عباسي, محمد ملاح, وفا عنايت رستماڻي, شهزاد ميمڻ, مير سڪندر, عبدالرحمان سمون سميت هنن سمورن دوستن اسان جي هر احتجاج کي مڪمل ڪوريج ڏيڻ ۾ اسان جو مڪمل ساٿ ڏنو ان کان علاوه ٽنڊي باگي جي سياسي اڳواڻن خانصاحب جمالي, مير ڪاشف ٽالپر, چاچا علي مراد زئور (مرحوم), حاجي رمضان ڪاتيار, سيٺ محمد سومار مگڻهار, عطا حسين جمالي, رسول بخش جمالي, سردار جمالي, حاجي سائين بخش جمالي, محمد رحيم زئور, سجاد الستي, ويرو مل موروداڻي ۽ ٻيا ڪوڙ سارا دوست جيڪي اسان جي احتجاج ۾ ڀرپور شرڪت ڪرڻ کان وٺي اسان جي هر وقت همت افزائي ڪندا اچن ٻيا ۽ اسان جا ٻيا دوست سڪندر ميمڻ, راجا صوفي, سائين بدر ميمڻ, چاچا عمر ڪتي, عبداللطيف آرائين, اڪرم ميمڻ, مرتضيٰ ميمڻ, مقبول ميمڻ, مقبول احمد سمون, حاجن جمالي, فنڪشنل ليگ اڳواڻ ڊاڪٽر مختيار ميمڻ, عامر ڪتري, استاد ڪريم خواجہ, پروفيسر امتياز قمبراڻي, فيصل چيمہ, ارشاد علي خواجہ, وڪيل احسان علي خواجہ, وڪيل سڪندر علي خواجہ, چاچا عطا حسين خواجہ, سيتل داس "صبر", بئنڪ آفيسر محمد اشرف سمون, صلاح الدين رستماڻي, ڪامريڊ اشو لوهاڻو سنجي ڪمار, اشتياق ڪتري هي سڀ دوست هر وقت ساٿ نڀائيندڙ ۽ اسان جو پيارو دوست جيڪو سياسي طور تي نہ پر اسان سان بنا ڪنهن فرق جي هر احتجاج ۾ اڳيان

اڳيان رهندڙ غلام محمد عرف دلبر سنڌي بہ گڏ رهيو. مطلب تہ هنن دوست جي سهڪار سان مختلف احتجاج، لوڊشيڊنگ هجي، ڪو اسڪول بند هجي، ڪنهن سان ڪا بي واجبي هجي، پنهنجي وس آهر هر جائز مسئلي تي آواز اٿارڻ کي پنهنجو فرض سمجهون ٿا. اڄ مونکي هي سڀ ڪجهہ لکندي انتهائي خوشي ٿي رهي آهي تہ اسان جي محنت ۽ سچائي کي دوستن ۽ شهر واسين جيڪو مان ڏنو آهي تہ هي زندگي جو سفر بہ هنن دوستن جي سهڪار سان ئي اڳتي وڌائجي.

اسان جي اهي دوست جيڪي اسانکي پنهنجي محبت جي پاڪر ۾ پري اسان کي هر وقت عزت ڏيندا رهيا انهن دوستن جي اها ڪوشش ۽ خواهش بہ هئي تہ مير صاحب جي نالي جي پويان وجود ۾ آيل اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جي ڪجهہ وقت خدمت ڪرڻ جي لاءِ والي حيدر ميمڻ، عبدالعظيم (ذوالقرنين سمون)، فيض اڊيجو منور ”تبسم“ ڪتري، هنن دوستن جي ڪوشش سان غيرمشروط ذميواري ڏيڻ لاءِ اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جو صدر دانش ڪمار لوهاڻہ کي منتخب ڪيو ۽ هاڻي وري بہ نوجوان اتحاد جا ساٿيا ئي دوست پر هاڻي ڪجهہ وڌيڪ ذميواري ۽ ڪم ڪرڻو پيو.

هن تنظيم جو ڪم غريب شاگردن جي مالي مدد ڪرڻ، مير صاحب جي اسڪول جي حوالي سان رهيل ڪم ۽ اسڪول جا جيڪي بہ ننڍا وڏا مسئلا آهن انهن جي حل لاءِ ڪوششون ڪرڻ ۽ مير صاحب جي ساليانہ ورسي جيڪا هر سال 12 فيبروري تي اسڪول ۾ اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جي گڏيل سهڪار سان ملهائي ويندي آهي.

اولڊ بوائز جي، نوجوان اتحاد جي ۽ اسان جي سيني همدرد ساٿين لاءِ اهو بہ اعزاز آهي تہ هتان جي بند پيل تعلقہ اسپتال جي تباهہ ٿيل بلڊنگ ۾ ان جي نئين سر مرمت ڪرڻ لاءِ بہ ڀرپور احتجاج ڪياسين مطلب تہ هي شهر اسانجو آهي، احتجاج ڪرڻ، احتجاج ڳڻائڻ جي حد تائين نہ پر هي ڪجهہ اهڙيون يادگيريون جيڪي اسان جي ايندڙ نسلن تائين نہ فقط يادگار هجن پر جديد دور ۾ تحريڪن جا نوان رنگ ۽ ڊنگ آهن تہ پوءِ وقت سان گڏ ڪجهہ نيڪ ۽ ڪجهہ بهتر ڪري وڃڻ بهتر زندگي گذارڻ جو

مقصد آهي. آئون چاهيان ٿو تہ پڙهندڙن تائين ڪجھہ حقيقي ۽ دلچسپ ڳالهيون شيئر ڪريان.

سائين منهنجا! صفا خطرناڪ گرمي، هيٽ اسٽروڪ ماڻهو پيا مرن، پکي جو پر بہ نہ چُري. هاڻي ڇا ڪجي؟ دوستن جي گڏجاڻي ڪانپوءِ اها ڳالھہ سامهون آئي تہ هيٽ اسٽروڪ کان بچڻ لاءِ فري ميڊيڪل ڪئمپ لڳائجي ۽ ماڻهن کي احتياطي اُپاءُ ٻڌائجن. نيڪ آهي! سائين صبح جو سيني دوستن ۽ شهر وارن کي ڪئمپ ۾ پهچڻ لاءِ هئنڊ بِل ورهائي ڏناسين ۽ ڪئمپ ۾ اسان سان ڊاڪٽر مراد بلوچ، ڊاڪٽر دوست محمد چانديو، ڊاڪٽر گلزار علي خواجہ، ڊاڪٽر مختيار ميمڻ، ڊاڪٽر وقار ميمڻ موجود هئا جن ماڻهن کي احتياطي تدبيرون ٻڌايون ۽ چيئرمين ٽائون ڪميٽي خانصاحب جمالي، وائيس چيئرمين مير ڪاشف ٽالپر، نين سمون، عثمان راهوڪڙو ۽ دلبر سنڌي مطلب تہ هي دوست جن جو سهڪار ۽ ساٿ محبت جي هڪ اهڙي مالها آهي جنهنجو مثال اسان جي لاءِ وڏو اعزاز آهي ۽ ساڳي طرح ثقافتي ڏهاڙو ملهائڻ لاءِ بہ ساڳي وٺ پڪڙ. نزا بيڪري وٽ اسٽيج ناهڻو هو جنهن جي لاءِ ٽالهي هٿ ڪرڻ هئي. چاچي وريام جاڙي جي مهرباني سان اسٽيج جو بندوبست ٿيو ۽ هاڻي اسان جي ثقافتي رنگن ۾ رنگجڻ لاءِ اها ڪوشش هئي تہ هر سياسي، سماجي، مذهبي ماڻهو متيپيد چڏي اڄ ٻڏي جو ثبوت ڏي جو ان ڏينهن اسان جو نوجوان اتحاد ۽ اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جو پليٽ فارم واقعي بہ ثقافتي رنگن ۾ رنگجي ويو جنهن ۾ پ پ اڳواڻ سيد سڪندر علي شاهہ، خانصاحب جمالي، مير ڪاشف حسين ٽالپر، عبدالستار ميمڻ، پپو ميمڻ، حاجي رمضان ڪاتيار، دلبر سنڌي، سڪندر ميمڻ، فيصل چيمہ، واحد بخش عمراڻي، عبدالڪريم عمراڻي، قومي عوامي تحريڪ جا دوست سچل هاليپوٽو، گلزار هاليپوٽو، دانيال هاليپوٽو، جمن شاهہ، حمزه پناڻ، ايس.ٽي.پي جا دوست احسان عمراڻي،رجب عمراڻي، عطا حسين عمراڻي، زبير عمراڻي سميت ٻيا دوست جن ۾ پرويز مگسي، لياقت علي مگسي، معشوق سمون، غلام رسول انڙ، منظور هاليپوٽو، ڪامريڊ اشو لوهاڻو، شاعر ۽ اديب فراق هاليپوٽو، اقبال هاليپوٽو، مقبول هاليپوٽو، منور هاليپوٽو، منظور سمون، سگهڙ چاچا لڪاڏنو

ماڇي، ڀٽائي جو پارڪو چاچا لڪاڏنو جت، شاعر مير محمد سولنگي، ڏاڙهون ڏڪايل، علي احمد مڱڻهار، استاد قاسم، فنڪار راجا شاهد، سائين علي حيدر شاهه، فقير راشد، ماسٽر فدا حسين، غلام حيدر "گل"، ساهڙ فقير نڙ بيت واري محفل مچائي. بئنڪ آفيسرن ۾ غلام مصطفيٰ ميمڻ، شاهد رستماڻي، آفتاب عالم کتري اسان جو استاد ڊاڪٽر پروفيسر محمد اسماعيل ميمڻ، چاچا مهدي خواجه، عرفان مهدي خواجه، اشتياق کتري، امتياز ميمڻ (سنڌ شهباز ڪمپني) مطلب ته اهو ثقافتي ڏينهن جنهن ۾ هي سڀ محبت جا مهندار دوست جيڪي اڄ به جڏهن ڪنهن غير سياسي پليٽ فارم تي بنا ڪنهن متڀيد جي گڏ ٿيا آهن ته اسان جي لاءِ هنن ماڻهن جي محبت کي ساهه سان سانڍي رکڻ ۾ صدين تائين اهو مثال قائم رهندو ڇو ته اسان کي پنهنجي ثقافتي تهذيبي رنگن ۾ پنهنجي سنڌي روايتن کي برقرار رکڻ لاءِ هن قسم جا پروگرام ڪرڻ تي فخر آهي ڇو ته سنڌي قوم تهذيب يافته قوم آهي ۽ هن قوم جو هر فرد سنڌ جو نمڪ حلالي پٽ آهي.

هي مختصر سفر مختصر لمحا ۽ مختصر زندگي انمول يادون ۽ انهن يادگيرين مان هڪ اهڙي ياد جنهن شخص جي يادگيري لکڻ لاءِ سوچان ٿو ته ڇا لکان؟ ڇو جو سندس سخاوت جو زنده مثال هي اسڪول آهي جيڪو هن پنهنجي پيل علائقي جي ماڻهن لاءِ کوليو ته جيئن منهنجي لاڙ جا ۽ سنڌ جا ماڻهو علم جي دولت سان مالامال ٿي سگهن. اڄ رات تمام گهڻي بيچيني آهي ته سڀاڻي 12 فيبروري آهي ۽ ورسي جي حوالي سان اسان جي سموري ٽيم سڀ انتظام ته مڪمل ڪري ڇڏيا هئا پر سائين عمر سمون جيڪو جنرل سيڪريٽري به آهي پر هن اسڪول جي شاگردن جي اسڪائوٽ ٽيم کي به تيار ڪرڻو آهي، رشيد ميمڻ جيڪو پرنسپل سائين عبدالعزيز خواجه سان هال جي سيٽنگ واري ڪم ۾ مصروف، دانش لوهاڻو مهمانن جي انتظام سنڀالڻ جي حوالي، سائين امتياز قمبراڻي، ڪپيل ديو سوني، درپن ڪمار، شاهجهان سمون ۽ آئون سڄي رات انهي ڪم ۾ ته پروگرام کي بهتر کان بهتر نموني ڪجي ۽ ڪا به کوٽ محسوس نه ٿئي ڇو جو سڀاڻي جي پروگرام جي صدارت سنڌ جو ڀلوڙ ليڪڪ، دانشور ڊاڪٽر

محمود مغل ڪندو. يگانو شاعر حافظ نظاماڻي ۽ ٻيا ڪوڙ سارا مهمان ايندا. بس الله پاڪ ڀلو ڪندو.

صبح ٿيو پروگرام جي لاءِ اسڪول جو پرنسپل، استاد. شاگرد ۽ اسان جي سموري ٽيم جيڪي هر سال مزار تي چادر چاڙهيندا آهن پر هن سال ڪجھ نئون انداز هو. سائين محمد عمر جي ڪوشش سان اسڪائوٽ جي ٽيم تيار ڪئي وئي هئي تہ جيئن هر ايندڙ مهمان جو اسڪائوٽ جي ٽيم آڌرڀاءُ ڪري اسٽيج تي آڻي. ٽائون ڪميٽي چئيرمين خانصاحب جمالي ۽ سندس قيادت اسڪائوٽ جي ٽيم استادن ۽ شاگردن سان گڏ مزار تي چادر چاڙهي واپسي پروگرام هال ۾ پهتا. تلاوتِ ڪلامِ پاڪ سان پروگرام جي شروعات ٿي. ٻارڙن جا تقريري مقابلا، نعتون ۽ ٻي نشست ۾ اديبن، شاعرن ۽ ليڪڪن مير صاحب جي زندگي تي روشني وڌي. هڪ ڳالھ ٻڌائيندو هلان تہ ايس.ايچ.او رياض احمد ٻجاراڻي صاحب پوليس جي لباس ۾ هڪ بهترين انسان دانشورانہ ذهنيت جو مالڪ جنهن مڪمل سيڪيورٽي ڊيوٽي ڪان وٺي پروگرام ۾ دل سان حاضري ڏني. پروگرام هلندي دانش ڪمار ڪن ۾ اچي مونکي چيو تہ سردار ڪمال خان چانگ ۽ مير الهبخش ٽالپر پروگرام ۾ اچي رهيا آهن خير پروگرام تہ هليو پئي، مهمان جيئن ئي آيا تہ اسڪائوٽ جي ٽيم ويلڪم جي لاءِ اڳيان وڌي ۽ مهمانن کي اسٽيج تي وٺي آياسين. شام جو پنج بجہ تائين پروگرام هلي پنهنجي پڄاڻي تي پهتو. سردار ڪمال خان چانگ ۽ مير الهبخش ٽالپر اولڊ بوائز جي صدر دانش لوهاڻہ، پرنسپل عبدالعزيز خواجہ ۽ سموري ٽيم سان گڏجي اسڪول جو دورو ڪيو. اولڊ بوائز جي صدر سردار ڪمال خان چانگ ۽ مير الهبخش ٽالپر جي اڳيان اهو عرض رکيو تہ سائين سپاس نامي ۾ استادن جي ڪوٽ ڪان وٺي هر مسئلي جي وضاحت ڪئي آهي جيڪڏهن ڪو بہ هڪ مسئلو حل ڪندا تہ هن اسڪول جي لاءِ ٻيو ڪهڙو اعزاز ٿي سگهي ٿو. مسئلن جا هزار داستان پر اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪندڙ 2200 شاگردن لاءِ فقط 4 يا 5 باٿروم آهن جڏهن تہ 11 باٿرومن جي سخت ضرورت آهي. هي سڀ ڪم پنهنجي وقت تي پايہ تڪميل تي ضرور پهچندا پر ان ۾ اسان جي ڪيتري سچائي آهي؟

ورسي جو پروگرام خيرن سان ختم ٿيو هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي ان لاءِ بہ دوستن جي گڏيل راءِ مطابق اها ڳالهہ ٿي تہ مير صاحب جي ڪيل نيڪ ڪمن ۽ سندس زندگي تي مڪمل ڪتاب آڻجي. اهو ڪم تہ سيني کي پسند آهي پر ڪتاب جو مواد گڏ ڪرڻ لاءِ اها ذميواري شاهجهان کي ڏيون ٿا تہ جيڪي پراڻا رسالا هاڻي اڻلڀ ٿي ويا آهن انهن کي هٿ ڪري مواد گڏ ڪرڻ ۽ نون دوستن کان لکرائڻ جي ذميواري ڏنيسين.

هاڻ ڇپائي لاءِ ڇا ڪجي ڇو تہ اولڊ بوائز کي هر سال لک روپيہ ملندو آهي ان مان ورسي جو خرچ ۽ اسڪول جي غريب شاگردن کي بوٽ، ڊريسون ۽ ڪتاب ڏيڻ ڪانپوءِ پاڻ وٽ 30000 روپيہ بچيا آهن باقي جيڪو وڌيڪ خرچ ٿيندو ان لاءِ سڀ دوست گڏجي هڪ يادگار ڪتاب آڻينداسين. اڄ بيحد خوشي ٿي رهي آهي تہ مير صاحب جي زندگي ۽ سندس خدمتن جي مڪمل ڪٿا صدين تائين زنده رهندڙ شخص جيان هي ڪتاب اسان پنهنجي هڙان وڙان ڪري ڇپرايو آهي. اها اسان جي پهرين وِک آهي اميد تہ قبول پوندي. هي مختصر احوال آهي، هي تاريخ توهان ڪيئن ٿا ڏسو ڪيئن ٿا محسوس ڪريو اهو ڇڏيون ٿا تاريخ ۽ توهان پڙهندڙن تي!

⌘

# سدائين جيئن سي جيڪي جيئن ٻين لاءِ

**- ٻون سنڌي**

ورهاڱي کان اڳ جي زماني تي نظر وجھبي تہ اسان کي پتو پوندو تہ هيڏي وڏي ديو جيڏي سفاڪ دشمن انگريز سامراج کي شڪست ڏيڻ ۾ جتي انهن سرويچن، سورمن، سرفروش ۽ ڪونڌرن جي ريتي رت رنگ لاٿو، جتي اڏول انسانن، وطن ۽ قوم جي آزادي ڪاڻ جيلون ڀوڳي، بکون ڪاٽي پاڻ ملهايو جتي آزادي جي متوالن غلامي جي زنجيرن ٽوڙڻ لاءِ اڏي تي سر ڏيئي، مظلوم ۽ بيوس انسانن کي زنده رهڻ جو حق وٺي ڏنو. اتي انهن تعليمي ماهرن، جهالت سان جنگ جوٽيندڙن، علم جي جوت جلائيندڙن، اٻوجهن، مسڪينن، يتيمن جي خوشحالي لاءِ پاڻ پتوڙيندڙن ۽ هڙان وڙان ڏيئي سندن مدد ڪندڙن جي قرباني ۽ جذبي کي پڻ وساري نٿو سگهجي. اهي سڀ هستيون عزت ۽ احترام لائق آهن جيڪي ڦورو سماج کي ڍاهڻ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن طرح حصو وٺن ٿيون. انهن جا جذبا ۽ قربانيون قابل تحسين آهن. ڪا بہ سڌريل قوم انهن جي ڪيل خدمتن کي وساري نٿي سگهي. انهن سڀني جي زندگي اسان لاءِ روشن ڏيئي جي مثل آهي جنهن جي روشني ۾ اسين پنهنجي طاقت، پنهنجي قوت ۽ پنهنجي وجود کي ڏسي ۽ سمجهي سگهون ٿا ۽ زنده رهي سگهون ٿا.

سنڌ ڌرتي جو سخي مرد سپوت مير غلام محمد خان ٽالپر مير محمد خان جي گهر ۾ ڄائو. سندس نسبت مير مرزو خان ماٽڪاٽي سان وڃي ملي ٿي. امام غزالي جو قول آهي تہ "تعليم ئي صحيح معنيٰ ۾ انسان جي صحيح شخصيت ۽ ڪردار جي آبياري ڪري ٿي". جاهليت جو خاتمو نہ ٿيو آهي، جيستائين ماڻهو علم جي نور سان منور نہ ٿيا آهن، تيستائين ڪابہ قوم وڏي ويجهي ۽ خوشحال ٿي نٿي سگهي. ڪين غريبن ۽ مسڪين ماڻهن جي سقيم ۽ ابتر حالت ڏسي سخت پيڙاء محسوس ٿيندي هئي ۽ اها پيڙاء ئي هئي جنهن سندس اندر ۾ اڌما جاڳايا ۽ اهي اڌما عمل جو روپ اختيار ڪري ويا ۽ هن پنهنجي سموري زندگي ڀلائي ۽ نيڪي جي ڪمن

۾ صرف ڪري ڇڏي. جڏهن تہ ان دور جا ڪافي وڏيرا ۽ مٿيئن ڪلاس وارا انگريز سرڪار جا دلال بڻجي سرڪار جي چرچ تي ۽ پنهنجي طبقائي فطرت جي پيش نظر مسڪينن ۽ ابوجهن کي پيڙهي، لٽي، ماري ۽ سوين تڪليفون ڏيئي ان جي بدلي وڏا انعام ۽ سندون حاصل ڪري رهيا هئا. اتي مير صاحب بہ وڏيرو هئڻ جي ناتي ائين ڪري سگهيو پر نہ هي مرد مانجهي انهن مان نہ هو. مير غلام محمد خان ٽالپر پنهنجي سموري جائداد ۽ ملڪيت انساني ڀلائي ۽ نيڪي وارن ڪمن ۾ لڳائي زندگي جو هڪ نادر نمونو پيش ڪيو.

فرانسيسي مصور پال گاگن جي مطابق ماڻهو جي هٿن جي حاصلات ئي ان ماڻهو جي صحيح تشريح آهي. سندس هڙان وڙان قائم ڪيل ڪافي ادارا اڄ بہ هلي رهيا آهن.

هن فقير منش انسان وڏا ڪم ڪيا پر وڏيون دعوائون نہ ڪيون. ايمرسن چواڻي "عظيم ترين ذهن رکندڙ ماڻهن جون آتم ڪٿائون مختصر هونديون آهن". ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ هن جي ذاتي زندگي انتهائي سادي ۽ مختصر پر عمل جي حوالي سان اعليٰ قدرن جو عاليشان مثال هئي.

مير غلام محمد خان ٽالپر مرحوم جي نيڪين ۽ خوبين جو ذڪر سن جو سائين جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب "جنب گذاريم جنسين" ۾ ڪندي لکي ٿو تہ ملڪ ۾ گهٽا پر مير غلام محمد خان پنهنجو مٽ پاڻ هو. سنڌ جا اڪثر زميندار پئسي ۽ زمين وڌي وڃڻ بعد عياشي يا عيش حاصل ڪرڻ لاءِ ان کي صرف ڪندا آهن. ليڪن ڏٺي تعاليٰ هن مير صاحب جي دل انساني درد سان ڀري رکي هئي. جنهن ڪري پنهنجي پئسي جو استعمال صرف خلق خدا جي ڀلي لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيائين سندس ذاتي خرچ تمام معمولي هوندو هو. سفيد پٽڪو ۽ پهراڻ پهريندو هو. بلند اخلاق، حليم، محبتي، خلق جو خير خواهہ انسان هو.

ڪنفيوشس چواڻي "ڪردار جي تشخيص چڱن اصولن تي هلڻ سان ٿيندي آهي". مير صاحب سڄي عمر انهن اصولن تي هليو ۽ جڳ جو ڀلو چاهيو. سنڌ جو ارڏو ۽ قومپرست سياستدان مرحوم حفيظ قريشي ٽنڊي باگي اسڪول ۾ پنهنجي وقت جو يادگريون سموئيندي لکي ٿو تہ هڪ

پيري مير صاحب هڪ مئٽرڪ جي شاگرد کان پڇيو تہ امتحاني في ڇو ڪونہ ڀياري اٿئي؟ شاگرد پئسا نہ هئڻ جو جواب ڏنو. ان تي مير صاحب وراڻيو تہ بابا تعليم جو خرچ مفت ۾ معاف آهي، پر امتحان جي في تہ ڀريو؟ پئسہ ناهن تہ ڪو ڳهہ گروي رکي پئسہ ڪٽي اچ. شاگرد جواب ڏنو سائين مئٽرڪ پڙهي هاڻ غيرت ٿي اچيم تہ ڪو اپرو سپرو ڳهہ گروي رکان. انهي جواب ٻڌڻ سان مير صاحب ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين. ”هي خرچ انهيءَ لاءِ تہ ڪيا اٿم تہ من ڪو اهڙو جواب ملي. منهنجو خرچ سجايو ويو آهي. هن کان سواءِ مير صاحب نہ صرف سندس في ڀري پر ٽيهہ رپيا انعام بہ ڏنائينس. ڪاش هن دنيا جي اڪابرن ۽ رهبرن کي مير صاحب جي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وڃي تہ هو جيترا اختيار گڏ ڪري رهيا آهن اوترا جي اسڪول قائم ڪن تہ ڪر دنيا سک، امن ۽ آشتي جو گهوارو بڻجي وڃي.

مير صاحب کان جڏهن بہ سندس اولاد بابت پڇيو هو تہ هي نيڪ مرد اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگردن ڏانهن منهن ڪري چوندو هو تہ هيءُ منهنجو اولاد آهن. انهي رشتي جي گهڻن ئي شاگردن وارثي ڪئي پر سڀ کان وڏو نالو هن اسڪول مان پڙهندڙ شاگرد ايڇ ايم خواجہ ڪيو، جنهن کي سڄي سنڌ خصوصاً نوابشاهہ جا ماڻهو علم جو ابو ڪري ڀيٽا ڏين ٿا.

سچ پچ تہ هھڙائي انسان نئين سماج جي پيڙهہ رکندا آهن. هي درويش صفت انسان 12 فيبروري تي اسان کان هميشہ لاءِ جدا ٿي ويو پر جيڪي انسان فطرت جيان شفاف ۽ سخي هوندا آهن اهي فطرت جيان سدائين حيات هوندا آهن. سندس نيڪيون ۽ چڱايون اڄ بہ قائم ۽ دائم آهن. جيسين تائين نيڪيون رهنديون، دنيا ۾ مير صاحب وارا بہ سندس ٻاريل شمع مان انسانن لاءِ تنوير عباسي جي شاعري جون هي سٽون خوب نهي اچن ٿيون.

ڪجهہ ڏئي ويندا سين، ڪجهہ نہ ڪٽي ويندا سين،
ٻور آهيون ڏيئي ميوو، ڇڻي ويندا سين.

(نوٽ: رسالي ”هھڙا مانجهي مرٽا ناهن“ جو مهاڳ)

# ٽورا نہ ٽورا
# ڪجھ ڪتاب بابت

**- قاضي سڪندر اعظم**

اولڊ بوائز ايسوسيئيشن پاران ٽيندڙ ڪچن ڦڪن عملن ڪي هروڀرو ايڪسپوز ڪرڻ واري رجحان کان هٽي ڪري رڳو ايسوسيئيشن جي وجود، ڪارج ۽ ان جي ڦهلاءُ بابت جيڪي ڪجھ حقيقتون آهن، تن ڪي ٻڌائڻ لاءِ هن ڪتابچي جو سهارو ورتو اٿئون. هونئن بہ هر هڪ ماڻهو يا اداري آڏو ٽيندڙ ڪمن جي زباني اپٽار ڪرڻ هن دؤر ۾ مشڪل ئي نہ پر ناممڪن بہ آهي. تنهنڪري ايسوسيئيشن پاران ڪيل تڪڙي فيصلي موجب مختصر عرصي اندر ڪتابچو ڇپرائڻ واري وڏل ذميواري کي نڀائڻ لاءِ مون پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. اهي فرد جيڪي پبليڪيشن جي دنيا سان لاڳاپيل آهن تن کي چڱيءَ پر معلوم آهي تہ هي عمل ڏينهن تي نہ پر مهينن تي محيط هوندو آهي پر پوءِ بہ وڏل ذميواري ۽ ڪيل ڪمٽمينٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ هڪ هفتي جي مختصر عرصي ۾ مون مهينن وارو سفر پورو ڪرڻ لاءِ تکي ڊوڙ وڌي آهي. جنهن ڪري آئون هن سفر ۾ ڪٿي نہ ڪٿي ضرور آٿڙيو هوندس ۽ منهنجي ان آٿڙڻ جو سبب وقت جي ڪمي ۽ منهنجي اڻ ڄاڻائي ئي آهي، جنهن کي بهرحال تنقيد جي ٽياس تي ٽنگڻ کان پاسو ڪيو ويندو.

هن ڪتابچي جي ڇپائي جي سلسلي ۾ منهنجي ويجهي رشتيدار قاضي منظور حسين، ضرار رستماڻي، سليمان سمون، ڪريم بخش پنهور، آفتاب عالم کتري ۽ بيشم ڪمار آزاد قرب ڀريو تخليقي تحريري عملي سهڪار ڪيو ۽ منهنجي ايتري مدد ڪئي جو آئون هن دستاويزي ڪتابچي کي اوهان آڏو آڻڻ ۾ سوڀارو ٿيو آهيان.

(نوٽ: 1996ع ۾ شايع ٿيل رسالو "لاڙ جو ابو" جو مهاڳ)

# حصو پنجون
# شاعري

# مرحوم خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپرجي ياد ۾

**محمد صديق “مسافر”**

(1)

نہ سنڌ ساري ۾ ڪو بہ ڏسجي ٿو مرد جنهنجو مثال ڪوئي،
سو خانبهادرهو مير صاحب، جنهن کي ساري ٿو سپڪو روئي.

يتيم پرور سدائين همدرد هو سو هيٺن ۾ بيڪسن جو،
وطن جي واڌاري ۾ سڌاري جي غم ۾ رهندو هو ڏينهن سجوئي.

سمورو جاگير ۾ زمينون نظر سياٽپ جي سان هلائين،
هو سرس سرڪار ۾ سمانو، ابو رعيت سندو هو سوئي.

ڪيائين تعليم جي ترقي غريب غربي جي دل سان،
خزاني خرچ سان خير ان ۾ ڪشادي دل سان لڳو رهيوئي.

ٻين جي بهبودي ۾ پلي لئي لٽائي اڄ ڪير لک ايئن ٿو؟
خدا ۾ خالق ڪان دان دهرا پرائي بيشڪ ويو اهوئي.

سدا “مسافر” کي مهر مالڪ ۾ ڀروسو ۾ يقين آهي،
تہ هوندو جنت ۾ شاد فرحان روح مرحوم مير جوئي.

(2)

اي قلم! تحرير ڪرڻو توکي اڄ تازو الم،
خان بهادر مير صاحب جو وسرڻو ناهه غم.

ڪلمڪو ڪلڻو سدا ڪٿ گل اهو اڄ باغ ۾،
بلبل بيمار جئن آهن سڀئي دلڙيون پسم.

ڇا سندس رخ نور پريل ڇا سنديس دل صاف نيڪ،
ڇا سندس هئا عقل ۽ ويچار وارا نيڪ ڪم.

صحت ۽ تعليم جو عاشق سچو صاحب سچي،
خير ڪارڻ خلق جي قربان ڪيئين ڪيڏي رقم.

ادل ۽ انصاف ۾ اڳرو سدا مرحوم هو،
هو يتيمن جو ابو ۽ بيڪسن جو پت پرم.

روح اُن جو شل سدا فردوس ۾ فائز رهي،
دل سان سڀ ساڪن "مسافر" ڪن دعا ٿا دمبدم.

(ڪليات مسافر تان ورتل)

# ڪي ڪي ماڻھو مارين موت

**ابراهيم ”منشي“**

ڪي ڪي ماڻھو مارين موت،
موت چون ٿا ماري آهي.
موت ڪي مارڻ وارن ماڻھن،
جڳ جي جوت جياري آهي.

هر ماڻھو جي مائٽ مٽي، مٽي جو پر مائٽ سو،
رت ڏيئي جنهن ريج مٽي کي، مٽي سان پت پاري آهي.

نينهن رکي جنهن آهي نڀايو رت جو رشتو مٽي سان،
اهڙا ماڻھو امر سدائين، اهڙي پون پلاري آهي.

”منشي“ ماڻھو روز مرن ٿا پر سي ماڻھو مرڻا ناهن،
سرڏيئي سوغات بہ جن هت، سنڌ سنواري آهي.

# نذر عقيدت

## بشير سيتائي

(1)

مير صاحب ملڪ و ملت جو وڏو غمخوار ھو.
ڪاروان علم جو اعليٰ علمبردار ھو.
صاحب سما ھو قدرت سندو شاھڪار ھو.
اُنس ور انسان ھو اخلاص جو اوتار ھو.
اڄ انھي جي گڏجي سيئي ياد تازا ٿا ڪريون،
جا محبت زنده آھي، خوب زنده ٿا ڪريون.

(2)

مير صاحب بيڪسن جو پرجھلو آڌار ھو.
۽ مروت مھر جو پاري پريل پندار ھو.
مجسمو صدق و وفا جو مڙس مٽيادار ھو.
دردمندن ۽ دکي دلين سندو دلدار ھو.
اڄ بہ انکي قوم سڪ سان خوب ساري پيئي،
پيار جي گھرائي سان نالو پڪاري ٿي پيئي،

(3)

گلشن علم و هنر جي آبياري جنهن ڪئي،
جان پنهنجي ڪان بہ پنهنجي قوم پياري جنهن ڪئي،
خدمتِ مخلوق ۾ گم عمر ساري جنهن ڪئي،
اتحادي درس ڏيئي رسم ياري جنهن ڪئي،
اڄ بہ انجي موت تي هو آسمان آ اشڪبار،
اڄ بہ ان جي غم ڪان آهن غمزده ليل و نهار،

(4)

ڇڻ تہ هي آواز اڄ پيو ٿو اچي مرقد منجهان،
خواب غفلت مان ٿيو بيدار اي اهلِ جهان!
ڪريو سينن کي منور علم جي تنوير سان،
زندگي جي راز مان ٿيندا تڏهن واقف اوهان،
گونجي ٿو فضائن ۾ سندس پيغام خاص
استفادو جو وٺي پائي اهو انعام خاص

(5)

علم و عرفان جو اجهامي ويو اهو روشن چراغ
خون دل سان ٻارو ٻارو جنهن بڻايو باغ باغ،
مدتن ڪان ڏيئي ويو سو وڇوڙي جو داغ،
ڪا نگاهِ جستجو پائي نٿي انجو سراغ،
بس “بشير” اڄ پيو انهي جي جڳ کي حاجت آ اڄان
مير جهڙي مرد جي اڄ پيو ضرورت آ اڄان!

# نہ ويٽرو وساريندس

## عبدالمبين "پنائي"

(1)

ٽندوباگو تہ ڇا لاءِ پر سموري سنڌ ساريندس،
سموري سنڌ ساريندس، نہ ويتر وسارينداسين،
ڏسي مان ڪيس خوابن ۾ نماڻان نيڻ ٺاريندس،
پٽن پوٽن مٿان نالو غلام محمد ٿهي ايندو،
سندو پوٽن جو سُونهن صفا سائين، سدائين سو صحي ٿيندو.

(2)

غريبن جي غلامن جي، غلامي جنهن ڪري ڇاتي،
تڏهن درويش، دلبر سان، اسان جي يار دل ڦاٽي،
ورڻ ڪان شت وڏو ٿي ويو، سنگهارن جو سنو ساٿي،
سموريون سنڌواسين ڪي سمايل ساھ ۾ سائين،
وريھ گذريا نٿو وسري اسان ڪي سو اڃا تائين.

(3)

غلام محمد جي نالي تان، سندن اسڪول تان صدقي،
ڪڏهن هرگز نه ٿيندا سين وهاڻي طول تان صدقي،
ٿيا قربان ڪينجهر تان، ڪنول جي قول تان صدقي،
هيو هوڪو، حبيباڻون پڙهايو ۽ پڙهو ويهي،
سڙو ٿا ڪوه ڪاڙهن ۾ ڪچاڙي لاڪڙهو ويهي،

(4)

پني وسيلي پلارا بڪ بالا تر نٿا وسرن،
سندن پٽڪي سندس ويتر، وراڪا ور نٿا وسرن،
اتر اولهه ڏکڻ اوپر پٽن جي پر نٿا وسرن،
جڏهن هڪ ڏوچ داڻون هو، تڏهن تحسين جي قابل،
ڪيون هر هر حبيبن کي، شبانن شابسون شامل،

(5)

مجان ٿو مان مٺي نالي سنڌو تن تي اثر ٿي پيو،
نصاري نانگ ڪاڏل کي، اکين ۾ سو ڪٽر ٿي پيو،
ڏسي جاکوڙ جانب جي پليتن کي پگهر ٿي پيو،
جيئن جاني نه سي فاني، فنا فرعون ٿي ويندا.
فنا فرعون ٿي ويندا نه شايد پير تي ايندا.

(6)

ڏنارن کي دلاسن جا ڏٽي دلبر نٿا وسرن،
قسم سان سي اتر ۽ لاڙ ڪاڇي ٿر نٿا وسرن،
قريبن قرب وارن کي ڪڏهن ڪونڌر نٿا وسرن،
هزارن پئي چيو هن پر غلام محمد ته غازي هو،
سندس ڪردار هر هڪ ڪان مٿن رحمان راضي هو

(7)

نہ هڪڙي ڪي هزارن ڪي پڙها ڏيئي پڙهايو تن،
غريبن ۽ يتيمن لئي هينئين ۾ هنڌ وچايو تن،
وڏي ويلي چوان وينو نہ واتان پر وچايو تن،
ڪيائين خلق جي خدمت تڏهن مخدوم تان صدقي،
اول آخر اسين سڀ ٽالپر مرحوم تان صدقي.

(8)

نہ ڪنهن جا چئو سرا چوتا، نہ ڪنهنجي چيلهہ ڳائيندس،
پروڪي پر نہ ڳاتا ٿم، نہ هاٿي هيل ڳائيندس،
چڏي مان بيل گاڏي ڪي نہ راٽا ريل ڳائيندس،
نجيبن سان نيائيندس نہ ناتو نينهن توڙيندس،
ٻين جي ديڳ ۾ ٻيلي نہ پنهنجي ٻانهن ٻوڙيندس،

(9)

پلو آهين ٻچين بابا، نصارن جيئن نہ بيئي ڪاءُ،
غريباڻي گذارش ڪا، وسارج ڪيهہ ويڙهيچا،
چڪا ٿم يار چاڙهيڪا، سهان تو تي نہ تڙڪوتا،
ارهہ زورن جي چاتي تي مگن جا مڻ ڏريندس مان،
يتيمن جي تہ شادي ۾ گهڙا سر تي پريندس مان.

# ٽانڊاڻي جي ٽور

## ڪنول لهاڻو

مان ڳڻ انهن جا ڳائيندس،
جي وڙ ڪري ويا وڻجارا.
هو ٽانڊاڻي جي ٽور هيا،
ويا واٽ ڏسي ٻڻجي تارا.
هو رول ته منهنجا ڍول الا!
مان ڍاڍ ڪيان پسي تن ڍارا.
هو وڳ وچيڙيا وئيرا ڳي،
مان ڪيئن چوان هو ڪاڙيارا.
او ڪاڪ! جنين جي ڪرت ڪسڻ،
سي مير هُيا ڇا موچارا!
اڄ محفل ۾ ڪو مير نه آ،
دلگير ٿيا هن دل وارا.

⁂

# انسان تون عظيم

## اشوڪ ڪمار ”آزاد“

اي لاڙ جا ابا، انسان تون عظيم،
اي عام جا اڇا، انسان تون عظيم!

ھن دور ۾ تہ ماڻھپو ماڻھن ۾ ڪونہ آھي،
تو ۾ ڏٺم ڏيا، انسان تون عظيم!

تنھنجو مدرسو علم بي بخشي ٿو روشني،
اي نيڪ با صفا، انسان تون عظيم!

نياڻين کي ڀي نوازيو تعليم سان توئي،
اي مير باوفا، انسان تون عظيم!

تنھنجو خلوص قرب، ياد آ اشوڪ کي،
ڳيت ڳائي ڪيترا، انسان تون عظيم!

# احسان اوهان جو
# نذر عقيدت

**مجذوب لاشاري**

اي مرد مجاهد آ مٿي مان اوهان جو! الله وڏايو آ ڪٽين شان اوهان جو!
ٿورو بہ ڪو ٿورو نہ سندئي آه اسان تي! لاهي نہ سگهون مور هي احسان اوهان جو

هٻڪار ئي هٻڪار هتي هوندي هميشہ – محفوظ خزائن ڪان گلستان اوهان جو!
گلشن ۾ وني واس آزاد ڪئين بلبل۔ ضياد۔ جهالت ڪي لڳو ڪان اوهان جو!

هر وقت شب و بهادري ئي بهادر۔ سرسبز سدا هوندو هي بستان اوهان جو!
وڻڪار مزيدار ۽ پارڪ بہ پيارو۔ ڪيڏو نہ وڻي دل ڪي ٿو ايوان اوهان جو!

ڳائين سيئي تہ پيا ڳالھ ڳڻن جي۔ تعريف ڳو هندو ۽ مسلمان اوهان جو!
خدمت جي خدا لڳ ٿي ڪيو۔ خدا جي مولا بہ ڪيو ڪم سڄو آسان اوهان جو!

